
منوہر چُگھ

100/Chu

With Best Compliments From

Manohar T. Chugh
M.A.
Programme Executive (Retd.)
ALL INDIA RADIO, MUMBAI

5, Krishna Apartments, Union Park,
10, Golf Links, Khar (W), Mumbai - 400052
Tel.: +91-22-2605 3783 Mobile : 9833 689 636
E-mail : maheshasrani@hotmail.com

نئون يگ

(ڪهاڻين جو مجموعو)

منوهر چگهه

Deepshika Publications
1, Aaradhana Swastik Park
Chembur, Mumbai-400071

سمرپڻ

منھنجي لکيل ڪھاڻين مان ڪجھ ڪھاڻيون آڪاشواڻيءَ جي جدا جدا مرڪزن تان پيش ٿيون آھن. اھي ڪھاڻيون ويون فائيل ۾ داخل ٿينديون ۽ فائيلن جا ٿھا بڻجي ويا.

اِھو اُمنگ ۽ اُتساھ منھنجي ڏرمپتني وديا، منھنجي پُٽ نھرن انجلي سنيل آسراڻي ۽ رتي مھيش آسراڻي ۽ منھنجي منٽڙي ڌيءَ جيا راجيش روھڙا جو آھي، جن ھڪ ھڪ ڪھاڻيءَ جي چونڊ ڪئي ۽ ھيءُ ڪتاب ظھور پذير ٿيو. آءٌ ھيءُ ڪھاڻين جو جُلد ”نئون يگ“ ھنن سيني جي پيار، اُمنگ ۽ اُتساھ کي سمرپت ڪريان ٿو!

منوھر چگھ

ame : **Naon Yug**

(Collection of Short Stories)

/ : **Manohar Chugh**

dition : **First**
Year : **Oct 2009**
rice: Rs :**210/-**
Copies : 500
Cover Design : **Anand Lalchandani**
Tel : 9820883807
ayout :**Ram Lalchandani**
Tel : 9323726436

rinted at : **Art Spot**
Allied Ind. Estate,
Mahim, Mumbai- 400016.
.T.P. : **Shobha Lalchandani**
Tel : 9322510668

ublished By : **Deepshika Publications**
1, Aaradhana Swastik Park
Chembur, Mumbai-400071

ٻه اکر

منهنجو جنم سنڌ جي سڳوري يوميءَ جي شڪارپور شهر ۾ ٿيو. منهنجي تعليم مئٽرڪ تائين سنڌي ميڊيم ذريعي سنڌ ۽ هند ۾ ٿي. بي.اي. تائين سنڌي ٻولي پڙهي اٿم. جيتوڻيڪ ايم.اي. (هسٽري) ۾ ڪئي، پوءِ به سنڌي لکڻ پڙهڻ سان بيحد چاهه رهيو اٿم.

سال 1974 ۾ سوچنا ۽ پرساڻ وزارت آڪاشواڻيءَ جي جدا جدا مرڪزن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ پروگرام نشر لاءِ پروگرام ايگزيڪيوٽوِ جون چار جڳهيون قائم ڪيون. مقرريءَ لاءِ يونين پبلڪ سروس ڪميشن طرفان امتحان ورتو ويو. آڪاشواڻيءَ جي ممبئي ڪيندر تي مونکي سنڌي وڀاڳ لاءِ پروگرام ايگزيڪيوٽوِ مقرر ڪيو ويو.

مون اهڙيءَ ريت پاڻ کي سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ ڪلا جڳت جي سدا بهار چمن جي وچ ۾ پاتو. پروگرام لاءِ سنڌي ساهتيڪار هئا، ڪلاڪار هئا ۽ سنڌيت جا شيدائي هئا. مونکي سنڌي ساهتيه پڙهڻ، ساهتيه ڪارن ۽ ڪلاڪارن سان سمپرڪ ۾ اچڻ جو، انهن وٽان گهڻو ڪجهه پرائڻ جو املهه موقعو مليو.

اِن اُمنگ ۽ اُتساهه ۾ ڪيترن ريڊيو ۽ ٽي.وي. پروگرامن جو مواد لکيم ۽ پروگرام پيش ڪيم. ڪيترن ساهتيه ڪارن وٽان لکڻ ۽ پيشڪش لاءِ داد پڻ مليم جن مان دادي پوپٽي هيراننداڻي ۽ ڊاڪٽر ارجن ميرچنداڻي 'شاد' خاص هئا. هنن ٻنهي مونکي لکڻ ۽ نئين ڍنگ سان پروگرامن جي پيشڪش لاءِ گهڻو همٿايو.

1980ع ۾ سوچنا ۽ پرسارڻ وزارت جي پريس انفرميشن بيورو ڪاتي ۾ پنجن سالن لاءِ ڊپيوٽيشن تي سنڌي سيل جو انچارج

فهرست

مهاڳ

مختصر ڪهاڻيءَ جي صنف کي ادبي لحاظ کان 'افسانو' ڪري چئبو آهي. افسانہ نگاريءَ جي انفراديت، ان ادب جي قومي مزاج، تهذيب ۽ تمدن جي آئينہ دار هوندي آهي. ڪهاڻيڪار لاءِ ضروري آهي، تہ سندس دل حساس هجي: ڪيس زندگيءَ جي مطالعي جو ڍنگ هجي ۽ هن جي دل ۾ تمام عالم انساني لاءِ محبت ۽ احترام هجي. ڪهاڻي ڪلا گهڻو پراڻي نہ هوندي خود يوروپ ۾ بہ اوڻويهين صديءَ جي پيداوار آهي، جڏهن صنعتي انقلاب جي اثر هيٺ انسان ڪجهہ پيچيده حالتن سان منهن مقابل ٿيو، انهن وجوهات ئي مختصر افساني کي وجود ۾ آندو. سنڌي افساني تي نہ فقط انگريزي ادب جو اثر آهي، پر ان سان گڏوگڏ روسي ۽ فرانسيسي افسانن پڻ ان تي گهرو اثر ڇڏيو آهي. دنيا جي جديد ٽيڪنڪ ۽ فن کي اپنائيندي صرف سنڌي اديب ئي نہ، پر ڀين پارتيہ پاشائن جي ڪيترن ئي افسانہنگارن پڻ ان جو تتبع ڪندي شاهڪار افسانا لکيا آهن. سنڌي ادب ۾ جمال ابڙو، آغا سليم، سراج الحق ميمڻ، امر جليل، علي بابا ۽ نسيم کرل وغيره سنڌي افسانہ نويسيءَ ۾ پهرين صف ۾ شمار ٿين ٿا. هتي ڀارت ۾ ايشور چندر، موهن ڪلپنا ۽ گوبند مالهيءَ وغيره قابل ذڪر آهن.

محترم منوهر چگهہ سان منهنجي ملاقات اسيءَ واري ڏهاڪي جي پهرين سالن دوران ٿي، جڏهن آءٌ جئہ هند ڪاليج، بمبئي ۾ سنڌيءَ جو ٽيچر مقرر ٿي آيس. تڏهن ريڊيو لاءِ عام ۾ ڏاڍي چاهت ۽ ڏاڍي ڇڪ هوندي هئي. چگهہ صاحب، ڪنهن ريڊيو يا اسٽيج پروگرام دوران منهنجي ٻولي ۽ آواز ٻڌي بيحد متاثر ٿيو. تڏهن اها هن جي ڀلمانسائي هئي، جو هن پاڻ مونکي ريڊيو تي انائونسر طور ڪم ڪرڻ آماده ڪيو ۽ ائين آءٌ ڪمپيئرنگ جي دنيا ۾ پڻ ساڃاتو ويس. منوهر چگهہ صرف هڪ آفيسر ئي نہ، بلڪ ان سان گڏوگڏ هڪ سچو فنڪار پڻ هئو. هو پنهنجي هر ڪم کان پوري طرح مطمئن ٿيڻ لاءِ بيحد جاکوڙ ڪندو رهندو هو. ائين هن نئين پيڙهيءَ جا الائي ڪيترا ڪلاڪار، قلمڪار ۽ شاعر ريڊيو جي دنيا سان روشناس ڪرايا. اها منهنجي خوش نصيبي چئبي، جو هوُ اڄ سوڌو مونکي ساڳيو پيار ۽ ساڳي شفقت ڏيندو رهيو آهي.

مفرر ٿيس. ان سبب ۾ مکيه ڪم ديش جي سنڌي اخبارن لاءِ سرڪاري نوٽيفڪيشنس ۽ ليک انگريزي ڀاشا مان سنڌي ٻوليءَ ۾ اُلٿو ڪرڻ جو هو.

هڪ ايياسي جڏهن چمن ۾ پير پائي ٿو تڏهن مٽيءَ جي مهڪ جو لطف ماڻيندي. هرهڪ وڻ ٻوٽي، گل ڦل سان صحبت ڪري ٿو. پکين جون لاتيون ٻڌي ٿو. ڦوهارن ۽ جهرنن جو آنند پائي ٿو. ان سموري احساس تي من سوچ ويچار ڪري ٿو. هن سوچ ويچار جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪهاڻيءَ جو جنم ٿئي ٿو. پاتر اُسرن ٿا. رشتن ناتن جو تاجي پيٽو جڙي ٿو. جن آوازن جو سرجڻ ٿيو آهي، انهن مان ڪي ڪهاڻيون اوهان اڳيان آهن.

منوهر چگهه

روحاني سنگم

اُن ڏينهن هڪ وڏي پل ڪري اَچي پٽ پيئي. چون ٿا تہ پُل جو سهارو هو هڪ ٿنڀو. جڏهن اهو سهارو ئي ڪري پيو تڏهن پل تہ ڍهڻي ئي هئي. پر سج، چنڊ، تارا، ڌرتي تہ ري ٿوڻي، ري ٿنڀي بيٺل آهن. انهن کي تہ ڪنهن بہ سهاري جي ضرورت نہ آهي. ڇا انسان کي بہ ۾ جيئڻ لاءِ ڪنهن سهاري جي ضرورت آهي؟ خبر نہ آهي تہ مان ڪهڙي سوچ ۾ اَچي پيئي آهيان. منهنجو نالو آهي اَنيتا يعني 'اَنو'. ٽي سال اَڳ هڪ مندر ۾ منهنجي شادي ٿي. رميش منهنجي ٻالپڻ جو ساٿي آهي. شاديءَ لاءِ نہ منهنجو بابو راضي هو ۽ نہ ئي منهنجو ساهرو ڪٽنب رضامند هو. جي رضامند هو تہ اُها هئي منهنجي اَمڙ، جنهنجو عقيدو هو تہ عورت کي مرد جي سهاري جي ضرورت آهي. هن سنسار ۾ جيون ساٿي تہ ملي ٿو وڃي پر روحاني ميتُ ڪنهن ورلي نصيب واري کي ئي ملندو آهي. روح جو رشتو فقط پتي پتنيءَ وارو سنبنڌ نہ آهي. اُهو ڪو نرالو رشتو آهي. اهو هڪ پاڪ رشتو آهي؟ مونکي چيائين ''پٽ اَنو! توکي جي رميش لاءِ روحاني ڇڪ آهي، سچو پيار آهي تہ پوءِ ڀل وڃي شادي ڪر. پوءِ جڳ مڃي يا نہ مڃي. اَمڙ جي هن اُتساه تي منهنجو من باغ بهار ٿي پيو.

مان ۽ رميش شاديءَ کان پوءِ ممبئي ڇڏي اَچي پوني ۾ رهياسين. ٻہ سال گذري ويا. منهنجي گود ۾ ٻار بہ اچي ويو. مون پنهنجن پيڪن ۾ پير ڪونہ پاتو. هڪ ڏينهن سويل صبح جو بابا جو فون آيو. ڇي، تنهنجي ماءُ

موجوده ڪتاب 'نئون يگ' چگهہ صاحب جي افسانن جو مجموعو آهي، جي هوُ وقت بوقت ڪڏهن ريڊيو لاءِ تہ ڪڏهن ڪنهن مخزن لاءِ لکندو رهيو آهي. 'نئون يگ' سنگره جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي تہ ان جي هر ڪهاڻي اسان جي پنهنجي اردگرد ڦهليل سماج جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ اُهي سمورا ڪردار ڄڻ اسان جي پنهنجي زندگيءَ جو حصو پيا ڀاسن. هن جي هر افساني ۾ هڪ چٽنگ آهي، جا پڙهندي قارئين جا وار اڀا ڪيو ڇڏي. هڪ تجسس آهي جو پاٺڪ کي يڪ سِرو پڙهڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو تہ هاڻ اڳتي ڇا ٿيندو. 'نئون يگ' ۾ ديوان چئنراءِ بيحد پاٻوهہ مان پنهنجي فرزند ونود جي پرورش ڪري ٿو. هن جي ترقيءَ لاءِ کيس آمريڪا بہ موڪلي ٿو، پر اُتي ان کي مغربي دنيا جي اهڙي هوا لڳي وڃي ٿي جو آخر هوُ پاڻ ئي پنهنجي پيءُ جي ديهانت جو ڪارڻ بڻجي ٿو. تڏهن ونود جي ماءُ ڪملا، اهڙي نئين يگ جي ٻي رخيءَ کان انتقام وٺڻ لاءِ سماج جي دقيانوسي روايتن کي تلاهي ڏيندي پٽ بدران پنهنجي سپتري ڪملا جي هٿن کان ديوان چئنراءِ جي سنڪن جو ڪلش گ وداوري نديءَ ۾ درياه پروان ڪرائي ٿي. افساني جو اهو ڪلائيميڪس جواب آهي هر اُن فرد جي لاغرضيءَ جو، جي پنهنجي فرض کان منهن موڙين ٿا: هر اُن پنڊي جي هٽرادو ٿاهيل نيمن جو. جيڪي سماج جا ٺيڪيدار بڻيا ويٺا آهن. هڪ ٻي ڪهاڻي 'آديسي اُٿي ويا' جو پلاٽ پل آدرشوادي آهي ۽ حقيقي دنيا ۾ اهڙو ڪاجهہ گهٽ ئي ٿيندو آهي: پر ڪاڪي ڪندن مل جو چيٽي چنڊ جي ميلي تي 'جيئي منهنجي سنڌ' گيت تي جهمر هڻڻ ۽ جهومندي جهومندي بس ڪرڻ سان اوچنگارون ڏيندي هيءُ جملو چوڻ تہ ڄڻ هر سنڌي پاٺڪ جي روح ۾ ڪُپي وڃي ٿو:

"سنڌ ڇا ويئي، اسان جي امڙ ئي کسجي ويئي.
سڀ سنڌي پنهنجي جنني وڃائي هت نڌڪا
ٿي پيا آهيون!"

اهڙي نموني هرهڪ ڪهاڻيءَ تي سندس قلمڪار منوهر چگهہ جي گرفت بيحد مضبوط رهي آهي. مونکي قوي وشواس آهي تہ معڙو بهترين ڪهاڻيڪار صرف هڪ ڪتاب 'نئون يگ' کان پوءِ چپ نہ رهندو ۽ اهڙا پيا بہ انيڪ ڪتاب ميدان ادب تي افشان ڪندي سنڌي ادب جا گهڙا پريندو.

8 آڪتوبر 2009ع
ڊاڪٽر ٻلديو ٻخترءِ متلاڻي

هن جا مذر ٿهڪ، هن جون منيون منيون ڳالهيون سڀ جو سڀ مون سان ساڻ آهن. ها! هرڪي پوڙي تي گنگا ۾ هن جي هانئين جو پرواهه ڪري رهيو هوس. هن جو سدا بهار چهرو منهنجي سامهون هو. هن ڪلنڊي پاٻوهه مان منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي، هڪ انوکي اَدا سان چيو ''جانا! دل آهي ته انهن سيني رنگين وادين جو وري سير ڪري اَچون جتي اَسان گڏجي ڪي پل گهاريا آهن. محبت وندي آهي. آنند ماڻيو آهي، هلندا نه!'' منهنجو روح جهومي اُٿيو. پٽ انو! اَسان ٻيئي اَجا سير تي آهيون. منهنجو دلدار مون سان ساڻ آهي. وڏيڪ سک.

خط منهنجي هٿن ۾ هو. اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. پنهنجي پيءُ جي ههڙي دماغي حالت تي ٻه ڳوڙها ڳاڙڻ کان سواءِ مان ڀلا ڇا ٿي ڪري سگهيس. رميش کي خط پڙهڻ لاءِ ڏنم. هن خط پڙهي هڪ ٿهڪ ڏنو ۽ بس. ڪير هن رکي روح کي سمجهائي ته جيون ساٿيءَ جو وڇوڙو ڇا ٿيندو آهي؟

بابا سائينءَ جي يادرات ڏينهن ستائي رهي هئي. هن کي ڳوليان ته ڪٿي ڳوليان. اٽڪل ڇهه مهينن کان پوءِ وري ٽپاليءَ در تي دستڪ ڏني. بابا جو هڪ ٻيو خط منهنجن هٿن ۾ هو.

''اَنو پٽ ! هر هل اسٽيشن، هماليه جي وادين، چراگاهن مان گذريو آهيان. ڪڏهن پارتيءَ جو هٿ منهنجن هٿن ۾ هو، ڪڏهن هوءَ مون کان اڳ ڊوڙي تي ويئي، ڪڏهن هوءَ ٽڪجي ڪنهن پهاڙيءَ تي ويهي تي رهي. هن جي ٽهڪن سان واديون ٿي گونجيون. هن جي مهڪ سان چمن ٽهڪيا ٿي. هن جي پايل ۾ ندين جي وهڪ جي ترنم هئي. هن سان هر پل آنندميه هو. رشي ڪيش جي مکتي آشرم ۾ پهتاسين. يوگيراج آنند پريوءَ جو درشن ٿيو. متي

ممبئي اسپتال ۾ آهي. دل جو دورو پيو اٿس. توکي ڏاڍو
ياد ٿي ڪري. اسپتال پهتاسين. اَما جي حالت نازڪ هئي،
پر مون سان ملي خوش ٿي. منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾
جهلي آهستي چيائين ”پٽ! تنهنجو پيءُ ضدي آهي، پر
تو ۾ ڏاڍو موه اٿس. تون هن کي معاف ڪري ڇڏ. منهنجو
اَنت ويجهو آهي. هو منهنجو وڇوڙو سهي ڪونہ سگهندو.
تون هن کي سهارو ڏج.“ بس ايترو چئي اَما اکيون بوٽي
ڇڏيون. هڪ طوفان آيو. سڀ ڪجهہ اُجڙي ويو.

اُن رات ئي مون رميش کي هڪ سڌو سوال ڪيو.
”بابا هاڻ سٺ سالن جو آهي. اڪيلو رهي ڪونہ سگهندو.
جي هو اَسان سان هلي پوني ۾ رهي تہ توکي ڪو اَعتراض
آهي ڇا؟“ هن جو جواب بہ تڏو هو. ”جي، مان نٿو سمجهان
تہ هو اَسان سان رهي سگهندو. ڪٽڪٽيو آهي. تون ڳالهہ
کي نہ وَڌاءِ.

اَما جي ڪريا ڪرم لاءِ بابا هردوار هلي ويو. هڪ
مهينو گذري ويو. بابا جو نہ ڪو خط مليو، نہ ڪو فون
ڪال. ڦرنو ٿي پيو. رميش کي پتو لڳائڻ لاءِ ممبئي
موڪليم. رميش جي اَحوال تہ مونکي جهوري ڇڏيو. ”جي،
تنهنجو پيءُ ممبئيءَ ۾ پنهنجو گهر بار وڪڻي، سڀ ناڻو
کيسي ۾ وجهي ڪٿي سير سپاٽي لاءِ نڪري ويو آهي. ڇو نہ
وڃي! هاڻ ڇڙو ڇانڊ جو آهي. ڀلي عيش ڪري. تون
پنهنجي پيءُ جي چنتا ڪرڻ ڇڏي ڏي.

”اڙي بابا! چنتا مان نہ ڪنديس، تہ ڪير ڪندو!
منهنجو بابو سائين آهي. ڇهہ مهنا گذري ويا. نيٺ هڪ
ڏينهن بابا جو هڪ مختصر خط مليو. ”پٽ اَنو! تون ڀل
اهو مڃ تہ تنهنجي ماءُ پارتيءَ کي گذري ست مهنا ڇهہ
ڏينهن ٿيا آهن، پر اِهو سچ نہ آهي. هو تہ منهنجي پاڇي
جيان هردم مون سان ساڻ آهي. هن جو چنڊ جهڙو چهرو،

سان جھومي رهي هئي. زبان مان هڪ اکر بہ ڪونہ ٿي اڪليو. رميش جي سمجھاءَ تي اسين اَچي هڪ هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ ويٺاسين. ڳالھہ ٻولھہ جو سلسلو بابا ئي شروع ڪيو. ''انو پٽ! چار مهينا اَڳ هردوار جي سچکنڊ مٺ ۾ رهيل هوس. روز ساڌنا ڪندو هوس. پر هڪ اسرار ٿيو. ڏيان ۾ روز ڪنهنجو ڌنڌلو عڪس اَچي تي سامهون بيٺو ۽ ڌيان ٽٽي تي پيو. هڪ ڏينهن مٺ جي باغ ۾ ٽهلي رهيو هوس تہ هڪ استريءَ سان ملاقات ٿي. دنگ رهجي ويس. اهو ئي چهرو جو ڌيان آسڻ ۾ منهنجي ذهن ۾ اُڀري ايندو هو. بس نظر سان نظر ملي، اکيون جھڪيون، دليون ڌڙڪيون، چهرا چمڪيا زبان بند هئي. ٻنهي کي هڪ روحاني چڪ محسوس ٿي. ائين لڳو ڄڻ صدين کان هڪ ٻئي کي سڃاڻون. اهو صدين جو سلسلو نئين سر نئين زندگي اختيار ڪري رهيو هو. شانتي، ممبئيءَ جي هڪ مشهور اديوگ پتيءَ جي وڌوا پتني آهي. هوءَ بہ يوگ ساڌنا لاءِ هردوار آيل هئي. هن کي بہ اڪيلائيءَ کان ڊپ لڳندو آهي. هن کي بہ جيئڻ لاءِ ڪنهن سهاري جي ضرورت آهي. هڪ ٻئي کي سهارو ڏيڻ، دک سک ۾ ڪم اَچڻ، هڪ ٻئي جي ويچارن کي ٻڌڻ ۽ سمجھڻ بہ هڪ ساڌنا آهي. شانتي ۽ مان هاڻ گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بابا جي ان صاف بيانيءَ تي منهنجو چرڪ نڪري ويو. اشاري سان بابا کي وڌيڪ ڳالهائڻ کان روڪيندي، مون کي سوال بابا جي اڳيان رکيا. ''بابا! ماڻهو ڇا چوندا ۽ هن عمر ۾ ڪنهن ٻيءَ عورت جو ساٿ؟ اَما سان گهاريل اُن يگ جو ڇا ٿيو؟ ڪٿي ڪو غلط قدم تہ ڪونہ ٿا کڻو؟

بابا ڌيرج سان وراڻيو ''پٽ! ايشور جڏهن پهريائين سرشٽيءَ جي رچنا تي ڪئي تڏهن هن هڪ ئي انساني قالب تيار ڪيو. جنهن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جا جذبا ۽

تي هٿ رکيائين ۽ چيائين ”بالڪ! پرم ۾ پنڪي رهيو آهين. اکيون کول سچ جو درشن ڪر. سچ اِهو آهي ته پارتي نه پرم ڌام ۾ پهچي ويئي آهي. تون اَسنيه کي ستيه سمجهي هڪ خيالي دنيا ۾ جي رهيو آهين. ساڌنا ڪر، مڪتي پد کي پائڻ جي ڪوشش ڪر.“ سوامي جن متي تي هٿ چا رکيو، پارتيءَ جو هٿ منهنجي هٿن مان ڇڏائجي ويو. هوءَ پر ڪري آسمان ڏانهن اُڏامي ويئي. مان نيل گگن ڏانهن نهاريندو ئي رهيس. هاڻ ڏينهن جا ڏينهن مون رکڻ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ سماڌيءَ ۾ رهڻ، هڪ ويلو سائِوڪ ڪاڏو کائڻ، زمين تي تڏو وڇائي سمهڻ ۽ پنهنجن کان دور رهڻ يوگ ساڌنا ۾ شامل آهي. ڏسان نصيب ۾ ڇا لکيل آهي. وڏيڪ سک!“ بابا جي هن بئي خط به منهنجي روح کي راحت ڪونه ڏني. فقط ايتري پڪ ٿي ته بابا پنهنجو دماغي توازن ڪونه وڃايو آهي. رميش کي التجا ڪيم ته هلي ٿا بابا کي ڳوليون. هن جو ننو اَکر. چي، چو تي هن جي راه ۾ روڙا وجهين. مس مس ماڻهين جو پوت هن جي سر تان لٿو آهي. سنياسي ٿيڻ چاهي ٿو. ٿيڻ ڏينس. الڪ نرنجن!

چار مهينا ٻيا به گذري ويا. بابا جو ڪوبه احوال ڪونه آيو. هڪ ڏينهن مارڪيٽ مان خريداري ڪري گهر آيس ته رميش ويني جهمر هنئي. چي، تنهنجي بابا جو فون آيو هو. تيار ٿيءُ سڀاڻي هن سان لوناولا ملڻ هلنداسين.

سڄي رات پاسا ورائيندي گذري. بابا سان ملاقات سک ڌام آشرم ۾ ٿي. بابا نه مونکي ۽ منهنجي پٽ نيل کي پنهنجي آغوش ۾ سمائي ڇڏيو. ڪيترو وقت نيل سان رانديون ڪندو رهيو ۽ هن جي توتلين ڳالهين تي ٽهڪ ڏيندو رهيو. بابا کي ٻن سالن کان پوءِ ڏسي دل خوشيءَ

پرک

ممبئيءَ جي چوماسي جي موسم به قدرت جو هڪ نرالو ڪرشمو آهي. ڪڏهن منڙي اُس، نه ڪڏهن وري رم جهم برسات. ڪڏهن وري موسلا ڌار بارش سج ڏسڻ لاءِ اکيون پيون ترسن. اهڙيءَ ئي موسم جي هڪ ڏينهن آسمان ۾ ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا پر برسات جو ڦڙو به ڪونه هو. مان آفيس جي لنچ ٽائيم جو هڪ ڪلاڪ گذارڻ لاءِ اَچي ايراني هوٽل ۾ وينس. ڇوڪري کي هڪ چانهه ۽ ڪارا بسڪيٽ آڻڻ لاءِ چيم. ايتري ۾ هڪ شخص اَچي منهنجي سامهون بيٺو. سڪ سان چيائين ''دوست! تون مونکي سڃاڻين ٿو؟

مون هن ڏانهن ڏٺو. هن جي چهري تي پنهنجي نظر کپايم، پر منهنجو دماغ هن کي سڃاڻڻ کان نابري واري بيٺو. هن منهنجي چهري تي آيل ڀاو ضرور پرکيا هوندا چيائين: ''مان رميش گربخشاڻي آهيان.'' مون وري به پنهنجي دماغ تي زور ڏنو. پر هن کي ڪٿي به سڃاڻپ جي دائري ۾ آڻي ڪونه سگهيس. لاچار ٿي کيس چيم ''اَدا! معاف ڪجِ، مان ڪنهن به رميش گربخشاڻيءَ کي ڪونه سڃاڻان.'' اهو سڀ ٻڌي هن جي چهري جو رنگ ڦڪو پئجي ويو. پڻ پڻ ڪندي چيائين: ''يعني نه منهنجو ڪم ڪونه ٿيندو.'' مون ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين، ''نيڪ آهي دلبر! مان وڏي اُميد سان تو وٽ آيو هوس. پر جي تون مونکي سڃاڻين ئي نٿو ته توسان ڳالهين ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو''. ايترو چئي، ٺورو پري هو ٻيءَ ٽيبل تي مون ڏانهن پٺي ڪري وڃي ويٺو. مان حيران پريشان پئي سوچيم ته

آڏما سمايل هئا. هڪ ئي روح هو. ايشور کي اِها رچنا راس نہ آئي. هن اُن قالب کي ڏاهي مرد ۽ عورت جي الڳ الڳ رچنا ڪئي. هڪ روح جا ٻہ حصا ڪري ڇڏيا. بس اُن وقت کان ئي روح جو هڪ حصو ٻئي حصي سان ملڻ لاءِ وياڪل آهي. مرد ۽ عورت روحاني ساٿيءَ جي کوج ۾ پريشان آهي. شايد ئي هڪ جنم ۾ ڪنهن کي پنهنجو روحاني ميت ملي ٿو. اها تہ جنم جنم جي کوج آهي. مان سمجهان ٿو منهنجي کوج پوري ٿي آهي پارتي منهنجي جيون سنگني هئي ۽ شانتي منهنجي روحاني ساٿي. هيءُ رشتو شاديءَ جي بندڻ کان مڪت ۽ ڪام واسنا کان پري آهي. هيءُ هڪ روحاني سنگم آهي. هڪ نوراني رشتو آهي. اسان ٻئي آتمڪ اُنتيءَ جا ساڌڪ آهيون.

بابا جي موبائل جي گهنٽي وڳي. بابا فقط ايترو ئي چيو، ”مان اچان ٿو“. آشرم جي در تي هڪ پنجاه پنجونجاه سالن جي عورت انتظار ۾ بيٺي هئي. هن عمر ۾ بہ سندر ۽ موهيندڙ گورو گول چهرو، اوچو قد، اڇي ريشمي ساڙهي، اَڇو بلائوز، اکين ۾ ڪاجل، ڪلهن تائين لهرائيندا، اَڇا ڪارا گهاٽا زلف، چپن تي مڌر مشڪ. بابا ڪار مان هيٺ لٿو. ٻئي ساڻ ساڻ آشرم ۾ هليا ويا.

رميش جي چهري تي هڪ شيطاني مرڪ تري رهي هئي. منهنجي سامهون هئي منهنجي جيجل جي تصوير جنهنجو بہ عقيدو هو تہ هن سنسار ۾ جيون ساٿي تہ ملي ٿو وچي پر روحاني ميت ڪنهن ورلي نصيب واري کي ملندو آهي. بابا شايد نصيب وارو آهي!

”توکي اُها ڪهاڻي ياد آهي؟ هڪ لالچي ماڻهوءَ کي ڪنهن راجا ور ڏنو هو. صبح جو سج جي ڪني ڪڍڻ ۽ شام جو سورج اَست ٿيڻ تائين تون ڊوڙي جيتري به زمين تي قبضو ڪندين، اُها سموري زمين تنهنجي نالي ڪئي ويندي. لالچي انسان سويل صبح کان تيز ڊوڙندو رهيو پر ٻه پهريءَ جي سج جي تاپش سهي ڪونه سگهيو. ڦان تي ڪري پيو. ساسين سڪالو ٿيو. هن جي اَجائي بيان بازيءَ تي مان چپ رهي ڪونه سگهيس ۽ ڪيس ناراضپي سان چيم، هِتِ آڌاڻين ٻڌائڻ لاءِ مونکي وهاريو اَٿيئي ڇا؟ مونکي اَڌ ڪلاڪ ۾ آفيس پهچڻو آهي. مان ته فقط برسات جهڪي ٿيڻ جي راه ڏسي رهيو آهيان. تنهنجو مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي، جلد ٻڌاءِ. رميش جي چهري تي هڪ مرڪ تري آئي. چيائين، تنهنجي ننڍپڻ جي عادت اَڃا ويئي ڪونه آهي. هميشه اُبهرو! هن هڪ ڊگهو ساه کنيو ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. تون ضرور ڄاڻڻ چاهيندين ته اِسڪول کان پوءِ مون ڪهڙا اڪ ڪارا ڪيا. مون زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪرڻ تي چاهيو. ها! فقط پنهنجي لاءِ. مردو نرڳ وڃي يا سرڳ، منهنجو ٻين سان ڪهڙو سنبند؟ ممبئي يونيورسٽيءَ مان انجنيرنگ جي ڊگري حاصل ڪيم. سول انجنيرنگ جي هڪ ڪمپنيءَ ۾ نوڪريءَ سان زندگيءَ جي ڊوڙ جي شروعات ڪيم. مان ان ڊوڙ ۾ جلد ئي گهڻو اَڳتي نڪرڻ تي چاهيو. منهنجي پهرين اسائينمينٽ هئي پنويل ۾ هڪ ڪلو ميٽر لنبي پُل ٺهرائڻ. سٺي پگهار هئي، پر مٿين ڪمائيءَ مان ڏه لک رپيا به ناهيم. پر اڄ جي زماني ۾ ڏه لکن جي ڪهڙي قيمت آهي؟

مون پنهنجي واڇ ۾ وقت ڏٺو. برسات ته رڪجڻ جو نالو ئي نٿي ورتو. ٻاهر ويندس ته آفيس تائين پهچندي پڪ ئي پسي ويندس ۽ جي هت ويهندس ته هن پاڪنديءَ جون ڳالهيون ٻڌي پاڳل ٿي ويندس. ڇا ڪريان؟ هن

هيءُ سچڻ ڪير آهي؟ هو مونکي سڃاڻي ٿو پر مان هن کي نٿو سڃاڻي سگهان. اوچتو ئي اوچتو منهنجي ذهن ۾ رميش گربخشاڻيءَ جي ناليِ جو هڪ پڙاڏو ٿيو ۽ هن جي پراڻي تصوير اَچي منهنجي اَکين آڏو بيٺي. اَڙي هيءُ ته منهنجي سڪول جي ڏينهن جو ساٿي، منهنجو هم ڪلاسي آهي. پر هو ائين بدلجي ڪيئن ويو آهي. مون کان ته چڱو وڏو ٿو لڳي. وار اَڇا، ڳلن ۾ کُڏ، چهرو زرد، پٺي به ڪجهه جهڪيل. وقت هن تي وڏو قهر ڪيو آهي! مان سڃاڻان ته ڀلا هن کي ڪيئن سڃاڻان! پر هو هت مون سان ملڻ ڇو آيو آهي؟ پڪ ئي پڪ هن کي پيسن جي ضرورت هوندي. ڪا نشي جي لت لڳل هوندس. وچي ڪڏ پوي. اَندر مان آواز آيو: آهي ته منهنجي ننڍپڻ جو دوست، هن کي ٻڌڻ ته گهرجي.

مان پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿندي رميش جي ڪلهي تي اَچي هٿ رکيم. ”اَدا! مونکي معاف ڪجِ. مون توکي پهريائين ڪونه سڃاتو. تو پنهنجو حال به اَهڙو ڪري ڇڏيو آهي. اُٿ هِتي هلي ٿا ويهون. خوب ڳالهيون ڪنداسين. هن کي هٿ کان وٺي اَچي پنهنجي ٽيبل تي ويٺس. ڇوڪري کي هڪ ٻي به چانهه لاءِ آرڊر ڪيم. ٻاهر وڏ ڦڙو وسڻ شروع ٿي ويو هو. بادلن جي گجگوڙ صاف ٻڌي رهيو هوس. گهن گهور گهٽا سڀبان اندر ٻاهر اونده وڌي رهي هئي. ڇوڪرو اسان ٻنهي اڳيان چانهه ۽ هڪ پليٽ ڪاريءَ جي رکي ويو. چانهه جي هڪ سرڪي ڀريندي مون اُميد ڀريل نظرن سان رميش ڏانهن نهاريو. هن تمام جهيڻي آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو: ” اَدل! مون وٽ وقت تمام ٿورو آهي. جي تون منهنجي مدد ڪندين ته منهنجي مشڪل آسان ٿي پوندي.“ مان اندر ئي اندر ۾ سوچي رهيو هوس ته ڪنهن کان پيسا گهرڻ ڪيترو نه مشڪل ڪم آهي. مان چپ هوس، هن پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائي.

شانت ڪيو، ۽ تمام ڌيرج سان پڇيومانس ”تون ڪالهه سنيتا وٽ ڇو ويو هئين؟“ هن تمام نهر سان وراڻيو. ”اعزاپرسيءَ لاءِ. سنيتا کان پنهنجي ڪئي جي معافي وٺڻ لاءِ هن وٽ ويو هوس. دروازو هن ئي کوليو. پر مونکي ڏسي دروازو زور سان بند ڪري ڇڏيائين. مان موٽي آيس. ڇا ڪريان؟

مونکي غصو اچي ويو. يونڊو ڏيندي چيومانس ”توکي پڌڻ ويو آهي وسري، لڏڻ آيو آهي ياد. تون ٽر منهنجي نظرن کان.“ مان اُٿي ڪڙو ٿيس، ڇوڪري کي بل آڻڻ لاءِ چيم. هن منهنجو هٿ پڪڙيو. تمام نماڻي نوع ۾ چيائين، ”ادا! معاف نہ ڪندين؟ جنهن ڪم سان مان تو وٽ آيو هوس، اُهو تہ ٿيو ئي ڪونہ. مان تنهنجو وڏيڪ وقت ڪونہ وٺندس. مونکي ڇئين بجي ممبئي سينٽرل ٽان رشي ڪيش لاءِ گاڏي پڪڙڻي آهي. هن جو لٿل چهرو ڏسي مان وري ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. پر من ئي من ۾ اِها پڪ ڪري ڇڏيم تہ هن جيڪڏهن ريل ڀاڙي جي مونکان تقاضا ڪئي تہ هن کي هڪ ڪاري ڪوڏي بہ ڪونہ ڏيندس. منهنجي ويهڻ تي هن پنهنجي ڳالهائڻ جو سلسلو وري شروع ڪيو. ”ائيمريڪا هڪ وشال ملڪ آهي. شاهوڪار شاهي آهي. منهنجي سامهون لکش حاصل ڪرڻ لاءِ، بيشمار دولت پائڻ لاءِ، دنيا ير جو عيش ماڻڻ لاءِ ۽ سڀ خوشيون سمائڻ لاءِ اميريڪا ۾ وشال کيتر موجود هو. مون سڀ جو سڀ ۽ جلد بہ جلد پنهنجي پاڪر ۾ سمائڻ تي چاهيو. ڏينهن رات هڪ ڪري ڏنم. لالچ جي ڊوڙ ۾ اهڙو ڏکو کاڌم جو سڀ تمنائون بي مطلب پاسڻ لڳيون.

هڪ ڏينهن پيٽ ۾ زوردار سور پيو. سوين ٽيسٽ ڪيون ويون. ڦڪين فرق نہ ڪيو. ڊاڪٽر هڪ سرٽيفڪيٽ منهنجي هٿ ۾ ٿمايو. منهنجي ڊوڙ رڪجي ويئي. مان

کي پرون پئجي ويا. ڪارو بسڪيٽ هٿ ۾ کڻندي چيائين ”ڪالهہ مان تنهنجي پتني سنيتا سان ملڻ تنهنجي گهر ويو هوس.“ هيءُ منهنجي زال کي ڪيئن سڃاڻي! هيءُ بيوقوف منهنجي گهر ڇو ويو هو؟ پڪ ئي پڪ ڪنهن دوکيباز سان پلئہ اٽڪيو آهي. مون هن کان سوال ڪيو. ”تون سنيتا سان ملڻ ڇو ويو هئين؟“ هن جو جواب بہ نرالو هو. ”اَدا! سنيتا سان منهنجو پراڻو رشتو آهي“. ”ڇا مطلب!“ مون پريشان ٿيندي پڇيو.

”اَڙي پريشان ڇو ٿو ٿيين. هن وراڻيو ”تنهنجو سهرو سيٺ گوبندرام ڪنسٽرڪشن لائين ۾ هو. وڏي آسامي هئي. هن ۽ مون گڏجي هڪ ڪمپني شروع ڪئي. پيسا سيٺ جا ۽ هُنر منهنجو. هن جو مون ۾ پورن وشواس هو. هن ڪمپنيءَ ۾ تمام وڏي رقم سيڙائي. هن کي مون مان بہ اُميدون هيون. هڪ هن جي ڌيءُ سنيتا سان لائون لهندس ۽ ٻيو تہ مان سيٺ جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندس. پر منهنجي اُڏام تہ آسمان تائين هئي. مان پلا هڪ پَرَ ڪٽيل پکي جيان عمر ڀر هن جي پڃري ۾ ڪيئن قيد رهي ٿي سگهيس! هڪ ڏينهن سيٺ جي سموري موڙي اَميريڪا جي بئنڪ ۾ ڦيرائي ڦُر ڪري نيويارڪ اُڏامي ويس. پوءِ مونکي خبر ملي تہ سيٺ گوبندرام اِن صدمي ۾ هارٽ فيل ٿي ويو.“ هن جي اِقباليہ بيان تي مان جهنجهلائي اُٿيس.

تہ تون ئي نامراد رميش گرو آهين. سيٺ گوبندرام جو قاتل! سنيتا تہ توکي هٿ کڻي پٽيندي آهي. آه غريبان قهر خدائي! دل تہ چاهي ٿي تہ توکي پوليس جي حوالي ڪريان ۽ تون عمر ڀر جيل ۾ چڪي پيسيندو رهين. ٻڌاءِ توسان ڪهڙو سلوڪ ڪريان؟ منهنجي ان جهنجهلاڻ تي رميش جو چهرو زرد پئجي ويو. هن جون اکيون هيٺ جهڪي ويون. مون بہ هڪ گلاس پاڻيءَ جو پي، پاڻ کي

خاموش زندگي

تنهن ڏينهن بابو سائين، جنهن کي اسان سڪ ۽ پيار سان دادا ڪري سڏيندا آهيون ، دڪان تي آرام سان پنهنجي گاديءَ تي ويٺو هو. منجهند ڌاري هن کي پوسٽ مين ڪراچيءَ مان آيل هڪ خط ڏيئي ويو. دادا خط پڙهندي ڏاڍو ملول ٿي ويو. خط پنهنجي کيسي ۾ وڌائين. مون ڏانهن مخاطب ٿي چيائين : ”پٽ صحت ڪجهه ناساز آهي، مان گهر وڃي رهيو آهيان.“ بس تنهن ڏينهن کان دادا کٽ ورتي ۽ وري نہ اُٿيو.

پهريائين بہ ڏينهن ٿوري ڪمزوري. هڪ بہ ڏينهن بخار، هڪ ڏينهن نيم بيهوشي ۽ ٻئي ڏينهن راه رباني ورتائين. ڦڪين فرق نہ ڪيو. نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ گهڙيءَ گهڙيءَ پئي وڦليائين: ”گومي ترس مان اچان ٿو.“ ”ترس گومي مان اچان ٿو.“ اها گومي ڪير؟ گهر ۾ ڪنهن کي بہ ڄاڻ ڪونہ آهي.

بابو سائين جڏهن پوين پساهن تي هو تہ اما هن جو وهاٽو مٿي ڪري، گهر ۾ رکيل تجوڙيءَ جي چاٻي ڪڍي پنهنجي پرس ۾ وڌي. مون ڏانهن اک ٽيڏي ڪري ڏٺائين، پر مان ڏيکاري اِئين ڏني ڄڻ تہ مان ڪيس چاٻي ڪڍندي ڏٺو ئي ڪونہ هو. دادا جي ديهانت کان پوءِ ڪريا ڪرم جا ٻارهن ڏينهن گذري ويا. تيرهين ڏينهن مان اما کي چيو ”دادا جي تجوڙيءَ جي چاٻي تو وٽ آهي ڇا؟“ اما پنهنجي پرس مان چاٻي ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏني ۽ پاڻ وڃي تجوڙيءَ جي پاسي ۾ ويهي رهي. مون تجوڙي کولي. تجوڙيءَ جي مٿئين خاني ۾ هيو دادا جو

لاچار پريشان اُن ڪاغذ جي ٽڪري کي ڏسندو رهيس. ٽائيپ ٿيل اکرن ۾ لکيل هو تہ مان ڪينسر جو مريض آهيان. منهنجو مرض لا علاج آهي. منهنجو باقي جيون اٽڪل ڇهہ مهينا آهي. اميريڪا ۾ سڀ ڪجهہ سميٽي ڏه ڪروڙ ڊالرن جي رقم هٿ پاڻ سان کڻي آيو آهيان. پيو ڳولهيان تہ ڪو پنهنجو وشواس پاتر ملي. جنهنکي هيءَ رقم ڏيئي مان رشي ڪيش ۾ سوامي جيءَ جي آشرم ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن سک سان وچي گذاريان. جڏهن خبر پيئي تہ تون سنيتا جو گهوٽ منهنجي ننڍپڻ جو ساٿي ۽ ايماندار انسان آهين، تڏهن تنهنجي پٺيان هلندو آيس. هيءُ ڏهن ڪروڙ ڊالرن جو چيڪ توکي سپرد ڪريان ٿو. تون مهرباني ڪري نہ نہ ڪجِ! ڪينسر اسپتال ٺهرائجِ جت غريبن جو مفت علاج ٿي سگهي. چيڪ منهنجي هٿن ۾ هو. منهنجي من ۾ هڪ سوال تري آيو. پڇيومانس ”رميش! هيءُ پراشچت آهي يا فقط روح جو ريلو؟“ هن جو چهرو گنڀير ٿي ويو. چيائين ”ايشوري فرمان آهي.“ اَٽڪل چار مهينن کان پوءِ سنيتا ۽ مان رميش سان ملڻ لاءِ سوامي جيءَ جي آشرم، رشي ڪيش پهتاسين. سواميجيءَ ٻڌايو ”رميش جو مرض ڪهنو هو. هن جو جڙي ٻوٽين سان علاج ڪيو ويو پر ايشور جي مرضي ڪا ٻي هئي. هن جو موت آشرم ۾ اَچڻ کان ٻن مهنن بعد ٿيو.“ سواميجيءَ هڪ انوکي اَنداز سان چيو ”رميش هڪ مهان آتما هو. هن بيماريءَ جو درد ست ست ڪري پوڳيو. ڪڏهن اُف نہ ڪيائين. اهڙيون آتمائون ايشور جون پياريون هونديون آهن.“

موٽ پاسي ۾ ويٺل سنيتا ڏانهن اک کڻي نهاريو. هن جي چهري تي اَجا بہ اَوشواس ۽ رميش ڏانهن گهرڻا جهلڪي رهي هئي. جيڪو روز مري، تنهن لاءِ پلا ڪير رڙي!

کي پيو چوندو هو: ”ساڏورام غريب آهي نہ ڇا ٿي پيو، ڇوڪري تہ لکن ۾ هڪ آهي. مان پنهنجي پٽ کي لنڊن پڙهڻ لاءِ موڪليندس. منهنجي نونهن بہ گريجوئيٽ ٿيندي. پوءِ مان ڪراچيءَ ۾ ٻنهي جي شادي ڌام ڌوم سان ڪندس.

بس هڪ طوفان آيو ۽ اُميدن جا محل اچي ڊهي پٽ پيا. سامهون هئي تہ فقط ويراني ئي ويراني. ديش جو ورهاڱو ٿيو. ڀاءُ ڀاءُ کان وڇڙي ويو. هڪ ئي ماءُ جا ٻار ڪي پاڪستاني ٿيا تہ ڪي هندوستاني. سياسي سرحد جي ليڪ ٻنهي کي هڪ ٻئي جي منهن ڏسڻ کان وانجهي ڇڏيو. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا ۽ ٻنهي جي دلين ۾ هئي درد جي دانهن!

منهنجو ڏاڏو بہ سڀ ڪجهہ ڪراچيءَ ۾ ڇڏي فقط پنهنجي پٽ جي ٻانهن پڪڙي سمنڊ لتاڙي اچي ممبئيءَ پهتو. شرنارٿيءَ جي زندگي گهاريائين. ڪئمپ ۾ رهيو. رکي سکي کاڌائين پر محنت ۽ سچائيءَ جو دامن نہ ڇڏيائين. ٽن چئن سالن جي سخت جفاڪشيءَ کان پوءِ مس مس وڃي سامت جو ساهہ کنيائين. بمبئيءَ ۾ هڪ ڪپڙي جو دوڪان کوليائين. رهڻ لاءِ بمبئيءَ جي پسگردائيءَ ۾ ٽن ڪمرن جو هڪ گهر خريد ڪيائين. هن جو ٻانهن ٻيلي هو منهنجو دادا.

جڏهن منهنجي ڏاڏي بمبئيءَ ۾ پنهنجا پير کوڙيا تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. ساڏورام جي هندوستان ۾ تلاش ڪيائين. هرهڪ ريفيوجي ڪئمپ ۾ پاڻ ويو. ڄاڻل سڃاڻلن کان پڇيائين. سنڌي اخبارن ۾ اشتهار وجهايائين. شڪارپور سنڌ ڏانهن خط لکيائين پر ساڏورام جو ڪٿي بہ پتو پئجي ڪونہ سگهيو. ڏاڏو سائين دل شڪستو ٿي پيو. ساڏورام جو تہ آسرو ئي پلي وينو. دادا پنهنجي ڊائريءَ ۾ 18 مارچ 1955 جي تاريخ هيٺ لکيو آهي ”بابا نا اُميد ٿي پيو آهي. ساڏورام جو ڪٿي بہ پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي. بابا

هٿ اکرين لکيل وصيعت نامو، پنجاه هزار نقد ۽ هڪ ٿلهي ڊائري جنهن ۾ رکيل هئا ڪراچي (پاڪستان) مان آيل ڪجهه خط.

وصيت نامي ۾ دادا سموري ملڪيت: ٻه دڪان، ڇهه ڪمرن جو مڪان، موٽر ڪار ۽ سمورو بينڪ بئلينس اما جي نالي ڪيو هو ۽ مان ڏنڊي ۽ ملڪيت جو ٽرسٽي مقرر ڪيو ويو هوس. مان پنجاه هزار رپيا ۽ وصيعت نامو اما کي سپرد ڪيو. جيئن ته اما جي ڊائريءَ ۽ خطن ۾ ڪا به دلچسپي ڪونه هئي، اهي مون پاڻ وٽ رکيا. مان پنهنجي ڪمري جو در بند ڪري دادا جي لکيل ڊائري ۽ ڪراچيءَ مان آيل خط پڙهڻ شروع ڪيا. اها ڊائري نه هئي منهنجي اڳيان دادا جي جيون جا انيڪ راز کلي پيا جن جي پڪ ئي پڪ گهر ۾ ڪنهن کي به ڄاڻ ڪونه هئي. ساڻ ساڻ دادا جي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ دادا جي چيل اُن گفتي ”گومي! ترس مان اچان ٿو“ تان به پردو هٽي ويو. دادا جي لکيل ڊائريءَ جا سمورا تفصيل ته مان هت نٿو ٻڌايان. پر اُن ڊائريءَ جي هڪ ڳالهه بابت توهان کي ٻڌائڻ کان سواءِ مان رهي به نٿو سگهان.

منهنجو ڏاڏو شڪارپور (سنڌ) جو رچ مڙس هو. هن جي هڪ ئي سنتان هئي منهنجو دادا سائين. هن کي ڪراچيءَ ۾ ابن ڏاڏن کان هلندڙ ڪپڙي جو دڪان هو. 1946 جو زمانو هو. منهنجو بابو سائين اَجا پندرهن ورهين جو هو، جو هن جي مڱڻو منهنجي ڏاڏي صاحب، سائين ساڌورام جي ڌيءُ گوميءَ سان ڪيو هئو. دل ۾ خواهش هيس ته ننڍڙي نونهن گهر جي اڱڻ ۾ گهمندي ڏسان ۽ هن سان لاڏ ڪوڏ ڪريان. گومي سونهن ۾ سرس هئي ۽ دماغ جي تيز هئي. اَجا ڏه ٻارهن سالن جي هئي ۽ شڪارپور ۾ اسڪول ويندي هئي، جو منهنجو ڏاڏو پٽ مڱائي ڏاڍو خوش ٿيو . سيني

پيٽ ۾ ليٽي سڏڪا ڀري ايترو روئڻ لڳي جو گوميءَ جي
ڀاڄائي ٻه ٻاهر ڊرائنگ روم ۾ هلي آئي. مان هن کي
پنهنجي واقفيت ڏني. ساڌورام کي دڪان تان فون ڪري
سڏايو ويو. بس پوءِ ته ورهين جا داستان ڇڙي پيا. ساڌورام
ٻڌايو ته هو 1948 کان شڪارپور ڇڏي اچي ڪراچيءَ رهيو
آهي. هن ٻه اسان سان سمپرڪ قائم ڪرڻ جي پوري ڪوشش
ڪئي هئي. اسان جو ڪوبه خط هن کي ڪونه مليو هو.
هن کي وشواس هو ته هڪ ڏينهن وڇڙيل ضرور ملندا.
هن کي اسان جو پتو اسان جي ڪنهن مائٽ وٽان مليو هو
جو ويجهڙائيءَ ۾ بمبئي کان ڪراچي گهمڻ آيو هو. نيٺ
ساڌورام گوميءَ جي شاديءَ جي ڳالهه ڇيڙي. چي، پٽ گومي
تنهنجي مڱ آهي. تنهنجو دادا ته منهنجو جگري دوست
هو. هن اسان سان سڪ جو سڱ ڳنڍيو هو. ڪيڏا خواب هئا
هن جي اکين ۾. ورهاڱو نه ٿئي ها ته گومي ڪڏهوڪو
پنهنجي ور گهر هجي ها. هاڻي مونکي هن جوابداريءَ کان
مهرباني ڪري آجو ڪر. شادي ڪري پنهنجي وني پنهنجي
ملڪ وٺي وڃ. منهنجو ڪهڙو ڀروسو. مان اڄ آهيان سڀان نه
آهيان. ساڌورام اهو سڀ هڪ ئي جملي ۾ چئي چپ ٿي ويو.
ڄڻ ڳالهائي ٿڪجي پيو هو. هن جون اکيون منهنجي چهري
تي هيون ڄڻ مون کان جواب طلبي رهيون هيون.
مان ڪهڙو جواب ڏيان. ڪجهه وقت چپ رهيس.
نيٺ نهر سان ڪيس چيم: ”دادا! توهان ڪهڙيون ٿا ڳالهيون
ڪريو. مان توهانکي ٻڌايو آهي ته مان شادي شده آهيان.
مونکي هڪ ٻار ٻه آهي. ڀارت ۾ جيئري تي جيئري شادي
ڪرڻ ڏوهه آهي. مان گوميءَ سان شادي ڪيئن ڪريان. ڪيئن
ڪيس ڀارت وٺي وڃان. اِهو سڀ بلڪل ناممڪن آهي. توهانکي
گوميءَ جي شادي ڪري ڇڏڻ گهربي هئي.“
ساڌورام جا ته ڇهه ئي ڇڄي پيا. زبان مان هڪ اکر

چاهي ٿو تہ هاڻي مان شادي ڪريان. بابا جو چوڻ آهي تہ ساڌورام گوميءَ کي ويهاري تہ ڪونہ ڇڏيو هوندو؟ اُن گهر مان ڪوبہ جي جيئرو هجي ها تہ اسان کي ضرور ملي ها. بابا جي صحت بہ ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندي ٿي وڃي. منهنجي شاديءَ لاءِ انيڪ رشتا پيا اچن. ڇا ڪريان؟ بابا جي مرضيءَ کي گهٽو وقت ٽاري بہ تہ نٿو سگهجي؟ 1956 ۾ دادا جي شادي، 1958 ۾ منهنجو جنم، 1960 ۾ منهنجي ڏاڏي صاحب جو موت؛ وقت گذرندو رهيو.

دادا پنهنجي ڪيل محنت تي خوش هو. بمبئيءَ ۾ بہ ڪپڙي جا دڪان، ڇهہ ڪمرن جو عاليشان مڪان، موٽر گاڏي ۽ عزت جي زندگي. مطلب تہ نئين سر اڏيل زندگي اجا ڪر موڙي ئي رهي هئي تہ سرحد جي هُن پار ڪان ماضي ڇڻ گهري ننڊ مان جاڳي اُٿيو ۽ دادا پريشان ٿي ويو. بابي جي ڊائريءَ جي هڪ ورق تي جيڪي لکيل آهي سو بيان ٿو ڪريان: ”13 مارچ 1962 دوڪان جي سرنامي تي منهنجي نالي لکيل ڪراچيءَ مان ساڌورام جو خط مليو. خط نہ هو. ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ ويٺل ڪنهن انسان جي پڪار هئي. مان پاڻ روڪي نہ سگهيس. ڌنڌو نوڪرن حوالي ڪري، گهر ۾ بهانو ڪري مان وڃي پهتس ڪراچي گاڏي کاتي ۾ ساڌورام جي گهر. در گوميءَ ئي کوليو. گلابي سلوار ڪڙتو ڪلهي تي گلابي رنگ جو دوپٽو، چنڊ جهڙو گول، سندر چهرو ڊِگهيون جهڙيون گهريون ڀوريون تجليدار اکيون، هڪ هٿ ڪليل در تي، نرتيہ جي مدرا ۾ بيٺل ڪا اپسرا، چپ گلاب جي پنکڙين جيان اڌ کليل چهري تي آنند سان گڏ اچرج جون ريکائون. هوءَ سنگ مرمر جي مورتيءَ جيان بيٺي رهي. ڪا چرپر ڪونہ. مورتيءَ ۾ چرپر تڏهن آئي جڏهن اندران ڪنهن عورت جو آواز آيو ”گومي در تي ڪير آهي؟“ گومي تڪڙو تڪڙو در تان هٽي ويئي ۽ وڃي سامهون پيل سيٽيءَ تي

توهانکي ڪو اعتراض آهي ڇا؟ ساڌو رام اهو سڀ ٻڌي هڪ ڏڌو شوڪارو ڀري اُٿي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ مان شانت ٿي وينو رهيس.

دادا سائين 1962 کان هر سال ڪجهه ڏينهن ڪراچي پاڪستان ويندو رهيو. هن گوميءَ سان ڪيل قول جيون جيَ انت گهڙيءَ تائين نڀايو. پر اِن سمجهوتي بابت ڪڏهن ڪنهنسان هن ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪونہ ڪڍي.

١٠ نومبر 1997 جنهن ڏينهن بابا کي پڇاڙيءَ جو خط ڪراچيءَ مان مليو هو، تنهن ڏينهن دادا پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي:

”اڄ گوميءَ جي ياءُ جو لکيل خط مليو آهي. گومي هاڻ هن دنيا ۾ نہ رهي. پڇاڙيءَ جو سندس ڇپن تي اهائي التجا هئي. توکي ڪري ٿي ياد، سڄڻ دل ذري ڇوٽو ستائين، هاڻ هلي اَچ، دل درشن لاءِ ماندي آهي.“ دادا وڌيڪ لکيو آهي، هاڻ ڪنهن لاءِ جيان. سڀ خلاص ٿي ويو آهي. هڪ طرف، ديش، آزاديءَ جا پنجاه سال ملهائي رهيو آهي. ٻئي طرف ورهاڱي جي پنجاه سالن هر پل مونکي ڏنڀ ئي ڏنڀ ڏنا آهن.“

دادا سائين هليو ويو پنهنجي ميران سان ملڻ. هو اُن طرف روانا ٿي ويا آهن، جتي نہ آهن سياسي سرحدون، نہ سماجڪ ٻنڌن. آهي تہ صرف پريم جو ساگر ۽ ٻنسيءَ جي انحدي ڌن!

ڪونہ اُڪليس. جواب ڏنو تہ گوميءَ، تمام آهستي سان هڪ هڪ اکر ڪري ڳالهايو: 10-12 ورهين جي هيس جو اَسانجي مائٽن اسانجو سڱ ٻڌيو هو. ڪيڏو نہ لاڏ ڪيو هو توهانجي پنا شريءَ مونسان! مان تہ هميشہ توهان کي پتيءَ جي روپ ۾ پاتو آهي. ورهاڱو ٿيو، توهان کي دور هلي ويا پر مان تہ ان وشواس سان ئي جي رهي آهيان تہ هڪ ڏينهن وچڙيل ضرور ملندا. مان ناري آهيان. ناري هڪ ئي پرش کي ايشور سمجهي ان جي مورتي کي پنهنجي من مندر ۾ وسائيندي آهي. منهنجي من مندر ۾ فقط اوهانجي مورت آهي. توهان مونکي پنهنجو ڪريو يا نہ، پر مان اهو نينهن جو ناتو هن جنم ۾ تہ ٽوڙي ڪونہ سگهندس. هن ورهاڱي گهٽيئي ڏک ڏنا آهن. مان تہ ائين ئي سمجهندس تہ ورهاڱي جو هڪ ٻيو بہ سور سهڻ منهنجي قسمت ۾ آهي خاموش زندگي جيئندس. زندگيءَ جي انت گهڙيءَ تائين توهان جو اوسيئڙو ڪندس. توهان جتي بہ هجو شل خوش هجو!

”گومي مان تنهنجي پاوناڻن جو قدر ٿو ڪريان پر لڪئي جي سامهون ڪير ٿو سينو ساهي سگهي. گومي، مان هڪ عورت سان شادي ڪئي آهي. هوءَ منهنجي هڪ ٻار جي ماءُ بہ آهي. هاڻ ٻي شادي ڪري مان هن سان بي انصافي ڪيئن ڪريان.“

”توهان برابر آهيو. مان توهانکي ڌرم سنڪٽ ۾ وجهڻ نٿي چاهيان. پر اهو بہ طئہ آهي تہ اسانجو رشتو اٽوٽ آهي. اَسان پتي پتنيءَ جي رشتي جي بنڌن ۾ پل نہ ٻڌجي سگهون. پر اَسان هن سنسار ۾ اُهو انحدي آتمڪ رشتو ميران ۽ ڪرشن تہ نڀائي سگهون ٿا. منهنجي تہ فقط اها ئي آرزو آهي تہ توهان پنهنجي ميران کي درشن ڏيندا رهو ۽ نماڻيءَ سان نينهن جو ناتو هميشہ قائم رکو. ان لاءِ

ڪڏهن مستقبل ڏانهن ڦيرائي رهي هئي. پندرهن ورهين جي
هيس. زندگيءَ جي باريڪ نقطن کي سمجهڻ جي اڃا مون ۾
توفيق جاڳي ئي رهي هئي ته پنهنجي ماءُ کي ڪنڌ پاسيرو
ونهي روئندو ڏٺم. بابا جي روز روز جي ڪٽ پٽ ۽ روز روز
جي مار ڪُٽ کان هوءَ پريشان ٿي ويئي هئي. حالتون
ايستائين وڃي پهتيون هيون، جو بابا اَما کي ڇڏي ڪنهن
غير عورت سان وڃي ٻيو گهر وسايو هو. اَما جو هڪ ئي آلاپ
ته پتي پرماتما آهي، هيءَ جنم جنمانتر جو رشتو آهي،
شڪر شڪر ڪري هوءَ سڀ سهندي رهي. مان ته اُن وقت ئي
اِرادو ڪري ورتو هو ته اما کي پل ستي ساوتري ٿي زندگي گ
ذارڻ منظور هجي؛ پر مان ته هميشه آزاد زندگي جيئندس،
مان شاديءَ جي بنڌن کان آزاد رهندس. هيءُ يگ عورتن جي
آزاديءَ جو آهي. عورتن ۽ مردن کي برابريءَ جا حق آهن،
پوءِ عورت داسي ۽ مرد سلطان ڇو؟ هاڻ ته شاديءَ جي روايت
به پنهنجو وزن وڃائي ويني آهي. ڪاليج جي ڏگري وٺي
مان ته وڃي سرڪاري بئنڪ ۾ نوڪري شروع ڪئي. آفيس
جي انن ڪلاڪن جي نوڪريءَ کان سواءِ مان بلڪل آزاد
هيس، نه ڪنهنجي جهل نه پل. بس دوست هئا، ساهيڙيون
هيون، شئل هئا، فلمون هيون، پارٽيون هيون، ويس وڳا هئا
۽ رات جو دير تائين ڊانس. بس آزادي ئي آزادي. جيون جي
ڪشتي ڪنهن آزاد وهڪري ۾ بي نام مقام ڏانهن سفر طئه
ڪري رهي هئي. اَما جي حالتن ڏانهن ته مان پنهنجون
اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. هن ويچاريءَ به منهنجي
جيئڻ جي ڍنگ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. بس فلڪ سان
زندگي جي رهي هيس.

ريل گاڏي سگنل نه هئڻ سببان اوچتو جهوٻو ڏيئي
بيهي رهي. انيتا پنهنجن پورن مان سجاڳ ٿي. دريءَ مان
ٻاهر نهاريائين. دور دور تائين سڃ ٿي واڪا ڪيا. ڪجهه

اڪيلو سفر

انيتا ڪجهه ڏينهن کان مڌوءَ جي شاديءَ بابت پريشان هئي. هوءَ ڪنهن فيصلي تي پهچڻ لاءِ تن من هٽي رهي هئي. اڄ صبح جو جيئن ئي، مڌو ڪاليج لاءِ رواني ٿي،تہ انيتا ڪافيءَ جو ڪوپ کڻي اچي صوفا تي وِيٺي. تڏهن هن جي من کو فيصلو ڪري ئي ورتو. هوءَ اُٿي اَچي ڪرسيءَ تي ويٺي ۽ هڪ خط لکڻ شروع ڪيائين:

منڙي مڌو،

دل ۾ اَرمان هو تہ مان پنهنجي هٿن سان توکي سهاڳ جو جوڙو پهرائيندس. شان مان سان توکي ساهري گهر ڏانهن وداع ڪندس، پر جڏهن منهنجو وجود ئي تنهنجي شاديءَ اڳيان رڪاوٽ ثابت ٿي رهيو آهي؛ تڏهن مون جهنگ منهن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. گنگا جمنا جي پوتر سنگم لاءِ سرسوتيءَ کي بہ پنهنجو وجود وڃائڻو ئي پيو هو. تون ورون جي مرضيءَ مطابق ڪورٽ ۾ هن سان شادي ڪج ۽ پنهنجو گهر وسائج. مان برابر توکان دور وڃي رهي آهيان پر منهنجي ممتا سدا توسان ساڻ آهي. سدا خوش هجين، آباد هجين

-تنهنجِي ممي

خط ٽيبل تي رکي، بيگ ۾ چار ڪپڙا وجهي، انيتا ڪنهن ڏوراهين منزل ڏانهن ريل جو سفر شروع ڪيو. ريل گاڏي تہ ڪنهن مقرر ماڳ ڏانهن سٺون پائيندي ٿي هلي، پر انيتا خبر نہ آهي ڪهڙن خيالن ۾ گم هئي. هوءَ بي خبريءَ وچان ٻانهن ۾ پيل ڪنگڻ کي ڪڏهن ساڄي تہ ڪڏهن کاٻي ڦيرائي رهي هئي. سچ تہ هوءَ من ئي من ۾ وقت جي گهڙيال جون سئيون ڪڏهن ماضيءَ ڏانهن تہ

پنهنجي اَمڙ جي حالت ڏسي شاديءَ جي اَنڌي کوھ ۾ ڪڏھن ٻه ٽپو ڪونه ڏينديس. سڄڻيءَ جو اِهو سوال نه اڪيلي سِر ڪنهنجي سڄاري زندگيءَ جو هيءُ لنبو سفر طئه ڪري سگهنديءَ مونکي برابر پريشان ڪري رهيو هو.

ريل گاڏي ڪنهن اسٽيشن تي دابو ڪيو هو. ڇٻي وارا هوڪا ڏيئي رهيا هئا. انيتا کي چانھ جي چڪ محسوس ٿي. دريءَ کان ٻاهر نهاريائين، چانھ وارو نه ڪٿي پري هو. هڪ غريب ڇوڪري هٿ ڊگهيري ٻاڏائي رهي هئي ''ڪجھ کاني کي ليئي دو''. گاڏيءَ آهستي هلڻ شروع ڪيو. انيتا هٿ وارو پنجن رپين جو سڪو ڇوڪريءَ ڏانهن ٻاهر اُڇلايو.

انيتا جي اکين اڳيان اُڀري آيا آدرش اناٿ آشرم جا ننڍا ننڍا معصوم ٻار. آشرم جي مئنيجر مونکان پڇيو هو ''اوهانکي پٽ گود وٺڻو آهي يا ڌيءُ؟'' مون يڪدم جواب ڏنو هو ''ڌيءُ''. ڌيءُ ممتا ماڻي ٻه جاڻي ۽ موت ۾ ممتا ڏيئي ٻه ڄاڻي. مان سڄڻيءَ جي سوال جي جواب ۾ هڪ ٻار گود وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو. مونکي جيئڻ جي راه ملي ويئي. ما برابر ٻار گود وٺڻ تي بکيڙو ڪڙو ڪيو هو. پر بس، اُن ڏينهن ئي مون هڪ فليٽ خريد ڪيو ۽ پنهنجي ڌيءُ مڌوءَ سان جدا رهڻ لڳس، مڌو منهنجي جيون ۾ پيار ۽ ممتا جو سهراڻ هئي. هن کي پائي منهنجي اندر ۾ ممتا ڪر موڙي ٿي. مڌوءَ جي مڌر ٽهڪن سان گڏ مون پنهنجي آنچل ۾ سڀ خوشيون سمائي ڇڏيون. منهنجي اُها پٽڪڙي مڌو هاڻ ڪيڏي نه وڏي ٿي ويئي آهي. هوءَ سندر آهي، موهيندڙ آهي، ذهين آهي، هن سال ئي هوءَ گريجوئيٽ ٿي ويندي. مونکي ٻه بئنڪ مان رٽاير ڪئي هاڻ پنج سال ٿي ويا آهن. مڌوءَ جا هٿ پيلا ڪري مان پنهنجي ناري جيون کي سڦل بڻائڻ جو خواب ڏسي رهي هيس، پر منزل تي رسڻ کان اَڳ ئي راه ۾ رات پئجي ويئي. انيتا پريشان ٿي ويئي هن

منٽ رڪڻ بعد ريل گاڏيءَ وري پنهنجي رفتار پڪڙي ۽ ساڻ
ساڻ انيتا به اکيون بند ڪري ماضيءَ ۾ کوهجي ويئي.

هڪ ڏينهن آفيس جي ڪئنٽين ۾ ماني کائي رهي هيس. منهنجي هم ڪار سجني ڪرپالاڻي اَچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي. پابوه هان چيائين، ”انيتا تون ته ڏاڍي خوش نصيب آهين. اسان جو مئنيجر سنيل سر تو تي فدا آهي. توسان لائون لهڻ ٿو چاهي. مونکي پنهنجو قاصد ڪري تو ڏانهن موڪليو اٿائين. تون ڪر خبر تنهنجو ڪهڙو جواب آهي.“

مون کلي ڏنو هو. شادي ۽ مان! اڻ ٿيٽي ڳالهه! مان اڪيلي ڀلي آهيان! آفيس ۾ به باس ۽ گهر ۾ به باس! اهڙا مردن اڳيان جي حضوري مونکان ڪونه پڄندي. مان آزاد پکيئڙو آهيان، مون کي اُڏام لاءِ ڌرتي نه، آسمان گهرجي. سجني منهنجي منهن ۾ ڪجهه وقت ڏسندي رهي ۽ پوءِ چيائين: ”شاديءَ لاءِ ايڏي نفرت؟ انيتا تون غلطي تي ڪرين شادي ته سماج ۾ رهندڙ هر انسان لاءِ هڪ سهڄ ضرورت آهي. زندگي هڪ سچي ساٿيءَ کان سواءِ اَڌوري آهي. انيتا ڪجهه سوچ ته سهين. جڏهن عورت جي جوڀن جو جلوو پوڙهو پئجي ٿو وڃي، ٻڍاپو ليئا پائي نروار ٿئي ٿو تڏهن عورت ويڳاڻي ٿيو پوي. اُن وقت هن کي اُن ڪنڌي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي جنهن تي هوءَ سِرُ رکي، پاڻ کي هن سماج ۾ محفوظ محسوس ڪري سگهي. سڀ کان وڌيڪ هر انسان کي ۽ خاص ڪري عورت کي زندگيءَ جي شام جي پهر ۾ اڪيلائپ جي بوست کان بچڻ لاءِ هڪ ساٿيءَ جي ضرورت ٿئي ٿي. انتيا تون مونکي ٻڌاءِ، تون اڪيلي سِر ڪنهنجي سهاري زندگيءَ جو هيءُ لنبو سفر طئه ڪري سگهندينءَ؟“

سجني ته اُٿي هلي ويئي پر مان گهڻو وقت سجنيءَ جي ڳالهين تي سوچيندي رهيس. اِها پڪ ڪئي هيم ته

ورون هو. مون کيس کيڪاريو هو. اندر اَچي صوفا تي ويهندي پڇائين مڌو گهر ۾ آهي ڇا؟ چيومانس ته ڪاليج ويئي آهي. ورايائين سنو! مان اوهان سان ڪجهه اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ پئي چاهيو. منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي. پاسي واري ڪرسي سيري ويهي رهيس. سلسلو ورون شروع ڪيو. ”مان مڌوءَ کي پيار ڪريان ٿو، هن سان ڪورٽ ۾ شادي ڪرڻ چاهيان ٿو. مڌو به اِن لاءِ راضي آهي. پر هڪ مسئلو آهي.“

”مون چيو ”ڪهڙو مسئلو آهي پٽ؟ مان ڪجهه مدد ڪري سگهان ٿي ڇا؟“

”سچ ته، اِن مسئلي جو واسطو فقط اوهان سان ئي آهي.“

مان پريشان ٿي ويس. منهنجي اندر ۾ هڪ ئي وقت سوءَ سوال جاڳي اُٿيا. هن کي شايد پيسن جي ضرورت آهي! يا هن جي اک منهنجي هن فليٽ تي آهي! جيڪي گهرندو ڏيندي سانس. منهنجو ڇا؟ وقت گذري ئي ويندو.

ورون ڪجهه سوچيندي چيو، ”آنٽي! اوهان شادي نه ڪئي آهي، اِهو اوهانجو نجي مسئلو آهي. مان اِن بابت ڪو سوال اُٿارڻ نٿو چاهيان. مان سئڪالاجيءَ جو ماسٽر آهيان. مون لاءِ هڪ ڳالهه صاف آهي ته شادي هڪ سماجي روايت آهي. اِن روايت کي سماج مان ٽاري نٿو سگهجي. نه ته ته انرٿ ٿي ويندو. اوهان جو وشواس آهي عورت جي آزاديءَ ۽ شاديءَ جي ڪاميابيءَ جو محور آهي سمجهوتو. مڌو اوهانجي گود ۾ پلي نپني آهي، مان نٿو چاهيان ته شاديءَ کان پوءِ مڌو به اوهان جي آزاد ويچارن جي پيروي ڪري يا اوهان پڻ ڪيس من ماني ڪرڻ لاءِ همٿائيندا رهو. ۽ اسان پتي پتنيءَ جي رشتي ۾ ڪا ڏار پوي. ورون اهو سڀ چئي چپ ٿي ويو. تڏهن مون ئي ڪانئس سوال پڇيو. ”هاڻ تون

پنھنجي ساڙھيءَ جي پلوَ سان اکين ۾ تري آيل ڳوڙھا اُگھ
ڇڏيا.

ريل گاڏي پنھنجي تيز رفتار سان ھلي رھي ھئي
انجڻ جو ڪارو دونھون ۽ ريتي ٻاھر اُڏامي رھي ھئي. انيـ
دري بند ڪري ڇڏي، پر ھن جي من جي دري ڪليل ئـ
رھجي ويئي. ھن جي من جا پور ليئا پائي ھن کي پريشا
ڪري رھيا ھئا.

ڪاليج ۾ مڌوءَ جي پيار جو پيچ سئڪالاجيءَ جـ
ليڪچرار ورون راڄاٽيءَ سان پئجي ويو آھي. مڌوءَ پھريائيـ
تہ ڪيترا ڏينھن پنھنجي پريم کي سيني ۾ لڪائي رکيو
محبت جي مھڪ کي ڪير تو لڪائي سگھي. ورون جا ايند
فون، فون تي ورون سان ڳالھائيندي مڌوءَ جي چھري تـ
ڇانيل سرخي، پلا ڪيئن ٿي منھنجي نظر کان لڪي سگھي
ھڪ ڏينھن مڌو منھنجي گود ۾ سر رکي ليٽي پيئي ھئي
آھستي چيائين ''مما! توکي ھڪ ڳالھہ چوڻي آھي.'' مو
ھڪ ٺھڪ ڏنو ھو ۽ چيو ھو ''توکي ورون سان محبت ٿـ
ويئي آھي ۽ تون ورون سان شادي ڪرڻ ٿي چاھين. برابر!
مڌو شرم ٻوٽيءَ جيان سسي ويئي ھئي ۽ منھنجي آغوش
سمائجي ويئي ھئي.

گاڏيءَ جي رفتار تيز ھئي. ٻاھر موسلا ڌار برسا
پئجي رھي ھئي. گاڏيءَ جا دريون دروازا بند ھئا. انيـ
ٻوسٽ محسوس ڪري رھي ھئي. اھو ٻوسٽ اندر جو ھئو
واتاورڻ جو چوڻ مشڪل آھي. انيتا ٿوري دري کولي ڇڏي
ھوا جو ھڪ جھونڪو اَندر لنگھي آيو؛ انيتا ڪجھہ راحـ
محسوس ڪندي. اکيون بند ڪري ڇڏيون. انيتا جي يا
ٻرين جي پردي تي اُن ڏينھن صبح جي پھر وارو درش
اُڀري آيو.

دروازي تي بيل وڳو، مون وڃي دروازو کوليو. در تـ

هڪ ٻيو ڏاڙو

گذريل مهيني ممبئيءَ جي هڪ مشهور سڀاگره ۾ سيٺ منگهارام جي لکيل پهرئين ناول جو وموچن هو. سيٺ صاحب شهر جي ساهتڪارن، ڪلا پريمين، سياستدانن، سنڌين جي مشهور هستين ۽ پريس رپورٽرن کي نينڊ ڏيئي سڏايو هو. ڪتاب جي وموچن کان پوءِ هڪ فائيو اِسٽار هوٽل ۾ چونڊ مهمانن لاءِ منجهند جي مانيءَ جو بندوبست پڻ ڪيو ويو هو. ڪتاب جي وموچن لاءِ سنڌي ساهتيہ جي برک ليکڪ پرڪاش کي سڏ ڏنو ويو هو. ماسٽر پرڪاش سيٺ جو جگري دوست بہ هو.

سيٺ منگهارام هونءَ تہ پاڻ اَناج جو واپاري آهي؛ پونجيءَ پتيءَ وارو آهي؛ پاڻ کي سنڌي ساهتيہ جو پريمي سڏائيندو آهي؛ پر اُپڪاري آهي؛ ساهتڪ گڏجاڻين، چيٽي چنڊ جي ميلن ۾ شريڪ ٿيندو آهي؛ ڪلاڪارن، ليکڪن لاءِ چانهن پاڻيءَ جو بندوبست ڪندو آهي. هن کي منتظمين وٽان بہ سٺو سنمان ملندو آهي. پر ڪي تہ ائين بہ چوندا آهن تہ سيٺ نہ ڏسي ڏنو آهي، پيو ٿو پيسا لٽائي.

سيٺ جي خاص ياري آهي ماسٽر پرڪاش سان. ماسٽر صاحب ويجهڙائيءَ ۾ اسڪول مان رٽاير ڪيو آهي. هينئر سڄو وقت ساهتيہ سرجڻ کي ڏيندو آهي.هن جا اٽڪل پنج ناول، اٺ ڪهاڻي سنگره شايع ٿيل آهن. سنڌي ساهتيہ جڳت ۾ هن جو خاص مقام آهي. ساهتيہ سرجڻ لاءِ هن کي انيڪ انعام پڻ مليا آهن. پر ماسٽر صاحب آهي نهنو ۽ نماڻو. نڪو غيرب نڪو گاءُ، سيني سان سڪ پيار جو رشتو. سادو کائڻ، سادو پهرڻ، هميشه چهري تي معصوم مسڪراهٽ. سيٺ منگهارام ۽ ماسٽر صاحب هڪ ٻئي جي

ئي ٻڌاءِ تہ مان ان لاءِ ڇا ڪريان؟ ''اهو فيصلو اوهان کي پاڻ ڪرڻو آهي، پر جيستائين اِن نسبت مونکي اوهان وٽان پورو وشواس نہ مليو آهي مان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيان.'' اهو چئي ورون اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ در کولي ٻاهر هلي ويو. ڪجھہ راتيون مان اوجاڳن ۾ گھاريون. سوچيندي رهيس تہ هڪ آزادي پسند ناري لاءِ هيءَ ڪھڙي سزا آهي؟ مون سماج جو ڪھڙو ڏوھ ڪيو آهي؟ شادي نہ ڪري مون تہ فقط پنهنجن سڌانتن جو پالن ڪيو آهي. خير! هاڻ جي سماج مونکان قرباني چاهي ٿو تہ مان پٺتي ڪونہ هٽنديس. مڌوءَ جي خوشيءَ لاءِ هيءُ شهر ئي ڇڏي وڃڻ بهتر آهي.

ريل گاڏي ڪنهن ننڍي اسٽيشن کي پار ڪري رهي هئي. اسٽيشن تي پورٽر سائي جهنڊي لوڏائي رهيو هو. انجڻ ڪوڪ ڪري تيز رفتار پڪڙي هئي. انيتا وهاٽو مٿن کان رکي سيٽ تي ليٽي پيئي.

ڪرسيءَ تي جهڪي ويو ۽ ڦڪي ڦڪي روئي رهيو هو. ڪي جلد ئي ماڻهو هن کي منهن تان لاهي ڪيس گهر ڇڏي آيا. سمورو پروگرام ڦسي پيو. سڀ ماڻهو هال کان ٻاهر نڪري ويا. ڪتاب جو وموچن به رهجي ويو. سيٺني جي ڏندين آڱريون هيون. بس پوءِ ته جيترا منهن اوتريون ڳالهيون. سچ جي خبر ڪنهن کي هجي ته چوي! سيٺ منگهارام پريس کي فقط ايترو ئي چيو ”ماستر پرڪاش زال جي موت کان پوءِ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويٺو آهي. هو چريو ٿي پيو آهي. چرين جا پور- مٿي جا سور.

سيٺ منگهارام چپ رهڻ وارو ڪونه هو. هن جو ته اُميدن جو محل ڊهي اَچي پٽ پيو هو. هن کي پڪ هئي ته ناول جي وموچن بعد هن کي سنڌي ساهتڪارن جي صف ۾ شامل ڪيو ويندو. هن کي ناول نويس سڏيو ويندو. هن جا اهي ارمان ته اَڌورا ئي رهجي ويا. مطلب ته ڪانءُ ٻڻجڻ هليو هو گرڙ پر ڪانءُ ئي رهجي ويو. هن هڪ سٽ سٽي. ڀلا چو نه سٽي ۽ پيسي جي ٻل سان ماڻهو ڇا نٿو ڪري سگهي؟ ڪنهن مشهور ڊاڪٽر کان سرٽيفڪيٽ ورتائين؛ جنهن ماستر پرڪاش کي چريو قرار ڏنو. سيٺ کجهه ٻيا ڪوڙا ثبوت ناهي، ڪورٽ جو آرڊر وٺي ماستر پرڪاش کي ٽاٽا جي چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو. هاڻ ماستر صاحب جو نڪو داد نه فرياد. سيٺ جي اندر جي باه ٺي جڻ ٺڌو ڇنڊو پيو.

ماستر پرڪاش جي چرين جي اسپتال ۾ داخلا! جي خبر سنڌي اخبار جي پڇاڙيءَ واري صفحي تي هڪ ڪنڊ ۾ ڏنل هئي. شايد ئي اِها خبر ڪنهن جي نظر ۾ آئي. پر اِن خبر هن جي هڪ شاگرد سنيل رامچندانيءَ کي پڪ ئي پڪ جهنجهلائي ڇڏيو.

منهنجو اُستاد. منهنجو رهبر ماستر پرڪاش چرين جي

صحبت ۾ چڱو وقت گهاريندا آهن. ڪيترن ڪي هنن ٻنهي جي دوستي عجيب به لڳندي آهي. ڪٿي هڪ فهم ٻڌ جيوي ۽ سڄاڳ ساهتڪار، جنهن مان هميشه پيئي اَچي بوءِ بهار جي ۽ ڪٿي هو پئسي جو مريد سيٺ، اڻ گهڙيو ڪاٺ جو هميشه پيو پنهنجي واه واه ڪرائڻ جا موقعا ڳولهي. هن لاءِ رڳوُن مڙيو ئي ٻوٽ ڪاريون. خير! ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي.

مقرر ڏينهن تي سياگره ڪچا ڪچ ماڻهن سان ڀريل هو. منچ تي چوند ساهتڪار ۽ سياستدان موجود هئا جن جو گلن مٺ سان سيٺ صاحب سواگت ڪيو. حاضرين کي هر هڪ جي واقفيت ڏني. پوءِ هرهڪ اچي مائيڪ اڳيان سيٺ منگهارام جي ساهتڪ ساڌنا لاءِ مٺا ٻول ٻوليا ۽ ڪيس ڀرئين ناول لاءِ واڌايون ڏنيون.

اَنتر مک سدا سکي، ماستر صاحب ته ڪنهن ٻوڙهي ويچار ۾ ويٺو هو. ڪنڌ جهڪائي پئي سيٺ جي لکيل ناول جا پنا اُٿلايائين. هن جي چهري تي انيڪ ڀاوَ ٿي لٿا ۽ چڙهيا. جڏهن ماستر پرڪاش کي ڪتاب جي وموچن ڪرڻ لاءِ ۽ به شبد ڪتاب بابت ڳالهائڻ لاءِ عرض ڪيو ويو، تڏهن ماستر صاحب پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان آهستي اٿندي مائيڪ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. سڄي هال ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. سڀني جون اکيون ماستر صاحب تي ڪتل هيون. ماستر صاحب منهن ورائي هڪ دفعو منچ تي ويٺل سيٺ منگهارام کي ڏٺو. پوءِ نهر سان هڪ هڪ اکر اَنوکي ڍنگ سان چيو. سيٺ منگهارام چور آهي. هو سنمان جي لائق نه پر نندڻ جي لائق آهي. بس پوءِ ته سڄي هال ۾ شور مچي ويو. سڀ پنهنجي ڪرسين تان اُٿي کڙا ٿيا. ماستر صاحب ته ور ور مائيڪ تي اِهو ئي پڪاري رهيو هو ته سيٺ منگهارام چور آهي. ڪن اَچي ماستر صاحب جي هٿن ڪان مائيڪ کسيو. ماستر صاحب

وٺي آيو. منهنجي پڙهائي وري شروع ٿي ويئي. ماستر صاحب منهنجي پيءُ کي به نوڪري وٺي ڏني. اَڄ مان گريجوئيٽ آهيان. هڪ بئنڪ ۾ مئنيجر آهيان. اهو سڀ ماستر پرڪاش جي مهربانين بدولت آهي. نه ته ڪير ٿو ڪنهنجو ڪنڊو ڪڍي. اِهو برابر آهي ته ماستر صاحب اسڪول مان رٽاير ڪيو آهي. هن جي پتني بيمار رهندي هئي، جنهن جو ديهانت ڪجهه مهينا اَڳ ٿيو آهي. پر اِهي سڀ ته ماستر صاحب جي دماغي بيماريءَ جا سبب ٿي نٿا سگهن. ماستر صاحب جڏهن به مون سان ويجهڙائيءَ ۾ مليو آهي. خوش لڳندو آهي. هن جو لکڻ جاري آهي، سڀ ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ منهنجو ماستر صاحب سان ملڻ ضروري آهي.

سنيل ٻئي ڏينهن اَچي پهتو ٽاٽا جي چرين جي اسپتال ۾. جڏهن وارڊ بواءِ هن کي ماستر صاحب وٽ وٺي آيو، تڏهن ماستر صاحب باغ ۾ هڪ بينچ تي ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ وينو هو. سنيل اَچي هن جي سامهون بيٺو. هن جي چرن وندنا ڪيائين. سنيل جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ماستر صاحب اُٿي بيٺو. سنيل جي ڪلهي تي هٿ رکيائين ۽ پاڀوه مان چيائين ”ٻچا! اَجايو ٿو پريشان ٿين. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو“. ”سائين اوهان هتي! سُنيل ايترو ئي چئي سگهيو. ”اڙي مان چريو ڪونه آهيان. اِها ته هن اسپتال وارن کي به خبر آهي. هنن کي بس ڪورٽ جي آديش جو پالن ڪرڻو آهي. هو ته منهنجو پورو خيال رکندا آهن“. ماستر کلندي چيو. ”ٻاهر لکڻ لاءِ پاٽر ڳولڻا پوندا هئا. هت ته هرهڪ مريض جي پنهنجي ڪهاڻي آهي. به ٽي ناول ته واه جو لکي سگهجن ٿا.“

اِهو سڀ ٻڌي سنيل کي ٿوري راحت ملي. ٻئي گڏجي بينچ تي ويهي رهيا. سنيل وري به هڪ سوال اُٿاريو. ”هن

اسپتال ۾ داخل! اِهو ناممڪن آهي، هن جهڙو عالم، ديرينو،
شانت، هر ڳالهہ جي تڪ تور ڪرڻ وارو انسان مون پنهنجي
زندگيءَ ۾ ڪو ورلو ڏٺو آهي. هو مهان ليکڪ آهي، سماج ۾
هن جي عزت آهي، هو هميشه آشاوادي رهيو آهي. اهڙو ست
پرش ڪيئن پنهنجي من جو ميزان وڃائي ويهندو؟ پڪ ئي
پڪ هن مهان آتما کي ڪنهن ستايو آهي. يا ڪنهن هن
جي خلاف ڪا گهري سازش سٽي آهي. مونکي اُهي ڏينهن بہ
ياد آهن. اَسان جي گهر تي مفلسيءَ جو سايو هو. گهر ۾
سڀ پريشان هئاسين. ٻن وقتن جي روٽيءَ جو بہ واندو هو.
سڀ فاقا ڪڍي رهيا هئاسين. مان اٽڪل ڏهہ يارهن سالن جو
هوس. في نہ ڀرڻ سببان منهنجو نالو اسڪول مان ڪڍيو
ويو. گهٽن ڏکن کائڻ کان پوءِ مونکي هڪ ڪئنٽن ۾ پنج
رپيا روز تي نوڪري ملي ويئي. بابو ڏاڍو خوش ٿيو. اُهو اڄ
جو زمانو نہ هو جو ٻال پورهيي تي روڪ لڳل هجي. اَڄ
ڪنهن بہ هوٽل ۾ يا گهر ۾ ٻال پورهيت کي ڪم تي رکڻ
قانوني گناهہ آهي. هر ٻار کي اسڪول موڪلڻ مائٽن لاءِ لازمي
ٺهرايل آهي. خير! مان ڪئنٽين مان چار ڪوپ چانهن جا
ڪٽي سڪول جي ٽيچرس روم ۾ ڏيڻ ويس. ماسٽر پرڪاش
ڪمري ۾ موجود هو. هن مونکي سڏ ڪري پنهنجي پاسي ۾
ويهاريو. سمورو حال اَحوال ورتائين. ٻئي ڏينهن سويل صبح جو
اَچي پهتو ڪئنٽين ۾. ڪئنٽن جي مالڪ کي شرمايائين. ڇي
هڪ ٻار جي زندگيءَ جو سوال آهي. توکي نوڪر تہ انيڪ
ملندا پر هن ٻار جي زندگي ڪيئن واپس ورندي. ٻار پڙهندو
تہ ڪنهن لائقيءَ لڳندو. پنهنجي گهر لاءِ ڪجهہ ڪندو
پنهنجي ملڪ لاءِ ڪجهہ ڪندو. وديا دان تہ مهان دان آهي
تون بہ هن کي هر مهني ڪجهہ ڏيئي اِهو پنج ڪمائي وٺ
ڪئنٽين جي مالڪ هر مهيني پڙهائي لاءِ سوءُ رپيا مونکي
ڏيڻ قبول ڪيا. ماسٽر صاحب منهنجو هٿ پڪڙي اسڪول

ء جوالامکي ڦٽي پيو. مونکي پڪ آهي تہ سيٺ منگھارام جو ضمير هڪ ڏينهن ضرور جاڳندو. هو پنهنجي ڪئي تي پڇتائيندو.''

سنيل جو من پنهنجي اُستاد جي حالت تي پريشان هو. اِها منگھارام جي چوري تہ آهي ئي پر هن جي سينا زوري بہ آهي. سچ تہ هن ماسٽر صاحب جي گھر ڌاڙو هنيو آهي. سنيل هڪ برک وڪيل کي ماسٽر صاحب کي چرين جي اسپتال مان ٻاهر ڪڍائڻ لاءِ سيٺ خلاف ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي. ٻئي ڏينهن سنڌي اخبار ۾ هڪ اشتهار هو تہ ايندڙ آرتوار تي سيٺ منگھارام جي لکيل ٻئي ناول ''دوستي'' جو وموچن ڪيو ويندو. سنيل اشتهار پڙهي رڙ ڪري چيو ''منگھارام جو هڪ ٻيو ڌاڙو.''

سڀ لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ ماستر صاحب ڌيرج سان جواب ڏنو.'' ''پٽ! غريبي ذلت آهي. اَڄ سڀ ٻين جي ڪلهن تي چڙهي پنهنجي جئه جئه ڪار ڪرائي رهيا آهن. جيڪو ڏاڍو سو گابو. هيٺين جي گهر هر ڪو نڪر پڇي. سهڻو ئي پوندو. ڪنهن کي ڏوه ڏيان. خير! ڇڏ اِن ڳالهه کي.''

''سائين هڪ سوال ٻيو به پڇان'' سنيل نماڻائيءَ سان چيو. ''ها منا! توسان ڪهڙو حجاب.'' سائين اوهان جڏهن سيٺ منگهارام جي ناول جو وموچن ڪري رهيا هئا تڏهن ڇا اوهان جي من ۾ حسد جو ڀاءُ جاڳيو هو جو اوهان سيٺ کي چور ڪري سڏيو؟'' ماستر پرڪاش سنيل جي ان سوال تي حيران ٿي ويو. پاڻ سنڀالي چيائين. موڪي ڇو ايرڪا ٿيندي؟ منهنجو ته وشواس آهي ذات نه آهي ذات تي جو وهي سو لهي. مان ته ٻين کي لکڻ لاءِ اُتساهت ڪندو آهيان. مون ته خوشيءَ سان سيٺ منگهارام کي ان جي ناول جي وموچن لاءِ منظوري ڏني هئي.''

ته پوءِ ڇا ٿيو؟'' سنيل زور ڏيئي پڇيو. ''اَبا تون سڀ ڄاڻڻ چاهين ٿو ته ٻڌ. ڇهه مهنا اَڳ منهنجي ڌرم پتني سيتا سخت بيمار هئي. گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪڪ هئا. سيٺ منگهارام جي گهر پهتس. سيٺ آهي ته منهنجو دوست پر آهي پڪو ڏنڏوڙي. شرط رکيائين پنجويه هزار رپيا وٺي وڃ پر پنهنجي نئين لکيل ناول 'وشواس' جو اسڪرپٽ يعني اَصل دستاويز گروي رکي وڃ. مون لاءِ ٻيو ڪهڙو چارو هو؟ سيتا جو موت آپريشن ٽيبل تي ٿيو. پنجويه هزار علاج ۾ خرچ ٿي ويا. سيٺ صاحب کي عرض ڪيم ته اسڪرپٽ موٽائي ڏي. ناول ڇپائي ء وڪٽي هن جو قرض لاهيندس. پر سيٺ جي من ۾ ڪا مندائي هئي. تنهن ڏينهن جڏهن مان منچ تي ويني سيٺ جي لکيل ناول جا ورق ورائي رهيو هوس تڏهن پنهنجي ئي لکٽي پڙهي، مان پاڻ روڪي نه سگهيس

سک ۽ سنمان. آشرم ته دان جي پئسي تي هلي پيو. اَسان وٽ هڪ ٻڍي گود وٺڻ جي يوجنا آهي توهان به هڪ ٻڍو يا ٻڍي گود وٺو ته سٺو.

مان ٺهڪ ڏيئي کلي وينس. مئنيجر کي چيم ''ادا! مسخري ٿو ڪرين ڇا؟ اڄ تائين ٻار گود وٺڻ جي يوجنا ٻڌي اَٿم ۽ نه ڪڏهن ٻڍي گود وٺڻ جي ڳالهه. ٻڍو گود ڪيئن وٺبو؟ مئنيجر ڌيرج سان وراڻيو. سائين مان مسخري ڪونه ٿو ڪريان. ٻڍو گود وٺڻ هڪ نيڪ رٿا آهي. هن آشرم ۾ اَڌ کان وڌيڪ ٻڍا ۽ ٻڍيون گود ورتل آهن. جڏهن ڪو ٻڍي کي گود وٺي ٿو تڏهن اُن ٻڍي جي رهائش ۽ کاڌي جو خرچ آشرم کي ڏئي ٿو. ٻڍي جي سک دک دوا درمل جي جوابداري پاڻ تي کڻي ٿو. وقت به وقت آشرم ۾ اچي ٻڍي سان روح رهاڻ ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ٻڍي کي ٻاهر هوا خوري لاءِ ڪنهن باغ ۾ وٺي وڃي ٿو. مطلب ته هو ان ٻڍي کي پنهنجو وڏڙو ڪري تسليم ڪري ٿو.

سائين اديش ته اِهو آهي ته هنن ٻڍن ۽ ٻڍين جي جيون جي شام سکميه گذري. هنن تي ترس نه کائو هنن ڏانهن مدد جو هٿ ڊگهيڙيو. جڏهن به توهان کي وقت ملي، اَچي هنن سان گڏجي وجو ۽ هنن جا دک پريا داستان ڪن ڏيئي ٻڌو. ڪنهن نه ڪنهن ٻڍي يا ٻڍيءَ کي گود وٺو ۽ پنهنجي سيوا ڪرڻ جي اُديش کي سڦل بڻايو.''

بس اُن ڏينهن کان مان هر ڇنڇر ۽ آرتوار ڏينهن آشرم ۾ ويندو رهيس ۽ جدا جدا آشرم واسين سان ملندو رهيس. هنن سان حال اوريندو رهيس. هنن جا انيڪ داستان منهنجي اڳيان کلي پيا. جن ۾ درد هو، پيڙا هئي، ڳوڙها هئا ۽ سڏڪا هئا. هڪ آرتوار ڏينهن صبح جو آشرم ۾ ويس ته ڏسان ڪاڪو ڪندن مل سيني کان پري پپل جي وڻ هيٺان ڪرسي رکي وينو شاه جو رسالو پڙهي. ڪاڪو شڪل جو ڪٽڪ

آديسي اُٿي ويا

هڪ ڏينهن ٻڍا آشرم مان فون آيو تہ ڪاڪو ڪندن داس هن فاني دنيا ۾ هاڻ نہ رهيو، هن جو اگني سنسڪار شام جو ڪيو ويندو. منهنجي هٿن مان فون جو چوغو ڪري پيو. اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا. منهنجي پتا جي ديهانت کي تہ ڏه سال ٿيا آهن پر تنهن ڏينهن ائين ٿي لڳو تہ مان هڪ دفعو وري پنهنجي پتا جي ديهانت جي خبر ٻڌي رهيو هوس. مان جلد ئي وڃي ٻڍا آشرم پهتس. ڪاڪي جي مرتڪ سرير کي آشرم جي وڏي هال ۾ درشن لاءِ رکيو ويو هو. هن جي مٿن کان ڏيئو ٻري رهيو هو. هن جي سرير کي اڇي چادر سان ڍڪيو ويو هو. آشرم واسي هن جي چئن ئي طرفن کان ويهي گيتا جي اڙرهين اَڌياءَ جو پاٺ ڪري رهيا هئا. مان ڪاڪي جي چرنن ۾ پنهنجو سر نوايو تہ من چلڪي پيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن من شانت ٿيو تہ آشرم جي مئنيجر ٻڌايو تہ ڪاڪي کي صبح چانهہ جو ڪوپ پيئندي دل جو دورو پيو ۽ ڪجهہ ئي گ هڙين ۾ ڪاڪو ساسين سڪالو ٿيو. ....

مان ڳچ وقت کان پيو سوچيندو هوس تہ آفيس کان پوءِ يا موڪل جي ڏينهن جيڪو ڪجهہ وقت ملي ٿو سو ڪنهن سماج سيوا ۾ ڪم آڻيان. اِن اُديش سان وڃي پهتس گ ٻان پرڪاش ٻڍا آشرم. آشرم جي مئنيجر سان حال اوريم. هن بہ اُتساه ڏياريو. چيائين ”آشرم ۾ سٺ ٻڍا ۽ ٻڍيون آهن. هنن کان رهائش ۽ کاڌي لاءِ ڪابہ رقم ڪونہ ورتي ويندي آهي. سڀ جو سڀ پنهنجن جا ستايل آهن. هنن کي گهرجي

ڪمائي ڏيکاريندس. توهان منهنجي ڏنڏي جي چنتا نه ڪريو. ڪاڪو چپ ٿي ويو. هن جي پٽ ڌنڌو ته شروع ڪيو پر سڀ جو سڀ غير قانوني. لڪ چوريءَ ٻاهرين ملڪن مان نشيدار شيون، چرس ۽ گانجو گهرائڻ ۽ ديش جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ وڪڻڻ ڪڙورين رپيا ڪمايائين. ممبئيءَ ۾ پنهنجو عاليشان مڪان، پنهنجون موٽرون گاڏيون. سماج ۾ رتبو، وڏن وڏن عملدارن سان دوستي ۽ نيتائن سان ڄاڻ سڃاڻپ. انيڪ سنستائن جي سدستا ۽ سڀ ڪجهه. پر ڪاڪو ڪندن داس حئران پريشان. هن جي اکين اڳيان سندس سڌانتن جو خون ٿي رهيو هو، پر هو ڪتيل پکيءَ جيان ڦٿڪي رهيو هو. هن سچ جو دامن نه ڇڏيو ۽ هڪ همت ڀريو فيصلو ڪيو. پنهنجي پٽ سان سڀ رشتا ناتا ڇني ڇڏيائين.

اَهڙو اشتهار هن اخبارن ۾ به شايع ڪرايو. هن جو پٽ ته گهر ڇڏي ويو. پر ڪاڪي جي زال به ڪاڪي تي ناراض ٿي. گهر ڇڏي وڃي پنهنجي پٽ سان ممبئيءَ ۾ رهي. بس اُن ڏينهن کان ڪاڪو دنيا ۾ اڪيلو ٿي پيو. ڪاڪي کي ڪيترن ئي سمجهايو ته هوڏ نه ڪريو، پنهنجي زال ۽ پٽ سان ڪو سمجهوتو ڪريو ۽ پنهنجي گهر کي ڏڦيڙ کان بچائي ونو؛ پر ڪاڪو پنهنجن سڌانتن تي اٽل. چي، لوڪ لڄا سهندس، پر سماج ۽ ديش کي ڌهرم رسائيندڙ عناصرن سان سمجهوتو ڪونه ڪندس. پاپ جي ڪمائيءَ کي منهنجي گهر ۾ ڪا جڳهه ڪونه آهي. مان اڪيلو ئي زندگي گهاري ڇڙهندس. ايشور جي ليلا به عجيب آهي. هڪ سال اندر ئي ڪاڪي جي پٽ ۽ زال جو هڪ ڪار درگهٽنا ۾ موت ٿي ويو. چيائتي جي ڏينهن شوڪ سڀا ۾ عوام جي سامهون ڪاڪي پنهنجي پٽ جي پنجن ڪروڙ رپين جي سمپتي سرڪار جي حوالي ڪري ڇڏي. ماڻهن جو ڏندين آڱريون لڳي ويون. بس ڪجهه ئي مهينن کانپوءِ ڪاڪو پنهنجو هوٽل ۽ سڀ ڪجهه

رنگو، قد جو ڊگهو، بدن جو پورو پنو، وار اڇا اڻ سنواريل، اکين تي چشمو، عمر اٽڪل سٺ سال، شاهاڻي شخصيت جو خانود هو. روح ريلو ڏنو. هڪ ڪرسي ڪٽي وجي ڪاڪي جي پاسي ۾ وينس. ڪاڪي ڪنڌ مٿي ڪيو، هڪ مٺي مسڪراهٽ ُهن جي چهري تي اُڀري آئي. شاه جو رسالو بند ڪري پنهنجي گود ۾ رکيائين. ٿورو ڪلندي چيائين: ابا! اڄ منهنجو انٽرويو وٺڻ آيو آهين ڇا؟ مون وٽ تہ توکي ٻڌائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪين آهي. اڪيلو تن آهيان. هٽ وقت سنو پيو گذري. شاهہ بہ چوي ٿو:

''اڻ چوندن ۾ چوءُ، چوندن چيو، وسار
پائي، منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار''

اهو چئي ڪاڪو چپ ٿي ويو. منهنجون نظرون ڪاڪي جي چهري تي هيون. جت روحاني نور بکي رهيو هو. مان ڪجهہ چوان، تنهن کان اڳ ماني کائڻ جي ويل ٿي. گهنڊ وڳو، ڪاڪو اُٿي ڪڙو ٿيو. منهنجي ڪلهي تي پيار سان بہ ٿپڪيون هڻي هو آشرم اندر هلي ويو. مان ٻئي ڇنڇر ڏينهن ڪاڪي ڪندن مل بابت ڪجهہ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مئنيجر وٽ ويس. پهريائين تہ هو ڪجهہ بہ ٻڌائڻ لاءِ تيار هو ئي ڪونہ، پر منهنجي زور ڀرڻ تي هن جيڪي ڪجهہ ٻڌايو تنهن تہ مونکي اسرار ۾ وجهي ڇڏيو. ''ڪاڪي ڪندن مل کي پوني شهر ۾ هڪ وڏو هوٽل هو. ايشور ڪيس سڀ ڪجهہ ڏنو هو. محنت ۽ سچ جي ڪمائيءَ ۾ وشواس رکندو هو. هوٽل ۾ پنهنجن سيني نوڪرن کي ڪمائيءَ ۾ ڀائيواريءَ جو حصو ڏيندو هو. هن جو ننڍو پريوار هو. زال ۽ هڪ پٽ. هڪ دفعي پنهنجي جوان پٽ کي چيائين ''تنهنجي پڙهائي هاڻ پوري ٿي ويئي آهي. وينو ٿو ڪٿون ڇنين. هاڻ تون مونکي اڇي هوٽل جي ڪم ۾ مدد ڪر.'' پٽس وراڻيو ''توهانجو هوٽل بہ ڪو هوٽل آهي. مان پنهنجي لاءِ ڏنڌو پاڻ ڳوليندس. توهانکي

پاسي ۾ ويهي رهندو. هن جا ڳوڙها اُگهندو. هن سان پاڻ جا ٻه ٻول ٻوليندو. ڪاڪو روز شام جو ستسنگ هال ۾ سيني کي ڪٺو ڪري کين شاه جي رسالي مان ڪو نه ڪو سُرُ پڙهي ٻڌائيندو هو.

هڪ ڏينهن ڪاڪي کي نيزاري ڪري وٺي ويس پنهنجي دوست جي پٽ جي شاديءَ تي. فائيو اسٽار هوٽل هو. راجائي سجاوٽ هئي. بي مثال کاڌو هو. هڪ هزار کن ٻاجي ماجي هئا. هيءُ سڀ ڏسي ڪاڪو ناراض ٿي لڳو. گهوٽ پيءُ ۽ ڪنوار پيءُ کي ڪنڌ ۾ وٺي ويو. کين شرمائيندي چيائين. ”هيءُ سڀ ڇو ٿا ڪريو؟ پنهنجي ڌن جو ايڏو ڏيک؟ سائينءَ ڏنو اَٿو ته ڪجهه ٻڌا آشرمن کي، اناٿ آشرمن کي يا ناري وڪاس سنستائن کي ڏيئي پنهنجو ڌن سڪارتو ڪريو! ڪاڪي جي همٿ ۽ نيڪ دليءَ اڳيان ٻنهي سنهنجا سر جهڪائي ڇڏيا ۽ چپ رهيا. ڪاڪي ناراضپو ڄتائيندي اُن ڏينهن شاديءَ ۾ ڪجهه ڪونه ورتايو. جوڙي کي آسيس ڪري واپس آيو.

هڪ دفعي آشرم مان موڪل وٺي مان ڪاڪي کي منهنجي گهر وٺي ويس. ڪنوار سان ۽ ٻنهي ٻارن سان ملي ڪاڪو ڏاڍو خوش ٿيو. صوفا تي ٻارن سان گڏ ويهي ڪاڪي ڪڏهن ٽهڪ ٿي ڏنا ته ڪڏهن ماضيءَ ۾ کوهجي چپ ٿي ويو. کاڌي وقت جڏهن ڪنوار دانگيءَ جي روٽي ۽ ڪني جو ساڳ ٿالهيءَ ۾ پائي اَچي ڪاڪي جي اڳيان رکيو، تڏهن ڪاڪي جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڌوتيءَ جي پلوَ سان منهنجا ڳوڙها اُگهندي ڪاڪي چيو ”پراڻو سمو ياد اَچي ويو. منهنجي گهر ڏياڻي به دانگيءَ جي روٽي ۽ ڪني جو ساڳ تمام سنو ناهيندي هئي. منهنجي پٽ کي به ڪني جو ساڳ ڏاڍو پسند هو. هر آرتوار اَسانجي گهر ۾ منجهند جي ماني اڪثر دانگيءَ جي روٽي ۽ ڪني جو ساڳ ئي ٿيندو هو.

وڪڙي هردوار هليو ويو. پنج سال سمورو ديش گهمندو رهيو. گذريل ڇهن مهينن کان آشرم ۾ رهيل آهي. هن لاءِ هاڻ پريان سنڌي پار جي مڙيوئي منائي. هميشه آنند ۾ رهندو آهي.

ڪاڪي ڪندن مل جي هن ستيه ميه جيون داستان کي ٻڌي مان حيران هوس ته اسانجي ڀارت ۾ هن ڪلجڳه جي سمي ۾ به ڪو اهڙو سچو ايماندار ديش ڀڳت اَڃا باقي آهي. مان من ئي من ۾ هن اعليٰ انسان کي سوَ سلام ڪيا.

مان ٻئي ڏينهن سويل صبح جو ڪاڪي سان ملڻ لاءِ آشرم پهچي ويس. ڪاڪو نيرن ڪري رهيو هو. مان هن جي چرن وندنا ڪئي. ڪاڪي منهنجي سر تي هٿ رکندي چيو ''ها ڀائي اڄ ڪان ونءي مان تنهنجو گود ورتل ٻڌو آهيان. اهو برابر آهي نه! مون لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟'' مون وراڻيو ''سائين توهان منهنجي پتا سمان آهيو. اڄ شام جو چيمبور ۾ چيٽي چنڊ جو ميلو آهي. توهان هلندا.'' ''ضرور هلبو!گهڻن ڏينهن کان آشرم کان ٻاهر ڪونه نڪتو آهيان. ميِلو به ڏسبو ته جهوليلال سائينءَ جو درشن به ڪبو.'' ڪاڪي چيو. چيٽي چنڊ جي اُن ميلي ۾ جيئي منهنجي سنڌ نغمي تي ڪاڪي ڏه منٽ سانده جهمر هنئين. حاضرين هن جي ناچ تي خوب تاڙيون وڄايون. ناچ کان پوءِ ڪاڪو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. مان پريشان ٿي ويس. پڇيم: ڪاڪا ڇا ٿيو؟'' سڏڪن ۾ ڪاڪي جواب ڏنو ''پٽ اَسان جي سنڌ ڇا ويئي، اسانجي امڙ ئي ڪسجي ويئي. سڀ سنڌي پنهنجي جنني وڃائي هٿ نڌڻڪا ٿي پيا آهيون''.

ڪاڪو روز صبح جو هڪ هڪ آشرم واسيءَ سان ملندو هو. ڪنهنجي مٿي تي هٿ رکندو. ڪنهنجي ڪلهي تي پيار سان ٿپڪي هڻندو. هر ڪنهن جي صحت جو حال احوال وٺندو. جيڪڏهن ڪو هن سان پنهنجو دکڙو اوريندو ته ڪاڪو هن جي

هڪ پل

سيٺ پرمانند جو ديهانت ڪجهه ئي ڏينهن اڳ ٿيو. سيٺ هڪ رچ مڙس، نامر ڪنيو واپاري، سماج سيوڪ ۽ پراون پنهنجو انسان هو. هونئن ته بلڪل رشت پشت هو، پر چار سال اَڳ هڪ درگهٽنا ۾ ٿيل هن جي سڪيلڊي پٽ جي موت هن کي جهوري ڇڏيو هو. هن جو پٽ ونود اَجا پندرهن سالن جو هو، جونئر ڪاليج ۾ پڙهندو هو. محفلن جو مور، پنهنجي ماءُ جو لاڏلو ۽ اُڏائو پٽ هو. ماءُ سان موٽر سائيڪل وٺڻ لاءِ ضد ڪيائين. پيءُ جي اڳيان ته هن جي هڪ به نه هلي پر ماءُ جو ڪومل هردو ٻار جي هوڏ اڳيان جهڪي ويو. ماڻس شانتي ديويءَ پنهنجي مڙس کان لڪائي، پنهنجي ئي بئنڪ اڪائونٽ مان ونود کي موٽر سائيڪل خريد ڪرڻ لاءِ ٽيه هزار رپين جو جو چيڪ ڪڍي ڏنو. نه پٽ کان موٽر سائيڪل هلائڻ جي آزمودي بابت پڇائين ۽ نه ئي سرڪاري ليسن بابت هن کان ڪا پڇا ڳاڇا ڪيائين. جڻ ته پٽ کي ڪو ڪاٺ جو گهوڙو ٺي وٺي ڏنائين.

موٽر سائيڪل نه هئي، جڻ ته ونود لاءِ ڪال پڳوان جو پيغام هو. ونود اُن ڏينهن شام جو ئي ڪارٽر روڊ تي موٽر سائيڪل هلائيندي هڪ زبردست حادثو ڪري وينو؛ جنهن ۾ نه فقط هن جي جان هلي ويئي، پر ساڻ ساڻ هڪ پورهيت ۽ ان جي زال به اَجل جو شڪار ٿي ويا. پوليس لاءِ ته هڪ روڊ حادثو هو پر اِن درگهٽنا ۾ هڪ ماءُ پيءُ جو گود اُجڙي ويو، هڪ گل ٽڙڻ کان اَڳ ئي ڪومائجي ڌوڙ ۾ ڌوڙ ٿي ويو.

ڪاڪو ماني ڪائي ٿورو آرامي ٿيو. ڪنوار، شام جو
چانهه پيئندي ڪاڪي کي نيزاريءَ سان چيو: ”ڪاڪا! هاڻ
توهان اَسان وٽ اَچي رهو. ڇڏيو ان آشرم کي. هت توهان بہ
خوش رهندا ۽ هيءُ ٻار بہ. مان تہ اڄ ائين ٿي پايان تہ
منهنجو سهرو سائين واپس گهر آيو آهي. ڪاڪو اُٿي بينو،
جتي پائيندي چيائين. پٽ شاهہ جو قول ياد ڪر: ننيءَ ٿڌيءَ
ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي. مون وٽ وقت تمام ٿورو آهي.
مون چيو ”ڪاڪا! وري هردوار وڃڻ جي تياري ڪئي اٿو ڇا؟
ڪاڪي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو.

ڪاڪو تہ هاڻ هن دنيا ۾ نہ رهيو، رهجي ويون آهن
ڪاڪي جون منڙيون يادگيريون ۽ نہ وسرندڙ ڪاڪي جون
ڳالهيون. ڪاڪي جي ديهانت کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ وڪيل
رامچنداڻي اَچي منهنجي گهر پهتو. چيائين مان ڪاڪي
ڪندن مل جو وڪيل آهيان. ڪاڪو پنهنجي اَڪائونٽ جو
اوهان کي ٽرسٽي مقرر ڪري ويو آهي. هن وقت تائين
ڪاڪو هر مهيني منهنجي صحيءَ سان گيان پرڪاش ٻڌا
آشرم کي پنجويهہ هزار رپيا مهينو موڪليندو هو. ڪاڪي جي
وصيئت نامي مطابق هاڻ هن مهيني کان ڪاڪي جي سماج
سيوا جو ڪم اوهان کي سپرد ڪيو ويو آهي. اهو اوهان جي
اختيار ۾ آهي تہ ڪهڙي سنستا کي توهان ڪيتري رقم
موڪليو. پر ڪاڪي جي سموري رقم ڌرم ڪاتي ۾ ڪم اَچڻي
آهي. مون پڇيو: ڪاڪي جي اَڪائونٽ ۾ رقم ڪيتري جمع
آهي. وڪيل صاحب وراڻيو ”پنجاهہ لک رپيا“. دل مان آواز
آيو: ”سچ ۽ سيوا جنهن جي ساهہ ۾، سي آديسي اُٿي ويا.“

ڪري ويھو. شري رامچنداڻيءَ ھنن کي سمجھائيندي چيو.
سيٺ صاحب جي وصيعت نامي سان گڏ سيٺ جا ھٿ اکري
لکيل ٻہ رقعا يعني ٻہ نوٽس بہ مون وٽ آھن. جنھن مان ھڪ
اڄ پڙھڻ جي ھدايت ڪيل آھي ۽ ٻيو نوٽ سيٺ جي ٻارھي
جي ڏينھن پڙھيو ويندو. سيٺ پرمانند جو پھريون نوٽ مان
پڙھي رھيو آھيان.

”سنتان ھر انسان لاءِ ھڪ الھامي نعمت آھي. انسان
جو فرض آھي تہ پنھنجي اولاد جي پوريءَ ريت پرورش
ڪري ۽ کين پوري تعليم ڏي. ھنن کي پيار دلار ڏي ۽
سڀ کان وڌيڪ تہ کين سٺا سنسڪار ڏي. ھن کي سچ جي راہ
ڏيکاري. جيئن ٻار پنھنجن پيرن تي پختو بيھي سگھي.
سماج جي سيوا ڪري سگھي ۽ ديش جو ڳاٽ اوچو رکي
سگھي. ان لاءِ ماءُ جي وڏي جوابداري آھي. سچ چيو اٿن:
”اُھا آھي ماءُ جا ڏئي سک ۽ ساہ. ٻارن جون خواھشون
پوريون ڪرڻ، ھنن جي انگل آرن سھڻ وقت مائٽن کي ٻارن
جي ضد اَڳيان جھڪڻ نہ گھرجي. ڪاءُ مڻ وڄاءِ نہ ڪڻ. سڀ
کان وڌيڪ مائٽن کي ٻارن جي بھبودي ۽ سماج جي ڀلائي جو
خيال رکڻ گھرجي. مون سنو آھي. شانتي جي پنھنجي لاڏلي
جي ضد اڳيان سر نہ جھڪائي ھا تہ اسان ھي سڀ نہ
ڀوڳيون ھا! يل تہ ڪي ان کي وڏاتا جو نالو ڏين پر مان
اِھو سڀ ھڪ جي ھوڏ ۽ ٻئي جو اجايو موہ ئي مڃيان ٿو.
اسان سان جيڪي ٿيو آھي شل ڪنھن سان نہ ٿئي“.

سيٺ پرمانند جو وصيعت نامو ۽ ھڪ رقعو چا
وڪيل صاحب پڙھيو، بس چئني طرفن يون يون ٿي ويئي.
ڪن چيو ”سيٺ پرمانند ھو ئي ضدي ماڻھو. اَجايو ڪٽي
ويچاري شانتيءَ کي پبلڪ ۾ لويو اٿائين. پريت پيڙيءَ ۾
واڻيو ڳورو. ھن کي چا پنھنجو پٽ ڪوڙو ھو. ھن کان نہ
ھڪ يل ٿي. سچ چيو اٿن، تر جي ڳُتي سوءُ جوتون ڪائي. اَڄ

هڪ راھ ويندڙ پورهيت دمپتي اَجل جو شڪار ٿي ويئي. هنن جو اڪيلو پٽ سالن جو ٻار يتيم ٿي ويو. سيٺ پرمانند جي گهر ۾ تہ هاهاڪار ٿي ويو. ڪير ڪنهنجا ڳوڙها اُگهي. سيٺ تہ اِن حادثي لاءِ پنهنجي زال شانتي ديويءَ کي ئي جوابدار ٺهرائيندي هن ڏانهن منهن ئي موڙي ڇڏيو.

سيٺ پرمانند جي چائٿي تي گهر مندر ۾ سوين ماڻهو موجود هئا. پڳڙيءَ جي رسم شروع ٿيڻ کان اڳ سيٺ جو وڪيل شري رامچندائي اُٿيو. پنهنجي ڪيسي مان ڪجھ پنا ڪڍيائين. هڪ اعلان جي نوع ۾ بيان ڪيائين ''مان سيٺ پرمانند جو وڪيل آهيان ۽ ساڻ ساڻ هن جي لکيل وصيعت نامي جوڙ Executive يعني ڪاروبار هلائيندڙ بہ مقرر ٿيل آهيان. سيٺ صاحب موت کان ڪجھ عرصو اَڳ لکت ۾ هدايت ڪئي هئي تہ مان هن جو لکيل وصيعت نامو سندس چائٿي جي ڏينهن عام سڀا ۾ پڙهان. اِهو ئي سبب آهي جو مان اوهان حاضرين جي سامهون بيٺو آهيان. وصيعت‌نامي جو مکيہ مدو آهي تہ سيٺ جي سموري سمپتيءَ جو فقط چوٿون حصو سيٺ جي زال شريمتي شانتي ديويءَ کي ڏنل آهي. ملڪيت جو ٻيو چوٿون حصو سماج ڪلياڻ ڪارج لاءِ رکيل آهي ۽ ملڪيت جو باقي اڌ، سيٺ جي گود ورتل پٽ پرڪاش کي ڏنو ويو آهي. پرڪاش هن وقت پوني ۾ هڪ بورڊنگ اسڪول ۾ پڙهي رهيو آهي.

سيٺ پرمانند جو ڀاءُ اُتي بيٺو. شري رامچندائيءَ ڏانهن آڱر ڪڻندي چيائين: ''اِها سموري لُٽ آهي. سڀ ڏارين کي! ڀائرن ۽ ڀينرن جو بہ ڪو حق ٿيندو آهي. اِهو پرڪاش ڪير آهي ۽ دادا هن کي ڪڏهن گود ورتو؟ اسان مان تہ ڪنهن کي خبر بہ نہ آهي. اسين وصيعت خلاف ڪورٽ ۾ ويندا سين''. پاڙي ولوڙڻ مان مَڪڻ ڪونہ نڪرندو. سيٺ جي وصيعت بلڪل قانون پٽاندڙ آهي. اوهان چپ

پڙهڻ شروع ڪيائين: ”چار سال اڳ ونود جيڪو موٽر سائيڪل جو حادثو ڪيو، اُهو مون اکئين تہ ڪونہ ڏٺو هو پر پوليس جي رڪارڊ ۽ شاهدن جي زبانيءَ مان ڄاڻ پيئي. دل کي سخت ڌڌڪو آيو. ونل گائڪواڊ نالي شخص پنهنجي زال انسويا سان ممبئي ۾ هڪ بلڊنگ ڪانٽريڪٽر وٽ مزدوريءَ لاءِ ناسڪ مان آيل هو. پنهنجي اٺن سالن جي پٽ پرڪاش کي ڳوٺ ۾ ڪنهن مائٽ وٽ ڇڏي آيو هو. اُن ڏينهن شام جو ڇهين بجي ڪم پوري ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي ٻئي ٻار لاءِ ڪجهہ ڪپڙا خريد ڪرڻ لاءِ مارڪيٽ ڏانهن وڃي رهيا هئا. ڪارٽر روڊ پار ڪري رهيا هئا جو هنن جي نظر تيز رفتار سان ايندڙ ونود جي موٽر سائيڪل تي پيئي. هنن کي ٽيڪ ٿي ويئي تہ هو ٻئي پنهنجي جان بچائي ڪونہ سگهندا. بس ٻئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾ سمائجي ويا. ڪال اچي هنن مٿان ڪڙڪيو. ونود بہ ڏهہ فوٽ دور وڃي فوٽ پاٿ تي ڪريو. پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو. موٽر سائيڪل وچ روڊ تي ڀبون حالت ۾ پيئي هئي. خون جا ڌٻا هِتي هُتي هئا.

مان ڪنهن لاءِ ماتم ڪيان؟ پنهنجي جوان پٽ ونود لاءِ! يا ٻن اڻ ڄاتل انسانن لاءِ، جي راهہ ويندي اجل جو شڪار ٿيا! يا اُن ٻار لاءِ جو زندگيءَ پر راهہ ۾ پيءُ ماءُ جو اوسيئڙو ڪندو ۽ اُهو اوسيئڙو ڪڏهن بہ پورو ڪونہ ٿيندو. ڪير هن ٻار کي موت جي معنيٰ سمجهائيندو. مردا مساڻن مان تہ ڪونہ موٽندا! ڪير هن جا ڳوڙها اُگهندو!

پنهنجي جوان پٽ کي تہ وڃايو اٿم پر هن ابهم ٻار جو ٻالپڻو وڃائڻ نٿو چاهيان. هن ٻار پرڪاش کي گود ورتو اٿم. هن لاءِ پنهنجي ملڪيت جو اَڌ حصو وصيعت نامي ۾ درج ڪيو اٿم. شري رامچنداڻيءَ کي ٻار جو سنڀاليندڙ مقرر ڪيو اٿم. ٻڏندڙ کي ڪک جو آسرو. متان سمجهو تہ مان پرڪاش ڏانهن ڪا اُدار دلي ڏيکاري آهي. نہ! بلڪل نہ!

ڪالهہ جا ٻار آهن ئي هوڏي. هنن کي ٻهرجي ترڪ ۾ نئي بهشت. ڪير ٿو هنن سان سينو ساهي سگهي.''

ڪن وري چيو ''اَڙي ڀائي تقدير جي لڪٽيءَ کي تدبير ڇا ڪندي. اَجايو آهي ڪنهن کي ڏوهہ ڏيڻ. بس سڀ ڏسڻو آهي.''

پر سڀ کان وڏيڪ چوٻولو اٿيو سيٺ جي ڳود ورتل ٻار تي، جنهن کي ڪروڙن جي ملڪيت جو اَڌ حصو مليو هو. اهو پرڪاش ڪير آهي؟ جنهنجي خبر گهر جي ڀاتين کي بہ ڪونہ آهي. سنڌي آهي يا غير سنڌي؟ هن جا اصلوڪا مائٽ ڪير آهن؟ ڪن تہ اِها بہ سُس پس پئي ڪئي تہ سيٺ جو ڪيترن سالن کان ڀاڀي شانتيءَ سان ڪو رشتو رهيو ئي ڪونہ هو. هوندو ڪو سيٺ جي عشق جو چڪر. اڙي بابا هنن شاهوڪارن جا شوق بہ نرالا. ڀل ڀاڻ کي ڪيترو بہ ڍڪين پر عطر ۽ عشق نہ لڪن، توڙي حيلا ڪجن هزار. ڪير پڇي؟ جيڪو پڇي سو مُسي- هاڻ تہ سيٺ بہ هليو ويو. ڪير ڏيندو جواب؟ ٻين کي ٿو اُصول سيکاري. پاڻ تہ پنهنجن کي پريشان ڪري هليو ويو. بس! جيترا منهن هئا، اوتريون ڳالهيون هيون. سڀني پئي پتر اُڇليا.

ٻارهين جي ڏينهن هوَن بہ ٿيو. ٻانيڻ بہ ڪائي ويا. باقي پنهنجا سڳا سنبنڌي ماني کائڻ لاءِ ترسيل هئا. سڀني جون اکيون وڪيل رامچنداڻيءَ تي هيون. ڪڏهن ٿو سيٺ جو بيون نوٽ پڙهي. سڀني کي اون هئي اِهو سڀ ڄاڻڻ جي تہ ڇا سيٺ پنهنجي بئي نوٽ ۾ پنهنجي جيون جو ڪو راز ظاهر ڪندو؟ پرڪاش ڪير آهي؟ هن جو سيٺ سان ڪهڙو سنبنڌ آهي؟ ڇا سيٺ جا مت مائٽ پرڪاش کي اَڌ ملڪيت جو حقدار تسليم ڪندا؟ يا ڪو ڀنيت ٻرندو؟

نيٺ وڪيل صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿيو. سڀني کي شانت رهڻ جي هدايت ڪري سيٺ جو هٿ لکيل رقعو

بي نام رشتا

صبح جو سدا جي گهر ۾ فون جي گهنٽي وڳي. فون چندر جو هو. چيائين ”سدا! مان چاهيان ٿو ته تون ۽ ڪمل، اَڄ رات ماني مون سان گڏجي کائو.“

چندر جو سڪ پريو سڏ ٻڌي، سدا ڏاڍو خوش ٿي. چيائين ”چندر! تون تڪليف ڇو ٿو ڪرين؟ تون پاڻ روز هوٽل ۾ ماني کائين، اها مونکي خبر آهي. منهنجي مرضي آهي ته اَڄ رات تون هِت هلي اَچ، ماني گڏجي کائينداسين. توسان ملئي به گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. ڪمل به توکي ياد ٿو ڪري. هاڻي نه، نه ڪجهه.“

چندر سدا کي نه ڪونه ڪري سگهيو. شام کان ئي سدا ۽ ڪمل، چندر جو انتظار ڪري رهيا هئا. ڪمل مسڪرائيندي زال کي چيو ”سدا! سڳو سالو صاحب سنيل ته اسان کي وساري وينو آهي. ڪڏهن پلئي پلائي به ٽيليفون ڪونه ڪري. وري به شاباس آهي هن چندر کي جو بي نام رشتي جو ننگ نڀائيندو ٿو اَچي. سدا هڪ ٿڌو ساهه پريندي چيو. ”سچ ٿا چئو. اَڄ رشتن ۾ ڇا رکيو آهي، ڪنهن کي فرصت آهي جو ڪنهنجو حال احوال پڇي؟ سڀ رشتا کوکلا ٿي پيا آهن. ڪم نڪتو ڏکڻ وسريو. سڀ بيني کي سلام ٿا ڪن. شاهوڪار جا سالا گهڻا، غريب جو پيٽيويو به ڪونه.“

سدا هاڻ چندر بابت ئي سوچي رهي هئي. چندر، ممبئي جي پسگردائيءَ ۾ آٽو رڪشا هلائيندو آهي. پڙهيل، بي.اي. پاس، سني سياءُ وارو، فهميدو، آدرش وادي، پراون پنهنجو ۽ سهڻو نوجوان آهي. هيءَ ڇهه مهنا اَڳ جي ڳالهه آهي. سدا، چيمبور ۾ هڪ گهر ۾ پيئنگ گيسٽ ٿي رهندي

سنسار ۾ ماءُ پيءُ جي برابر ڪا بہ ايشوري سوغات نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو ماءُ پيءُ جو ملهہ ڪٿي سگهي ٿو. منهنجي پرڪاش کي ڏنل رقم تہ برابر آهي.

انسان خطا جو گهر آهي. منهنجي شانتي ديويءَ ۽ گهر جي سڀني ڀاتين کي صلاح آهي تہ منهنجي موٽ پڇاڙا هو پرڪاش کي پنهنجي گهر جو هڪ ڀاتي ڪري تسليم ڪن. هن ٻار کي مرحوم ونود جي جاءِ تي ڪري سمجهن. هن کي پنهنجو پيار دلار ڏين. هن کي ڪڏهن بہ پنهنجي ماتا پتا جي ڪمي محسوس ٿيڻ نہ ڏين. ها! جي اِهو سڀ ڪرڻ هنن لاءِ ممڪن نہ آهي تہ پوءِ خدا جي واسطي هن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏين. پنهنجي زندگي پاڻ جيئڻ جو حق هر انسان کي آهي. پيسي جي لالچ جي وس ٿي، اوهان سڀ هن جي راهہ ۾ رنڊڪون پيدا نہ ڪجو.

رامچنداڻي صاحب، سيٺ پرمانند جو لکيل رقعو پڙهي اچا پنهنجي ڪرسيءَ تي بہ ڪونہ ويٺو هو تہ گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ ٻڪ ڏنو ”واهہ دادا جا سڏانت! پنهنجا ويا وسري، ڏاريا لڳا مصري!“

ڪجهه سمجهي ويو. ايتري ۾ ايمبولنس به اچي پهتي.
چندر سڏا کي اسپتال داخل ڪيو. پاڻ سڀ ڪجهه ڀلائي
ڏينهن رات سڏا جي سيوا ۾ رهيو. ڊاڪٽرن به وسان ڪونه
گھٽايو. نيٺ ڦڪين فرق ڪيو. ٽئين ڏينهن صبح جو جڏهن
سڏا جو بخار ٽٽو ۽ هن اکيون کوليون ته پنهنجي سامهون
آٽو رڪشا ڊرائيور چندر کي ڏٺائين. سڏا، چندر کي ڏسي حيران
ته ضرور ٿي هئي؛ چندر ڪيس حالتن کان واقف ڪيو. سڏا
جي اکين ۾ شڪرگذاريءَ جا ڳوڙها تري آيا. هن هر هر ٿي
چندر جا ٿورا مڃيا. چندر جڏهن سڏا کان سوال ڪيو
''اوهانجي صحت بابت ڪنهن کي ڪنهن کي اطلاع ڏيڻو
آهي؟'' تڏهن سڏا فقط ايترو ئي چيو ''منهنجو هاڻ ڪير
آهي؟ ڪنهن کي به اطلاع ڏيڻ جي ضرورت ڪونه آهي.
منهنجي ڪنهن کي به ضرورت ڪونه آهي. ڪمل کي به نه.
سڏا منهن ورائي سمهي پيئي. سڏا جي هن مختصر جواب
مان چندر کي ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه آيو. پر ايترو ته
ضرور سمجهي ويو ته سڏا پڪ ئي پڪ پنهنجن جي ستايل
آهي. پر هيءُ ڪمل ڪير آهي؟

ٻن ڏينهن بعد سڏا پنهنجي گهر پهچي ويئي. هن
کي چندر جي نيڪ نيت ۽ انسانيت ۾ وشواس ڄمي ويو هو.
پر چندر سڏا جي ماضيءَ بابت پريشان هو. هن ڄاڻڻ ٿي
چاهيو ته سڏا کي ڪهڙو درد پريشان ڪري رهيو آهي. چندر
جي زور ڀرڻ تي سڏا چلڪي پيئي ۽ پنهنجي جيون جو درد
ڀريو داستان ٻڌائي ئي ويئي.

سڏا ۽ ڪمل جي شاديءَ کي اَڃا هڪ سال مَسَ ٿيو
آهي. ڪمل هڪ بئنڪ ۾ ڪلارڪ آهي ۽ سڏا هڪ اسڪول ۾
ماسترياڻي. سڏا جي پيڪي گهر ۾ آهي هن جي ماءُ ۽ شادي
ڪيل ڀاءُ، جنِ جو غريبيءَ ۾ گذران ٿي رهيو آهي. سڏا جي
ساهري گهر ۾ آهي هن جي سَسُ ۽ نڻان، جن لاءِ پيسو

هئي. دادر جي اسڪول ۾ آڏياپڪ هئي. صبح جو ستين بجي سٽيشن پهچڻ لاءِ آٽو رڪشا جو سهارو وٺندي هئي. هڪ ڏينهن گهر ٻاهران ئي ڪيس چندر جي آٽو رڪشا ملي ويئي. هن چندر کي چيو ”مان روز سٽيشن وڃڻ لاءِ گهر مان نڪرندي آهيان. صبح جو آٽو رڪشا ملي ئي ڪونہ ٿي. تون روز صبح جو ستين بجي منهنجي گهر وٽ اَچي سگهندين.“

”مئڊم! مان ڪوشش ضرور ڪندس“ چندر وراڻيو. چندر جڻُ هڪ نيم ٺاهي ڇڏيو. هو روز صبح ستين بجي سڌا جي گهر ٻاهران اچي بيهندو هو. اِن سلسلي کي اَٺ ڏينهن ٿي ويا. انهن اٺن ڏينهن ۾ سڌا ۽ چندر جي فقط ايتري ئي واقفيت هئي. سڌا روز رڪشا ۾ ويهندي هئي. چندر ميٽر چالو ڪندو هو. رڪشا هوا سان ڳالهيون ڪندي سٽيشن پهچندي هئي. سڌا پرس مان ڏهن رپين جو نوٽ ڪڍي چندر جي هٿ تي رکندي هئي ۽ ممبئي جي ڀيڙ ۾ سمائجي ويندي هئي. چندر ڪا ٻي سواري ڪٽي نڪري پوندو هو ممبئيءَ جي وشال سڙڪن تي.

اُهو سومر جو ڏينهن هو. چندر هميشه جيان صبح جو ستين بجي اَچي سڌا جي گهر ٻاهران بيٺو، پر سڌا جو پتو ڪونہ هو. اَڌ ڪلاڪ جي انتظار کان پوءِ چندر هڪ ٻي سواري ڪٽي روانو ٿي ويو. منگل جي ڏينهن بہ چندر جي ساڳي ئي حالت ٿي. ٻڌر جي ڏينهن چندر همت ڪري سڌا جي گهر جي دروازي تائين پهچي ويو. در تي هڪ ٻڍي عورت انتظار ۾ بيٺي هئي. چندر کي ڏسي سوال ڪيائين ”ايمبولنس اچي ويئي؟ سڌا منهنجي گهر ۾ پيئنگ گيسٽ ٿي رهندي آهي. ٽن ڏينهن کان کيس بخار آهي. اَڄ تہ صبح کان بيهوش پيئي آهي. مان ٻڍي زال ڀلا ڇا ٿي ڪري سگهان؟ ان لاءِ اسپتال ۾ ايمبولنس لاءِ فون ڪيم. اسپتال ۾ دوا درمل ٿيندس تہ جلد ٺيڪ ٿي ويندي. چندر هاڻ سڀ

آهي، هوءَ هنن حالتن لاءِ ڪنهنکي به ڏوهه ڪونه ڏيئي رهي آهي. جي ڪو جوابدار آهي ته اهو آهي اسانجو انڌو ٻوڙو ۽ گونگو سماج، جو نه ڪجهه ڏِسڻ لاءِ تيار آهي، نه ٻڌڻ لاءِ سمرٿ آهي ۽ نه ئي ڪو آواز اُٿارڻ جي ان ۾ شڪتي آهي. سڌا کي انتظار آهي ته فقط وقت جو. هن کي وشواس آهي ته وقت ضرور ايندو؛ زمانو ضرور بدلجندو ۽ هر عورت کي سماج ۾ پنهنجا حق پلئه پوندا.

سڌا جو هيءُ داستان ٻڌي، چندر جي من ۾ ڪو احساس جاڳيو. هن جو سڌا سان ڪو بي نام رشتو قائم ٿي ويو. هو رشتي جي جوابدارين کي محسوس ڪري رهيو هو. ٻئي ڏينهن هو لنگهي ويو ڪمل جي آفيس ۾، ڪيس چيائين مسٽر ڪمل! مونکي توسان تنهنجي پتني سڌا بابت ڪجهه ڳالهائڻو آهي. مان سامهون واري هوٽل ۾ تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهيان. چندر جي محڪم آواز مان ڪمل پاڻيي ٿيو ته هاڻ هن جي دال ڪونه ڳرندي، پر هو سمجهي ڪونه سگهيو ته هيءُ سڌا جو ڪهڙو رشتيدار آهي؟

ٻئي هوٽل جي ڪنڊ واريءَ ٽيبل تي ويٺا. ڳالهين جو سلسلو چندر ئي شروع ڪيو. مسٽر ڪمل! توکي ڇا خبر آهي ته تنهنجي ڌرمپتني ٻن مهنن کان گهر ڇڏي هلي ويئي آهي. چيمبور ۾ هڪ هنڌ پيئنگ گيسٽ ٿي رهي پيئي آهي؟ هاڻ پنج ڏينهن اسپتال داخل هئي. مرندي بچي آهي؟

”جناب اوهان ڪير آهيو؟ سڌا سان اوهان جو ڪهڙو رشتو آهي؟ اوهان اسان جي گهرو معاملن ۾ دست اندازي ڇو ٿا ڪريو؟ مونکي پهريائين منهنجن سوالن جو جواب ڏيو“. ڪمل چيو.

”منهنجو نالو چندر آهي، مان سڌا جو هڪ خير خواه آهيان ۽ بس وڌيڪ ڪجهه به نه. اِن رشتي کي بي نام رشتو

آهي ڀڳوان هنن کي گهرجي ڏيئي ليئي. هنن ته پڙهيل لکيل بئنڪ ۾ نوڪري ڪندڙ پٽ ڪمل جو سودو ڪيو آهي. اِن سودي ۾ هو حقدار آهن سڌا جي پيڪن وٽان سڀ ڪجهه طلب ڪرڻ جا. زيور، نقد ناڻو، اسڪوٽر، مڪان ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه. هو سڌا جي پيڪي گهر جي مالي حالت جو ڇو ويچار ڪن! جي ڪين سمرٿي ڪونه هئي ته پوءِ ڌيءُ جي شادي ڇو ڪيائون. هاڻ به سڌا طلاق ڏئي يا پنهنجو پاڻ کي جلائي ڪمل کي شاديءَ جي ٻنڌن مان آزاد ڪندي ته انيڪ ڇوڪريون وڏي ڏيب سان ڪمل سان لائون لهڻ لاءِ تيار ٿي وينديون. ڇوڪرين جي ڪا ڪمي آهي! ڪمل! ڪمل ڇو زال جي پريشانين ۾ شامل ٿئي؟ هو پنهنجي ماءُ کان ڏاڍو ڏڪندو آهي. مجال آهي جو هو ماءُ اَڳيان پنهنجي زبان کولي. هو ڇو سڌا جو پاسو کڻي ۽ ماءُ سان واد وواد ڪري؟ ڪوشش ڪري هو گهر کان ٻاهر رهي. رات گذارڻ لاءِ گهر ۾ اچي. هن جو تکيه ڪلام آهي ”چنتا نه ڪر، سڀ نيڪ ٿي ويندو.“ هو ڇا ڄاڻي پيار محبت مان!

سڌا جي ماءُ يا هن جو پاءُ پاڄائي ڇا ڪن! هنن ته پنهنجي ڌيءُ جي شادي ڪرائي پنهنجي جوابداري پوري ڪئي. هاڻ ان جو منهن جنڊ ڏانهن. ڏيئر پرائو ڌڻ . هنن به سڌا کي صاف جواب ڏنو. چيائون: سڌا توکي خبر آهي ته اسان پنهنجو پيٽ ڪيئن ٿا پاليون! تنهنجي سس جو وات ڦاٽو پيو آهي. اسان ڇا ڪريون؟ تون پنهنجو اٿو مٿو هاڻ پاڻ ڄاڻ. اسان مان ڪابه اُميد نه رکجانءِ!

سڌا جون سڀ راهون بند ٿي چڪيون هيون. هاڻ فيصلو سڌا کي ئي ڪرڻو هو ته هوءَ پنهنجو گهر ڇڏي چيمبور ۾ هڪ پرائي گهر ۾ پيئنگ گيسٽ ٿي رهي. هن جي چهري مان هڪ ڳالهه صاف آهي. هوءَ پاڻ کي ويچاري يا اَبلا نٿي پائي. پنهنجن پيرن تي بيٺل آهي. هن ۾ همت

صبر کي داد ٿو ڏيان. مان تنهنجي بي نام رشتي جو بہ قدر ٿو ڪريان. مونکي ٿورو وقت گهرجي. مان، سڌا ۽ پنهنجي ماءُ سان گڏجي ڪو رستو ڳولڻ چاهيان ٿو. مونکي پڪ آهي سڀ نيڪ ٿي ويندو" چندر مسڪرائيندو اُٿي کڙو ٿيو. ڪمل پنهنجو قول پاڙيو. هاڻ سڌا ۽ ڪمل گڏ پنهنجي گهر ۾ رهندا آهن.

سڌا جي ويچارن جو وهڪرو تڏهن ٽٽو، جڏهن در تي گهنٽي وڳي. سڌا ڇرڪ ڀري اُٿي کڙي ٿي. چيائين "پڪ ئي پڪ چندر آيو آهي." ماني کائيندي چندر چيو "سڌا مان توکي هڪ خوشخبري ڏيڻ ٿو چاهيان. مان سياڻي کان پنهنجي ماءُ ۽ پاپيءَ سان گڏ رهڻ لاءِ باندرا وڃي رهيو آهيان. مون جڏهن B.A پاس ڪئي تڏهن منهنجي وڏي ماءُ چيو "هاڻ وڏو ٿي ويو آهين. تون پنهنجن پيرن تي پاڻ بيهہ. اسانجي مٿان ڪيترو پاڙيندين." پاپيءَ چيو" اسانجو گهر ٻن ڪمرن جو، تون پنهنجي رهڻ جو بندوبست بہ پاڻ ڪر".

مون چيمبور جي هڪ جهوپڙپٽيءَ ۾ ڪمرو مسواڙ تي ورتو. بئنڪ کان قرض وٺي آٽو رڪشا خريد ڪيم. ٻن سالن بعد ڪالهہ دادا ملڻ آيو هو. چيائين پئي "چندر! توکان سواءِ سان اُباڻڪا ٿي پيا آهيون. ننهن کان ڪو ماس وڇڙندو آهي ڇا! تون گهر هلي اَچ. جاءِ سوڙهي آهي تہ ڇا، دل سوڙهي نہ هجي". سڌا! رشتا تہ رشتا آهن. انهن کي نپائڻو تہ آهي ئي ـہ !

سڏي سگهجي ٿو. هر رشتي کي نالو نٿو ڏيئي سگهجي. ڪي رشتا اهڙا ٿين ٿا جي نالي جي دائري کان هميشه ٻاهر رهن ٿا. اِهي رشتا نازڪ آهن. انهن رشتن کي فقط ڀاونا جي گهرائي ۾ سمجهي سگهجي ٿو ۽ نه ڪوڪلن نالن ذريعي. تنهنجو ته سڏا سان پتيءَ جو رشتو آهي. تون سڏا جو خانوند آهين پوءِ به تون هن جو درد محسوس نٿو ڪري سگهين؟ ڇو؟ پوءِ به تون مونکان پڇي رهيو آهين ته منهنجو سڏا سان ڪهڙو رشتو آهي؟ تون ڇا ڄاڻين رشتن جي مريادا!

چندر جي ڳالهائڻ جي نوع، ڪمل کي ڪجهه پريشان ڪري ڇڏيو. هن کي هاڻ پنهنجن غلطين جو احساس ٿي رهيو هو.

هن جهيڻي آواز ۾ چيو ”چندر! مونکي حالتن جو علم آهي. منهنجي ماءُ ۽ منهنجي ڀيڻ جو سڏا سان وهنوار نيڪ نه آهي. مون سمجهيو هو ته سڏا پنهنجي سر حالتن جو مقابلو ڪندي. پر ائين ٿيو ڪونه! هوءَ ته پاڻ گهر ڇڏي حالتن کان پاسو ڪري هلي ويئي. منهنجي لاءِ ته جنڊ به ڳورو آهي ته پُڙ به ڳورو آهي. مان ڇا ٿو ڪري سگهان. پر مونکي وشواس آهي ته سڀ نيڪ ٿي ويندو.“

چندر هڪ ٿهڪ ڏيندي چيو سڀ نيڪ ڪيئن ٿي ويندو؟ سڏا چاهي ها ته قانون جو سهارو وٺي اوهان جي سڄي ڪٽنب کي جيل اُماڻي سگهي ها. اوهان جي نوڪري خطري ۾ وجهي سگهي ها. پر هن ته اوهان سيني سان ڀال ڀلايا آهن ۽ هميشه پاڻ سنو آتس. مسٽر ڪمل! سڏا ته پنهنجو فرض پاليو آهي. هاڻ توکي پنهنجو فرض پالڻو آهي. سڏا جي حقن جي حفاظت ڪرڻ تنهنجو فرض آهي. مان ته فقط توکي تنهنجو ڪرتويه ياد ڏيارڻ لاءِ هت آيو هوس.

ڪمل هاڻ شرمسار ٿيڻ لڳو. چيائين ”مان سڏا جي

هوندو هو. پر پون هو هميشه کلمک، سڀ کل ۾ اُڏائي
ڇڏيندو هو. کلندي کلندي پنهنجو هٿ دوستن کي ڏيکاريندو
هو. ''ڏسو يارو منهنجي هٿ ۾ غلاميءَ جي لڪير آهي ئي
ڪون. زالن جي غلامي اوهان کي مبارڪ. مان اڪيلو ئي
ڀلو.'' پوءِ سڀ ٺهڪ ڏيئي کلندا هئا.

اُهو ڇنڇر جو ڏينهن هو. پون کي آفيس مان موڪل
هئي. هو پلنگ تي ليٽي اخبار پڙهي رهيو هو. فون جي
ٽهنتي وڳي، فون پون جي دوست ونود جو هو. چيائين
''پون! هِڪَ هفتي لاءِ مان آزاد آهيان. زال پيڪي ويل آهي.
دا! آزاديءَ جو جشن نہ منائڻ ئي گهرجي نہ! اَڄ شام جو
سان ٻئي گڏجي گهمڻ هلنداسين.'' ''پر بہ اسين هلون ڪٿي
نا؟'' پون سوال ڪيو. ''اِهو راز آهي! '' هڪ ٺهڪ ڏيئي ونود
فون رکي ڇڏيو.

پون جي نہ نہ ڪندي بہ ٻيئي دوست رات جو 9.00
ڄجي اَچي هڪ ڊانس بار ۾ ويٺا. بار جي اندر محفل مٺل
هئي. ٽيبل تي بيئر ۽ ڇهر رکجي ويئي. پاپ ميوزڪ فضا ۾
ٿونججي رهيو هو. اِسٽيج تي انيڪ سندريون اَدا سان جهومي
رهيون هيون. ڪي سندريون جدا جدا ٽيبلن تي وڃي ويٺل
مهمانن کي ناز نخري سان ريجهائي رهيون هيون. اِهو بہ
منورنجن جو هڪ ڍانءُ آهي. سنگيت هو، جوڀن هو، کل ۽
خوشي هئي. هڪ نرتڪي سنگيت جي تان تي لهرائيندي
نزاڪت ۽ نفاست سان اَچي پون جي پاسي ۾ پيل خالي
ڪرسيءَ تي ويٺي. هڪ سريلو ننڍو ٺهڪ ڏيئي پون جي هٿ
ي هٿ رکي پابوه مان چيائين ''هيءُ سک پَل وري واپس نہ
ايندا. آنند ماڻيو. زندگي ٻن ڏينهن جي سوغات آهي.'' اِهو
سڀ هوءَ اَڏ کلندي، اکيون ٽم ٽمائيندي هڪ اَنوکي اَدا سان
چئي ويئي ۽ لوڏ سان ڪنڌ جهڪائي، آداب ڪندي ٻي
ٽيبل تي هلي ويئي.

مرجهايل گل

شانتي ديوي حيران ۽ پريشان آهي. هن جي سڪيلڏي پٽ پوَنَ جي شاديءَ ۾ دير پئجي ويئي آهي. ڇوڪر نہ سهڻو، سنو ۽ ٺاهوڪو آهي. پنهنجي نوڪريءَ تي آهي. ڪنهن ملٽينيشنل ڪمپنيءَ ۾ هيڊ ڪلارڪ آهي. پوءِ بہ اَلائي ڇو ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڪلارڪ ڇوڪرو پسند نہ آهي، تہ ڪڏهن پوَن کي ڇوڪريءَ جو ڊول ۽ رنگ روپ پسند نہ آهي. مطلب تہ ليک ۾ ميک آهي. هاڻ تہ پوَن جي عمر بہ اچي پنجٽيهہ سال تي آهي. هن سان ڪاليج ۾ گڏ پڙهندر سندس دوست تہ ٻارن ٻچن وارا تي ويا آهن. شانتي ديويءَ بہ انيڪ مندر مڙهيون پيٽيون آهن؛ جوشين، ٻانيٽن جي درن تي جتيون گسايون آهن، هاڻ ڪو الله راضي ٿئي، جو هڪ مان بہ ڪري. هڪ جوتشيءَ جڏهن شانتي ديويءَ کي چيو ”اَما تنهنجي پٽ جي چنيءَ ۾ تہ وواه جو يوگ لکيل ئي ڪونهي.“ تڏهن تہ هن جا ڇهہ ئي ڇڄي پيا. گهر ۾ بہ جڻا، هڪ پاڻ ۽ ٻيو هن جو پٽ. پيئي سوچيندي، هئي تہ هي ڀڳوان! ڇا منهنجي اڱڻ ۾ ڪڏهن ڪنوار جي پايل جي جهنڪار ڪونہ ٿيندي! گهر ۾ ڪڏهن ٻار جي اوئان اوئان ڪونہ ٿيندي! منهنجو پوَن اڪيلو سڄي زندگي ڪيئن گهاري سگهندو!“

آفيس ۾ ۽ پوَن جي يارن دوستن ۾ بہ اِهو ئي ڇوٻول تہ پوَن جي شادي ڇو ڪين ٿي ٿئي؟ جيڏا، منهن تيڏيون ڳالهيون. هيٺي جي درت تي، هرڪو نڪر پڇي. شادين مرادين ۾ يا پارٽين ۾ ڳالهہ ٻولهہ جو مرڪز هميشہ پوَن ئي

’’پون. پون رامچنداڻي‘‘

ٻئي ڏينهن شام جو نانا ناني گارڊن ۾ ٻيئي اَچي ڪنڊ ۾ پيل هڪ بينچ تي ويٺا. ڳالهائڻ جو سلسلو پون ئي شروع ڪيو. گيتا تون مونکي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌاءِ. ’’ڇا ڪندين ٻڌي‘‘ گيتا وراڻيو.

’’مان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان. ڪابه ڇوڪري اڄ ڏينهن تائين من کي ڀانءِ نه پيئي آهي. توکي ڏٺم ته اندر مان آواز آيو ته هيءَ ئي ڇوڪري تنهنجي جيون سنگني آهي. بس تنهنجي پنيان هلي آيس. مان تو بابت سڀ ڪجهه ڄاڻڻ ٿو چاهيان.‘‘

گيتا ڪجهه ڪڻ پون جي ڇهري ڏانهن ڏسندي رهي. نيٺ هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري پنهنجو داستان بيان ڪيائين. پتا سرڪاري ڪاتي ۾ هو. پنج سال اَڳ هن جو ديهانت ٿيو. مان اُن وقت ڪاليج ۾ پڙهندي هيس. B.A. پاس ڪيم ته گهر جي سموري جوابداري اَچي منهنجي سِر تي پيئي. گهر ۾ ماءُ ۽ هڪ ڀاءُ آهي، جوهن سال انجنيرنگ ڪاليج ۾ ويندو. هو پوني ۾ رهندا آهن. ممبئيءَ ۾ نوڪريءَ لاءِ هٿ پير هنيم، سڀ هنڌان ننو اکر. ڇا ڪريان؟ هڪ ساهيڙي وٺي آئي ڊانس بار ۾. گهر جو خرچ، ماءُ جو دوا درمل، ڀاءُ جي پڙهائي سڀ کي منهن ته ڏيڻو آهي نه! گهر ۾ چيو اٿم ته ڪال سينٽر ۾ ملازم آهيان. هيءَ به ڪا زندگي آهي! ڊانس بار ۾ ايندڙ سڀ ته تو جهڙا سيبه ڪونه آهن. هر ڪنهن جي نظر ۾ شيطان آهي. بس من ماري پاڻ تي قابو رکي، بناوٽي زندگي جيئڻي آهي. من ۾ هڪڙي ڀاهر ٻي، ڇهري تي ڇهرو چڙهائي جيئڻو آهي. اڳيان پاٺي پويان باه. وڃان ڪهڙيءَ واه.

اهو سڀ چئي گيتا شانت ٿي ويهي رهي. پون ڦڪو مسڪرائيندي چيو : ’’گيتا! تنهنجي آتما جاڳرت آهي. مان

پون جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. هن جي اکين اڳيان
جڻ اونده ڇانئجي ويئي هئي. هن جي ذهن ۾ فقط اُن
نازنين جي شبيه هئي. ڪنن ۾ اُن سندريءَ جا مٺا ٻول هئا.
زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن ڪنهن اَپسرا جو ڇهاءُ محسوس
ڪيو هو. هو سرت ۾ تڏهن آيو جڏهن ونود ٺهڪ ڏيئي پون
جي ڪلهي کي ڌونڌاڙيو.

شڪاريءَ جو تير ته برابر لڳو هو. پکي نه رتو
رت ٿي ويو هو. پر ڦٿڪائي ڦٿڪي رهيو هو. هن سڄي رات
سوچيندي، پاسا ورائيندي گذاري. هن جي اِهائي تمنا ته اُن
اَپسرا سان وري هڪ دفعو مڪاميلو ٿئي. ٻئي ڏينهن شام جو
پون اَڪيلو اُن ڊانس بار ۾ ساڳي ئي ٽيبل تي اَچي وينو. من
۾ هڪ ئي اڪير ته شل دلبر جو ديدار ٿئي. اَکيون اکين سان
چار ٿين. هوءَ اَچي پاسي ۾ ويهي. هن سان دل جو حال اورڻ
جي همت ساري سگهان. ٿيو به ائين، جڏهن پون هيڏانهن
هوڏانهن ڪالهه واري اَپسرا لاءِ واجهائي رهيو هو. تڏهن هوءَ
پردي کي سيريندي اَچي پون جي پاسي ۾ ويٺي. مرڪندي
چيائين. ”جيءُ آيا! نڀ آيا!“ پون پاڻ سنڀالي آهستي سان
چيو ”فقط تنهنجي لاءِ آيو آهيان، ڪالهه توکان تنهنجو
نالو ئي پڇڻ وسري ويو.“ نرتڪيءَ هڪ ننڍو ٽهڪ ڏنو.
”منهنجو نالو گيتا آهي.“

” چو“ مان توسان ٻاهر ملڻ ٿو چاهيان.“

”توسان پيار ڪريان ٿو.“

”اڙي واه! هڪ ئي ملاقات ۾ پيار- تون مون بابت ڇا
ٿو ڄاڻين؟“

”اُهو ئي ته ڄاڻڻ چاهيان ٿو. هاڻ نه نه ڪج.“

گيتا هڪ گهڙي لاءِ ڪجهه سوچيو ۽ چيائين ”نيڪ آهي
سڀاڻي منهنجي موڪل آهي. شام جو ڇهين بجي نانا ناني
گارڊن ۾. اَڙي ها! تو ته پنهنجو نالو ئي ڪونه ٻڌايو.“

ٻُونبج ٻڌڻ ۾ اَچي رهي هئي. سيني کي اُميد هئي تہ بئنڪ
سان قرض بہ بحال ٿي ويندو. بس پوءِ تہ گهر ۾ شاديءَ جا
شادمانا ئي شادمانا هوندا.

11 جولاءِ شام جو گيتا ۽ شانتي ديوي گڏجي چانهن
پي رهيون هيون. هنن وٽ پون جي اَچڻ جو انتظار هو. يڪا
يڪ ٻنهي جو ڌيان سان ٽي.ويءَ. ڏانهن ويو، جنهن تي
انائوسمينٽ ٿي رهي هئي: ”آتنڪوادين ممبئي شهر کي
پنهنجو نشانو بڻايو آهي. لوڪل گاڏين ۾ بمن جا ست
ڌماڪا ٿيا آهن“. انيڪ ڪونڌر ڪسجي ويا آهن. سون ۾
زخمي ٿيا آهن. ٻنهي زالن جي اکين ۾ نير هو ۽ زبان بند،
هنن جون نظرون گهر جي دروازي ڏانهن هيون. ڪڏهن ٿي
دروازي جي گهنٽي وڄي ۽ پون گهر ۾ پيهي اَچي. پر اِئين
ٿيو ڪونہ گهنٽي تہ فون جي وڳي، فون ماهيم پوليس
اسٽيشن وٽان هو. پون جي لاش جي شناخت لاءِ کين سڏايو ويو
هو. هڪ زلزلو ٿيو. اُميدن جا محل اَچي پٽ پيا، رشتن ناتن
جو جوالامکي زوردار آواز ڪري ڦٽي پيو. چئني طرف تہ فقط
ڳوڙهن جي گرم لاوا ۽ لاوا، دلين ۾ هاهاڪار هو. ڀلا ڪير
ڪنهنکي ڏڍ ڏئي ۽ ڪير ڪنهنجا ڳوڙها اُگهي. چائٽي جي
ڏينهن هڪ سرڪاري عملدار پون جي موت جي عيوضي ۾ ٽي
لک رپين جو چيڪ ڪٽي آيو. شانتي ديويءَ جي سامهون ويٺل
هئي گيتا. اَچي ساڙهي، اَيوڳا وار، اکين ۾ آنسو، موڳو چهرو
جيڻ تہ مرجهايل گل، آتنڪواد جنهن جو سڀ ڪجهہ لُٽي
ڇڏيو هو. شانتي ديويءَ روئندي چيو: ”پٽ گيتا! هيءُ
ڏس، پون جو اُتان سنديش آيو آهي. هن ڪاليج جي فيءَ
جو بندوبست بہ ڪري ڇڏيو آهي. هيءُ وٺ هن جو چيڪ.“
گيتا جو هڪ دبيل سڏڪو ئي ٻڌڻ ۾ آيو ۽ بس!

تنهنجي همت کي آفرين ٿو ڏيان. تنهنجو هم سفر ٿيڻ ٿو چاهيان. هر مشڪلات ۾ تنهنجو ساٿ ڏيڻ ٿو چاهيان . تون پنهنجو فيصلو ٻڌاءِ. گيتا پنهنجو ڪنڌ پون جي ڪلهي تي نمائي ڇڏيو.

وقت گذرندو رهيو. گيتا هاڻ پون جي مهرباني سان ملتي نئشنل ڪمپنيءَ ۾ ڪلارڪ آهي. هن جو ڀاءُ H.S.C. جي امتحان ۾ پاس ٿيو آهي. انجنيرنگ ڪاليج ۾ داخلا ملڻ جو ڪيس انتظار آهي. گيتا ڪاليج جي في وغيره لاءِ بئنڪ ۾ ٻي لک رپين جي قرض جي درخواست وڌي آهي. پون ماءُ شانتي ديوي به پون ۽ گيتا جي شاديءَ لاءِ رضامند آهي. هن جي نه فقط اِها ئي آس آهي ته هنجي جيئري پون جي شادي ٿئي، پر هوءَ گهر ۾ ٻار جي اوئان اوئان به ٻڌي.

گيتا جو اِهو ئي ضد ته هوءَ لائون تڏهن لهندي جڏهن پنهنجي اهم جوابدارين کان مڪت ٿيندي يعني جڏهن هن جي ڀاءُ کي انجينرنگ ڪاليج ۾ داخلا ملندي. پون کي به گيتا جي اِن فيصلي تي فخر آهي پر ماءُ جي دل پريشان آهي. مس مس کو رشتو نهيو آهي، ۽ هاڻ هن ڇوڪريءَ جو هٺ! شانتي ديويءَ جي ڪنن ۾ جوتشيءَ جا اکر گونججي رهيا هئا. ”اَما تنهنجي پٽ جي جنمپتريءَ ۾ وواه جو يوگ لکيل ئي ڪونه آهي.“ اِها گونج هن کي حيران پريشان ڪري رهي هئي. ڪنهن سان پنهنجي اندر جو حال اوري. نه پون کي ڪجهه چئي ٿي سگهي ۽ نه ئي پرائي ڌيءُ پنهنجي هوڏ تان هيٺ لهڻ لاءِ تيار هئي.

نيٺ 10 جولاءِ تي انجنيرنگ ڪاليج مان گيتا جي ڀاءُ کي داخلا جو خط به اَچي ويو. خط ۾ انن ڏينهن اندر ٻي لک ڀرڻ جي هدايت به ڪئي ويئي هئي. سيني جي چهري تي خوشي هئي. شانتي ديويءَ کي دور کان شهنائين جي

سوچي چيو ”هڪ اَڻ هوند، ٻيو افعال بڇڙا. ڪوڙن قصن
ڪڻ مان ڪهڙي هڙ حاصل! نر معنيٰ ناڻو. اَڄ ناڻي بنا نر به
يگاڻو آهي. ناڻي لاءِ گهرجي ڏنڊو ۽ واپار. اِهي پنا ڪارا
ڪرڻ آهي وقت جو زيان. تون ان چندر کي سياڻي مونسان
ملڻ لاءِ چئيس. سڏا! تون هاڻي سڀ مونتي ڇڏي ڏي.“

”جي بابا“ چئي سڏا ته ڪنڌ جهڪائي ڪاليج ڏانهن
رواني ٿي ويئي. ٻئي ڏينهن منجهد ٽاڻي چندر اَچي سيٺ
رامچنداڻيءَ جي آفيس ۾ پهتو. رامچنداڻيءَ ٽيبل تي رکيل
فائيل پاسيرو رکي چندر سان گفتگو شروع ڪئي.

”چندر ممبئيءَ ۾ تون ڪٿي رهندو آهين؟“

”ڪرلا ۾ هائوسنگ بورڊ جي هڪ ڪالونيءَ ۾ هڪ
ڪمرو اَٿم.“

”تنهنجو ماءُ ۽ پيءُ؟“

”منهنجو پيءُ رٽايرڊ آهي. پوني جي ويجهو پمپري
ڪالونيءَ ۾ رهندا آهن.“

”تنهنجو آئينده؟“

”منهنجو آئينده روشن آهي. نوڪري اَٿم. لکي رهيو
آهيان ليکڪ کي محنت ڪرڻي پوي ٿي. وقت لڳندو، مان
هڪ ڏينهن ضرور ڪامياب ليکڪ ٿيندس.“

”سڏا سان شادي ڪرڻ لاءِ توکي مون وٽان ڪيتري
ڏيتي ليتي گهرجي؟“

”بلڪل نه! اسان ٻيئي هڪ ٻئي کي پيار ڪريون ٿا.
تمام سادي نموني شاديءَ جي رسم ڪرڻ چاهيون ٿا.
اسانکي فقط اوهانجي آسيس گهرجي.“

”چندر! جيڪڏهن توکي مان پنهنجي آفيس ۾
مئنيجر جو عهدو ڏيان ته“

”نه! مهرباني. مان ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي لکڻ جي
فن کي پيسي لاءِ قربان ڪرڻ نٿو چاهيان. لکڻ منهنجي لاءِ

ڀھروپي

نيڻ مليا ٽي چار- ته دل ۾ جاڳي پيار. سڌا جي اهائي حالت هئي. هن جا نيڻ مليا چار ٽيا هئا چندر سان ۽ پاڻ ۾ شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هئائون. سڌا ڪي رضامندي گهربي هئي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي. رامچنداڻي صبح جو نيرن ڪري رهيو هو. هن جي ڏيءُ سڌا اچي سندس پاسي ۾ ويٺي.

”بابا! مونکي ڪجهه چوڻو آهي.“

”ڇا بابت؟“

”پنهنجي شاديءَ بابت.“

”راڌا! هيڏانهن اچ، ٻڌ پنهنجي لاڏليءَ کي. هوءَ هاڻ وڏي ٿي ويئي آهي. سڀ فيصلا پاڻ ڪري رهي آهي.“ رامچنداڻيءَ زال کي سڏ ڏنو. راڌا اچي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويٺي. سڌا آهستي سان چيو ”بابا! مان فيصلا پاڻ ڪٿي ڪري رهي آهيان؟ مان ته سڀ اوهان جي رضامنديءَ سان ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”ڪير آهي ڇوڪرو؟“ رامچنداڻي پڇيو.

”چندر ڪمار. مون سان گڏ ايم.اي. ڪري رهيو آهي. هڪ اسڪول ۾ وائيس پرنسپال آهي ۽ ساڻ ساڻ هڪ ليکڪ آهي. سڌا وراڻيو.

”يعني ته کو ڏنڊو ڏاڙهي ڪونه اٿس.“ رامچنداڻي طنز ڪندي چيو.

”نه نه! هو ليکڪ آهي. هن وقت هو انگريزيءَ ۾ کو افسانو لکي رهيو آهي. پڪ ئي پڪ هڪ ڏينهن مهان ساهتڪار ثابت ٿيندو. سڌا جواب ڏنو. رامچنداڻيءَ ڪجهه

هوءَ ڏس سيٺ گوبندرام جي نونهن ٻهڪي ٿي ٻهڪي! سچي هيرن سان جڙي پيئي آهي. تو ۾ ڪهڙي ڪمي هئي جو تون وچين ان ماستر جي پڙ پئينءَ. سچ چيو اٿن ليک لوها ڪوٽ پچي. سڏا جو منهن ٽامڻي هٽي ويو. دٻيل آواز ۾ ماءُ کي چيائين: پئسو، دنيا ۾ ڪجهه برابر آهي پر سڀ ڪجهه نه ڪين آهي. تون چندر جي پيٽ گوبندرام جي اَڻ پڙهيل پٽ سان نه ڪر. هنن نه ڏسي ڏنو آهي. اجايو نماءُ ٿا ڪن، پئسي جي سَٽ سهي به نه ٿا سگهن. امي! رهڻ ڏي. منهنجو وات نه کولاءِ. منهنجو گهوٽ، گوبندرام جي پٽ جيان ڪلبن ۾ شراب نٿو پيئي، چرس گانجو نه نٿو پيئي ، رنن جي مٿان پئسا نه نٿو لٽائي، اسان پنهنجي گهر ۾ دال روٽي کائون ٿا سکي آهيون، ڪنهن جا محتاج ڪونه آهيون. ڪنهن کي اسان تي آڱر کڻڻ جو حق ڪونه آهي. سڏا نه هال جي در وٽان ئي واپس گهر ڏانهن وري. ماڻس چيس نه سڏا توکي ڊرائيور گهر ڇڏي تو اَچي.'' سڏا وراڻيو ''مان بس ۾ آئي آهيان ۽ بس ۾ ئي واپس ويندس.''

ٻئي ڏينهن سيٺ رامچنداڻيءَجي ڊرائيور اَچي سڏا جي در تي دستڪ ڏني. ''مالڪ هيءُ خط اوهان لاءِ ڏنو آهي.'' سڏا لفافو کوليو، خط سان گڏ هڪ لک رپين جو چيڪ پڻ هو. خط جو مضمون اِجهو هن ريت هو: ''سڏا! تنهنجي مسڪين حالت کي ڏسي تنهنجي ماءُ کي ڏڏکو رسيو آهي. هڪ لک رپين جو چيڪ موڪلي رهيو آهيان. تون ڪجهه ڍنگ جا ڪپڙا پنهنجي لاءِ ۽ ماستر لاءِ خريد ڪج. وڌيڪ رپين جي ضرورت هجي نه فون ڪج. تنهنجي سوٽ جي شاديءَ تي تنهنجي ماءُ کي پنجن لکن رپين جو هيرن جو هار وني ڏنو اٿم. ها هڪ ٻي ڳالهه، ماستر چاهي نه منهنجي آفيس ۾ ان لاءِ نوڪري اَجا به محفوظ آهي. تون ڪيس نيڪ صلاح ڏج. سڏا خط ۽ چيڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيو. ڪيترو وقت پئي پنهنجي سر

ساڏنا آهي. عبادت آهي.''

بس ائين ئي چندر جي سيٺ رامچنداڻيءَ سان ملاقات پوري ٿي. اُن رات ماني کائيندي رامچنداڻيءَ ڏيءُ کي چندر جي شخصيت جي چير ڦاڙ ڪري ٻڌائي. ڇي ''پٽ سڌا! هيءُ چندر ته رواجي شخصيت وارو ماڻهو آهي. تنهنجي شخصيت اڳيان پاڻي پري. هيءُ ليکڪ ٿيندا ئي اَهڙا آهن. سُڄو ماڻهو سائين ڪان به ڏاڍو. هنن ماڻهن کان محنت پڄي ئي ڪونه، مون ڪيس پنهنجي آفيس ۾ مئنيجر جي عهدي جي آڇ ڪئي، پر ننو اڪر نه! هيءُ ماڻهو ڪڏهن به زندگيءَ ۾ اڳتي وڌي ڪونه سگهندو. هميشه مفلسيءَ ۾ رهندو، اِهو مان توکي لکي ٿو ڏيان. تون؛ چنتا نه ڪر، ڇوڪرن جي ڪا ڪوٽ! مون سيٺ گوبندرام سان ڳالهه هلائي آهي. هن جو پٽ مئٽرڪ پاس آهي، پيءُ سان پسارڪي ڌنڌي ۾ ٻانهن ٻيلي آهي؛ لکن ۾ ٿا ڪمائين. اَڄ ڪالهه ڊگريءَ کي ڪير ٿو پڇي. تون هنن جي گهر ۾ راڻي ٿي راڄ ڪنديءَ. هن وٽ پئسو آهي. موٽر گاڏيون آهن. مانُ آهي. مرتبو آهي. بس ٻيو ڇا گهرجي!

ٻئي ڏينهن ڪورٽ ۾ رجسٽرار جي اڳيان چندر ۽ سڌا جي شادي ٿي ويئي. وقت تي موجود هئا شاهد طور به اِسڪول جا ماسترِ. نڪو چاچي نڪو ماچي. رامچنداڻيءَ واڪا ته گهڻيئي ڪيا پر سڀ گهر جي چئن ديوارين اَندر. ساڻو ٿي چپ ڪري ويهي رهيو.

شاديءَ کان هڪ سال پوءِ جي ڳالهه آهي. سڌا جي ڪنهن سوٽ جي شادي هئي. سڌا کي به شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نوتو مليو هو. چندر ته شاديءَ ۾ هلڻ کان منع ڪري ڇڏي پر سڌا رشتو نڀائڻ لاءِ وڃي شاديءَ جي هال ۾ پهتي. ماڻس ڪيس هال جي در وٽ ئي ملي. ڇي، ڇو ٿي اسانجي عزت جو ڪچرو ڪرين. نه ڪا ڍنگ جي سڻي ساڙهي، نه ڪو ڍنگ جو زيور. ماڻهو ڇا چوندا!

سياڻي ئي آمريڪا جي پبلشر کي پنهنجي لکيل ناول جي
اسڪرپٽ موڪلي ڏيو. چندر کي ڪا ڳالهه ياد اَچي ويئي.
وهاڻي هيٺان هڪ لفافو ڪڍي سڌا جي هٿ ۾ ڏنائين ۽
چيائين ”سڌا اَڄ ڪتان سڄ اُپريو آهي، ڇئن سالن کان پوءِ
تنهنجي پيڪن کي تنهنجي ياد آئي آهي. هيءُ خط گهر
جو نوڪر رامون ڏيئي ويو آهي.“ سڌا ڪرسيءَ تي ويٺي
خط پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويئي. خط هن جي پيءُ جو هو.
”سڌا مان پنهنجي تڪ مان ايندڙ ميونسپل چونڊ ۾
اُميدوار بيهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سياڻي پهرين پبلڪ
ميٽنگ سڏائي اٿم. ميٽنگ ۾ ماڻهن جي منورنجن لاءِ چونڊ
ڪوين کي پئسا ڏيئي سڏايو اٿم. مان چاهيان ٿو ته ان
ميٽنگ ۾ شروعاتي ڀاشڻ چندر جو هئڻ گهرجي. منهنجي
شان ۾ ڪجهه ڳالهائي. پنهنجي گهر جو ماڻهو آهي. ماستر
آهي هن جي چڱي واقفيت آهي. وقت تي پنهنجا نه ته
ڪير ڪتب ايندو؟“ سڌا خط چندر کي ڏيندي چيو ونو
”اوهانکي ساهري گهران نيند آئي اٿو.“ چندر خط پڙهي
ڪچري جي دٻي حوالي ڪري ڇڏيو.

ڇهه مهينا پوءِ جي ڳالهه آهي. هر اخبار جي پهرين
صفحي تي شد مد سان اِها ئي خبر آئي ته ممبئيءَ جي
هڪ ليکڪ چندرڪمار جي لکيل شاهڪار ناول Iternity کي
آمريڪا جي هڪ مشهور پبلشنگ هائوس شايع ڪيو آهي.
ناول يورپ جي ملڪن ۾ مقبول ثابت ٿيو آهي. ليکڪ کي
پبلشنگ هائوس پنج ڪروڙ رپيا رايلٽي ڏني آهي. اِن ناول
کي گيان پيٺ اَورڊ ڪاميٽيءَ ڏانهن پڻ موڪليو ويو آهي.
هائوسنگ بورڊ جي هڪ ڪمري واري چندر جي گهر انيڪ
پترڪار/ فوٽو گرافر/ ٽي.وي / ريڊيو جا عيوضي اَچي ڪٺا
ٿيا آهن. سڀني کي چندرڪمار ۽ سندس پتني سڌا جي
ملاقات ۽ فوٽو گهرجي. چندر ڪمار پنهنجو هيءُ شاهڪار

چيائين: پئسو! پئسو! هنن کي کهڙي چاڻ ته ساهتيه ڇا آهي. ليکڪ جو کهڙو رتبو آهي. هنن لاءِ ڏيون مڙيو ئي بوٽ ڪاريون.

وقت گذرندو رهيو، چندر ڪمار لکندو رهيو. هن جو انگريزي ناول Iternity اڃا مڪمل ٿيڻ تي پهتو هو. هن کي فڪر هو ته جي سندس ڪم پبلشر کي پسند ڪين پيو ته هن جي سالن جي محنت جو زيان ٿيندو. هن کي اها به چنتا ڪائي رهي هئي ته پبلشر سندس آدرشن جي اوچي اُڏام کي پروڙي ڪونه سگهندو ۽ اسڪرپٽ واپس ڪندو يا ته وري پنهنجا آدرش مٿس ٿوپي ناول کي ڪنهن ٻي ڍنگ سان پيش ڪرڻ لاءِ هن کي مجبور ڪندو. اهو سڀ سوچيندي، چندر هڪ فيصلو ڪري ورتو ته هو پنهنجي لکيل ناول جي اسڪرپٽ مڪاني پبلشر کي ڪونه ڏيندو پر آمريڪا جي ڪنهن مشهور پبلشنگ هائوس ڏانهن موڪليندو. هن جي ويچارن جو سلسلو بس اِتي اچي بيهي رهيو. ان ڪم لاءِ ته پئسن جي ضرورت پوندي. شايد هن کي نيويارڪ جو سفر به ڪرڻو پوي. هن جي ڪل پونجي هئي پراويڊنٽ فنڊ ۾ جمع ٽيهه هزار رپيا. ڇا ڪري! ان جو جواب هن کي ڪٿي به نظر ڪونه آيو. سڏا جڏهن مارڪيٽ مان ڀاڄين جي ٿيلهي هٿ ۾ لوڏيندي گهر ۾ گهڙي، تڏهن چندر کي ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ ڪويل ڀاتائين. ڪلندي مٿس کي سوال ڪيائين ”سائين! اوهانجو کهڙو ڪنڊ جو جهاز ٻڏي ويو آهي؟“ چندر چرڪ ڀري سڌو ٿي ويٺو ۽ جڏهن پنهنجو مسئلو سڏا اڳيان رکيو، تڏهن سڏا ته اچي ٽهڪن ۾ ڇٽڪي. ڇي ليکڪ سان شادي ڪرڻ مان هڪ نقصان ضرور آهي. هو هميشه پنهنجي گهر واريءَ کي وساري ويهندا آهن. اوهان سان به ساڳي ويڌن آهي. مونکي پلجي ويا نه ۽ هيءُ چار جوڙا ڪڏهن ڪم ايندا، اوهان

ندي

ڪيترن ڏينهن کان من جي حالت ڪجهه پريشان هئي.
ائين ڪري چئجي ته
"ڪجهه به چوڻ کان ٻاهر آهي، چپ به رهڻ کان ٻاهر آهي
زخم هينئر ناسور بڻيو آ،مرض لهڻ کان ٻاهر آهي
سهي سهي دل سخت ٿي پيئي، لُڙڪ وهڻ کان ٻاهر آهي.

اهڙي ئي وقت دوست جي ڌيءَ جي شاديءَ جو نوتو مليو. هونءَ ته مان شادين مرادين جي گوڙ شور کان ڪنارو ڪندو آهيان، پر هن دوست کان ڪنڌ ڪڍائي ڪونه سگهيس. ڇياڻين نياڻيءَ جي شادي آهي ضرور اچج. ايندين ته من به بيءَ پوندءِ. شواجي پارڪ - دادر چوپاٽيءَ ويجهو وشال ميدان تي وشال منڊپ - لاجواب سجاوٽ، هزارين بلب، سوين مهمان- سنگيت جي تان .ڪولڊ ڊرنڪ جا گلاس - کاڌي جا انيڪ اسٽال- اسٽيج تي گهوٽ ڪنوار. گهوٽ ڪنوار سان ملڻ لاءِ ۽ سوکڙيون پاکڙيون ڏيڻ لاءِ چاهين ۽ ماڃين جي لنبي قطار. ڀلا مان هن ماحول ۾ پاڻ کي سمائي سگهندس! دور هڪ ڪنڊ ۾ وڇايل ٽيبل ڪرسيءَ تي وڃي ويٺس. (پري کان ويهي پنهنجي دوست طرفان ڪيل شاديءَ جي اڏنگي خرچ تي ويچار ڪري رهيو هوس. سوچي رهيو هوس ته جلد گهوٽ ڪنوار سان ملي، دادر چوپاٽي بيچ تي چڪر هڻي وڃي گهر آرامي ٿيان.

اُتي جو سعيو ئي ڪري رهيو هوس جو سامهون ايندڙ ريشما تي نظر پيئي. ريشما، ٻنهي هٿن ۾ به گلاس ڪولڊ ڊرنڪس جا کڻي پنهنجي ساڙهيءَ جو پلئه سنڀاليندي تڪڙو

ناول پنهنجي ڏرمپتنيءَ سڌا کي پيٽ ڪيو آهي. ناول جي پهرين صفحي تي لکيل آهي ”اريپم پنهنجي منزڙي جيون ساٿڻ سڌا کي.“ سڌا ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. ملاقات رڪارڊ ڪرڻ لاءِ انيڪ مائيڪ سڌا جي اڳيان رکيا ويا آهن. فوٽو لاءِ انيڪ ڪئميرائون هڪ ئي وقت ڪلڪ ڪري رهيون آهن. سڌا جي چهري تي مشڪ آهي ۽ اکين ۾ نمرتا.

هڪ شخص تڪڙو تڪڙو ڪمري ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. قد جو ڊگهو. بدن جو سنهو. وار سنواريل. بدن تي سفاري سوٽ. هلت مان مغروري ۽ پئسي جي فلڪ صاف پيئي جهلڪي. هٿ ۾ اٿس گلاب جي گلن جو گلدستو. هن شخص کي ڏسي سڌا پنهنجي ڪرسيءَ تان يڪدم اُٿي کڙي ٿئي ٿي. آيل شخص سڌو اچي ڪرسيءَ تي ويهي ٿو. ”مان رامچنداڻي. چندرڪمار جو سهرو. مون کي ڄاڻ هئي ته چندر هڪ ڏينهن ضرور مهان ساهتڪار ثابت ٿيندو. پنهنجو ۽ سموري خاندان جو نالو روشن ڪندو. مونکي چندرڪمار تي ناز آهي. مان هن جي لکٽيءَ جو شائق آهيان. مونکي ساهتيه ۽ ساهتڪارن لاءِ عزت آهي. مان سڌا کي به داد ڏيڻ ٿو چاهيان جنهن پتيءَ جي روپ ۾ ههڙي رتن کي چونڊيو آهي....“

اِهو سڀ ته رڪارڊ ٿي رهيو هو. پر سڌا ڏاڍو پريشان هئي. هن چاهيو ٿي ته زور سان هڪ رڙ ڪري ۽ سيني کي ٻڌائي ته بابو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. ڪانءُ ڇا ڄاڻي ڪوتا جنهنجي ٻولي ڪان ڪان. هو ٻهروپي آهي. هن لاءِ پيسو ئي ڀڳوان آهي. هو ڇا ڄاڻي ساهتيه مان. من مان آواز آيس. هڪ چُپ سوُ سُک. هوءَ چپ رهي. پئي سوچيائين هر ڪنهن کي پنهنجو جيئڻ جو ڍنگ آهي. بابا جو ڪهڙو ڏوهه. اکين سڄو جي سڄ نٿو ڏسي ته اِن ۾ سڄ جو ڪهڙو ڏوهه.

به پابند. هن جي هلڻ چلڻ جي فلڪ ڏسي ڪي ته چوندا هئا ته هيءَ چوڪري نوڪري چو ٿي ڪري.

هڪڙي ڏينهن آفيسر هن کي پنهنجي ڪئبن ۾ گهرائي ڪيس شام جو ڪجهه وقت دير تائين ويهڻ لاءِ هدايت ڪئي جيئن بجيٽ جو ڪم اُڪلائي سگهجي. ريشما بي ڌڙڪ آفيسر کي وڃائي ڏني. چي، سرڪاري نوڪر ڪو ٻانهو ته ڪونه آهي جو ڏينهن ۾ ٻارهن ڪلاڪ ڪم ڪري. منهنجي ڊيوٽي شام جو پنجين بجي تائين آهي ۽ بس.

اُهو آرتوار جو ڏينهن هو. ٻپهريءَ جو اٽڪل يارهين بجي جو وقت هو. مان پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ ۾ بيٺو هوس جو ريشما جي ماروتي ڪار اچي منهنجي گهر جي سامهون بيٺي. ريشما ڪار مان ٻاهر نڪتي. هڪ ڪِن لاءِ ته مان هن کي سڃاڻي ئي ڪونه سگهيس. هوءَ جو هميشه ڪيس جينس ۽ جئڪيٽ يا اسڪرٽ بلائوز ۾ ڏنو هوم سا اڄ بلڪل بدليل بدليل ٿي لڳي. بدن تي ڪريم ڪلر جو سلوار ڪرتو. ڳچيءَ ۾ پرٽ پريل مئچنگ ڪلر جو دوپٽو، وار سڌا سنواريل، پيشانيءَ تي سونهري بندي، اَکين تي سن گلاسز، پيرن ۾ اَڌ کڙيءَ سان مخملي سئنڊل.

ريشما در تي لڳل بيل وڄائي تنهن کان اڳ ئي مان هن لاءِ دروازو کولي در تي آجيان ڪئي:

”ريشما ! تون.“

”تون جي گهر اچڻ جي نيند نه ڏيندين ته پاڻ ئي هلي اَچبو نه. هاڻ اندر اَچڻ به ڏيندين يا در تان ئي موٽائي ڪڍندين؟“

ريشما جي واقفيت مان پنهنجي ماءُ سان ڪرائي. ريشما اَما سان پاڪر پائي ملي ۽ اما سان هيٺ چٽائيءَ تي ئي ويٺي. اما سان اهڙي نه سڪ ۽ پاٻوهه سان ويٺي ڳالهيون ڪيائين ڄڻ ته اَما کي ورهين کان سڃاڻي. اما ماني ناهڻ لاءِ رنڌڻي ۾ ويئي ته

ٽڪرو مون ڏانهن اچي رهي هئي. بيئي گلاس ٽيبل تي رکي پاڻ منهنجي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ويهندي چيائين ”پنهنجن ڪان پري وڃڻ جي عادت اَجا تنهنجي ويئي ڪونہ آهي. ڏهن منٽن ڪان وٺي توکي پريان ڏسان. تون هٽ اڪيلو ديرو ڄمائي وينو آهين. اسان ڏانهن بہ پنهنجي نظر ڪٽي نهار تہ سهين.“

ريشما کي پنجن سالن ڪانپوءِ پنهنجي قريب پائي، مان پنهنجو پاڻ کي سنڀاليان ئي سنڀاليان تہ ريشما وري ٻيو وار ڪيو ”متان اُتي هليو وڃين - توسان گهڻيون ئي ڳالهيون ڪرڻيون آهن. اڄ تون هتي نہ ملين ها تہ سڀاڻي شام جو مان تنهنجي گهر اچان ها.“

ريشما کي ڏسي ماضيءَ جون انيڪ تصويرون منهنجي ذهن ۾ گهمي وڃن ٿيون. پنج سال اڳ هڪ ئي آفيس ۾ اسان ٻئي اسسٽنٽ جي عهدي تي هئاسين. اسان جو انٽرويو بہ هڪ ئي ڏينهن ٿيو هو. اپائنٽمينٽ آرڊر ڪٽي هڪ ئي وقت آفيس ۾ گهڙيا هئاسين. اسان ٻنهي جو ڪم ڪرڻ جي ٽيبل بہ پاسي پاسي ۾ هئي. اسان هڪ ٻئي لاءِ ڪليگ ڪان وڌ متر ٻڻجي پيا هئاسين.

ريشما اڄ جي يگ جي ماڊرن ڇوڪري. هن جو پهراءُ بہ ماڊرن-جينس ۽ جئڪيٽ يا اسڪرٽ ۽ بلائوز - هن جي ڳالهائڻ جو ڍنگ بہ ماڊرن. ڳالهائڻ وقت سنڌي گهٽ ۽ انگريزي وڌيڪ - پنهنجي ديش جي اتهاس جي ڄاڻ گهٽ پر يورپ جي اتهاس تي مڪمل ماسٽري - هن جو اوفتو خرچ ڏسي منهنجون تہ ڏنديون آڱريون ٿي لڳيون. آفيس ۾ اچي تہ پنهنجي ماروتي ڪار ۾ - منجهند جي ماني هن لاءِ گهر مان نوڪر ڪٽي ايندو هو. شام جو گهڙيال پنجن جا ٺڪاءَ هڻندو تہ هيءَ آفيس جا فائيل ڪبٽ ۾ بند ڪري ٻاءِ ٻاءِ ڪندي رواني ٿي ويندي. هڪ ڳالهہ ضرور چوندس تہ ريشما تمام ذهين هئي. ڪڏهن بہ پنهنجو وقت گپ شپ ۾ ڪونہ وڃائيندي. وقت جي پابند تہ ڪم جي

ڪيو آهي يا نہ مونکي چاڻ ڪونہ آهي. هوءَ توکي پنهنجو
ٻيون ساٿي بنائڻ ٿي چاهي. مان تو بابت سموري چاڻ حاصل
ڪئي آهي. تنهنجي پتا جي ديهانت کي پنج سال ٿيا، تون
دادر ۾ ٻن رومن جي فلئٽ ۾ پنهنجي ماتا سان رهندو آهين.
تنهنجي آمدني چار هزار رپيا آهي، ريشما جو ضد آهي ۽ مان
تنهنجي ڌيءَ جي دل رکڻ ٿو چاهيان. پر هن شاديءَ لاءِ
منهنجو هڪ رواجي شرط آهي. حقيقت ۾ اهو شرط تنهنجي
ڀلائيءَ لاءِ آهي. مان چاهيان ٿو تہ تون هن غريبي ۽ بيوسيءَ جي
خيال دل کان ٻاهر نڪر. هن مڊل ڪلاس مينٽلٽي کان پاڻ کي آزاد
ڪر. تون اُنتي ڪر. تون سکي تہ منهنجي ڌيءُ سکي.
ها! مان شرط جي ٿي ڳالهہ ڪئي. منهنجو شرط معمولي
آهي. تون هن ڪلارڪيءَ جي نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏي.
تنهنجي ماءُ کي ڪجهہ وقت لاءِ ڪنهن وڏوا آشرم ۾ موڪلي
ڇڏ. شادي ڪري هڪ من چت ٿي تون ڌنڌي کي لڳي وڃ. مان
تنهنجي لاءِ بمبئيءَ ۾ امپورٽ ايڪسپورٽ جو ڌنڌو کولڻ
چاهيان ٿو. تون محنت ڪندين تہ جلد ئي ڪنهن ڪڙيءَ کي
پسندين مان هيءُ سڀ تنهنجي لاءِ سوچي رهيو آهيان، تون بہ
ويچار ڪري سيان مونکي ٻڌائج.'' هِنَ سڄي ڳالهہ ٻولهہ ۾
ريشما بلڪل چپ ويٺي رهي، جڻ تہ پنهنجي ڊيڊيءَ جي
ويچارن سان شامل راءِ هئي. مان چانهن جو ڪوپ هيٺ رکي
ڇڏيو ۽ ڪٿي پهچڻ جو بهانو ڏيئي، گهر کان ٻاهر هليو آيس.
مان سڄي رات ننڊ ڪونہ ڪري سگهيس. ائين ئي سوچي رهيو
هوس تہ هيءُ پونجي پتيءَ وارا شاديءَ جي رشتي کي ڇا
سمجهي رهيا آهن؟ ڇا مان دوڪان تي وڪري لاءِ رکيل هڪ
گڏو آهيان، جو ريشما جهڙي ڇوڪري خريد ڪرڻ لاءِ ضد ڪري
رهي آهي! ۽ هن جو پيءُ سندس ضد پورو ڪرڻ لاءِ خريدار
بڻجي شرط وجهي رهيو آهي! مون ڪڏهن چيو تہ مونکي ريشما
سان شادي ڪرڻي آهي! مون ڪڏهن چيو تہ مونکي شاهوڪار

ريشما وٽي هن سان رنڌڪي ۾ بيٺي ۽ امان جو هر ڪم ۾ هٿ ٽي وٺايائين. ريشما جو هيءُ پراون پنهنجو روپ، جنهن مان پارتيه ناري پيئي جهلڪي، ڏسي دنگ رهجي ويس. ريشما منجهد جي ماني کائي شام جو چانهه پي پوءِ ئي گهر ويئي.

ريشما، ماءُ جي اڪيلي سنتان. هن جو پيءُ هانگ ڪانگ ۾ ڪنهن سنڌورڪي فرم ۾ مئنيجر هو. هن جي ماءُ جو ديهانت ڪجهه سال اَڳ ئي ٿيو. ريشما جي شخصيت تي ٻنهي جي ڇاپ هئي، هڪ طرف هوءَ پيءُ جيان پشچمي سڀيتا ڏانهن مائل هئي ته ٻئي طرف پارتيه سنسڪرتيءَ جا انش هن پنهنجي اَمڙ کان پرايا هئا.

ريشما جي لاءِ منهنجي من ۾ عزت هئي. مان هن جي ويچارن جو سنمان ڪندو هوس ۽ سچ چوان ته منهنجي دل جي ڪنهن ڪوني ۾ ريشما لاءِ پريم جو سلو اُپري رهيو هو. هڪ ڏينهن شام جو گهر وڃڻ کان اڳ ريشما مونکي چيو ''منهنجو ڏيڏي هانگ ڪانگ مان آيل آهي. هو توسان ملڻ ٿو چاهي، اَڄ شام جو ئي تون مونسان گڏ گهر هلج.''

''تنهنجو ڏيڏي مونسان ملڻ ٿو چاهي! ڇو؟ ان جي خبر ڪي، تون ڇو ٿو Nervous ٿين. توکي کائي ڪونه ويندو. هائو ته نه ڪج.''

اُن ڏينهن شام جو مان ريشما سان گڏ هن جي گهر ويس. چرچگيٽ تي ڇهن رومن جو عاليشان فليٽ. تمام سهڻي ڍنگ سان سجايل. گهر ۾ ٻه نوڪر، نوڪرن کي يونيفارم. هر شيءِ تي اميري شان ۽ شوڪت جي ڇاپ هئي.

ريشما جي پيءُ ڪلي ڪيڪاري پنهنجي گهر ۾ منهنجي آجيان ڪئي. چانهن پيئندي هن ڳالهه جي شروعات اجهو هيئن ڪئي. ''ريشما منهنجي اڪيلي سنتان آهي. منهنجو جيڪي ڪجهه آهي ريشما جو آهي. مان هميشه هن کي خوش ڏسڻ ٿو چاهيان ريشما توکي پيار ڪري ٿي. هن توسان پيار جو اظهار

خير حال تہ مان ڏڏيءَ سان هانگ ڪانگ وڃي رهي آهيان. ڏسان، وقت مون لاءِ ڪهڙو ٿو فيصلو ڪري، پر هڪ ڳالھ جي پڪ اٿم.

جتي پيي جڏهن ياد ايندي تنهنجي
اکيون ڏينديون ازخود بہ آنسو وهائي.

پنج سال لنگهي ويا. اڄ اها ريشما منهنجي سامهون ويٺي آهي.

”اڙي ريشما! تون هتي هانگ ڪانگ مان ڪڏهن آئي آهين.“

”شڪر! سڃاتئہ تہ سهين. ڏاڏو نر موهي آهين- پنجن سالن ۾ ڪڏهن منهنجي خبر نہ لڌءِ.“

مان ريشما جو هٿ پڪڙي اُتي ڪڙو ٿيس. اَسان بيئي اَچي دادر چوپاٽي بيچ تي ويناسين. سامهون شانت ۽ مانو سمنڊ هو، سيتل هوا هئي. آسمان ۾ چانڊوڪي جڳمڳائي رهي هئي. اسان بيئي ڪيترو وقت پاسي پاسي ۾ شانت ويٺا رهياسي، سلسلو ريشما ئي شروع ڪيو: تو مونکي هدايت ڪئي هئي تہ مان نديءَ ڪان ڪجھ سکان، سو سکان پيئي، بابو بہ نہ رهيو. ڌن دولت بہ نہ رهي. سچ تہ هاڻ مان ريشما بہ نہ رهي آهيان. مان ٿڪجي پيئي آهيان. مونکي سهاري جي ضرورت آهي. مان نديءَ جيان ساگر ۾ لين ٿيڻ چاهيان ٿي، مونکي پڪ آهي تہ منهنجو ساگر وشال آهي. هن دفعي مونکي پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندو.

ريشما پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. چئني طرفن خاموشي ئي خاموشي هئي. آواز هو تہ فقط ساگر جي لهرن جي پيار پرين ٽڪڪين جو!

تيڻو آهي! ۽ شرط بہ اَهڙو تہ مونکي پنهنجي امڙ کي وڏوا آشرم ۾ داخل ڪرڻو پوندو. هڪ طرف چوي ٿو تہ ريشما توکي پيار ڪري ٿي ۽ ٻئي طرف واپارين جيان رشتي لاءِ شرط وجهي رهيو آهي. ٻئي ڏينهن مان ريشما جي ٽيبل تي هڪ نوٽ لکي رکي ڇڏيو:

پريہ ريشما،

تون مون سان پيار ڪرين ٿي. تنهنجي من ۾ مونسان شادي ڪرڻ جو خيال آيو آهي اها مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. مان تنهنجن اُڌمن جو سنمان ٿو ڪريان. مان سپنن جو خريدار ڪونہ آهيان ۽ نہ ئي شرطن تي سڱ ڳنڍڻ جو خواهان آهيان. گهوٽ خريد ڪرڻ هن ديش جي سنسڪرتي ڪونہ آهي. ندي بہ ساگر ۾ لين ٿيڻ لاءِ هماليہ جو دامن ڇڏي ٿي. سڪ ۽ پيار جي ريجھ سان ڪيت آباد ڪندي پنهنجو آپو وساري ساگر ۾ سمائجي وڃي ٿي. پوءِ ندي نہ رهي ئي نٿي. رهجي وڃي ٿو فقط ساگر ئي ساگر. نديءَ کان ڪجھ پراءِ. ندي، پارتيہ ناريءَ جو پرتيڪ آهي،.نديءَ ۾ ناز آهي، اَدا آهي. نديءَ ۾ نيهن آهي. نوڙت آهي، ندي سرجڻ جو روپ آهي، ندي سمائجي وڃڻ کي پنهنجو ڌرم ٿي مڃي. ريشما تون بہ ندي ٻڻجي وڃ. تنهنجي پيار جي صدقي توکي پائڻ لاءِ مان بيتاب رهندس. تنهنجو اوسيئڙو ڪبندس، منهنجو در تو لاءِ سدا سدا لاءِ کليل رهندو.

ٻئي ڏينهن ريشما آفيس ۾ پنهنجي استيفعا ڏياري موڪلي ۽ ساڻ ساڻ مونکي هڪ خط بہ مليو.

پريہ! تون تمام خود دار آهين. مونکي تنهنجي خود داريءَ تي ناز آهي. ڊيڊيءَ جي رضامندي کان سواءِ مان ڪوبہ قدم کڻڻ نہ ٿي چاهيان، مان پنهنجي ماءُ کي وچن ڏنو هو تہ هميشه ڊيڊيءَ جي آگيا جو پالن ڪندس. ڊيڊي هڪ نيڪ انسان آهي. پر هن جي رڳ رڳ ۾ برنش وارا داو پيچ سمايل آهن.

شانتي در وٽ بيهي چڱي وقت کان ٽيڪسيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. جڏهن ٽئڪسي اَچي گهر جي ٻاهران پهتي، تڏهن شانتيءَ ڊوڙي وڃي پنهنجي ڄائيءَ سان ڀاڪر پائي ملي. ٻنهي جي اکين ۾ پيار جا ڳوڙها هئا. ماني کائڻ وقت جڏهن هڪ ٽيبل تي ٽيئي گڏجي ويٺا، تڏهن کلندي کلندي گوبندرام پنهنجي ڌيءُ کي چيو: ”پٽ سنيتا! هوائي اَڏي تي مان توکي پهريائين تہ سڃاڻي ئي ڪونہ سگهيس. مون ڪڏهن توکي ويسٽرن لباس ۾ ڏٺو ئي ڪونہ آهي.“ شانتي ٺهڪ ڏيئي کلي ويٺي، پر سنيتا ٽورو ڳنڀير ٿي وراڻيو ”پپا! ڇا ڪجي هيءُ سڀ ونود جو ضد آهي. ونود کي سلوار ڪڙتو يا ساڙهي وڻي ئي ڪونہ. دهلي ۽ ناڳپور جي زندگيءَ ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. اَسان ٻنهي جي شام گذري ڪنهن نہ ڪنهن ڪلب ۾ جتي اُها ئي ڊانس. ڀلا ساڙهيءَ سان ڊانس ڪيئن ٿئي؟ شانتي عجب ۾ پئجي ويئي. واڪو ڪيائين ”سنيتا تون ۽ ڪلب ۾ ڊانس!“

سنيتا، ماءُ کي چيو: ”عجب ڇو ٿي ڪائين مَما! ڊانس سکڻ لاءِ ونود هڪ مهيني لاءِ ماسٽر رکي ڏنو هو. تڏهن مَما تون سچي آهين تہ اُن واتاورڻ ۾ پاڻ کي ٺهڪائڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ڇا ڪجي. مِني بہ ماٺ، مُني بہ ماٺ“

شانتيءَ ٺهر سان چيو: ”پٽ! مان تہ تنهنجي پيءُ کي شاديءَ کان اڳ ئي چيو هو تہ غريب گهر جي ڇوڪريءَ کي شاهوڪار گهر ۾ وڃي پاڻ سان وڏو سمجهوتو ڪرڻو پوندو. سنيتا، ماءُ کي وچ ۾ روڪيندي چيو ”مما! سوال غريبي ۽ اميريءَ جو نہ آهي. شاديءَ کان پوءِ ساهري گهر ۾ ڇوڪريءَ کي پاڻ سان سمجهوتو تو ڪرڻو پوي، نہ تہ زندگي زهر بڻجيو پوي.“ گوبندرام ڳالهہ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڌيءُ

سماجهوتو

شانتيءَ پنهنجي مڙس گوبندرام کي رنڌڻي مان سڏ ڪندي چيو: ”جلدي تيار ٿيو، فلائيٽ ته ڏهين وڳي ويندي. ائين نه ٿئي جو ويچاري نياڻي سنيتا هوائي اَڏي تي اوهان جو انتظار ڪندي رهي. ها! سنيتا پهريون دفعو ساهرن مان ٿي اچي، ڪيس ٽئڪسيءَ ۾ گهر وٺي اچجو. متان ڪيس بس ۾ رلائيندا اچو. گوبندرام در جي چانئٺ تي پهچي مسڪرائيندي شانتيءَ کي چيو: ٻيو به ڪو حڪم آهي ڇا؟ سنيتا فقط تنهنجي ڌيءُ نه منهنجي به جگر جو ٽڪرو آهي. شانتي اَنوکي انداز سان پنهنجي گهوٽ کي ڏسندي رهي.

ٿيو ائين ئي. جيئن شانتيءَ سوچيو هو. گوبندرام جڏهن ناگپور هوائي اَڏي جي ويٽنگ هال ۾ پهتو، تڏهن سنيتا پنهنجي پيءُ جو اوسيئڙو ڪري رهي هئي. هڪ پل لاءِ گوبندرام ته پنهنجي ڌيءَ کي سڃاڻي ئي نه سگهيو. هن جي ذهن ۾ پنهنجي نُووَرني ڌيءُ جي هڪ تصوير هئي. سنيتا هڪ اوچي ساڙهيءَ ۾ هوندي. هوءَ ننهن کان چوٽيءَ تائين ڳهڻن ۾ سڄايل هوندي، سندس مستڪ تي بنديا ۽، سينڌ ۾ سنڌور هوندو. چوٽيءَ ۾ گجرو هوندو، سوَ سيڪڙو ڀارتيه ناري منهنجي سامهون هوندي. پر هن جي سامهون هئي هڪ وديشي گڏي، مني اسڪرٽ. ٽاپ، ڪلهي تائين ڪٽ وار، وڏي ڪڙيءَ سان سئنڊل، چهري تي پائوڊر جو مڪُ ۽ چپن تي گلابي لپسٽڪ. سنيتا پنهنجي پيءُ کي ڏسندي ئي هن جي آغوش ۾ سمائجي ويئي.

رهيا هئا.

شانتي سامهون ويٺي ويٺي پنهنجي دوستن جي ڳالهين
تي مسڪرائي رهي هئي. اوچتو در تي گهنٽي وڳي. در
شانتيءَ ئي کوليو، هوا جي تيز جهوٽي جيان سنيتا پپا- پپا
ڪندي اَندر لنگهي آئي. ٽيبل تائين پهچندي، ڪنهن
ڌاريي ماڻهوءَ کي پيءُ سان گڏ ويٺل ڏسي، سنگمرمر جي
مورتيءَ جيان بت بڻجي بيهي رهي. بدن تي گلابي سلوار
ڪڙتو، گلي ۾ گلابي پوتي، لنبي چوٽي، جنهن کي هوءَ
پنهنجي هٿن ۾ جهلي سهلائي رهي هئي، اکين ۾ انوکو تجلو،
چپن تي مدهوش مسڪراهٽ، هڪ ڪڻ لاءِ ترسي شرمائجي
ٽڪڙو پئي ڪمري ۾ هلي ويئي. هن جي واقفيت گوبندرام
ائي ڏني. منهنجي ڌيءُ سنيتا آهي. هن سال B.Sc. پاس
ڪئي اٿائين. هينئر ڪمپيوٽر ڪلاس ۾ داخلا ورتي اٿائين.
سوچيان پيو ڪو سٺو چوڪرو ملي تہ هن جي شادي ڪري
ڇڏيان، پر اَدا اَج ڪالهہ گهوٽ ماءُ جا وات ڦاٽا پيا آهن.
پل هاڻ ڪٿي نوڪري ڪري ۽ ڪجهہ ڏوڪڙ ڏيڻ لاءِ جمع
ڪري، جڏهن نياڻيءَ جو ليک هوندو تڏهن سڀ ٺهي ويندو.
نارائڻ داس جون نظرون دوست جي چهري تي هيون. جٺي
وشواس جي ريکائن جي پٺيان صاف بيوسيءَ جون ريکائون بہ
جهلڪي رهيون هيون.

نارائڻداس ڪجهہ سوچيو. دوست جي هٿ مٿان هٿ
رکندي چيائين: ''ادا! جي تون چاهين تہ اَسان جي دوستي
رشتي ۾ بدلجي سگهي ٿي.

منهنجو پٽ ونود پنجويهہ سالن جو آهي، ڌنڌي ۾ مون
سان ٻانهن ٻيلي آهي. تنهنجي ڌيءُ مونکي هڪ ساڙهيءَ ۾
قبول آهي. مان فدا آهيان تنهنجي نيڪ نيت، سچائي ۽

کان پڇيو: ”ونود ڪڏهن تو اچي؟“ سنيتا وراڻيو ”انن ڏينهن کان پوءِ. چار ڏينهن رهندو. مان تہ هن مهني جي پڇاڙيءَ تائين رهڻ جي موڪل وٺي آئي آهيان.

رات جو جڏهن شانتي ۽ گوبندرام پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلا ٿيا، تڏهن گوبندرام خوشيءَ جي احساس مان چيو. ”شانتي! مونکي تہ سنيتا تمام سکي ٿي لڳي. شاديءَ وقت توکي اَجايو فڪر هو.“ شانتيءَ مڙس کي روڪيندي چيو ”فڪر تہ مونکي اَجا بہ آهي. هنن ٻن جدا جدا نهرين يعني ٻن جدا ڪلچرس جي چڪيءَ ۾، ويچاري نياڻي نہ ڪٿي پيسجي وڃي؟ ڪهڙي حَدَ تائين سمجهوتو ڪندي؟ خير! رکو سائينءَ تي سڀ چڱائي ٿيندي.

شانتي تہ پاسو ورائي سمهي پيئي، پر گوبندرام کي ڇهہ مهنا اَڳ جو اُهو ڏينهن اکين اڳيان ڦرڻ لڳو، جڏهن هن جي گهر ٻاهران اچي هڪ ڪار بيٺي هئي ۽ سيٺ نارائڻ داس ڪار مان لهي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو. گوبندرام ياڪر پائي کيس پنهنجي گهر وٺي آيو. ڏه سال اَڳ پيئي هڪ ئي آفيس ۾ ڪلارڪ هئا. نارائڻ داس کي ڪا ڏنڌي جي لائين هٿ اچي ويئي. هن دهليءَ وڃي، پنهنجي پيڍي کولي، اَڄ هن وٽ سڀ ڪجهہ آهي. آفيس، ڪارخانو، بنگلو ۽ گاڏيون گوبندرام اَڄ بہ انهيءَ ئي آفيس ۾ آهي. ڪلارڪ مان وڌي هيڊ ڪلارڪ جي عهدي تي رسيو آهي. هن لاءِ سڀ قسمت جو کيل آهي. هو هر حال ۾ راضي آهي.ٻيئي دوست گڏ ماني کائيندي هڪ ٻئي کي حال احوال ڏيئي رهيا هئا. ڪڏهن ماضيءَ ۾ ٿيل گهٽنائن کي ياد ڪري ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا تہ ڪڏهن ڏهن سالن جي عرصي اَندر هڪ ٻئي سان پورو سمپرڪ نہ رکڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ڏوراپا ڏيئي

ڪرڻي آهي. گهر جي صاف صفائي آهي، درين جا پردا بدلائڻا آهن. نوان صوفا پوش خريد ڪرڻا آهن. جڏهن ونود گهر پهتو تڏهن هن جي سَسُ سهري سندس لاءِ ڏهن آگرين تي ڏيئا ٻاريا، پر ونود خاموش هو. نہ ڪل نہ خوشي فقط سوال جو جواب. جڏهن رات جو ونود ۽ سنيتا ڪمري ۾ اڪيلا هئا، تڏهن سنيتا هن کان سندس رُڪائيءَ جو سبب پڇيو. ونود بنا ڪنهن پوميڪا جي جواب ڏنو ”مان هِت رهي ڪونہ سگهندس. ٻہ رستا آهن. هل تہ ڪنهن هوٽل ۾ هلي رهون يا سياڻي مان واپس هلي وڃان.“ سنيتا سمجهي ويئي، پر همت ڪري چيائين ”ٻنهي حالتن ۾ منهنجن مائٽن جي بي عزتي آهي. مهرباني ڪري مون تي ، احسان ڪندي فقط ٻہ ڏينهن هت رهو، وري ڪڏهن بہ مان توهانکي هِت رهڻ لاءِ زور ڪونہ ڪندس.“ پر ونود جو ننو اڪر نہ ئي هو. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ونود جي هٿ ۾ شانتيءَ ڪافيءَ جو ڪپ ڏنو تڏهن سنيتا پنهنجي ماءُ کي چيو ”مما! رات هنن کي آفيس مان فون آيو هو. هنن کي اڄ ئي منجهند واري فلائيٽ ۾ واپس هلي وڃڻو آهي.“ شانتي ۽ گوبندرام بہ هن کي ٻہ ڏينهن رهڻ لاءِ آزي نيزاري ڪئي پر اُن ڏينهن ئي هو واپس دهليءَ پهچي ويو.

اُن رات جڏهن سيٺ نارائڻداس پٽ کي گهر ۾ ويٺل ڏِٺو تڏهن حيران ٿي ويو. پٽ کان پڇائين ”تون تہ چئن ڏينهن لاءِ ناگپور ساهري ويل هئين. هڪ ڏينهن ۾ واپس ڪيئن هلي آئين؟ سڀ نيڪ تہ آهي نہ؟ ونود جو بند ٽٽي پيو. ”سڀ نيڪ وري خاڪ آهي. هنن جو گهر بہ ڪا رهڻ جي جاءِ آهي؟ نہ A.C. نہ ميوزڪ سسٽم، رُڳو هڪ پراڻي T.V. جو جو مڇرن جي پون پون. مونکي تہ سڄي رات

سادگيءَ تي. تون چاهين تہ مان سياڻي ونود کي هٿ گهرايان. تون ڏس ۽ پاڻ فيصلو ڪر.'' نارائڻ داس اهو سڀ چئي اُٿي ڪڙو ٿيو.

پٽَ جون ڳنڍيون آهن. ٻيئي زال مڙس پريشان هئا. ٻيئي هڪ ٻئي ڏانهن سوالي نگاهن سان نهاري رهيا هئا. ڳالهہ جي شروعات شانتيءَ ئي ڪئي. ''اسان پورا پنا، هو ڪروڙ پتي. ٻنهي جو ڪهڙو ميل؟ رشتو سونهي هڪ جهڙن سان، اسان جي سنيتا سادي سودي، هوءَ ڪيئن نهڪائي سگهندي ان گهر جي رهڻي ڪرڻي سان؟ وچهو لوٽو پاڻيءَ جو.'' گوبندرام نهر سان جواب ڏنو. ٻڌ شانتي! نارائڻ داس کي مان سڃاڻان. هو نيڪ انسان آهي. مون سان آفيس ۾ ڪلارڪ هو. هن جي ڀلمانسائي ئي تہ ڏس! هو سنيتا کي هڪ ساڙهيءَ ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي.'' شانتيءَ وراڻيو ''مان ڳالهہ نارائڻداس جي نٿي ڪريان. پئسو پاڻ سان نندن ۾ انيڪ عادتون بہ ٿوڪڻي اچي. ڇوڪرو ڪيئن هوندو اهو سڀ بہ سوچيو

سنيتا ۽ ونود جي شادي ڇهہ مهنا اَڳہ ٿي ويئي. نارائڻ داس هٿ جوڙي گوبندرام کي چيو ''دوست! وقت بدليو آهي. اَسان کي بہ بدلجڻ گهرجي، ڏيتي ليتي بلڪل نہ، تو پنهنجي گهر جو اَملهہ هيرو اسانکي ڏنو آهي ۽ بس''

اڄ سنيتا ڇهن مهنن کان پوءِ پهريون دفعو پيڪي آئي آهي.' پپا! اَڄ صبح جو ونود جو فون آيو هو. اڄ شام ستين بجي واري فلائيٽ ۾ هو اچي رهيو آهي. اسان ٻيئي هن کي ونڻ هلنداسين، آفيس مان جلدي اَچجو. نہ پٽ! مان اَڄ آفيس ئي ڪونہ ويندس. ناني ماٽهو پهريون دفعو اَچي رهيو آهي.گهٽيئي ڪم ڪار آهن. مارڪيٽ مان خريداري

ڊرپوڪ

ڪالهه ئي هت بمبئي آفيس ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي جي چارج ورتي اَٿم. چار سالن کان پوءِ وري بمبئيءَ ۾ پير پاتو اٿم. اهي چار سال چڻ مون لاءِ پاڻ تي ئي لڳايل تڙي پار جو قانون هو يا پير ۾ شني ديوتا جي ڏسا هئي، مان چئي نٿو سگهان.

گذريل هفتي جڏهن بمبئي لاءِ ٽرانسفر آرڊر مليو ته من وڌيڪ پريشان ٿي ويو. وري اُها ئي بمبئي، وري اُها ئي سُڌا، اُن سُڌا جي ياد کي مٽائڻ لاءِ ئي مان بمبئيءَ کان ٻاهر نڪتو هوس. هاڻ وري بمبئيءَ واپس پهچي رهيو آهيان. ڇا ڪريان؟ من مان آواز آيو ته ڪيترو وقت سڌا کان دور ڀڄندو رهندس. هاڻ وقت آيو آهي، مونکي حالتن سان مقابلو ڪرڻ ئي گهرجي. مان سڌا کان دور رهي ڪونه سگهندس. سڌا اڳيان ڪهڙي منهن سان ويندس! هن ته مونکي ڊرپوڪ مڃو چئي ڪنارو ڪري ڇڏيو هو. ڇا مون ۾ سڌا جي سامهون ٿيڻ جي همت آهي! نه! خير هاڻ ڏسڻو آهي ته هيءَ جيون روپي ڪشتي حالتن جي اڇاڳ ساگر ۾ ڪٿي تي وڃي هلي!

منهنجي سيڪريٽريءَ ٽيبل تي فائيل رکندي چيو: ”سر اڄ 11-00 بجي اسسٽنٽ جي پوسٽ لاءِ انٽرويو رکيو ويو آهي. ڪل اٺ اپليڪيشن آيل آهن. نظر مان ڪڍي رکجو.“

فائيل جي مٿان ئي مٿان هئي درخواست؛ سڌا ديشپانڊي ،عمر ٽيهه سال، ڪواليفڪيشنس B.Sc. (Home Science) سُڌا! سُڌا! اهي آواز منهنجي ذهن ۾ گونجڻ لڳا: درخواست جي پني مان سڌا جي شوخ تصوير اُڀري آئي. هوءَ زور زور

ننڍ به ڪونه آئي ٻوءِ وڏيڪ رهي ڇا ڪريان. سڀني کي منهنجي لاءِ ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ڪرڻ گهربو هو.'' نارائڻداس آپو وڃائي ويٺو. رڙ ڪري پٽ کي چيائين:'' تون اُياڻين ڇا ٿي ٿو؟ تو هنن جو سک پيا ڪونه ڏٺو، فقط پنهنجو سک ۽ منورنجن ڏٺو. هنن جي غريبيءَ جو مذاق ٿو اُڏائين! اڄ جي منهنجي محنت ۽ ايشور جي ڪرپا نه هجي ها ته تون به ناگپور جي ڪنهن چاڙ ۾ رهيو پيو هجين ها. ياد رک ته مان به گوبندرام سان گڏ ساڳيءَ آفيس ۾ ڪلارڪ هوس. تون هنن کي ناراض ڪري هت هليو آيو آهين. تو اهو به نه سوچيو ته سنيتا جي دل تي ڇا وهيو هوندو. عورت ڪڏهن به پنهنجي پيڪن جي بي عزتي برداشت ڪونه ڪندي آهي. هن ته هر حالت ۾ سمجهوتو ڪيو آهي. ڇا رهندي تنهنجي عزت سنيتا جي من ۾! اُهو انسان ئي ڪهڙو جو حالتن سان پاڻ کي نه نڀائي.'' اهو سڀ چئي نارائڻداس هت لوڏيندو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

ونود يڪدم اُٿيو. فون تي ساهري گهر جو نمبر ڦيرايائين. فون سنيتا ئي کنيو. سنيتا I am Sorry! مونکي ائين هلي اچڻ نه گهربو هو. ممي ۽ پپا کان منهنجي طرفان معافي وٺج. مان ٻئي هفتي واپس اچان ٿو. چار ڏينهن گڏ رهي، دهليءَ گڏجي واپس ايندا سين.''

سنيتا جي اکين ۾ اَحسان جا ڳوڙها هئا. هن فقط چيو: Thank you!

ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ هو. گهر ۾ ٽي ڀاتي هئا. شري ٽڪارام، هن جي ڌرم پتني شيل ۽ سندس ڌيءَ سڌا، جا اُن وقت Jr. College ۾ پڙهي رهي هئي. مان B.A. پاس ڪري نوڪريءَ کي لڳو هوس ۽ سڌا هوم سائنس پڙهي رهي هئي.سڌا شڪل جي بيحد گوري، اکيون پوڙيون، منهن گول، وار وڏا چيلهه تائين، قد جي ڊگهي، ٻڪن جي سنهي، چهري تي هميشه مسڪراهٽ. هوءَ هميشه سدا بهار گلاب جيان پيئي مهڪندي ۽ ٻهڪندي هئي.

مون کي اُهو ڏينهن به ياد آهي. رات جو 11 بجا ٿيا هئا. اما ۽ بابا ماني کائي سمهي پيا هئا. مانB.A جي امتحان لاءِ پڙهي رهيو هوس. دروازي کي ڌڪو ڏيئي هوا جي جهونڪي جيان سڌا ڪمري ۾ ڌوڪي آئي. مان ڪتاب بند ڪري ڪرسيءَ تان اُٿي ڪڙو ٿيس. سڌا دروازي تي رڪجي بيهي رهي. من ئي من ۾ فيصلو ڪري رهي هئي ته اما جي ڪمري ڏانهن اڳتي وڌي يا پٺتي موٽي، مان نهر سان ڪيس چيم سڌا اما ته سمهي پيئي آهي. اما ۾ ڪو ڪم اٿيئي ڇا؟

هن ٽڪڙو ٽڪڙو ڳالهائيندي چيو ”منهنجي پيءُ کي ڇاتيءَ ۾ سور آهي. ڪيس اسپتال وٺي وڃڻو آهي. ڇا اوهان مون سان هلي سگهندا؟“ مان سڌا جي پيءُ کي ائنبولنس ۾ کڻائي اسپتال ويس، ٻه راتيون ٻه ڏينهن اسپتال ۾ هن جي ديک ڀال ڪيم ۽ ديشپانڊي گهر سان اسانجو نيهن جو ناتو پڄي ويو.

سڌا ته اسانجي گهر جو ڀاتي بڻجي پيئي. اما جي ته هوءَ لاڏلي هئي، گهر ۾ جڏهن به مني شيءِ نهي ته اما سڌا ڏانهن ڪٽورو ڏياري موڪليندي. سڌا نه فقط سنڌي ڳالهائي سگهي ويئي هئي پر سنڌي ڍنگ جو ڪاڌو به ناهڻ اما کان

سان چلائي رهي هئي: ”تون ڊرپوڪ آهين. تون مجھ آهين. منهنجو توسان ڪو بہ واسطو ڪونہ آهي.“ مان پريشان ٿي ويس. هاڻ ڇا ڪريان! سڌا تہ منهنجي سامهون اَچي رهي آهي. ڪهڙي منهن سان مان هن جي سامهون بيهي سگهندس.

هيءَ اُها سڌا نہ هوندي. هيءَ ٻي ڪا سڌا ديشپانڊي هوندي. مان پاڻ کي سمجهائڻ لڳس. پر اندر مان ور ور ڪري اِهو ئي آواز ٿي آيو تہ هيءَ تہ تنهنجي ئي سڌا آهي. سچائيءَ کي منهن ڏي.

مان پاڻيءَ جو گلاس پي پنهنجي من کي شانت ڪيو. گهڙيال ڏانهن ڏٺم. پورا 11.00 وڳا هئا. سيڪريٽريءَ انٽرڪام تي چيو: ”سر انٽرويو لاءِ پهرين اُميدوار ڪماري سڌا ديشپانڊي کي اندر موڪليان؟“ مون چيو: Yes

منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. دروازو آهستي کليو. منهنجون نظرون دروازي تي اٽڪل هيون. ها! اها منهنجي ئي سڌا هئي. پر وقت تہ هن مٿان وڏو قهر ڪيو هو. ڏاڍي ڪمزور ٿئي لڳي، اکين تي چشمو، چهرو ڦڪو، ڳل اندر پيٺل، بدن تي سادي هلڪي گلابي رنگ جي ساڙهي، وارن جي هڪ چوٽي. پيرن ۾ بہ پٽيو چمپل، هڪ فائيل جنهن کي هن پنهنجي سيني سان لڳائي رکيو هو. روم ۾ پير رکندي ئي هن چيو !May I come in Sir. هن جون اکيون مون سان مليون ۽ هوءَ پنڊ پهاڻ تي در وٽ ئي بيٺي رهي. شايد سوچي رهي هئي تہ ميز ڏانهن اڳتي وڃان يا پويان پير ڪري پٺتي موٽان.

سڌا سان منهنجي پهرين ملاقات بہ ڪجھ اهڙين حالتن ۾ ئي ٿي هئي. اسان جي گهر جي پاسي واري فلئٽ ۾ هڪ مرهٽي ڪٽنب اَچي رهيو هو. شري تڪارام ديشپانڊي.

سگهيو آهيان. بابا جو دل جي دوري سبب ديهانت ٿي ويو. پٺڙين جي ڏينهن ئي منهنجو مامو بمبئيءَ اچي سهڙيو. چي: ''هيءُ گهر وڪڻي هلي بئنگلور رهو.'' مون ڏانهن نهاري چيائين:''هن مرهٽياڻيءَ جي چڪر ۾ نه پئه. پيءُ جي عزت جو ڪجهه خيال ڪر. ماڻهو ڇا چوندا! تنهنجي آئينده لاءِ مان ٻيو ڪجهه سوچيو آهي.'' پوءِ پنهنجي ڀيڻ ڏانهن مخاطب ٿي چيائين: ''منهنجي سالي ويٺي آهي. سيٺ دولترام چڱي ڏيتي ليتي ڏيندءِ ۽ هن کي پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي ڇڏيندو'' منهنجي ماءُ ته ڪنڌ جهڪائي پنهنجي رضامندي ڏيئي ڇڏي، ۽ مان! منهنجون ته متيون ئي مارجي ويون هيون. مان بيوقوفن جيان ڪڏهن اَما کي ۽ ڪڏهن ماما کي ڏسندو رهيس. ڪاش! مان واکو ڪري چوان ها: ماما تون اَسانجي گهرو معاملي ۾ دست اندازي نه ڪر. پر منهنجا ته چپ ئي سبجي ويا هئا.

سڏا واکو ڪري اُٿي. هن جي چهري تي سخت غصو هو. هن جون اکيون ڄڻ باه وسائي رهيون هيون. هن جو روپ ڪاليءَ جهڙو هو. هن مون ڏانهن نهاري چيو ''تون ڊرپوڪ آهين. تون مجو آهين، منهنجو توسان ڪو واسطو ڪونه آهي.'' سڏا اُٿي هلي ويئي. ويندي ويندي دروازو زور سان بند ڪندي ويئي. اسان سمورو وقت چپ ويٺا رهياسين. جڳهه جو وڪرو ٿيو. اما، ماما سان بئنگلور هلي ويئي. مان من جي شانتيءَ جي کوج ۾ آفيس مان ٽرانسفر وٺي آسام جي وادين ۾ گم ٿي ويس.

ٻه سال اَڳ اَما جي بيماريءَ جو خط مون وٽ پهتو. مان بئنگلور روانو ٿي ويس. اَما پوين پساهن تي هئي. تمام جهيڻي آواز ۾ چيائين: ''پٽ، مونکي معاف ڪج. سڏا سٺي ڇوڪري آهي. هن کي دک نه پهچائج. هن سان شادي ڪري

سکي ويئي هئي. بابا نہ هن مٿان ٻلهار پيو ويندو هو. جڏهن بہ بابا گهر ۾ هوندو تہ گهر بابا ۽ سڌا جي ٽهڪن سان پيو گونجندو. بابا لاءِ سڌا سئيٽر مڙهيو تہ اما لاءِ سڌا شال تي پرت پرهيو.

بابو جو هميشه فضول خرچيءَ کان پيو پرهيز ڪندو هو سو هر مهني پيو هتي هتي پڪنڪ رکندو هو ۽ سڌا سيني کان اڳہ هکي تکي هوندي هئي. مان .B.A پاس ڪري نوڪريءَ کي لڳو هوس ۽ سُڌا هوم سائنس پڙهي رهي هئي.

هڪ دفعي بابا کي چار ڏينهن بخار تي پيو. سُڌا سڄو ڏينهن نرس تي بابا جي پاسي ۾ ويني رهي. ڏينهن رات بابا جي شيوا ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ اسان جي هڪ ڏوراهين مائٽياڻي بابا سان ملڻ آئي. سڌا جي شيوا ڏسي، اَما کي آهستي چيائين ”هن مرهتياڻيءَ کي نونهن بڻائڻ جو خيال کيو اَتيئي چا؟“ اَما فقط مسڪرائي ڏنو. سڌا جو چهرو خوشيءَ مان ٻهکي اُٿيو.

بابا شو جي ڏينهن اَسان کي امبرناٿ جي مندر ۾ شو درشن لاءِ وٺي هليو. درشن کان پوءِ سڌا ۽ مان چانهہ پيئڻ لاءِ هڪ هوٽل ۾ وڃي ويناسين. سڌا تمام پابوه سان پڇيو”تو ڀڳوان کان چا گهريو.“مان لاڏ سان چيومانس ”پهريائين تون ٻڌاءِ تو ايشور کان ڪهڙو ور گهريو.“ سڌا اکيون ٽمٽمائي، ڪنڌ نمائي آهستي چيو: ”مان تہ ڀڳوان کان هميشه فقط توکي ئي گهريو آهي.“ سڌا جو منهن شرم وچان سرخ تي ويو. مان پنهنجو هٿ هن جي هٿ مٿان رکي ڇڏيو.

چوندا آهن: ايشور جي من ۾ هڪڙي، تہ صاحب جي من ۾ ٻي. اسانجي گهر ۾ اهڙو زلزلو آيو جو سڀ ڪجهہ نابود تي ويو. مان اجا ان ڌڌکي کان پاڻ کي سنڀالي ڪونہ

ڏاڏو گم ٿي ويو

منهنجو نالو سنيل آهي. اوهان شايد مونکي نہ سڃاڻو. مان بابا نارائڻداس جو پوٽو آهيان. اوهان کي ڄاڻ آهي تہ منهنجو ڏاڏو گهر مان بہ ڏينهن گم ٿي ويو هو؟ اوهان کي خبر بہ ڪيئن پوندي؟ ڪير اوهان کي ٻڌائي! اوهان کي ڪير ٻڌائيندو؟ گهر ۾ مونکي سڀ چون ٿا: بيوقوف، چپ ڪر! اسان جي گهر جي عزت جو سوال آهي. هاڻ اِن ۾ عزت جو ڪهڙو سوال آهي! جو سچ آهي سو سچ آهي. حقيقت هن ريت آهي....

اهو سومر جو ڏينهن هو. مان اٽڪل 2.00 بجي ڪاليج مان گهر آيس تہ مون ڏٺو بابا گهر ۾ نهي ئي ڪونہ! اَمي کان يعني پنهنجيءَ ڏاڏيءَ کان پڇيم، مميءَ کان يعني پنهنجي ماءُ کان پڇيم پر ٻنهي مان ڪنهن بہ بابا جي خبر ڪونہ ڏني. بابا سائين هونءَ تہ يارهين بجي تائين باغ مان هوا خوري ڪري واپس گهر ورندو آهي. سنان پاڻي ڪري هڪ بجي ماني کائي بہ ڪلاڪ آرام ڪندو آهي. پر ان ڏينهن خبر نہ آهي بابا پنهنجو نيم ڪيئن ٽوڙيو هو! مميءَ پڇيو: پٽ سنيل! توکي ماني ڏيان؟ مان ڪيترو وقت چلهہ جهلي ويهي رهندس. مون بہ کو آرام لهڻو ڪي نہ؟ مون ماني ويٺي کاڌي جو منهنجي ڏاڏي اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي چيائين: سنيل ماني کائي وڃي هنن کي باغ ۾ ڏس. ڪٿي ڪنهن بينچ تي سمهي تہ ڪونہ پيا آهن. مونکي هنن جي ڏاڍي چنتا ٿي پيئي آهي. بابا جي چنتا تہ مونکي بہ هئي. مان تہ دهلجي ويس، جڏهن ڏٺم تہ باغ جي در کي تالو لڳل هو، هاڻ بابا کي مان ڪٿي ڳوليان؟ ڪلاڪ

پنهنجو گهر اَڏج. هيءُ سونو هار منهنجي طرفان سڏا کي ڏج.
هن اَسانجي ڏاڍي شيوا ڪئي آهي.

اَما ساسين سکالي تي ويئي. نااُميديءَ جا ڪڪر زور زور سان تڏهن وسڻ لڳا جڏهن بمبئيءَ مان منهنجي دوست جو خط مليو. هن لکيو هو ته سڏا کي تنهنجي نالي کان به نفرت آهي ۽ هن عمر ڀر شادي نه ڪرڻ جو قسم کاڌو آهي. هن جي پيءُ کي اڌ رنگ جي بيماري تي پيئي آهي. غريبي سندس گهر ۾ ننگو ناچ ڪري رهي آهي. هوءَ نوڪريءَ لاءِ در بدر آهي.

اَڄ سڏا نوڪريءَ جي کوج ۾ منهنجي سامهون بيٺي آهي. ”مس ديشپانڊي! پليز سٽ ڊائون.“

هوءَ منهنجي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. هن جون نظرون هيٺ جهڪيل هيون. مون چيو ”گهر ۾ تنهنجو ماءُ پيءُ ڪيئن آهن.“

”مان هت گهر جو حال اَحوال ڏيڻ ڪونه آئي آهيان. مان نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي آهيان.“سڏا ٿوري شوخيءَ سان چيو. ”نوڪري ته توکي ملي ويئي.“ مون چيو، انٽرڪام تي مون پنهنجي سيڪريٽريءَ کي سڏا ديشپانڊي جي نالي اَپائنٽمينٽ آرڊر ٺاهي کڻي اچڻ لاءِ حڪم ڏنو. مان تمام آهستي سان سوز ڀري آواز ۾ چيو:”سڏا اما جو ديهانت ٿي ويو آهي. هن مون کي تولاءِ پڇاڙيءَ جي نشاني ڏني آهي. هوءَ تو لاءِ ۽ مون لاءِ هڪ انتم اڇا به ڇڏي ويئي آهي.“

”ڪهڙي اڇا؟“

” تون ۽ مان سپ وساري شاديءَ جي بنڌن ۾ ٻڌجي وڃون.“ سڏا جي اکين ۾ برسات هئي، پر هن جي چپن تي هڪ مڌر مشڪ ڪڙي آئي ۽ چيائين:” مجهو اڇا تو اما جو سهارو وٺين- ڊرپوڪ-اڄ شام جو بابا سان ملڻ لاءِ گهر اچج.“

آهي. ڪڏهن پيو آسمان ڏانهن تڪيندو يا وڻ جي ٽارين
تي ويٺل پکين سان پُڻ پُڻ ڪندو. مان ڪڏهن ڪونہ ڏٺو
آهي تہ دادا يا ممي پنهنجو ڪمرو ڇڏي اَچي، بابا جي
پاسي ۾ ويٺا هوندا. هن سان ڪو حال اوريو هونداٿون.
منهنجي ڏاڏي يعني اَمي بہ پنهنجيءَ ۾ پوري آهي. هن
جو انداز بہ نرالو آهي. هوءَ يا هوندي آهي رنڌڻي ۾ يا
ٽي.ويءَ. جي سامهون. ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيئي سيريل
ڏسندي. پاڻ ئي پيئي کلندي ۽ روئندي. هن کي ڪجهہ
مهينن کان ويسر جي پڻ شڪايت آهي.

ويچارو بابا! ڪجهہ مهنا اَڳ مان ويٺي بابا سان
اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪيون. بابا ڏاڍو خوش هو. هر
ڳالهہ تي پي ٺهڪ ڏيئي کليو. اوچتو اَچي امي سامهون
بيٺي. شوخيءَ سان چيائين ”ڇو ٽا ٻار جو وقت زيان ڪريو؟
اوهانکي ڇا آهي؟ اوهان کي تہ آهي گمھڻو ۽ سمهڻو.
سنيل کي تہ پڙهائي ڪرڻي آهي نہ! هن جي ماءُ بہ ناراض
ٿي رهي آهي. هاڻ ڇڏيو اِها ڪل ڪل. هن کي پڙهڻ ڏيو.“

”بس! اُهو ڏينهن اُهو شينهن. بابا مون کان منهن
موڙي ڇڏيو. مان ڪلاس ۾ پڙهڻ لاءِ پهچي تہ ويس پر
منهنجو من پڙهڻ ۾ ڪونہ لڳو. گهر پهچي دادا کي فون
ڪيم، کيس بابا جي گهر مان گم هئڻ کان واقف ڪيم. دادا
جلد اَچي گهر پهتو. دادا کي ڏسي اَمي تہ اَچي سڏڪن ۾
ڇٽڪي. چي ”صبح جو 9.00 بجي کان گهر مان نڪتا آهن
شام جا ست بجا ٿيا آهن. خبر نہ آهي ڪٿي وجي ويٺا
آهن. ايترو وقت ويندا تہ ڪونہ آهن. دادا ڏکي تہ ضرور
ويو پر ٻاهران ٻنو رکي چيائين: ”اَما! تون چنتا نہ ڪر، مان
پوليس ۾ رپورٽ لکائي ٿو ڇڏيان. جلد ڀنو پئجي ويندو.“
ايتري ۾ اندران مميءَ جو آواز آيو ”پوليس ۾ رپورٽ نہ
لکائجو. اوڙي پاڙي وارا ڇا چوندا؟ گهر جي عزت جو سوال

ڪن هنان هنان ڏڪا ڪائي واپس گهر وريس. اها ئي اُميد هيم تہ بابو سائين سهي سلامت گهر پهچي ويو هوندو. پر نہ! امي در تي انتظار ۾ بيٺي هئي. ممي تہ وچي چادر تاڻي سُتي هئي. مونکي بہ 4.00 بجي ڪلاس ۾ وڃڻو هو، اَمي کان پڇيم ''دادا ڪي دڪان تي فون ڪريان؟'' اَمي وراڻيو ''نہ نہ! پيءُ کي ڇو ٿو پريشان ڪرين؟ هو اَچي ويندا! ويا هوندا ڪنهن مٽ مائٽ وٽ. بنا ٻڌائي هلي وڃڻ تہ هن جي اَصل کان عادت آهي. ٻين جو خيال ڪرڻ تہ هو ڪڏهن سکيا ئي ڪونہ آهن. بس، هر ڳالهہ ۾ پنهنجي من ماني! عمر ساٺون ماٿهو ڪجهہ بدلجندو آهي. پر نہ! ڪير چوي! جيڪو ڪڇي اُهو مُسي. تون وڃ پنهنجي ڪلاس ۾ ۽ مان بہ ڪلاڪ ڪنُ ليٽي پوان.'' اَميءَ جي آواز ۾ غصوگهٽ پر ڏپ وڌيڪ هو.

بابا گذريل ٽن سالن کان گهر ۾ آهي. هڪ ڏينهن دادا چيس : ''بابا! اوهانجي عمر هاڻ چڙهي چُڪي آهي. اوهان گهر ويهي آرام ڪريو. ڏنڌو هلائڻ لاءِ گهرجي نئين زماني جي تعليم ۽ ڪمپيوٽر جي ڄاڻ، اوهان جو پراڻو ڍڳ پورو ٿي ويو آهي.'' بس! ٻئي ڏينهن کان بابا پنهنجي دڪان تي ڪونہ ويو. هاڻ ڏنڌو منهنجو پيءُ هلائيندو آهي. جيئن مون ڏٺو آهي. بابا گهر ۾ ويهي بر تي پيو آهي. گهر جي چئن ڀتين ۾ گهيريل. هاڻ هو ٻوسٽ محسوس ڪري رهيو آهي. بلڊ پريشر جي ڪيس تڪليف آهي اِن لاءِ سبب تہ گهڻا ئي آهن. هو پنهنجي ڪار ڪرت کان وانجهيل آهي. هن جو ڪو بہ دوست ڪونہ آهي، جنهن سان ويهي ڳالهيون ٻوليون ڪري. گهر ۾ بہ خير ئي ڪو هن سان حال اَحوالي ٿيندو آهي. اِن سببان يا تہ هو ريڊيو سان ڪن لڳائي وينو هوندو آهي يا اخبار جا پنا پيو ورائيندو آهي يا وري وهاٽو ڏيئي سمهي پوندو آهي. باقي بہ ڪلاڪ صبح ۽ شام وڃي پاسي واري باغ ۾ نم جي وڻ هيٺان لڳايل بينچ تي ويهندو

مان پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي. متان ڪٿي بابا سان ڪا درگھٽنا نہ ٿي هجي.
دادا گھر کان ٻاهر نڪرڻ کان اڳ هڪ سوال پنهنجي ماءُ ۽ زال کان ڪيو. بابا جو اوهان مان ڪنهن سان ڪو جهڳڙو ٿيو هو ڇا؟ ٻيئي چپ رهيون. سوال ،سوال ئي رهجي ويو. پر مون کان رهيو نہ ٿيو. مون چيو ”بابا گھر ڇڏي هلي ويو آهي تنهن لاءِ جوابدار اسين سڀ آهيون. هن ڇا ڇا نہ سٺو آهي، ائين ٿئي ها جو هن کي ڪنهن ٻڍا آشرم ۾ داخل ڪيو وڃي ها، هڪ نالو تہ ٿئي ها تہ اسين بابا ڏانهن پنهنجي جوابداري نڀا سنڀالي سگھون. ڇا فقط ٻہ ويلا ماني ڏيڻ کي جوابداري چئي سگھجي ٿو! اسان مان ڪنهن کي ڏينهن ۾ پنج منٽ فرصت آهي جو بابا سان ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪري؟ وقت تہ هن کي ٻڍو ڪري ڇڏيو آهي پر اسان سڀني تہ هن کي پنهنجي ئي گھر ۾ ويڳاڻو بڻايو آهي. هو ڊپريشن جو شڪار آهي. ٻہ اسان سڀني کي نہ چاهيندي بہ انتظار آهي تہ هن جي زندگيءَ جو انتم باب ڪڏهن ٿو پورو ٿئي. بابا گھر ڇڏي هلي ويو آهي. تنهن لاءِ مونکي بلڪل ڏک ڪونہ آهي.هن گھر ۾ هيءُ رکي زندگي ڪير جهيلي سگھندو جتي سڀ پنهنجيءَ ۾ پورا آهن!
دادا، رومال سان پنهنجي اکين ۾ تري آيل ڳوڙها اُگھيا. بوٽ پائي گھر کان ٻاهر هليو ويو. مان بہ هن سان ساڻ ساڻ هلڻ لڳس. ويندڙ جو هڪ منهن، ڳولهيندڙ جا سوين رُخ، ڪٿي ڳوليون بابا کي! هيءُ ڪا اَڪ جي ماکي تہ ڪونہ آهي جو لاهي وٺبي. سڄي رات ريلوي اِسٽيشنون، اسپتالون ۽ مردا گھرن جا ڏڪا کاڌاسين. پر وريو ڪجھہ بہ ڪونہ. ڪٿان بہ اَسان کي بابا جو ڏسُ ڪونہ مليو. پريشان ٿي منجهند جو 12.00 بجي گھر پهتاسين. اَمين ۽ مميءَ جون سوالي نگاهون اُٿيون ضرور، پر جواب نہ پائي وري جهڪي ويون. منهنجي

آهي. رپورٽ لکائيندا تہ پوليس گهر ۾ ايندي. ڪنهن کي کهڙو جواب ڏيندا.'' مميءَ هڪ مدو ٻيو بہ جوڙيو. چي، ''جي هاڻ گهر جا وڏا ئي بي جوابدار ٿيندا ۽ ننڍن کي تڪليف ۾ وجهندا تہ گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو. اسان تہ وڏن لاءِ سڀ ڪجهہ ڪيو آهي. پر هتي آهي ڪائيندي پيئندي ناني نيرانيءَ وارو قصو. جي بابا کي ڪو اسان مان ڏک سور هو تہ اسان کي ٻڌائي ها. هيئن گهر مان هلي وڃڻ ڪو نهي ٿو ڇا؟ اسانجي عزت جو نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي عزت جو ئي خيال ڪن ها!'' منهنجي ڏاڏيءَ تہ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. دادا، مميءَ جي ان بحث تي خفي ٿيندي چيو: ''شانتا! تون اَجايو ويٺي اَٿي مان وار ڪڍين. سوال اِهو نہ آهي تہ بابا کي ڇا ڪرڻ گهربو هو.'' سوال آهي تہ بابا کي ڳولهڻ لاءِ هاڻ اَسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. جواب مميءَ ئي ڏنو. ''واڌو رام وڪيل اَسان جو پاڙيسري آهي. هن وٽ وڃو. ضرور ڪا راه نڪري ايندي.''

مان ۽ دادا گڏجي اَچي واڌورام وڪيل جي گهر پهتاسين هن صاحب تہ تيليءَ مان ٿنپو ٻڌائي ڇڏيو. سوالن جي برسات وسائي ڇڏيائين. بابا جا شهر ۾ ڪهڙا مائٽ آهن؟ بابا جي کيسي ۾ گهڻا رپيا آهن؟ بابا جي کيسي ۾ گهر جي ائڊريس ۽ فون نمبر آهي يا نہ؟ گهر ۾ تڪرار ٿيو آهي ڇا؟ وغيره وغيره. دادا تہ ڪنهن بہ سوال جو جواب ڏيئي ڪونہ سگهيو. اسان اُٿڻ وارا ئي هئاسين جو واڌو رام وڪيل دادا کي چيو ''اوهانکي قانون جي خبر آهي؟ هر اولاد کي پنهنجي ماءُ جي پوري پرداخت لهڻي آهي. اوهان تہ ڪاڪي جي سنڀال ڪونہ ڪئي آهي ۽ قانوني طور ڏوهي آهيو.'' دادا پريشان ٿي ويو، اَسين اُٿي ڪڙا ٿياسين.

هاڻ گهر ۾ اِها ئي صلاح ٻيني تہ پوليس ۾ رپورٽ داخل نہ ڪئي وڃي. ريلوي ستيشنون، اسپتالون ۽ مردا گهرن

ممتا

’ڪرشناڪنج‘ ممبئي جي باندرا ايراضيءَ ۾ هڪ مشهور ست منزله عمارت آهي، جنهن جي ستين ماڙي تي سڏا پنهنجي پتي ونود ۽ ستن سالن جي اڪيلي سنتان، چندر سان رهندي آهي. گهر ۾ هڪ پارٽ ٽائيم نوڪرياڻي به آهي. چندر ته سيني جي اکين جو تارو آهي. گهر ۾ سڀ چڙهي به چندر سان ته لهي به چندر سان. سڏا جو سمورو ڏينهن بس چندر جي اردليءَ ۾ ئي گذرندو آهي. پاڻ صبح جو اٺين بجي ڪار ۾ چندر کي اسڪول ڇڏي ايندي. ڏهين بجي وري چندر لاءِ نيرن ڪٽي اسڪول پهچي ويندي. ٻارهين بجي چندر کي ڪار ۾ اسڪول مان وٺي ايندي. پوءِ سڄو ڏينهن چندر جو هوم ورڪ، ڪاڏو، ننڊ ۽ آرام ڏسڻ. سڏا لاءِ پاڙي اوڙي ۾ سڀ چڻ ته اوپرا. هوءَ نه ڪنهن جي گهر اَچي وڃي ۽ نه ڪنهن سان رامست جو رستو . هن جي اهڙي رکي سڀاءَ تي پاڙي وارن کي عجب لڳندو آهي. پر ڪو ئي ڪنهنجو مالڪ ته ڪونه آهي.

هڪ ڏينهن ڪرشنا ڪنج جي سيني زالن منجهد جو پريتي ڀوڄن جو پروگرام رٿيو. هر ڪا پنهنجي گهر مان جدا جدا طعام ٺاهي اچي راڌا ماءُ جي گهر ۾ محفل مچايائون. سڏا کي به هِن پريتي ڀوڄن ۾ شامل ٿيڻ جو نوتو ڏنو ويو هو. پر هوءَ ڪونه آئي. پاڙي جون سڀ زالون سڏا جي نه اَچڻ تي پاڻ ۾ سُس پُس ڪري رهيون هيون. هڪ [illegible] وڏي واکي چئي ڏنو: ڀڳوان، ٻار ته سيني کي ڏنا آهن. اهڙن

ذهن ۾ هڪ ئي سوال ور ور ڪري اُٿي رهيو هو. منهنجا مائٽ منهنجي هر ضرورت جو خيال رکن ٿا ۽ مون لاءِ گهر ۾ هر سک ميسر ڪيو وڃي ٿو، پوءِ بابا سان اهڙو سلوڪ ڇو؟ هن سوال جو جواب بس هڪ ئي ٿي سگهي ٿو شايد ڪمند مان رس نڪري ويئي آهي. باقي وڃي ڇوپا بچيا آهن. پوءِ ڇوپن کي ڪير ٿو پڇي!

دادا چيو ”پٽ سنيل! هل ته هلي پوليس ۾ رپورٽ داخل ڪيون. ٻيو ڪو رستو نه سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي.“ ايتري ۾ در تي گهنٽي وڳي دروازو مون ئي کوليو. سامهون بيٺو هو اسان جو بابا سائين. چهري تي سدا بهار مشڪ. تازو، توانو، چست ۽ ڦڙت. بابا کي ڏسي سيني جي چهري تان يڪا يڪ ڊپ ۽ انتظار پر ڪري اُڏامي ويو. پر اسان سڀ جو سڀ چُپ هئاسين. ڪنهن جي به زبان مان ڪو اکر ڪونه اُڪليو. بس، بابا کي ڏسندا رهياسين. بابا اَچي ڪرسيءَ تي ويٺو. سيني کي شانت ڏسي سوال ڪيائين ”ڇو ڀائي! گهر ۾ ڪجهه ٿيو آهي ڇا؟“ اَمي ئي سوال جو جواب ڏنو. ”بنا ٻڌائي توهان ڪيڏانهن هلي ويا؟“ بابا مسڪرايو ۽ چيائين: ”ڪالهه صبح توکي ٻڌايم ته باغ ۾ هلندڙ ’لافنگ ڪلب‘ وارن هڪ ڏينهن لاءِ ڪنڊالا ۾ ڪئمپ رکي آهي. مان ته انهن سان ويو هوس، پر اوهان سڀ اُداس ڇو آهيو؟“ منهنجي ڏاڏيءَ نرالي ڍنگ سان چيو ”اڙي منهنجو ته چيتو ئي ڇٽ آهي، ڪجهه ياد ئي نٿو رهي پر توهان وڃڻ کان اڳ مونکان موڪل ورتي؟“ مون کان هڪ ٽهڪ نڪري ويو،“ واه اَمي واه! واه تنهنجي ويسر!“

متي مائٽيءَ جي ڳالهه ڇيڙي ويٺو. چي ”منهنجو پٽ ونود شاديءَ لائق آهي. ڏنڊي مان سنو ٿو ڪمائي ، پر هن جو ضد آهي تہ ڇوڪري پڙهيل هجي، گهر جي ڪم ڪار ۾ ماهر هجي؛ شاديءَ کان پوءِ نوڪريءَ بابت نہ سوچي؛ بس پنهنجي گهر گرهستي سنڀالي. اَدا! توکي تہ خبر آهي تہ مان ڏيتي ليتيءَ جي خلاف آهيان.“ سند رداس منهن مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهاريو. من ئي من ۾ ايشور جا شڪرانا مڃيا. الله ڏي تہ ٻانهي بہ سونهي.

بس! اٺن ڏينهن اندر سڏا جي شادي ونود سان ٿي ويئي. پيڻ جي شاديءَ کان پوءِ ننڍي ڀيڻ سنيتا پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي پيءُ تي بوجهہ بڻجڻ نٿي چاهيو. سنيتا کي هڪ آفيس ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ملي ويئي. پهرين تاريخ جڏهن هن کي پگهار مليو، تہ هوءَ تہ جهومي اُٿي. سموري پگهار آڻي پنهنجي پيءُ جي هٿ تي رکيائين. چي ”بابا هاڻ اوهان ڪا بہ چنتا نہ ڪريو. مان اوهان جي ڌيءُ نہ پر پٽ آهيان. اوهان جي شيوا ڪرڻ منهنجو فرض آهي. ويچارو سندرداس روئي ويٺو. چيائين: ”پٽ سنيتا! مان ڪيئن نياڻيءَ تي بوجهہ بڻبس؟ مان تہ چاهيان ٿو تہ تون وڃي پنهنجي ور گهر سکي ٿيءُ مان پرتي ٻوٿو. تون منهنجي چنتا نہ ڪر.“

آفيس ۾ سيٺ جو پٽ سڌير، سنيتا کي پنهنجي حوص جو شڪار بنائڻ لاءِ تاڪ ۾ هو. هر مهيني سنيتا کي سوکڙيون ڏيڻ، سير سپاٽي تي وٺي وڃڻ، هوٽلن ۾ کاڌو کارائڻ، موٽرن ۾ گهمائڻ، شادي ڪرڻ جو وشواس ڏيارڻ. اهو سڀ تہ شڪاريءَ جو جار هو. پکي هو اٻوجهہ. داڻو چڳڻ لاءِ هو هيٺ لهي آيو ۽ وچايل جار ۾ الجهي ويو. شڪاري تہ

ڪي ڪو نئينءَ مان ٻار نہ ڪونہ ٿيو آهي جو سچو ڏينهن وڃي چندر چندر ڪري. ڪنهن چيو سڌا ٻاڻ ئي رکو روح آهي. ڪنهن سان هري رام جو رستو بہ اَٽس؟ پوءِ ٻار ڪي ڏوهہ ڇو ڏجي. بس! پوءِ نہ سيني جي ڀوُن ڀوُن هئي. سيني جون ڏندين آڱريون تڏهن لڳيون جڏهن راڌا ماءُ آهستي چيو: ”اڙي بابا! اَجايو ٿيون ڳالهيون ولوڙيو. اهو ٻار بہ نہ سڌا جو ڪونہ آهي، هن ڪي نہ پنهنجي سنتان ڪڏهن ٿي ئي نہ آهي. چندر نہ هن جي ننڍي ڀيڻ سنيتا جي اولاد آهي.“

راڌا ماءُ جي اوچتي اعلان سيني کي حيران ڪري ڇڏيو. بس پوءِ نہ پرائي ٻچر جو ڀوت سيني جي سر تي سوار ٿي ويو. سڀ سڌا بابت تفصيل سان ڄاڻڻ لاءِ راڌا ماءُ کي ورائي ويون. راڌا ماءُ بہ سيني جي وچ ۾ ويهي هڪ انوکي اَنداز سان سڌا جو داستان ڇيڙي ويٺي.

”سڌا جو پيءُ سندر داس ڪن ڏينهن ۾ بلي بلي هو. هن جي زال سيتا نہ وڃي سرڳ پڌاري. سندر داس پنهنجن ٻنهي ڌيئرن سڌا ۽ سنيتا کي لاڏ سان پاليو. ٻيئي ڪاليج تائين پڙهيون. ٻيئي سندر ۽ سُشيل، هڏ ڀڳيون، سڀڻ ڀرڻ ۾ هوشيار، سندرداس ڪي ڀاڳ ساٿ ڪونہ ڏنو. ڏنڊو ڏاڙي نپ تي ويس. ويچارو ٻنهي ڌئين جا هٿ پيلا ڪرڻ لاءِ حيران پريشان هو. گهوٽيتن جي هر گهر مان تقاضا هئي جي وڏي ڏيتي ليتي ڏجي . اَڄ ڪالهہ ڇوڪرين کي ڪير ٿو ليکي! جيڪو منڊيءَ ۾ وڏو واڪ ڏي سو ور پائي. ويچارو سندر داس ڇا ڪري؟ ’نياڻين جي ليک ۾ ڪا ميک آهي‘ چئي چُپ ڪري ويٺو. سچ چيو اَٿن نہ ايشور جي در دير آهي پر انڌير نہ آهي. هڪ ڏينهن سندر داس کي هن جو ننڍپڻ جو دوست لڇمڻ داس ملي ويو. ڳالهيون ڪندي لڇمڻ داس

سيني سان سانڍي رکندي. ڪڏهن به ٻڙڪ ٻاهر ڪونه ڪڍندي. راڌا ماءُ جڏهن هيءُ داستان پورو ڪيو تڏهن سيني جي اکين ۾ لڙڪ هئا. اُن ڏينهن ڪوبه پريتي پوڄن جو آنند ماڻي ڪونه سگهيو.

ممبئيءَ ۾ اُهو چوماسي جو پهريون وسڪارو هو. اَڃا چار ڏينهن اڳ ئي اسڪول کليا هئا. سڌا، چندر کي اسڪول ۾ نيرن ڪارائي موٽي رهي هئي، جو آنتڪواد جو هڪ ڌماڪو ٿيو. سڌا جي ڪار باه جي ڀنبٽ ۾ لپٽجي ويئي. سڌا گهر ڪونه پهتي. پوليس لاءِ فقط هڪ ڌماڪو هو. پر ونود جو آشيانو اُجڙي ويو. چندر جي سر تان ماتا جو سايو هٽجي ويو. 'ڪرشنا ڪنج' جي هر گهر ۾ خاموشي ڇانيل هئي.

سڌا جي چاڻٽي واري ڏينهن سنيتا ونود کي چيو ''ونودا هاڻ جڏهن سڌا ئي نه رهي، تڏهن مان چاهيان ٿي ته تون چندر جي ٻانهن مونکي موٽائي ڏي.' ونود ٿڀيءَ ۾ پئجي ويو. ڪجهه سوچي چيائين ''سڌا ته برابر نه رهي، پر مان ته اَڃا جيئرو آهيان؟ چندر سڌا جي مون وٽ امانت آهي. هو اسان ٻنهي جو پيار آهي. سنيتا! مان توکي چندر واپس ڏيئي ڪونه سگهندس. هن کي ساه سان سانڍيندس. ها هڪ ڳالهه ياد رکج. ڪڏهن به چندر جي ماءُ هئڻ جو راز هن سان نه سلج. مان ڪڏهن به نه چاهيندس ته ٻار جي من مندر ۾ سڌا جي ماتا جي روپ ۾ چٽيل مورت ڪنهن به نموني ڏنڌلي ٿئي.''

''پر جي تون ڪڏهن ٻي شادي ڪرين ۽ اُها اَچي چندر کي پريشان ڪري ته پوءِ مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟''

سنيتا جهنجهلائي اُٿي. ونود کو جواب ڏئي تنهن کان اڳ ڪاڪو سندر داس پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿيو. سنيتا جي سر

پنهنجو مطلب پورو ڪري هليو ويو، پر ويچارو پڪي جنهن جا پر ڪتجي ويا؛ خون ۾ لت پت حيران پريشان ڦٿڪي رهيو هو. ڪنهن سان حال اوري پنهنجي ڪئيءَ جو نہ داد نہ فرياد. سنيتا جي هيءَ غلطي ڪيئن ڪيس سک سمهڻ ڏئي؟ اگر ڪوسا تہ هٿ ساڙين؛ اگر ٿڌا تہ هٿ ڪارا ڪن. سنيتا فيصلو ڪري نہ سگهي تہ ڪهڙي واهہ وڃي. گرڀ پات ڪرائي چونڪارو پائي يا ٻار کي سنسار ۾ آڻي، ان جو پالڻ پوشڻ ڪري پنهنجي ڪيل غلطيءَ جو پراشچت ڪري. سندر داس جي ڪن تي جڏهن ڳالهہ پيئي، تڏهن هو تہ پنهنجا ڪرم ڪٽي روئي رهيو هو. سنيتا کي تہ بس جيون جي لنبي وات تي ڪاري ٻاٽ ئي ٻاٽ تي نظر آئي. ڪٿي بہ اُميد جو ترورو نظر ڪونہ پئي آيو.

هن لاءِ اُميد جو ترورو جاڳيو تہ سڌا ۽ ونود جي روپ ۾. ٻئي جهول جهلي اَچي سنيتا جي سامهون بيٺا. سڌا تہ پنهنجي ننڍي ڀيڻ جي گود ۾ اوڇنگارون ڏيئي روئي رهي هئي. چي ”ڊاڪٽر چون ٿا، تہ مان ڪڏهن بہ ماءُ بڻجي ڪونہ سگهندس. اسان جي گهر ۾ ونش جو ديپ روشن ڪونہ ٿيندو. مان ونود کي سنتان جو سک ڏيئي ڪونہ سگهنديس. منهنجي التجا آهي تون گرڀ پات جو ويچار ڇڏي ڏي. اهو ٻار جنم وقت ئي منهنجي جهول ۾ وجهجانءِ. اسان جي گهر جو ديپ روشن ٿيندو. ونود کي سنتان ملي ويندو. تنهنجي اسان سنتان ساهہ سان سانڍيندا سين. ماءُ ۽ ماسيءَ ۾ ڪو فرق آهي ڇا؟ بس ائين ئي سڌا جي گود ڀرجي پيئي. چندر ننڍي هوندي کان ئي سنيتا کي ماسي ماسي ڪري سڏيندو آهي. چندر کي گود وٺڻ قاعدي مطابق رجسٽر ٿيل آهي. سنيتا بہ قبول ڪيو آهي تہ هوءَ اِهو راز هميشہ لاءِ

سورن جو ورثو

ممبئيءَ مان منهنجي دوست ائڊووڪيٽ چندر جو نوتو آيل آهي. هن جي ڌيءُ مڌوءَ جي شادي ايندڙ هفتي ممبئي ۾ آهي، چندر منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي ۽ منهنجو هم ڪلاسي آهي. هن جي پيار ڀريئي نوتي کي ٺڪرائي نہ نٿو سگهجي! سچ تہ ممبئي وڃڻ تي منهنجو من اَصل ڪونہ آهي. اُتي ويندس تہ يادگيرين جو سمنڊ وري اُٿلي پوندو. سيني ۾جي سور پنجويہ سالن کان دفن ڪري وينو آهيان، سي سڀ ممبئيءَ پهچندي ئي جوالا مکيءَ جيان ڦٽي پوندا.

هونءَ تہ ممبئيءَ ۾ ئي ڄائو نپنو آهيان. ممبئي يونيورسٽيءَ مان .M.A جي ڊگري ورتي اَٿم. ممبئيءَ ۾ ئي هڪ سرڪاري آفيس ۾ آفيسر جي عهدي تي نوڪريءَ جي شروعات ڪئي اَٿم. ممبئيءَ جي ڪاليج ۾ ئي سڌا سان نينهن جو پيچ پيو ۽ شاديءَ جي پوتر بنڌن ۾ ٻڌجي وياسين. وواهت زندگي ڄڻ سرڳ مثل هئي. مان هيس، منهنجي سڌا هئي ۽ هئي پيار جي برسات. ٺهڪ هئا ۽ کل کل جي ڦوهار هئي. هڪ ڏينهن سڌا منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي کلندي مسڪرائيندي ڀاڀوه سان چيو ''صاحب! اوهان کي هڪ خوشخبري ڏيان ۽ مان اُتاولو ٿيندي کيس چيو ''سجني! جلد ٻڌاءِ. ڪهڙي خوشخبري آهي.'' سڌا پنهنجو ڳل منهنجي ڳل سان ملائي چڏيو، کن ۾ ڀاڀوه سان چيائين ''اسان جي گهر ننڍڙو مهمان

تي هٿ رکيائين. پاڻهوءَ مان چيائين ”پٽ سنيتا! مون وٽ هڪ سجهاءُ آهي. جي تون پنهنجو شادي نہ ڪرڻ جو ضد ڇڏي، ونود سان شادي ڪرين ۽ ونود بہ تنهنجي ڪيل غلطيءَ کي نظر انداز ڪري اَپنائي تہ ونود جو گهر بہ نهي پوندو. چندر بہ ٺاڻينڪو ٿيندو ۽ سڌا جي آتما کي بہ شانتي ملندي.“ ”بابا! مون زندگيءَ ۾ گهٽو ڪجهہ سنو آهي. هاڻ مان ڪنهن بہ بنڌن ۾ جڪڙجڻ نٿي چاهيان. منهنجي شاديءَ جو خيال ڪڍهن بہ من ۾ نہ آڻجو. سڌا جواب ڏنو. ونود ڏيرج سان چيو: سنيتا! بابا نيڪ ٿو چوي، زندگيءَ ۾ غلطي ڪير نٿو ڪري! تون اَجايو ٿي پاڻ کي سزائون ڏئين. ڏنو سڀ وسار. اڻ ڏني ڏي منهن ڪر. تون بابا جي سجهاءَ تي وري ويچار ڪر.“ ٻئي ڏينهن شام جو موسلا ڌار مينهن وسي رهيو هو. رکي رکي وچ ڪڙڪي رهي هئي. چندر گهر ۾ اڪيلو هو. نوڪرياڻي خبر نہ آهي ڪيڏانهن هلي ويئي هئي. ونود بہ اَجا آفيس مان گهر ڪونہ وريو هو. بجليءَ جي ڪڙڪات چندر کي ڏڪائي ڇڏيو. سنيتا جي گهر جي فون جي گهنٽي وڳي. سنيتا ئي فون کنيو، ”ماسي مونکي ڊپ ٿي رهيو آهي. گهر ۾ ڪير ڪونهي، ماسي تون جلد هلي اَچ.“

فون تي ڏڪندڙ آواز ٻار جو آيو. سنيتا پريشان ٿي ويئي. هن جي ممتا چلائي اُٿي. ”پٽ چندر! مان هڪ منٽ ۾ تو وٽ ٿي پهچان. تون ڊڄ نہ“ سنيتا فون ڦٽي ڪري اُٿي. آندي جي جر سنيتا جي من جا سڀ بنڌن ٽوڙي ڇڏيا. هن جي وجود جو فقط هڪ مقصد هو، چندر ۽ چندر. ڪرشنا ڪنج جي ستين ماڙي تي هاڻ سنيتا پنهنجي پتيءَ ونود ۽ سٽن سالن جي پٽ چندر سان رهندي آهي.....

هو. چندر مونکي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. مان ويهندي ئي پڇي ويٺس ”چندر ڇا ٿيو آهي؟ سڀ نيڪ ته آهي نه“؟ ”اَدا! ڪٿي سڀ نيڪ آهي؟ گهوٽيتن بکيڙو ڪيو آهي. مائٽي ٽٽي پيئي آهي.“ چندر هڪ سُڏڪو ڀريندي چيو. ”هوندي اُها ئي ڏيتي ليتيءَ جي تقاضا. مون چيو. نه ڀائي! نڪ کي مَرُ ڪير لائيندو؟ سوال فقط ڏيتي ليتيءَ جو هجي ها ته مان پاڻ وڪٽي به هنن جو پيٽُ ڀريان ها! توکي خبر آهي ته منهنجي شاديءَ جي ٽن سالن جي عرصي کان پوءِ به جڏهن نرملا ماءُ نه ٿي سگهي ۽ ڊاڪٽرن جو به رايو هو ته نرملا جو ماءُ ٿيڻ ناممڪن هو تڏهن اَسان اَناٿ آشرم مان قانوني طور ٻن سالن جي مدوءَ کي گود ورتوسين. ٽيويهه سال هن جو پالڻ پوشڻ ڪيو آهي. هوءَ اَسان جي جگر جو ٽڪرو ۽، اَسان جي سمپتيءَ جي وارث آهي. هاڻ ٿا گهوٽيتا نڪر پيچن ته اَسان هنن کان مدوءَ جي اصلوڪي ٻُڻ بابت سڀ ڪجهه لڪايو آهي. هن جو اَصلوڪوماءُ پيءُ ڪير آهن؟ هن جو خون ڪهڙي خاندان جو آهي. هن جي ذات پات ڪهڙي آهي؟ وغيره وغيره .

”بيوقوف اِهو نٿا سمجهن ته مدو جڏهن اسان جي گهر آئي، تڏهن هوءَ فقط ٻن سالن جي هئي. اسان ئي هن کي نپايو آهي. هن کي سماج جا سڀ سنسڪار ڏنا آهن. هوءَ هوم سائنس ۾ گريجوئيٽ آهي. شڪل جي سهڻي آهي. هن کي پنهنجي علحده شخصيت آهي.“ اِهو سڀ چئي چندر ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو.

”اَڙي بابا! چرين جا پور، مٽي جا سور. تون سڀ ڪجهه وساري ڇڏ. مون ٽيڪو ڏنو.“

اَچٹو آهي. ڪجهه سَمجهوَ'' مان سڌا ڪي ڇڪي پنهنجي ڀاڪر ۾ سمائي ڇڏيو. اسان ٻيئي نئين مهمان جي مرحبا ۾ نَوَ مهينا اکيون وڇائي ويٺا هئاسين. اُتندي ويهندي بس نئين مهمان جي تنوار هئي. ٻار ڌيءُ هوندو يا پٽ! ٻار جو نالو ڇا رکبو! ٻار جو چهرو پيءُ تي هوندو يا ماءُ تي وغيره وغيره. نيٺ اُهو ڏينهن بہ آيو. سڌا کي سور شروع ٿيا. مون پنهنجي ڀيڻ سنيتا کي فون ڪيو۽ اسپتال پهتاسين. ڊاڪٽر تپاس ڪئي ۽ چيو تہ ''ڪيس ڏاڍو ڪامپليڪيٽيڊ آهي. مان پوري ڪوشش ڪريان ٿي. اڳتي سڀ ايشور تي آهي.'' سڌا آپريشن ٿئيٽر ۾ موت سان جنگ جوٽي رهي هئي. اسان ٻاهر بيوس پريشان انتظار ۾ هئاسين. جڏهن ڊاڪٽر ٻاهر آئي تہ چيائين ''سڌا ڌيءُ کي جنم ڏنو آهي. I am Sorry مان سڌا جي جان بچائي ڪونہ سگهيس.'' منهنجي دل کي زبردست ڌڌڪو آيو. منهنجي سڌا هلي ويئي! منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. مان آفيس مان ٽرانسفر وٺي ممبئي کان ٻاهر هليو ويس، گذريل پنجويهہ سالن کان بس هڪ شهر کان ٻئي شهر ڀٽڪندو رهيو آهيان. ڪڏهن ممبئيءَ ۾ پير بہ ڪونہ پاتو اٿم.

خير! چندر جي نوتي تي شاديءَ کان ٻہ ڏينهن اڳ ئي ممبئيءَ پهچي ويس. دادر اسٽيشن کان ٽئڪسي ڪري اچي چندر جي گهر پهتس. هيءُ ڇا! هِت نہ نہ ڍُهل نہ دمام! نہ ديڳيون نہ رانڌا! ڄڻ تہ موت جو سناٽو ڇانيل هجي. پڪ ئي پڪ ڪا درگهٽنا آهي! در تي گهنٽي وڄايم. در نوڪر ئي کوليو. اندر هال ۾ موجود هئا چندر، ڀاڀي نرملا ۽ دلهن مڌو. ماحول بلڪل غمگين ۽ تناوَ ڀريو

اڳيان پنجويه سال اڳ وارو ممبئيءَ جي اسپتال جو درشيه سامهون هو. سڏا جو لاش آپريشن ٿئيٽر ۾ هو. نرس منهنجي نئين ڄاول ڌيءُ کي گلابي ٽوال ۾ ويڙهي اَچي منهنجي پيڻ سنيتا کي ڏنو. سنيتا ٻار جو چهرو چميو ۽ ٻار مون کي ڏيندي چيو. ”ڇوڪري تہ ڄڻ چنڊ جو ٽڪرو آهي.“ مون ٻار کان منهن موڙي ڇڏيو. سنيتا کي چيم ”هيءُ گرهڻ ورتل اَشڀ چنڊ آهي. هيءَ ئي منهنجي سڏا جي موت جي جوابدار آهي. هن نانگڻ جي منهنجي گهر ۾ ڪا جڳهہ بہ نہ آهي. مونکي ڏانئڻ نہ گهرجي. ڏيئي ڇڏيس ڪنهن کي جنهن کي ٻار جي ضرورت هجي. ها! هن کي ڪنهن اَناٿ آشرم ۾ نہ ڏجانءِ. مون نہ ٻار کي ڏٺو ۽ نہ وري ٻار بابت ڪڏهن سنيتا کان پڇيم. هاڻ تہ سنيتا بہ هن سنسار ۾ جيوت نہ آهي. منهنجي ٻالڪي خبر نہ آهي ڪٿي هوندي. جي جيئري هوندي تہ هوءَ بہ سڏوءَ جي عمر جي هوندي. سڏوءَ جا پڇيل سوال پڙاڏو ٿي منهنجي ذهن ۾ گونججي رهيا هئا. مان نيم بيهوش ٿي ويس، خبر نہ آهي ڪيئن چندر ۽ هن جي گهر وارن مونکي ڪٺي گيسٽ روم ۾ سمارهيو. سڄي رات ننڊ ڪونہ آئي. منهنجو ووېڪ مونکي ڦٽڪار وجهي رهيو هو. ”تون نالائق آهين. تون پنهنجو فرض بہ ڪونہ پالي سگهيو آهين. اڙي پيءُ جو فرض آهي ٻار جي پالنا ڪرڻ، ٻار کي سنا ويچار ڏيڻ، پيار دلار سان ٻار جي شخصيت جو نرماڻ ڪرڻ، جيئن هو سنو ناگرڪ ٿي سگهي. پر تو ڇا ڪيو؟ تو تہ پنهنجي ابهم ٻار کي ڏارين جي حوالي ڪري ڇڏيو. تون چئين ٿو تہ توکي سڏا سان پيار آهي. تون تہ سڏا جي امانت کي بہ ڪونہ سنڀالي سگهين، سچ

''پر دوست! مون پنهنجي ڌيءُ جي شاديءَ جا
ڪارڊ ورهيا آهن. گهر ۾ مهمان اَچي ويندا. مان سماج
کي ڪهڙو جواب ڏيندس. لوڪ آهي بوڪ. گهوٽيتن کي
ڪيئن سمجهايان؟'' چندر جهنجهلائيندي چيو:
''هاڻ ڪنهن کي ڪجهه به سمجهائڻ جي ضرورت نه
آهي. پُٽ جي پوندي ڪان منهن جو پوندو پلو'' مڌوءَ رڙ
ڪري چيو. مان اهڙي گهر ۾ شاديءَ لاءِ تيار ڪونه آهيان
جتي انسان جي صحيح پرک نه هجي. جن کي منهنجي
ماءُ پيءُ لاءِ عزت نه آهي، اهڙن سان مان رشتو مور ڪونه
ڳنڍيندس. بابا! مان ڪنواري ئي ڀلي، منهنجي لاءِ نه
اوهان ٻيي نند ۽ يشوڌرا آهيو. پر اَڄ جي منهنجي
سامهون اُهي ٻيئي هجن ها، جن مونکي جنم ڏنو ۽ اناٿ
آشرم ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو تن کي منهنجي ڪجهه سوالن
جو جواب ته ضرور ڏيڻو پوي ها. ڇا انهن ڪڏهن اِهو به
سوچيو ته ڪو اڳتي هلي هنن جي ٻار کي ناجائز قرار
ڏيندو ۽ مون وٽ ڪو جواب نه هوندو. ڇا هو اَهڙا سفيم
هئا جو منهنجي پرورش جي جوابداري کڻڻ لاءِ اَسمرٿ هئا
۽ ڪنهن ڏير تي ڦٽو ڪري ڇڏيائون. ڇا ڪڏهن ڪو
پنهنجي جگر جي ٽڪري کي اڪيون ٻوٽي نامعلوميءَ جي
غار ۾ ڦٽو ڪندو آهي، جتان هن جو نڪرڻ ناممڪن هجي.
هنن ته مون کي اُهو سورن جو ورثو ڏنو آهي جنهن کي
مان اپنائي به نٿي سگهان ۽ جنهن کان مان انڪار به نٿي
ڪري سگهان.

مڌوءَ ته پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو پاڻ ورتو، پر
هن جي پيچيل سوالن مونکي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو
ڪري ڇڏيو. منهنجا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. منهنجي اکين

تصوير. اُهو ئي چنڊ جهڙو چهرو، روشن اکيون، مٺڙر مسڪراهٽ. دل ٿي ھن کي پنھنجي پاڪر ۾ سمائي ڇڏيان. ھن اڳيان سمورو داستان کولي رکان. ھٿ جوڙي ھن کان پنھنجي ڪئي جي معافي وٺان. ھوءَ ضرور پنھنجي پيءُ کي معاف ڪري ڇڏيندي.

وويڪ وري لعنت ڏني. ڇو معاف ڪندي ھوءَ توکي! تون معافيءَ جي لائق آھين؟ تون ھل ھتان، مٺان تنھنجي نياڻي سچ کي پنھنجي اڳيان ڏسي دھلجي نه وڃي. ھن کي پنھنجي زندگي جيئڻ ڏي. تنھنجي لاءِ اِھو ڄاڻڻ ڪافي آھي ته تنھنجي لاڏلي جيئري آھي. تنھنجي ڌيءُ سکي آھي ۽ تنھنجي نياڻي ڊاڪٽر آھي.

مون وويڪ جو سڏ اونايو. منھنجي اکين ۾ ڳوڙھا ھئا. مان لاچار، پريشان پنھنجو ئي لاش پنھنجن ڪلهن تي ڍوئيندي، اسٽيشن ڏانھن ھلڻ شروع ڪيو.

نہ تو ۾ پيار جو سلو آهي ئي ڪونہ! تو گناهہ ڪيو آهي، نہ هينئر پراشچت بہ توکي ڪرڻ گهرجي، اُٿ وڃي پنهنجي نياڻيءَ کي ڳولهہ، متان اڄ بہ هن کي تنهنجي ضرورت هجي!

مان اڇي پنهنجي. ڀيڻ سنيتا جي گهر باندرا پهتس. سنيتا جي پٽ ونود سان پنهنجو حال اوريم. هو ويچارو بہ پريشان ٿي ويو. چيائين ''ماما!اما اِن بابت ڪنهن کي بہ ڪجهہ ڪونہ ٻڌايو آهي. پنجويهہ سال پراڻي ڳالهہ آهي. هاڻ ٻار کي ڳولهڻ، واريءَ مان تيل ڪڍڻ برابر آهي. ڇا ڪجي؟ ها! هڪ رستو آهي. اَسان جي گهر جي هڪ پراڻي نوڪرياڻي آهي پارپتي؛ اها اما جي ڪن وزير هئي. شايد هن وٽان ڪو سراغ ملي وڃي. پارپتي اَچي سامهون ويٺي، اکيون هيٺ ڪري چيائين ''صاحب! اَما مونکي قسم ڏنو هو. مان اوهان سان راز سلي اَما سان بي اِنصافي ڪونہ ڪنديس. ايشور بہ ناراض ٿيندو'' ڪڇي'' نوڙيءَ کي آهستي آهستي ڇڪڻ گهرجي. مون چيو: ''پارپتي! هاڻ اما ئي هن سنسار ۾ نہ رهي ءُ مان پنهنجي ڪئي لاءِ پراشچت ڪرڻ ٿو چاهيان. سچ ٻڌائڻ سان توکي ڪو پاپ ڪونہ لڳندو''. مون هن کي سمجهايو.

پڻ پڻ ڪندي چيائين ' اَما مونکي ئي ٻار سيٺ رامچند جي زال کي ڏيئي اَچڻ لاءِ ڏنو هو. صاحب! اوهانجي ڌيءُ تہ تمام سکي آهي. اوهان چنتا ڇو ٿا ڪريو! هاڻ تہ هوءَ هوميوپيٿيءَ جي ڊاڪٽر آهي. ''ڊاڪٽر مالامال'' پنهنجي سنتان سان ملڻ لاءِ من تڙڦي اُٿيو. هن جي ڊسپينسريءَ ۾ پهچي ويس، سامهون ئي ڊاڪٽر جي ڪرسيءَ تي ويٺي هئي منهنجي لاڏلي. بلڪل جڻ سڌا جي

لسٽ ڊيڪارڊ مان ڪهڙو فائدو! هڪ هڪ نمبر فون تي ملائي ڏي - جلد ڪر - بيني ڇو آهين؟'' سونل ''Yes Sir'' چئي ڪمري ڪان ٻاهر نڪري آئي. دل ۾ آيس ته لسٽ کي ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏي. ٻئي پوي اهڙي نوڪري- هيءُ ڪهڙو آفيسر آهي؟ جنهنکي ڳالهائڻ جي به تميز ڪونه آهي. پنهنجي زيردستن کي ڄڻ پنهنجي جُتيءَ برابر ٿو سمجهي. پر من مان آواز آيس ''سونو! نوڪري نوڪري آهي. اِهو سڀ ته سَهِڻو آهي.''

سونل کي اُهو ڏينهن به ياد آهي جڏهن ڪمپنيءَ جو اڪائونٽنٽ هڪ رپورٽ کڻي راجيش سر جي چيمبر ۾ ويو هو ۽ پگهر ۾ شل، چهرو رومال سان اُگهندو ڪمري کان ٻاهر ايندي ئي اچي پنهنجي ڪرسيءَ تي ڦان تي ڪريو هو. شايد رپورٽ پوري وقت تي پيش ڪونه ڪئي هئائين. اڪائونٽنٽ کي ڏسي سونل سهمجي ويئي هئي، پر عملي جي ٻين سيني لاءِ اها هڪ رواجي ڳالهه هئي.

تنهن ڏينهن راجيش سر جو جنم ڏينهن هو. عملي جو هرهڪ شخص گلدستو يا ڪا سوغات کڻي راجيش سر کي واڌايون ڏيڻ لاءِ هن جي ڪمري ڏانهن تي ويو. پوءِ پلا سونل پٺتي ڇو پوي. هن به ٻه سو رپيا خرچ ڪري هڪ پين سوغات ڏيڻ لاءِ گهرائي. چوڄ مان راجيش سر جي چيمبر ڏانهن هلي. سونل جي منهن جو ته پنو ئي لهي ويو جڏهن راجيش سر پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿيو ۽ سونل کي بنا کيڪارڻ جي بس رسم اَدائگيءَ تور ٿئنڪ يو چئي پين وٺي ڪري پنهنجي ٽيبل تي رکيائين. سونل منهن پيلو ڪري ٻاهر هلي آئي. پئي پڙ پڙ ڪيائين ''هيءُ ڪهڙي قسم جو انسان آهي؟ سماج ۾ رهي ٿو پر سماج جي طور طريقن جي ڪيس ڄاڻ نه آهي. تڏهن من ۾ ريڪا جا چيل اَکر هري آيس ''سکي! سنڀالجانءِ هو ڏاڍو ڪروس اٿيئي.''

رڪو روح

سونل جو هن ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ نوڪريءَ جو پهريون ڏينهن هو. شام ٿائين هوءَ رسيپشن جي ڪرسيءَ تي سنئين ڪنڌي ويٺي ويٺي. ٿڪاوٽ محسوس ڪري رهي هئي. سونل گهر وڃڻ لاءِ پنهنجي ٽيبل سهيڙي رهي هئي جو هن جي اڳيان هڪ شخص اچي بيٺو. نوجوان، شڪل جو سهڻو، قد جو ڊگهو، ويڪرو سينو، ڪليل پيشاني، فل سوٽ پهريل، آواز ۾ حاڪماڻو نوع. سونل ڪجهه ڏهلجي ويئي. اُٿي بيهي رهي ۽ فقط ايترو چئي سگهي ''Yes Sir''. ''توهان مس سونل آهيو؟ توهانجي اپائنٽمينٽ اڄ ٿي آهي؟'' سونل پنهنجو ڪنڌ هلايو.

''مان چئن ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃي رهيو آهيان. مون لاءِ ايندڙ هر فون جو نمبر ۽ ماڻهوءَ جو نالو نوٽ ڪج. سومر ڏينهن اُها لسٽ منهنجي ٽيبل تي هئڻ گهرجي.'' اهو چئي هو صاحب ته هلندو رهيو پر سونل ڪجهه وقت موڳي ٿي بيٺي رهي. جڏهن پاڻ سنڀاليائين ته پنهنجي پاسي ۾ هم ڪار ريکا کي بيٺل ڏٺائين. ريکا جي چهري تي شرارتي مشڪ هئي ۽ هن ناٽڪيه انداز ۾ چيو ''چو سکي دل ڏيئي ويٺينءَ ڇا؟ هو ته چيز ئي اهڙي آهي''. ''هو ڪير آهي'' سونل ابوجهائيءَ وچان پڇيو. ''هو راجيش سر آهي. اسانجي ڪمپنيءَ جو هڪ ڊائريڪٽر. اڃان ڪنوارو اٿيئي، پر سنڀالجانءِ ڏاڍو ڪروس آهي.'' ريکا هڪ ٽهڪ ڏيئي اُتان هلي ويئي.

سومر جي ڏينهن سونل ٽيليفون نمبر ۽ نالن جي هڪ وڏي لسٽ کڻي اچي راجيش سر جي ڪمري ۾ پهتي. راجيش هڪ سرسري نظر اُن لسٽ تي وڌي ۽ چيائين ''مونکي هيءَ

آفيس ۾ ڏياريءَ تي سڄي عملي جي گڏجاڻي هئي. سڀ جو سڀ اتساهه ۾ هئا. پٽيوالي اچي سونل کي چيو ”راجيش سر اوهان کي سڏايو آهي.“ سونل تہ ڏهلجي ويئي. سوين سوال هڪ ئي وقت هن جي ذهن ۾ اُڀريا. پر ڪنهن بہ سوال جو جواب پنهنجي سر هوءَ حاصل ڪونہ ڪري سگهي. ڪنڌ جهڪائي اچي راجيش سر جي سامهون بيٺي. پڪ هيس تہ هو ضرور ڪو مانڊاڻ مچائيندو. پر ائين ڪونہ ٿيو. ”سونل تون سامهون صوفا تي ويهہ مونکي توسان ڪجهہ ڳالهيون ڪرڻيون آهن.“ سونل تہ ڏاهي ٻار جيان صوفا تي ويهي رهي. راجيش سر آهستي چيو ”سونل مان توکي پنهنجو همسفر بڻائڻ چاهيان ٿو. اُميد تہ توکي ڪو اعتراض نہ هوندو. مان فقط ايترو چاهيان ٿو تہ تون مونکان منهنجي ماضيءَ بابت ڪو سوال ڪونہ پڇنديئن. شاديءَ کان پوءِ تون نوڪري نہ ڪنديئن ۽ بس. تون پل منهنجي سجهاءَ تي ويچار ڪر. ڪا زور زبردستي ڪانہ آهي. مان تنهنجي فيصلي جو انتظار ڪندس.“

راجيش سر جي هن خودڪلاميءَ تي سونل دنگ رهجي ويئي. سگ چوڻ جي ڍنگ تي هوءَ خوش ٿئي يا ناراض، هوءَ فيصلو ڪري ڪونہ سگهي. ڪنڌ جهڪائي هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي. سونل لاءِ پنهنجي سر فيصلو وٺڻ ڏکي ڳالهہ هئي. جنڊ ڪڻ تہ تہ جنڊ ڳورو ۽ پُڙ ڪڻ تہ پُڙ ڳئرو هو. چانهہ جي وقت جڏهن دل جو حال پنهنجي سکيءَ ريکا سان اوريائين، تہ ريکا اَچي ٺهڪن ۾ چٽڪي. چي سوبت شاديءَ لاءِ بہ شرط رکيا آهن؟ اَصل خشڪي آهي. پر چيو سچ اٿائين. شاديءَ کان پوءِ زال مڙس کي هڪ ٻئي جي ماضيءَ ۾ وڃڻ نہ گهرجي. نہ تہ تہ گهر نرڪ ٿيو پوي. ٻيو شرط نوڪري نہ ڪرڻ جو - ان لاءِ بہ اعتراض نہ هئڻ گهرجي. ريکا جي اهائي صلاح هيس تہ راجيش سر کي نہ نہ ڪري.

هندوستان ۾ شاديون ٿينديون ئي ائين آهن. پهريائين

ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندي سونل کي ٻارهن مهينا گذري ويا آهن. آفيس ۾ هن جو وقت سٺو گذري رهيو هو. هن کي فقط شڪايت هئي ته راجيش سر جي رُکي سڀاءَ جي. هو هميشه سيني ڏانهن سخت رهندو هو. هميشه پيو سيني کي ڏاڙهيندو هو. سونل سوچيندي هئي ته راجيش سر اهڙو سوڀٽ ۽ سخت ڇو آهي! هونءَ ته هو هوشيار آهي، آتم وشواسي آهي، پنهنجي ڪم جي پليءَ پٽ ڄاڻ اَٿس؛ پوءِ به هو رکو روح ڇو آهي؟ عملي مان ڪو ان وشيه تي روشني وجهي نه سگهيو هو. سونل کي فقط ايتري ئي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي هئي ته گهر ۾ راجيش سر اڪيلو ئي رهندو آهي. ڪو به هن جو ويجهو مٽ مائٽ ڪونه آهي. سڄو گهر هن جو پڊو نوڪر، رامو ڪاڪا ئي سنڀاليندو آهي.

ممبئيءَ ۾ چوماسو قوه جوانيءَ ۾ هو. سونل، شام جو آفيس جي ٻاهران بيهي ٽئڪسيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي. نه ٽئڪسي اچي رهي هئي ۽ نه مينهن کي جهل ٿي آئي. سونل آسمان ڏانهن نهاري ڄڻ اندر ديوتا کي سٺائي ڪرڻ لاءِ ٻاڏائي رهي هئي. ان وقت گهر وڃڻ لاءِ راجيش سر آفيس کان ٻاهر نڪتو. سونل کي آسمان ڏانهن نهاريندو ڏسي بيهي رهيو. سونل ۽ راجيش سر جون اکيون چار ٿيون. ”ڪيستائين وڃڻو اٿيئي سونل؟“ نه چاهيندي به سونل جواب ڏيئي ويٺي ”سر! پيڊر روڊ تي هاسٽل تائين.“ ڪار ۾ راجيش سر ڳالهين ۾ سونل کان سڀ پڇي ئي ورتو ته ممبئيءَ هوءَ ۾ اڪيلي هاسٽل ۾ رهندي آهي. هن جي وڏوا ماءُ پوني رهندي آهي وغيره وغيره. ٻئي ڏينهن سونل جڏهن ريکا کي اِهو سڀ ڪجهه ٻڌايو تڏهن ريکا ڪيترو وقت سونل جي چهري ڏانهن نهاريندي ئِي رهجي ويئي. ڇي، شايد برف جون ڇپون پگهرجي رهيون آهن. شڪ اٿم ڪٿي ٻوڏ ٻوڏان نه ٿي وڃي. سونل شرم کان سُسي ويئي.

ڪڙڪي هئي. هو بنا هڪ اَکر ڳالهائڻ جي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. هن جي ذهن ۾ سونل جا اکر ”مونکي طلاق گهرجي“ منڪري جيان وڄي رهيا هئا. صبح جو جڏهن سونل چانهه جو ڪوپ پي رهي هئي ته هن کي ٽيبل تي راجيش جو لکيل خط مليو. اِهو خط نه هو راجيش جي ماضيءَ جو دردناڪ داستان هو.

”سونل! ماڻهن مونکي انيڪ نالا ڏنا آهن. سوبٽ، رکو روح، خشڪي وغيره. منهنجي اهڙي سياءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ مون ڪڏهن اِن جو ڇيد ڪونه ڪيو آهي. اَڄ جڏهن تو مونکي طلاق ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، تڏهن مان ڪجهه سوچڻ لاءِ مجبور ٿيو آهيان. منهنجو ماضي اڄ منهنجي سامهون ڪڙو آهي، ڇئن سالن جو هوس جو منهنجي ماءُ پيءُ جي وچ ۾ طلاق ٿي ويئي. ڪڏهن ماءُ جي گود ۾، ڪڏهن پيءُ جي آغوش ۾ پيار ڳوليندو رهيس پر هميشه ڌڪا ئي نصيب ٿيم. هنن ته وڃي پنهنجا جدا جدا آشيانا اَڏيا پر مان اٺن سالن جي عمر کان وٺي هاسٽل پيڙو ٿيس. انتظام جي نالي ۾ نصيب ٿي. نوٺ پريم کان وانجهيل زندگي. مونکي رشتن کان بڇان ايندي آهي. منهنجي نس نس ۾ زهر پريو پيو آهي. اهو زهر ڪڏهن غصي جي روپ ۾ ته ڪڏهن سختيءَ جي روپ ۾ اُڀري ايندو آهي. ڪڏهن ڪنهن وٽان پيار ڪونه پاتو اٿم. شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن کي پيار ڏيڻ ۾ به سمرٿ ڪونه آهيان. اڄ مان پاڻ کي شرمسار محسوس ڪري رهيو آهيان. شل نه ڪنهن جوڙي جي طلاق ٿئي.“

خط پڙهي، سونل هن جي ڪمري ۾ ويئي. راجيش جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هو سونل کان نظرون چورائي رهيو هو. جڏهن سونل هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو تڏهن راجيش ننڍي بار جيان اَڇي سڏڪن ۾ ڇٽڪيو ۽ سونل جي آغوش ۾ سمائجي ويو.

شادي، پوءِ پيار. بس ائين ئي سونل هڪ اجنبيءَ سان شاديءَ جي بنڌن ۾ ٻڌجي ويئي. وقت گذرندو رهيو، سونل کي اُميد هئي تہ راجيش جي سڀاءَ ۾ شاديءَ کان پوءِ بدلاءُ ضرور ايندو پر هت تہ جيئن تڏ تيئن وڌ. ڪم، ڪم، ڪم کان سواءِ هِن ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪنهنجي بہ ڪا اهميت ڪونہ هئي. هاڻ تہ هر وقت غصو. هر ڳالهہ ۾ شڪ. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڪٽ پٽ ڇڙ راجيش جو سڀاءُ ٿي پيو هو. سونل، راجيش جي اُن رُکي سڀاءَ جي سببن تي ويچار ڪري رهي هئي؛ پر هوءَ ڪنهن بہ نتيجي تي پهچي ڪونہ سگهي. هوءَ تہ راجيش جي ماضيءَ جو در کڙڪائڻ کان بہ محروم هئي.

سونل جي اونداهي زندگيءَ ۾ وري هڪ دفعو اُميد جي ڪرڻ ڪني ڪڍي، جڏهن هوءَ گرڀوتي ٿي. هن کي پڪ هئي تہ جڏهن ننڍڙو ٻار گهر ۾ ايندو تہ راجيش موهہ وس ٿي پنهنجي سڀاءَ ۾ تبديل آڻيندو. پر ايشور کي اهو منظور ڪونہ هو. هوءَ جڏهن ويم لاءِ اسپتال ۾ هئي، تڏهن راجيش آفيس جي ڪم سان لنڊن ويل هو. جڏهن ريڪا ڪيس ٽيليفون تي حالتن کان واقف ڪيو تڏهن جواب ڏنائين: ”ريڪا تون سونل جو خيال رکج. مان ڪانفرنس ڇڏي ممبئي موٽي ڪونہ سگهندس. موٽڻ ۾ هڪ هفتو لڳندو.“

سونل جي قسمت ۾ ٻار ڪونہ هو، پر هن رکي روح کان آزادي حاصل ڪرڻ تہ هن جي وس ۾ هئو. سونل ڪو فيصلو ڪري ئي ورتو. هوءَ وڪيل سان صلاح مصلحت لاءِ ٻاهر ويل هئي. جڏهن دير سان گهر موٽي تہ در تي راجيش بيٺل هو. جهنجهلائي چيائين. ”ڪيڏانهن ويئي هئينءَ؟ مون توکي اڪيلو ٻاهر وڃڻ کان منع ڪئي هئي!“ سونل پاڻ روڪي نہ سگهي. در وٽ ئي بيٺي جواب ڏنائين. ”مان وڪيل سان ملڻ ويئي هيس. سڀاڻي مان هيءُ گهر ڇڏي وڃي رهي آهيان. مونکي طلاق گهرجي.“ هيءُ جواب نہ هو. راجيش مٿان ڄڻ ٻجلي

ميڪ اپ مان ڪنديس، بلڪل ساڳي رنگ جي ساڙهي منهنجي سس به پائيندي ۽ ساڳي ڍنگ جو ميڪ اپ هوءَ به ڪندي. پل ته لوڪ پيو موڙا ڏئي پر هوءَ هميشه ائين پيئي پائيندي ته ميندي‌ءَ رتڙا هٿ منهنجا نه پر هن جا آهن.

هوءَ منهنجي سهري جو به ڏاڍو خيال رکندي هئي. صبح ٿيو نه آهي، نوڪر لاءِ سڏن مٿان سڏ پيا پوندا. سهري جي پائڻ لاءِ پينٽ، مئچنگ قميض، رومال، جوراب، بوٽ، ٽاءِ وغيره. سڀ جو سڀ نوڪر ناهي ڪرسي‌ءَ اڳيان رکندو. منهنجو سهرو نيرن ڪندو ته منهنجي سس هن جي پاسي ۾ ويهي پاڻ به نيرن ڪندي. هو در کان ٻاهر قدم رکندو ته هوءَ در جي چائنٺ وٽ بيهي رهندي. هن سان ٽا ٽا ڪندي جيستائين هو ڳلي‌ءَ جي موڙ تان مڙي ويندو. بس منهنجو سهرو هِن در کان نڪرندو ته هوءَ هُن در کان نڪرندي. پوءِ شام جو پنجين بجي تائين هلنديون هن جون ڪٽي پارٽيون يا ڪلب ۾ رمي‌ءَ جا دور. هوءَ ماڊرن ناري سنستا جي چيئر پرسن پڻ آهي. هن کي فخر آهي ته هوءَ پڙهيل آهي، ماڊرن آهي ۽ سماج ۾ هن کي ڪو درجو آهي. ڪنهن جي محتاج ڪونه آهي. هنن ٻنهي جي سک ۽ پيار ڏسي، منهنجو من ته خوشي‌ءَ سان جهومي اُٿندو هو. اِهو ئي سوچيندي هيس ته سنسار ۾ سڀ جوڙا ائين ڇو نه ٿا ٿين!

وقت گذرندو رهيو. مونکي اُها شام جي ويل به ياد آهي. منهنجو سهرو آفيس مان واپس وريو. تمام ملول ٿي لڳو. چانهه پيئندي منهنجي سس کي چيائين: سڄني هاڻ تون بسترو گول ڪر. منهنجو ٽرانسفر آسام جي وادي‌ءَ ۾ ٿيو آهي. هن هفتي ئي مونکي آفيس جي چارج وٺڻي آهي. منهنجي سس جي هٿن وارو چانهه جو ڪوپ ڇلڪي پيو. چيائين: اِهو ڪيئن ممڪن آهي گهر ۾ نئين نونهن آهي. هت سکي وينا آهيون. توهان کي به رٽاير ڪرڻ ۾ باقي پنج

ڪچا ڌاڳا

منهنجو سَسُ سهرو منهنجي مڱڻي کان اَڳ جڏهن مونکي ڏسڻ لاءِ اَسان جي گهر آيا هئا، تڏهن هنن جي عمر جو اندازو اسانجي گهر مان ڪوبہ لڳائي ڪونہ سگهيو هو. پهرائُ ۽ اُٿڻ ويهڻ مان ڪنهن کي بہ وشواس ڪونہ ٿي آيو تہ هو ٻئي وچيئن عمر جا آهن ۽ هنن کي هڪ پنجويهہ ورهين جو جوان پٽ آهي جنهن جي شاديءَ لاءِ هو هت ڇوڪري ڏسڻ آيل آهن. جڏهن هنن مونکي پسند ڪيو ۽ منهنجي پاپي هنن جو منو وات ڪرائي رهي هئي، تڏهن هن هڪ نرالي اَنداز ۾ کين چئي ڏنو ”دادي! اَسان جي سونو تہ توهانجي ننڍي ڀيڻ ٿي سونهي ۽ نہ نونهن.“ منهنجي سس بہ هن کي ڪلندي جواب ڏنو. برابر ٿي چئين: منهنجو پٽ راجيش بہ هنن جو جو ياءُ سونهندو آهي ۽ نہ پٽ. سچ تہ مان پنهنجي ڏيراڻي پسند ڪري آئي آهيان ۽ نہ نونهن.

منهنجي شادي ٿي. پنهنجي گهر ۾ سس سهري جو هڪ ٻئي سان سنٻنڌ نرالو ڏٺم. هو هڪ ٻئي جا دوست وڌيڪ ۽ پتي پتني گهٽ هئا. مون هنن جي وچ ۾ ڪڏهن ڪا بہ ڇڪتاڻ ڪونہ ڏٺي. منهنجي سس، شاديءَ ۾ جيڪا منهنجي لاءِ خريداري ڪئي هئي، ساڳي خريداري پنهنجي لاءِ بہ ڪئي هئي. هن جيڪي ڳهڻا منهنجي لاءِ گهرايا ويا هئا، اهڙا ئي ڳهڻا پنهنجي لاءِ بہ گهرايا هئا. گهمڻ ڦرڻ لاءِ جنهن رنگ جي ساڙهي مان پائيندس ۽ جنهن رنگ جو

جي وچڻ کان پوءِ منهنجي سس بہ بہ ٽي ڏينهن ڪجھہ اُباڻڪي ٿي پيئي؛ پر پوءِ اڳي جيان ڪلب، پارٽين ۽ سماج سيوا ۾ مشغول ٿي ويئي.

اسين هر سال اونهاري جي موڪلن ۾ ڪجھہ ڏينهن آسام جي وادين ۾ گهمڻ لاءِ ويندا هئاسين. ڪل خوشيءَ سان وئڪيشن گذاريندا هئاسين. منهنجو سهرو لاڏ سان اَسان سڀني کي پنهنجن دوستن سان ملائيندو هو. هوٽلن ۾ پارٽيون ڏيندو هو. ڪل خوشيءَ جي انهن پلن ۾ بہ مونکي ائين لڳندو هو تہ ڪٿي ڪچا ڌاڳا سڙي رهيا آهن. اُها سڙڻ جي بانس مونکي هميشه پريشان پيئي ڪندي هئي.

پنج سال گذري ويا. انهن پنج سالن ۾ منهنجو سهرو هڪ دفعو بہ ممبئي ڪونہ آيو. هاڻ منهنجي سس بہ پوڙهي پئجي ويئي آهي. نہ آهي هن جي چمڙيءَ ۾ اها رونق ۽ نہ آهي هن جي جسم ۾ اُها ڦڙتي. هاڻ تہ ڪلب ۾ بہ گهٽ ويندي آهي. ماڊرن ناري سنسٿا جو ڪم بہ نئين پيڙهيءَ اَچي سنڀاليو آهي. هن لاءِ هاڻ رهجي ويون آهن تہ ماضيءَ جو انيڪ يادگيريون. هن کي هاڻ پنهنجي گهوٽ جي جدائي بہ ستائي رهي آهي. هن جو سياءُ بہ چڙ چڙيو ٿي پيو آهي. هڪ ئي سوال پيئي ڪندي: ”ڪنوار تنهنجي سهري جو ڪو خط آيو آهي ڇا؟ ڪنوار تنهنجي سهري جو ڪو فون آيو آهي ڇا؟ ’نہ!‘ جو جواب ٻڌي هن جو چهرو مايوس ۽ ڦڪو پئجي ويندو آهي. اسانکي انتظار هو هاڻ سهري صاحب جي واپس ورڻ جو. نيٺ اُهو ڏينهن بہ آيو. اَسان سڀ هن کي ستيشن تي وٺڻ وياسين. هو ريل گاڏيءَ مان هيٺ لٿو. هن سان گڏ هڪ عورت پڻ هئي. شڪل جي سهڻي، قد ۾ پوري پني، روش آسامي عورتن جهڙا، عمر چاليہ پنجيتاليہ سال، سادي ڪنيءَ سان اَچي ساڙهي، سائي رنگ جو بلائوز، پيرن ۾ سادو چمپل، چهري تي آنندميہ

سال رهجي ويا آهن. چون ٿا رٽايرمينٽ وٺي نوڪريءَ جي جهنجهٽ کان آزاد ٿيو. گهر جهڙو سک ڪٿي آهي ڇا؟ منهنجي سهري وراڻيو ”راجيش کي شادي ڪئي ٽي سال گذري ويا آهن. نونهن پنهنجو گهر پاڻ سنڀاليندي، منهنجي لاءِ نوڪريءَ جو نہ پر ڪيريئر جو سوال آهي. ها! باقي توکي پٽ نونهن جو موهہ ۽ هتان جا سک ڇڏڻ محال آهن، تہ ٻي ڳالهہ آهي. منهنجي سس جواب ڏنو ”موه جي ڳالهہ نہ آهي. ڪير رهندو آسام جي وادين ۾ جتي نہ آهي ٻولي پنهنجي ۽ نہ رهڻي پنهنجي. نہ رهڻ جو سک ۽ نہ کاڌي جو سک، هنن پراون سان رهڻ مون کان تہ پڄندو، منهنجي سهري ٺهر سان چيس: ”سڄو ڀارت ديش پنهنجو آهي. جتي تون ۽ مان آهيون. اُهو اَسان جو گهر آهي ۽ اُتي ئي سک آنند آهي.“

منهنجي سس ٿورو خفي ٿي چيو: ”مان توهانکي وچڻ جي صلاح ڪونہ ٿي ڏيان پر جي توهانکي عهدي ماڻڻ جو شوق آهي تہ مان ڇا ٿي ڪري سگهان. مان تہ هلي ڪونہ سگهنديس. باقي توهان پنهنجي صحت جو خيال رکجو. گهر ۾ نوڪر رکجو. کاڌو پوري وقت تي کائجو.“ منهنجي سهري هن کي وچ ۾ ڪٽيندي چيو رهڻ ڏي رهڻ ڏي منهنجو خيال! اهو چو نہ ٿي چئين تہ توکي اُتي ڪٿي پارٽيون ڪونہ ملنديون، ڪلب ڪونہ ملندي، توکي گهر سنڀالڻو پوندو جو تنهنجي وس کان ٻاهر آهي.“ منهنجي سس اُتي ڪڙي ٿي ۽ وڏي آواز ۾ چيائين ”نيڪ آهي نيڪ آهي. جي ائين ٿا سمجهو تہ ائين ئي سهي. مان توهانجي زال آهيان، ڪا ٻانهي تہ ڪونہ آهيان. توهان چوندا اُٿ تہ اُٿ ۽ ويہ تہ ويہ. يُگ بدليو آهي پر توهان اَڃا ڪونہ بدليا آهيو. منهنجي سهري بہ بحث جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي ڏينهن نئين پوسٽنگ لاءِ روانو ٿي ويو. منهنجي سهري

منهنجي گلي ۾ اوهان جو منگل سوتر پيل آهي. پوءِ توهان هن ٻيءَ کي کيئن وٺي آيا آهيو. دنيا ۾ ڪو لڄ شرم آهي يا نه.'' منهنجي سهري به نهر سان جواب ڏنس،''تون جيئري آهين تنهنڪري ته هن سان شاديءَ جا ست ڦيرا ڪونه ڏنا اَٿم. باقي رهيو سوال منگل سوتر جو اِهو ته سماجڪ بنڌن آهي ۽ نه پيار جو بنڌن. شاديءَ جو مطلب آهي جيون جي انت گهڙيءَ تائين دک سک جو ساٿ، پيار ڏيڻ ۽ پيار پائڻ. پر تو ته نه ساٿ ڏنو آهي ۽ نه پيار ونڊيو آهي، تو ته مونکي ڪوڙو سڪو سمجهي وچ رستي تي ڦٽو ڪري ڇڏيو، تو ڪڏهن اِهو سوچيو، ته مان توکان سواءِ دور وادين ۾ اڪيلو ڪيئن گهاري سگهندس.'' منهنجي سس ڪجهه سوچي هڪ ٻيو نقطو گهوٽ اڳيان رکيو ڇي ''اسان وڏا ٿي ويا آهيون، جواني جا ڏينهن ڪاٽي ڇڙهيا آهيون، اَسان جو پنهنجي گهر گرهستيءَ ڏانهن به ڪو فرض آهي يا نه؟ راجيش آهي. ڪنوار آهي. اُنهن لاءِ هت ڪنهن کي ته رهڻو هوندو! ان ۾ مون ڪهڙي غلط ڳالهه ڪئي آهي!'' سهري به ڪجهه ويچاري جواب ڏنس، ''اسان پنهنجو فرض پاليو آهي، هو هاڻ پنهنجي پيرن تي آهن. جوانيءَ ۾ وقت تيز رفتار سان هلي ٿو. ساٿ جي ضرورت ته وڏيءَ عمر ۾ ٿئي ٿي، جڏهن وقت ڇڻ بيهي ٿو وڃي، اهو محسوس ٿو ڪجي ته ڪو مون سان ساڻ هجي، ڪو مون کي ڪن ڏيئي ٻڌي، ڪو مونکي سهارو ڏي ۽ سڀ کان وڏيڪ بيماري سيماريءَ ۾ ديک ڀال ڪري پر تو ته مونکي زندگيءَ جا پنڄ سال اڪيلائپ جهيلڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.'' منهنجي سس به ڇڙ مان چيس: ''بحث ڪرڻ ته ڪو توهان کان سکي. توهان ڪجهه سوچيو نه سهين ته هن عورت کي پاڻ سان رهائي توهان اسان لاءِ ڪيڏي نه خواري تا ڪڙي ڪيو. ماڻهو ڇا چوندا؟ ڪير ڏيندو جواب سماج کي، لوڪ آهي ٻوڪ.'' سهرو

ريڪائون. منهنجي سهري هن جي واقفيت بہ نرالي انداز ۾ ڪرائي: ''هيءَ راڌا آهي. منهنجي آفيس ۾ سيڪريٽري هئي، نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي مون سان گڏ هلي آئي آهي. اُتي بہ مونسان گڏ رهندي هئي ۽ هت بہ مونسان گڏ رهندي. اسان سڀني جا تہ ڇهہ ئي ڇڄي پيا. ريلوي پليٽفارم تي ڀلا ڪو ڪهڙو بحث ڪري؟ سڀ گهر پهناسين. ڪنهنجي بہ زبان مان ڪو اکر ڪونہ اُڪليو. سڀ جو سڀ چپ هئا. منهنجي سس جي اکين مان ڳوڙها ٽي ڳڙيا، پر ٻڙڪ ٻاهر ڪونہ ڪڍيائين تہ متان ڪو ٻڪيڙو نہ ڪڙو ٿي پوي. ٻئي ڏينهن صبح جو ئي منهنجو سهرو ڪا جڳهہ پاڙي تي ڪري آيو ۽ منجهند ٽاڻي پنهنجو سامان ڪڻائي راڌا ڪي ساڻ وٺي وڃي اُتي پهتو. جڏهن در کان ٻاهر قدم رکيائين، تڏهن منهنجي سس تمام آهستي پر محڪم آواز ۾ ڪيس چيو ''شام جو اچجو. مونکي توهان سان ڪجهہ ڳالهيون ڪرڻيون آهن.'' منهنجي سهري هن ڪي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ هلندو رهيو.

مون ڪي پڪ هئي تہ منهنجو سهرو شام جو ڪونہ ايندو. جي ايندو تہ منهنجي سس کو پنيت ٻاريندي. جيڪا ذلت هاڻ اَسان چئن ديوارين اندر جهيلي رهيا آهيون، اها ذلت هاڻ اوڙي پاڙي ۽ مٽن مائٽن اڳيان جهيلڻي پوندي. اسان جو ڪنڌ سڀني اڳيان جهڪي ويندو. سهري صاحب تہ سڄي خاندان تي ڪلنڪ لڳائي ڇڏيو آهي. هاڻ ڇا ڪجي! ڪڇا ڏاڳا ايتري ۾ ٽٽي پوندا، مون ڪڏهن اِهو سوچيو بہ ڪونہ هو.

شام جو سهرو صاحب آيو ۽ هن سان گڏ هئي راڌا. ماحول ۾ اُداسي هئي ۽ تناءُ هو. مان هنن جي اڳيان چانهہ ۽ بسڪيٽ رکيا ۽ منهنجي سس اَچي هنن جي پاسي ۾ ويٺي. نهر سان مڙس کي چيائين ''مان اَجا جيئري آهيان.

هو اڪيلائپ ڪان ڏاڍو پريشان ٿيندو آهي، هن کي هميشه ڪنهن جو ساٿ گهرجي، اهو ئي سبب آهي جو آسام جي وادين ۾ اَسان ٻيئي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي وياسين. هن جي صحبت ۾ مان گهڻو ڪجهه پاتو آهي. مان هن جي ڏاڍي عزت ڪندي آهيان. هو منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه آهي، هن جي پيار جي صدقي ۽ هن جي سک لاءِ مان پنهنجي نوڪري ڇڏي آئي آهيان ۽ هن سان گڏ ٻي عورت ٿي رهي رهي آهيان. پيار پائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه نڇاور ڪرڻو پوي ٿو. مان ته هن لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مان هن سان قائم ڪيل سک جو سنٻند ٽوڙڻ ته نٿي چاهيان پر ساڳئي وقت مان هيءُ گهر به برباد ڪرڻ نٿي چاهيان. منهنجو ڇا! منهنجو ته ٻالپڻ ئي اناٿ آشرم ۾ گذريو آهي. جيون ۾ نه ماءُ جو سک مليو نه پيءُ جو لاڏ نصيب ٿيو آهي. زندگي ئي اُميدن جي سهاري گذري آهي. مس مس جيون جي هن پل ۾ ڪنهن جو پيار نصيب ٿيو. سوچيم ڪشتيءَ کي ڪنارو ملي ويو آهي. اک کوليم ته پيرن هيٺان زمين ئي ڪونه هئي. خير جي ليک ۾ اهو ئي لکيل آهي ته اهو ئي سهي. ليک کي کهڙي ميک. مان هينئر 8.00 بجي واريءَ گاڏيءَ ۾ واپس آسام وڃي رهي آهيان. صاحب کي اِن جي ڄاڻ ڪونه آهي. منهنجي توهان سيني کي هڪ نماڻي التجا آهي ته توهان سڀ صاحب جو پورو خيال رکو. هن کي پيار ڏيو. رشتن جا ڍلا ٿي ويل ڪچا ڌاڳا وري مضبوط ڪريو. جيئن هو آسام جي وادين کي هميشه هميشه لاءِ وساري ڇڏي. راڌا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ساڙهيءَ جي ڪنڊ سان ڳوڙها اُگهندي هوءَ اُٿي کڙي ٿي ۽ تکڙو تکڙو دروازي کان ٻاهر نڪري ويئي. اَسان سيني جا هٿ هن کي روڪڻ لاءِ اُٿيا ضرور پر ڪنهن به هن کي روڪيو ڪونه!

صاحب اُتي ويٺو رهيو ۽ چيائين ”تون ڏي انهن ڪي جواب. مان آسام جي وادين ۾ پنج سال اڪيلو رهيس، گهر هوندي به گهر ڪونه هو، نوڪريءَ هوندي به پريشان هوس. سڪن هوندي به دکي هوس، ماڻهو هوندي به اڪيلو هوس، تڏهن منهنجو ساٿ ڪنهن ڏنو؟ مان بلڊپريشر ۽ دل جي بيماريءَ جو مريض آهيان ان لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ ويرانيءَ ۾ گهاريل پنج سال مونکي ڪير موٽائي ڏيندو؟ تون يا تنهنجو سماج؟ هر هڪ رشتو ڪچن ڌاڳن سان سبيل ٿيندو آهي. جي سٽ ڏبي ته ٽاڪا ٽٽي ئي پوندا. بهتر آهي انهن ڪچن ڌاڳن جي پوري سنڀال ڪرڻ گهرجي، تون راڌا کي ڪوبه ڏوه نه ڏي. هيءَ ته ڪرم ۽ قربانيءَ جي پتلي آهي. هن منهنجو ساٿ ڏنو آهي. منهنجي سيوا ڪئي آهي ۽ اِهو به بنا ڪنهن آس جي. هن جو مونسان سنبنڌ پاڪ آهي. پوءِ پل ته تون ۽ تنهنجو سماج اُن کي کهڙو به نالو ڏي، مونکي ڪوبه فرق ڪونه ٿو پوي.“ سهرو سائين ته اهو سڀ ڪجهه چئي هليو ويو. گهر ۾ سڀ پريشان هئا. ڪنهن کي به اُن رات ننڊ ڪونه آئي.

ٻئي ڏينهن اَسُر جو دروازي تي گهنٽي وڳي. دروازو مان ئي کوليو. چانئٺ تي راڌا ئي بيٺي هئي، پر اڪيلي، دروازو کلندي ئي اَندر هلي آئي. اچي هال ۾ صوفا تي ويٺي. منهنجي سس ۽ راجيش به اُٺي آيا. هن تمام آهستي سان چيو ”مونکي اوهان سڀني سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي. معاف ڪجو سويل صبح جو ئي آئي آهيان. مان ڪالهه به هت آئي هيس. حالتن کان واقف آهيان، توهان سان ڪو سوال جواب ڪريان تنهن لاءِ مونکي ڪو اڌڪار نه آهي. پر التجا ڪرڻ کان ڪوبه مونکي روڪي نه ٿو سگهي، صاحب هڪ نيڪ دل انسان آهي. مان هن کي گذريل پنج سالن کان سڃاڻان. هو ڏاڍو ذهين آهي پر ساڳئي وقت ڏکئو پڻ آهي.

ٻوڙها تري رهيا هئا. هوءَ انهن ٻوڙهن کي روڪڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهي هئي. ڪملا به پاڻ کي جهلُ ڏيڻ لاءِ اَڌ ڪلندي، اَڌ روئندي ياءُ سان هتان هتان جون ڳالهيون ڪري رهي هئي. پر ديوان صاحب ته ڪنڌ هيٺ ڪري ڪنهن ٻوڙهي ويچار تي سوچ ڪري رهيو هو. اوچتو اَنائونسمينٽ تي ''نيويارڪ ڏانهن وينڊڙ فلائيٽ نمبر 304 جا ياتري هوائي جهاز ڏانهن روانا ٿين. ونود اُٿيو. پهريائين ماءُ کي ۽ پوءِ پيءُ کي پيرين پيئي موڪلايائين. ڪملا کي سڪ سان ياڪر پاتائين. ڪنهن جي زبان مان هڪ اَکر به ڪونه اُڪليو. ونود هڪ وڏي هال ڏانهن پنهنجن ڪان پري هلندو ويو. تي جسم هن وڇوڙي کي تيستائين ڏسندا رهيا جيستائين ونود هڪ موڙ تان مڙي ويو ۽ اکين کان اوجهل ٿي ويو. ديوان صاحب لاءِ هيءُ وڇوڙو سهڻ محال هو. هو پر ۾ پيل ڪرسيءَ جو سهارو وٺي ويهي رهيو. به ٻوڙها هن جي اکين ۾ تري آيا.

راڌا گهر پهچي پنهنجو صبر وڃائي ويٺي. وڏي واڪي ديوان کي چيائين ''جي پٽ ۾ ايترو موه اَٿو ته هن کي پرديس وڃڻ ئي ڇو ڏنوَ. هاڻي ڇا ٿيندو منهن سڄاڻ مان يا اونڌي منجي پائڻ مان! پڙهڻ ويو آهي ڪو عُمر پر لاءِ ته ڪونه ويو آهي. جلد واپس اَچي ويندو. ايڏو موه ڪو نهي ٿو. پاڻ کي همٿ ڏيو.'' ديوان چئنراءِ آهستي ورياڻيو: ''هن گهر ۾ منهنجي ڪير ٿو ٻڌي. سيني کي پنهنجي مت آهي. ونود کي موڪل ڏيڻ لاءِ منهنجي مرضي اصل ڪونه هئي. پر اڄ ڪالهه جي نوجوانن کي ڪير سمجهائي. ڇي، هٽ ڇا رکيو آهي. نه آهي پڙهائيءَ جو قدر، نه آهي جيون جو سک. سڀ جو سڀ جانورن جي زندگي بسر ڪري رهيا آهيون. پر سچ اِهو آهي راڌا ته هيءَ پيڙهي پنهنجي سک لاءِ پريشان آهي. هنن کي وڏن جي سک ۽ پيار جو ڪو به اونو ڪونه آهي. نه آهي هنن کي پنهنجي ماءُ پيءُ جو خيال ۽ نه پنهنجي ديش

نئون يگ

ديوان چئنراءِ جي موت کان پوءِ ڏهين ڏينهن ڪريا ڪرم لاءِ سندس پٽني راڌا پنهنجي ڌيءُ ڪملا کي ساڻ ڪري ديوان صاحب جي سنڪن جو ڪلش ڪٽي ناسڪ ۾ گوداوري نديءَ جي تٽ تي اَچي پهتي. پنڊي جي سامهون ڪلش رکي چيائين: ''منهنجي گهوٽ جي سنڪن جو ڪلش آهي. جل پروان ڪرڻو آهي. پٽا جو ڪريا ڪرم منهنجي ڌيءُ ڪملا ڪندي.'' پنڊو ڪڏهن ڪلش کي ته ڪڏهن ڪملا جي چهري کي ڏسي رهيو هو. جڏهن ڪو به فيصلو ڪونه ڪري سگهيو تڏهن پوٿيءَ جا ورق ورائيندي چيائين: ''شاسترن ۾ پراڻيءَ جي ڪريا ڪرم جو حق فقط پٽ جي سنتان کي ئي ڏنو ويو آهي. ڪنيا ته ڪريا ڪرم ڪري ئي نٿي سگهي. پراڻيءَ جي سدگتيءَ لاءِ ڪريا ڪرم شاسترن پٽاندڙ هئڻ گهرجي.'' اهو چئي پنڊو چپ ڪري ويهي رهيو. راڌا جي ڪنن تي پنڊي جا اکر پوري ريت پيا يا نه. خبر ڪونه آهي، پر اينترو ضرور سمجهه ۾ آيس ته ڪريا ڪرم لاءِ هن جي پٽ ونود جي ضرورت آهي. راڌا سچ ته ماضيءَ جي تصويرن ۾ ڪوهجي ويئي هئي.

چار سال اَڳ ممبئي جي سهار آڏو رات جا ٻه وڳا هئا. ديوان چئنراءِ جو سمورو پريوار، هن جي زال راڌا ۽ هن جي ڌيءُ ڪملا، ونود کي آمريڪا وڃڻ لاءِ هوائي جهاز ۾ چاڙهڻ لاءِ آيل هئا. ونود، ديوان چئنراءِ جو سڪيلڌو پٽ هئو. هن هينئر ئي M.Sc. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي هئي. ڪيميڪل تيڪنالاجيءَ ۾ Ph.D. ڪرڻ لاءِ هو آمريڪا وڃي رهيو هو. ونود کي ڇڏي باقي سيني جا چهرا لٿل هئا. راڌا جي اکين ۾

لکيو: ”پريہ ونود! دادا دل جي بيماريءَ جو شڪار ٿي پيو آهي. دوا درمل ٿئي پيو. ڪجهہ فائدو بہ اَٿس مان سمجهان ٿي تہ دادا تنهنجو وڇوڙو جهيلي نہ ٿو سگهي. ٿي سگهيئي تہ سڀ ڪجهہ ڇڏي واپس هلي اَچ. تو بن هيءُ گهر اُباڙڪو ٿي پيو آهي.“

ونود خط جو جواب ٽن مهينن کان پوءِ ڏنو. خط نہ هو ناسور ۾ نشتر ٽنبڻ جي برابر هو. ”پريہ ڪملا! تنهنجو خط پڙهي مان ان راءِ تي پهتو آهيان تہ اسين سڀ ڀارتواسي هميشه سينٽيمينل يعني ڀاوڪ آهيون ۽ حقيقت جي پرک اسان ۾ ڪونہ آهي. اِن سببان ئي اَسان پٺتي پيل آهيون. مان اَهم کوج ڪاريہ ۾ مشغول آهيان. مان ايندڙ ٽن چئن سالن تائين وطنُ ورڻ جو سوچي ئي نٿو سگهان. جي منهنجو کوج ڪاريہ سڦل ٿيو تہ مونکي آمريڪا سرڪار طرفان انعام ملندو. دادا کي اها جهرڪ ۽ جهرڪيءَ جي ڪهاڻي ياد ڏيارج جيڪا هو اَسانکي ٻڌائيندو هو، جڏهن اَسان ننڍا هئاسين. جهرڪ ۽ جهرڪي هڪ آکيڙو اَڏين ٿا. آکيڙي ۾ ننڍڙا چوزا جنم وٺن ٿا، آکيڙي ۾ چي چي جي آنندميہ گونج ٿئي ٿي. جهرڪ جهرڪي چوزن لاءِ هتان هتان کاڌو کڻي اِچن ٿا. چوزن کي کارائين ٿا. چئن هفتن ۾ چوزا وڏا ٿين ٿا. پيءُ ماءُ هنن کي اُڏامڻ سيکارين ٿا. هڪ ڏينهن اُهي چوزا پيءُ ماءُ کي ڇڏي ڦر ڪري اوچي آسمان ڏانهن پنهنجا پنک پکيري اوچي اُڏام پرين ٿا. ۽ بس! هڪ نئين شخصيت جو نرماڻ ٿئي ٿو.

شايد نئين يگ جي بہ اهائي ڪهاڻي آهي. ڪملا! مان هن خط سان پنهنجي دوست جينيءَ جو فوٽو موڪلي رهيو آهيان. اُميد تہ توکي ضرور پسند ايندي. جيني هاڻ مون سان ئي گڏ رهندي آهي.

ڪملا ۽ راڌا اِها چٺي ديوان کي ڪونہ ڏيکاري. راڌا چٺي پڙهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏي. من ئي

سان لڳاءُ، سڀ جو سڀ خود غرض ٿي پيا آهن. خير جتي به هجي خوش هجي. اَسان جو ڇا! اسان ته پنهنجا ڏينهن ڪاٽي چڙهيا آهيون.‘‘ ديوان هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري اُٿي ڪڙو ٿيو.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. ٽي سال گذري ويا. ونود جي Ph.D. لاءِ ٿيسز تسليم ڪئي ويئي آهي. هن کي آمريڪا جو گرين ڪارڊ مليو ويو آهي. ونود هاڻ ڪنهن ريسرچ ليبارٽريءَ ۾ ڪوچ ڪاريه ڪري رهيو آهي. ونود جي آيل خط ۾ راڌا ۽ ديوان صاحب کي فقط اِها ئي خبر ڄاڻڻ جي اُتسڪتا هئي ته ونود ڪڏهن تو واپس گهر اَچي. پر هر خط ۾ اها ئي خبر غير موجود هوندي هئي. هر خط پڙهڻ کان پوءِ هنن کي ڪيترن ڏينهن تائين ملول رهڻو پوندو هو. وري نئين سر ٻئي خط جو انتظار شروع ٿيندو هو. راڌا پنهنجي پتار کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ چوندي هئي: ’’توهان اَجايو ٿا پريشان ٿيو. پکي به هر شام پنهنجن آکيرن ڏانهن واپس ورندا آهن. اسان جو ونود ته انسان آهي. هڪ ڏينهن ضرور واپس ايندو.‘‘ پريشان ديوان صاحب کي اهو دليل ڪونه آئڙيو. چيائين: ’’راڌا! جن کي پرديس جو چشڪو لڳو آهي ۽ پنهنجي وطن کي، پنهنجي گهر کي، دور ڪري ٿا ڀانئين، سي پر ڪٽيل پکين جيان آهن. هنن وٽان پنهنجي آشيانن ۾ واپس ورڻ جي اُميد ڪرڻ ناداني آهي. منهنجو من چوي ٿو ته هاڻ هن جو منهن ڏسڻ منهنجي نصيب ۾ نه آهي.‘‘

ديوان چئنراءِ کي وڏيءَ عمر ۾ پنهنجي پٽ جو وڇوڙو گهٽي جيان ڪائي رهيو هو. نبل سرير ست سهي ڪونه سگهيو ۽ وڃي ڊاڪٽرن جي پڙ پيو. ڊاڪٽرن هن جي بيماريءَ کي نالو ڏنو ’هارٽ انجائنا‘ يعني دل جي ڪمزوري. ديوان صاحب بسترو پڪڙيو. راڌا ۽ ڪملا ڏينهن رات هن جي شيوا ۾ لڳيون رهيون.

هڪ ڏينهن ڪملا پنهنجي پاءُ کي هڪ مختصر خط

تڏهن هو هردوار ۾ يا ناسڪ ۾ وڃي سنڪن کي جل پروان ڪري ايندو. اهو فرض هُن جو آهي. راڌا نهر مان وراڻيو: ”مان ونود لاءِ ڇو ترسان؟ ڪريا ڪرم جو فرض هاڻ ڪملا تي آهي. منهنجي لاءِ ڌيءُ ۽ پٽ ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. زمانو بدليو آهي. قانون بدليو آهي. پوءِ سماج ڇو نہ ٿو بدلجي؟ ڪيترو وقت پٽ پٽ ڪري پيو جيئبو. ٻنهي کي ساڳيا حق آهن تہ پوءِ ٻنهي کي ساڳيا فرض ڇو ڪين آهن. ڏهين ڏينهن سنڪن جو جل ڪملا ئي پروان ڪندي پنهنجو فرض پورو ڪندي. ان لاءِ هن کي ڪير بہ روڪي نٿو سگهي.“ راڌا اِن اُديش سان ئي ديوان جي موت کان ڏه ڏينهن پوءِ اچي ناسڪ ۾ گوداوريءَ ندي جي تَٽَ تي پهتي هئي.

خبر نہ آهي راڌا اَجا ڪيترو وقت ماضيءَ جي تصويرن ۾ کويل رهي ها، پر ڪملا پنهنجي ماءُ کي ويچارن ۾ کويل ڏسي سندس هٿ پڪڙيو ۽ چيائين ”مما! هاڻي ڇا ڪريون؟ پنڊِو تہ ڪريا ڪرم ڪرائڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي.“ ڌيءُ جو آواز ٻڌي جڻ راڌا ننڊ مان جاڳي اُٿي. ڌيءُ کي چيائين ”ڪڻ ڪلش. هل مون سان اهو فرض اڄ ڌيءُ کي ئي نڀائڻو پوندو.“

نديءَ جي تيز وهندڙ ڌارا ۾، ماءُ جي آديش سان، ڪملا سنڪن جو ڪلش اونڌو ڪري سنڪن کي جل پروان ڪيو. ٻنهي ماءُ ۽ ڌيءُ گڏجي گوداوري کي پرنام ڪيو. راڌا پنهنجي ڌيءُ جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ چيائين ”ڪملا! پٽ تو اڄ پنهنجو فرض پورو ڪيو. پري کان پنڊِو اکيون ٽمٽمائي نئين يگ کي ڏسندو رهيو.

من ۾ فقط ايترو چيائين ”نالائق! اَسان اِنسان آهيون. اسين نه ڏور آهيون ۽ نه پکي آهيون. دل ته چوي ٿي ته توکي کو پاراتو ڏيان ۽. پر نه، جت هجين شل آباد هجين. شل کوسو واءُ نه لڳيئي. ونود جي هن چٺيءَ اَچڻ کان هڪ مهينو پوءِ جي ڳالهه آهي، ديوان هڪ ڏينهن صبح جو ننڊ مان اُٿيو. راڌا کير جو گلاس آڻي هن جي هٿ ۾ ڏنو. کملا پيءُ جي پاسي ۾ ويٺي هئي. ديوان هڪ ڍڪ کير جو پريو. چهري تي مڌر مسڪراهٽ هيس. چيائين ”راڌا! رات سپني ۾ ونود ڏٺم. وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي، تون به هاڻ نونهن جي تلاش شروع ڪري ڇڏ. ونود ايندو ته جلد هن جي شادي ڪري ڇڏبي. راڌا موڙو ڏيئي اُٿي ڪڙي ٿي. ويندي ويندي چيائين: موه جي ڦاسي ڇڏيو، پنهنجي صحت جو خيال ڪريو. سپنا ڏسڻ بند ڪريو. سچ اِهو آهي ته ونود هاڻ واپس ڪونه ايندو. هو وني به اُٿي ئي وٺي ويٺو آهي.“

ديوان صاحب جي منهن جو پنو لهي ويو. کير جو گلاس هن جي هٿ مان ڪري پيو. هن جو ڪنڌ لڙڪي ويو. کملا کان رڙ نڪري ويئي. راڌا ڊوڙي آئي ۽ ائين ئي سپ ڪجهه سماپت ٿي ويو. کملا پاءُ کي ٽيليفون ڪرڻ لاءِ ٽيليفون جو چوڳو هٿ ۾ کنيو ته ماٺس پريان ئي رڙ ڪري چيس. خبردار جي پاءُ کي فون ڪيو اَٿيئي. هاڻ هو اَچي ڇا ڪندو! مان هن جو منهن به ڏسڻ نه ٿي چاهيان. هو هڪ ڪنگال انسان آهي. هو ڇا ماءُ پيءُ جو قرض چڪائي سگهندو؟ مان هن کي اِن قرض کان مڪت ڪري ٿي ڇڏيان. کملا ٽيليفون جو چوڳو هيٺ رکي ڇڏيو.

ديوان جي موت کان پوءِ سيني متن مائٽن راڌا کان ونود جي اچڻ بابت پڇيو پر هن ڪنهن کي سنئون جواب ڪونه ڏنو. ڪن ڪيس صلاح ڏني ته، راڌا! تون ديوان جي سنڪن جو ڪلش رکي ڇڏ. جڏهن ونود آمريڪا مان واپس ايندو

پوني مان هت بمبئيءَ تي آهي. مان، منهنجي پتني ۽ ڌيءَ سجني، هڪ هوٽل ۾ رهيا پيا آهيون. سجني، انٽر آرٽس لاءِ پڙهي رهي آهي. هن جي پڙهائيءَ جي مونکي چنتا آهي. بمبئي جهڙي شهر ۾ مڪان ملڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. تون جي مونکي ان ڏس ۾ مدد ڪرين ته تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي.'' روشن، پروفيسر کي پوري ڪوشش جو دلاسو ڏيئي پنهنجي گهر موٽيو، پر سڄو ڏينهن ان مسئلي تي سوچيندو رهيو. رات جو پيءُ ۽ پٽ گڏجي ماني کائي رهيا هئا. اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندي روشن پروفيسر گرناڻي جو مسئلو پنهنجي پيءُ اَڳيان رکيو ۽ پاڻ ئي سجهاءُ ڏنو ته ڇو نه پروفيسر هنن جي مڪان جي ٻن ڪمرن ۾ اَچي رهي. پروفيسر صاحب جي پريشاني به دور ٿي ويندي ۽ هن سنسان گهر ۾ ڪا چهل پهل به ٿي پوندي. سيٺ هڪ منٽ لاءِ ڪجهه سوچيو پر روشن جي چهري تي اُداسي ڏسي روشن کي نه ڪونه ڪري سگهيو. بس ٻئي ڏينهن ئي پروفيسر جو پريوار اَچي سيٺ لڇمڻ داس جي عاليشان عمارت جي گرائونڊ فلور جي ٻن ڪمرن ۾ ٽانئيڪو ٿيو.

ائين ئي، ٿيو جيئن روشن سوچيو هو. سنسان گهر ۾ چهل پهل ٿي ويئي. سويل صبح جو جڏهن سجني تانپري تي سنگيت جو رياض ڪندي هئي ۽ سر پرياتي آلاپيندي هئي تڏهن چڻ سيٺ لڇمڻ داس جو گهر هڪ مندر بڻجي پوندو هو. سيٺ پڻ پنهنجي بستري تي ليٽئي ليٽئي سنگيت جو آنند ماڻيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن بستري جي پاسي ۾ رکيل پنهنجي پتنيءَ جي فوٽو سان روح رهاڻ ڪندي چوندو هو ''روشن ماءُ هيءُ سُر پرياتي ٻڌين پيئي. ويه سالن کان پوءِ هن گهر ۾ هيءُ پرياتي سر گونجيا آهن. تون هئينءَ جو روز صبح جو سويل اُٿي سکمنيءَ جو پاٺ ڪندي هئينءَ. ڪيترو نه آنند ايندو هو.'' سيٺ ته صبح جو 9.00 بجي پنهنجو گهر ڇڏيندو هو ۽ رات جو 9.00 بجي ڌنڌي

هڪ شرط

سيٺ لڇمڻ داس بمبئيءَ جي سنڌي جڳت ۾ رڄ مڙس ليکيو ويندو آهي. بمبئي ۽ بينگلور ۾ پنهنجون پيڍيون اٿس. ڏيساور سان ڏنڌي ۾ چڱو ڪمايو اٿائين. باندرا ۾ پالي هل تي اَٺ ڪمرن جي پنهنجي عمارت. موٽر گاڏيون، نوڪر چاڪر مطلب تہ مان شان جي زندگي ماڻي رهيو آهي. لڇمي ماتا پيل تہ هن تي ڏاڍي مهر ڪئي هجي پر ايشور ڪيس گرهستيءَ جي سک کان وانجهيل رکيو آهي. هن جي زال ويهہ سال اڳ سڪيلڌي پٽ روشن کي جنم ڏيندي ساسين سڪالي ٿي ويئي هئي. لڇمڻ داس چاهي ها، تہ ٻي شادي ڪري جيون جو آنند ماڻي سگهي ها، پر ماتيجي ماءُ جي دکن جو ويچار ڪري هُن آيل انيڪ سجهاوَ موٽائي ڇڏيا. روشن کي هن ڪڏهن بہ ماءُ جي ڪمي محسوس ٿيڻ ڪونہ ڏني. روشن تہ هن جي اکين جو نور آهي.

روشن، هن وقت بمبئيءَ جي مشهور ڪاليج ۾ .B.A جي ڊگري امتحان لاءِ پڙهي رهيو آهي. روشن، شڪل جو سهڻو، قد جو ڊگهو، بدن جو پورو پنو ۽ ڪسرتي جوان آهي. ڪاليج جي اسٽوڊنٽ ڪائونسل جو ليڊر آهي. ڪاليج جو هر پروفيسر هن سان پيار ڪندو آهي ۽ هر وديارٿي هن جي سڏ ۾ سڏ ڏيندو آهي.

هڪ ڏينهن ڪاليج جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر گرناڻيءَ روشن کي پنهنجي ڪمري سڏايو ۽ کيس پنهنجائيءَ واري نوع ۾ چيائين ”مسٽر روشن! منهنجي بدلي

اُن جي بہ ڪا حد ھئڻ گھرجي. تو پروفيسر کي جڳھہ ڏيڻ لاءِ ضد ڪيو مان تنھنجي دل رکي ۽ ھا ڪئي پر ھاڻ ويچاريان پيو تہ شايد مونکي اھا پروانگي نہ ڏيڻ گھربي ھئي.'' روشن ڪنڌ جھڪائي سڀ ٻڌندو رھيو. ڪجھہ وقت ترسي پيءُ ڏانھن مخاطب ٿيندي چيائين: ''بابا! مان اوھان سان سجنيءَ بابت ڳالھائڻ وارو ھوس. ھاڻ اوھان خود ئي ڳالھہ ڇيڙي آھي تہ مان اوھان کي ٻڌائڻ ٿو چاھيان تہ مان سجنيءَ کي پيار ڪريان ٿو. مان پنھنجي پيار جو اَڃا سجنيءَ سان بہ اظھار ڪونہ ڪيو آھي. مان ھن سان جلد شادي ڪرڻ چاھيان ٿو.''

سيٺ لڇمڻداس پٽ وٽان ھيءُ ڪليو بيان ٻڌي ھڪ ڪڻ لاءِ ڍھلجي ويو. گلاس مان بہ ڊڪ پاڻيءَ جا پي پٽ کي چيائين. ''تنھنجو دماغ تہ ٺيڪ آھي؟ تون اُن ڇوڪريءَ سان لائون لھڻ ٿو چاھين جيڪا ميراثڻ بڻجي چڪي آھي. کُلي عام سٽيج تي ويھي پيئي ڳائي ۽ جھومي. پبلڪ جي تاڙين وڄائڻ تي پيئي مسڪرائي ۽ ناز نخرا ڪري. اھا ڇوڪري ٿيندي منھنجي نونھن! نہ ڪڏھن بہ نہ! تون سجنيءَ سان لائون لھڻ جو خواب وساري ڇڏ ۽ سياڻي ڪان اَچي پنھنجي ڌنڌي تي ويھہ.'' روشن جو منھن ٽامڻي ھڻي ويو. پيءُ کي ٿورو ٺنڊيءَ سان جواب ڏنائين ''بابا! سجني ھڪ ڪلاڪار آھي. ھن سنگيت جي ساڌنا ڪئي آھي. سنگيت جڳت ۾ ھن جو خاص مقام آھي. پروگرام ڏئي ٿي. پنھنجي حق جا پئسا وٺي ٿي. اِن ۾ اوھان کي ڪھڙو اعتراض آھي. اَڄ يُگ بدليو آھي. جڏھن ڪالھہ سنگيت فقط ڪوٺن، مندرن يا درگاھن جي چئن ديوارين تائين محدود ھو ۽ سنگيت تي ڪن ٽورن جو موروثي حق ليکيو ويندو ھو تڏھن ھاڻي اُھو سنگيت سياڳرھن، محفلن ۽ اسٽوڊيو ۾ ڳايو وڃي ٿو. ھاڻ اھو سڀ عوام جي وراثت آھي. ڪلاڪار کي تہ ڪلا پريمين جي لھہ و چڙھ ۾ اڇٽو ئي پوندو. اھو اوھانکي ڇو ٿو ڪٽڪي؟ سجني اوھان جي نونھن ٿئي تنھن لاءِ اوھانکي

تان موٽندو هو. باقي روشن ۽ سڄنيءَ جي ٿڪن مان سڄو ڏينهن گهر پيو گونجندو رهندو هو.

وقت گذرندو رهيو. روشن بي.اي. پاس ڪري وڃي پيءُ سان ڌنڌي ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيو. سڄنيءَ جي پڙهڻ ۾ رچي گهٽ پر سنگيت ساڌنا سان موهه وڌيڪ هوس. سنگيت جڳت ۾ چڱو نالو ڪڍيو هئائين. هفتي ۾ ٻه يا ٽي پروگرام وڏن هالن ۾ ڏيندي آهي. ڪيترين فلمن ۾ پلي بئڪ به ڏني اَٿائين ۽ ڪيترين فلمن جي پلي بئڪ لاءِ ڪانٽريڪٽ صحي ڪيا اَٿائين. هميشه اخبارن جي سرخين ۾ هن جو نالو رهيو آهي. سڄنيءَ جي سنگيت جڳت ۾ اُنتيءَ لاءِ پروفيسر صاحب جو هٿ گهٽ پر روشن جو سهارو وڌيڪ آهي. روشن نوجوان آهي. ڌنڌي جي سوجهه ٻوجهه آهي. ڪنهن سان ڪهڙيءَ ريت پيش اچجي. ان جو ڪيس هنر آهي ۽ سڀ ڪان وڌيڪ سڄني ۽ پروفيسر صاحب جو هن ۾ پورو وشواس آهي. سڄني ڪهڙو ڪانٽريڪٽ صحي ڪري؛ ڪنهن ڪان ڪيترا پئسا وٺي؛ ڪهڙي ڏينهن هن جي راڳن جي رڪارڊنگ ٿئي؛ اِنهن سڀني ڳالهين جو فيصلو روشن ئي ڪندو هو.

سڄني ته روشن جو سهارو پائي سنگيت جڳت ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو سڦلتا جي ڏاڪڻ چڙهندي ويئي پر ساڳئي وقت روشن ڏينهون ڏينهن ويو پنهنجي ڌنڌي ڏانهن لاپرواهه ٿيندو. هن جي اِها لاپرواهي سيٺ لڇمڻ داس کي ڪيترن ڏينهن ڪان ڪٽڪي رهي هئي پر پنهنجي جوان پٽ سان ڪهڙو سينو ساهي؟ هڪ ڏينهن سيٺ صاحب روشن کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاري تمام نرمائيءَ سان ڪيس چيو. ”پٽ روشن! تون منهنجي هن سموري سمپتيءَ جو اڪيلو وارث آهين. مان تمام محنت ڪري هيءُ ڌنڌو اَڏيو آهي. اهو هاڻي توکي ئي سنڀالڻو آهي. مان ڏسان وينو ته ڪجهه مهينن ڪان تون ڌنڌي ڏانهن لاپرواهه ٿيندو پيو وڃين. هن ڇوڪريءَ کي مدد ڪرين پيو، سٺي ڳالهه آهي. پر

ٻوليائين.

کنڊالا ۾ هوٽل ۾ ماني کائيندي سڄنيءَ جي اکين ۾ انوکي چمڪ هئي ۽ هن جي چپن تي نرالي مسڪراهٽ. چيائين ”روشن تون ته ڊرپوڪ نڪتين! من ئي من ۾ مون سان پيار ڪرين ٿو ۽ پيار جو اظهار به نٿو ڪري سگهين. تون جي منهنجو هٿ پڪڙي مونکي پروپوز ڪرين ها ته مان شايد پاگل بڻجي نچڻ شروع ڪري ڇڏيان ها. خير! تنهنجي هن انوکي ڍنگ سان ڪيل اظهار به منهنجي تن بدن ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪئي آهي.“ سڄنيءَ روشن جو هٿ پڪڙيو ۽ ان کي سڪ سان چمندي چيائين ”باقي ڳالهه رهي منهنجي پبلڪ ۾ نه ڳائڻ جي، سا وڏي ڳالهه نه آهي. هن سنسار ۾ ڪجهه پائڻ لاءِ ڪجهه ڏيڻو به پوي ٿو. مان تنهنجو پيار پائڻ لاءِ ۽ تنهنجي خوشين لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پبلڪ ۾ نه ڳائڻ ڪا وڏي تقاضا ته ڪونه آهي! مان ايندڙ آرتوار انڊيري اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ رٿيل پروگرام کان پوءِ ڪڏهن به پبلڪ ۾ ڪونه ڳائيندس. اهو اعلان مان سڀاڻي اخبارن ۾ ڪري ڇڏيان. تون هڪ مهرباني ڪر. منهنجي آخرين پروگرام ۾ تون پنهنجي بابا کي ضرور وٺي اچج.“

آرتوار ڏينهن سڄنيءَ جي سنگيت جو آنند ماڻڻ لاءِ هزارن ۾ ماڻهو آيل هئا. هر ڪنهن جي زبان تي هڪ ئي واڪي هئي ته سڄني ڳائڻ بند ڇو ٿي ڪري؟

سڄنيءَ ان ڏينهن خوب ڳايو. هن جي هر تال تي ماڻهو متوالا ٿي جهومڻ لڳا. پروگرام پورو ٿيو. هزارن ۾ آيل پبلڪ هڪ ئي آواز ۾ پڪاريو ”سڄني پنهنجو فيصلو واپس وٺ.“ ڪيترين ئي سنستائن جي بانيڪارن اسٽيج تي اچي هٿ ٻڌي سڄنيءَ کي عرض ڪيو ته عوام کي پنهنجي فن کان محروم نه ڪر. مطلب ته سڄي ميدان تي هر طرف کان سڄنيءَ لاءِ التجا جا آواز ئي آواز هئا. سيٺ لڇمڻ داس هن

فخر هئڻ گهرجي.'' سيٺ لڇمڻ داس پنهنجي پٽ جي لنبي تقرير ٻڌي اُتي ڪڙو ٿيو. ويندي ويندي پٽ کي چيائين: ''پٽ! سنگيت ته تنهنجي ماءُ به سکي هئي. ڳائيندي هئي ته پنهنجي گهر جي اندر. سويل صبح جو اُٿي گر ٻاڻي ڳائيندي هئي. شام جو ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ڏيو ٻاري ميرا ۽ سورداس جا ڀڄن ڳائيندي هئي. مونکي گهر ۾ نونهن گهرجي، نه استيج ڪلاڪاره.'' سيٺ هڪ ڪڻ لاءِ رڪيو. ڪجهه سوچيائين ۽ وري ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکيائين ''تو چيو ته تون هن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو. ڀلي ڪر پاڻ مون کي ڪو اعتراض ڪونه آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي زندگي جيئڻ آهي. ها! پر منهنجو هڪ شرط آهي. سڄني شاديءَ کان پوءِ ڪڏهن به پبلڪ ۾ پروگرام ڪونه ڏيندي ۽ نه ئي فلم ۾ ڳائڻ لاءِ ڪو ڪانٽريڪٽ صحي ڪندي. تون سڄنيءَ کي اِن لاءِ راضي ڪر ۽ مونکي هن جي فيصلي کان واقف ڪر.'' سيٺ لڇمڻ داس پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ هليو ويو. روشن ڇڱو وقت اُتي ئي خيالن ۾ وينو رهيو. ٻئي ڏينهن صبح جو روشن ڇانهه پي رهيو هو ته سڄني هن جي ڪمري ۾ گهڙي آئي.

''روشن! ڪهڙن خيالن ۾ غلطان آهين. اسان کي اَڄ هڪ ڏينهن لاءِ ڪنڊالا هلڻو آهي. ڀلجي ويو آهين ڇا؟ مان ته تيار ٿي آئي آهيان.'' روشن ڇرڪ ڀري پنهنجن خيالن جي دنيا کان ٻاهر آيو ۽ چيائين بس اَڌ ڪلاڪ ۾ تيار ٿي هيٺ اچان ٿو.

ڪار روشن هلائي رهيو هو. سڄنيءَ سان ڳالهين جو سلسلو جاري رکندي چيائين ''سڄني مان ڪالهه کان ڇڱو پريشان آهيان. بابو سائين مون تي ڏاڍو ناراض آهي''. ''ڇو؟'' سڄنيءَ پڇيو. روشن ڦهر سان پنهنجي پتا شري سان ٿيل وارتالاپ، اکر به اکر سڄنيءَ کي بيان ڪري ٻڌايو. سڄني روشن کي ٻڌندي رهي ۽ سوچيندي رهي. ڪنڊالا پهچڻ تائين هڪ اکر به ڪونه

سنڌيت

منهنجي اَميءَ جو اهو نيم آهي، تہ هوءَ سويل صبح جو اُٿي اشنان پاڻي ڪري ڪجھ وقت بندگيءَ ۾ ويهندي آهي. پوءِ ستين بجي ڏاري پنهنجي لاءِ چانهہ جو ڪوپ ۽ منهنجي لاءِ نيرن تيار ڪندي آهي. مان اٺين بجي نائين پڙهڻ لاءِ ڪاليج ڏانهن نڪري ويندو آهيان. اُن ڏينهن جي ڳالهہ آهي. هميشه جيان اَمي سويل صبح جو ايشور جي آراڌنا ۾ وينل هئي. فون جي گهنٽي وڳي. پهريائين تہ مان بستري تان اُٿڻ ڪان نٽايو، پر جڏهن نہ فون جي گهنٽي ئي بند ٿي ۽ نہ ئي اَمي ٿي پوجا مان اُٿي؛ تڏهن مان سور پيٽ اُٿي ڪڙو ٽيس. فون اَميءَ جي ساهيڙي، سنيتا آنٽيءَ جو دادر مان هو.

”امي! سنيتا آنٽيءَ جو فون اَتيئي. جلدي اَچ“ اهو چئي مان تہ وچي وري پنهنجي بستري تي ليٽي پيس پر منهنجو ڌيان آيل فون ڏانهن هو. اَمي آراڌنا مان اُٿي ڪڙي ٿي، اَمي ٿورو ضرور ڏکي ويئي. ستنام ستنام جپيندي اَچي اَميءَ فون هٿ ۾ ڪنيو.“

”ها! سنيتا سڀ خير تہ آهي نہ؟ ڇا چيئہ! دادر ايراضيءَ ۾ فساد شروع ٿي ويا آهن. پٿربازي ٿي رهي آهي. ها ها اسان جو گهر ڪهڙو پري آهي. برابر منهنجو گهر گرائونڊ فلور تي آهي. مان دريون دروازا بند ٿي ڪري ڇڏيان. ها! هي تہ ڪنهن سنڌي سميلن ۾ پوني ويل آهن. سياڻي ايندا. ونود گهر ۾ آهي. چڱو مان فون رکان ٿي باهران چڱو گوڙ تو ٻڌڻ ۾ اَچي.“

سموري ماحول لاءِ من ئي من ۾ پاڻ کي جوابدار محسوس ڪري رهيو هو. پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي رهيو هو. ڪجهه ڪرڻ لاءِ هن جي ووِيڪ هن کي مجبور ڪيو. سيٺ اسٽيج تي ٽڪڙو ٽڪڙو چڙهي ويو ۽ وڃي سڄڻيءَ اڳيان ٻيهنڊي ڇپائين: ”منهنجي ڌيءُ! مونکي معاف ڪر. مان تنهنجي اڳيان شرمسار آهيان. سنگيت تہ تنهنجي آتما آهي. مان آتما کي پرماتما کان الڳ سمجهي رهيو هوس. سنگيت ئي ستيم شوم سندرم آهي. تنهنجي سنگيت ذريعي هزارن ماڻهن کي هڪ ئي وقت ايشوري درشن پراپت ٿئي ٿو. مان هٿ ٻڌي توکي عرض ٿو ڪريان تہ تون پنهنجو فيصلو واپس وٺ.“

سڄني اوچنگارون ڏيئي اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي. سيٺ لڇمڻ داس ڪيس پابوه سان پنهنجي ياڪر ۾ سمائي ڇڏيو.

پاڻوه مان چيائين: ''پٽ ليليٰ! تون ڪوبه فڪر نه ڪر، تون منهنجي ساهه سان آهين. جيستائين ناپر پوي، تون هت رهي سگهين ٿي.'' مان سوچڻ لڳس ڇوڪري ته مسلمان آهي. هن پنهنجو نالو ليليٰ ٻڌايو. پوءِ اَمي هن کي ليلان ڪيئن ٿي سڏي. اَميءَ پڪ ئي پڪ هن کي هندو سمجهيو آهي. مان اهڙين حالتن ۾ چپ رهڻ ئي بهتر سمجهيو. اَميءَ چانهه جو ڪوپ آڻي ليليٰ جي سامهون رکيو. هن جي مٿي تي پيار پريو هٿ ڦيريندي پڇيو. ''ليليٰ! پٽ تون هت ممبئيءَ ۾ اڪيلي رهندي آهين ڇا؟'' ليليٰ پيار پريي ڇهاءُ سان ڇلڪي پيئي.

''اَمي! منهنجا مائٽ اورنگ آباد ۾ رهندا آهن. مان هت ممبئيءَ ۾ نرسنگ جو ڪورس ڪري رهي آهيان. هت هاسٽل ۾ رهندي آهيان.'' مان شهر جو واءُ سواءُ لهڻ ۽ خبرون ٻڌڻ لاءِ ٽرئنزسٽر هلايو. اَمي پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي ۽ يڪدم ٽرئنزسٽر بند ڪيو. ڇنڀيندي چيائين ''خبرون بند. ڏسين نٿو ليليٰ ڪيتري نه ڊنل آهي؟'' ۽ هن کي چيائين ''ليليٰ! پٽ تون ڪو فڪر نه ڪر. منهنجي ڪمري ۾ وڃي آرام ڪر. ها! منهنجي ڪمري ۾ ئي فون اٿيئي، پنهنجي پيءُ کي اطلاع ضرور ڏج. تنهنجي مائٽن کي تنهنجو ڏاڍو فڪر هوندو، مان ماني تيار ڪري توکي سڏ ٿي ڪيان. ونود! ليليٰ جي بيگ کڻي منهنجي ڪمري ۾ رک.''

ليليٰ جيئن ئي اَميءَ جي ڪمري ۾ پير رکيو، هن جي نظر سامهون واري ڀت ۾ ٽنگيل فوٽو فريمن تي اٽڪي بيهي رهي. راڻا پرتاب، شيواجي مهراج، گرو گوبند سنگهه مهراج. هڪ ڪڻ لاءِ ليليٰ سهمجي در وٽ ئي بيهي رهي. هن جي اکين ۾ خوف هو. هن جي حالت پر ڪٽيل پکيءَ جيان هئي. هوءَ نه پاڻ کي هن گهر ۾ سمائڻ لاءِ تيار هئي ۽ نه هن گهر کان ڪنارو ڪرڻ لاءِ سمرٿ هئي. هڪ ٿڌو شوڪارو

امي فون رکي پاسي واري صوفا تي ويهي رهي. مونکي زور سان سڏ ڏنائين. ونود! جلد اُٿ. سوڙ جي پچر ڇڏ. ٻاهر فساد ٿيا آهن. دريون دروازا بند ڪري، لائيٽ جو سئچ بہ بند ڪر.'' مان ٽپو ڏيئي اُٿي کڙو ٿيس. ڦڙتيءَ سان دريون دروازا بند ڪيم. لائيٽ جو مين سئچ بہ بند ڪيم. اميءَ جو چهرو پيلو هيڊ ٿي ويو هو. مان هن کي آٿت ڏيندي چيو: ''سڀ نيڪ ٿي ويندو. تون چانهہ ناهي وَٺُ. چانهہ ڪوپ پيئنديئن تہ دل جاءِ ٿينديءِ.''

اَمي چانهہ ڪوپ ناهڻ لاءِ رنڌڻي ۾ هلي ويئي. ايتري ۾ در تي بہ دفعا زور سان نڪ نڪ ٿي. مان اَڃا در کولڻ وارو ئي هوس تہ اَميءَ رنڌڻي مان سڏ ڏنو ''ونود! دروازو نہ کولج. ٻاهر فساد آهن. متان لتجي نہ وڃون.'' مان در وٽ هڪ ڪڙ بيٺو رهيس. اَمي بہ اَچي منهنجي پاسي ۾ بيٺي. هڪ دفعو وري ڪنهن در تي زور سان دستڪ ڏني. مان پاڻ کي روڪي نہ سگهيس. مان سوچيو. متان دادا پوني مان واپس آيو هجي. مان دروازو آهستي ٿورو کوليو. در وٽ ويهہ- ٻاويهہ سالن جي هڪ ڇوڪري بيٺل هئي. اَڇي رنگ جي سلوار سائي رنگ جو ڪرتو، اَڇي رنگ جي پوتي، وار اڻ سنواريل، شڪل جي سهڻي، قد جي ڊگهي، هٿ ۾ ننڍي بيگ، ڇوڪريءَ جون نظرون ٻاهر رستي تي ڪتل هيون. هن جو در کلڻ ڏانهن ڌيان ڪونہ ويو هو. مان آهستي سان چيو،''Yes توکي ڇا گهرجي'' منهنجي آواز تي ڇوڪريءَ هڪ ڇرڪ ڀريو. هن جي اکين ۾ خوف، چهري تي پريشانيءَ آواز ۾ ڏڪڻي. مان ليليا ڳهتيءَ جي ڪنڊ واري گرلس هاسٽل ۾ رهندي آهيان. هاسٽل تي حملي جو امڪان آهي. سڀ هلي ويا آهن. مان اندر اَچان؟'' اهو سڀ چئي هوءَ اچي سڏڪن ۾ ڇتڪي.

اَمي مونکي در کان پري ڪندي در کولي ڇوڪريءَ کي ٻاڪر ۾ ڀري اَندر وٺي آئي. دروازو بند ڪري ڇوڪريءَ کي

اُن وقت در تي ٺڪ ٺڪ ٿي، ليليءَ اَميءَ جي ڪمري ۾ هلي ويئي. در آهستي سان اَميءَ ئي کوليو. در تي ٻيءَ ماڙ تي رهندڙ دادي گوپ ماءُ هئي. اَچو! دادي اَندر اچو. ڪو ڪم هيوَ ڇا. اَميءَ چيو. ”ڪو ڪم ٻرُ ڪونهي. مان صبح پنهنجي بالڪنيءَ مان ويٺي لڳاءُ ڏٺو. تو ڪنهن غير ذات جي ڇوڪريءَ کي پنهنجي گهر ۾ لڪايو آهي. مائي! ٻاهر باه ٿي ٻري، ڪجهه پاڙيوارن جو بہ سوچ. ڪڏهن ڇوڪريءَ کي ٻاهر نہ تہ تہ!“ گوپ ماءُ چيو.

”نہ نہ ڇا! دادي، اَجايو ڪپڙا ڇو ٿي ڇنڊين، مان ڪنهن کي گهر ۾ لڪائي ڪونہ ويٺي آهيان، اجايو ٻين جي گهرن ۾ ليئا پائڻ ڇڏي ڏيو.“ اَميءَ دادي گوپ ماءُ تي ناراض ٿيندي چيو.

دادي نہ پويان پير ڪري هلي ويئي. ويندي ويندي ايترو ضرور چيائين نہ هوءَ سوسائٽيءَ جي سيڪريٽريءَ کي رپورٽ ڪندي. مون ڪنڌ ورائي ڏٺو، ليليءَ در وٽ بيهي سموري واردات ڏسي رهي هئي.

رات جو اَميءَ ليليءَ هڪ ئي ڪمري ۾ سمهيون ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾. سڄي رات نيڻن ۾ ننڊ ڪونہ هيم. ڊڪندڙ قدم، پوليس جي جيپ جو سائرن، ’مارو مارو‘ جا آواز پريشان ڪري رهيا هئا. بس! انتظار هو نہ ڪڏهن ٿو صبح ٿئي، ڪڏهن ٿو هيءُ انڌڪار دور ٿئي ۽ پرڪاش جو اُجالو ٿئي. گهڙيال ٻن جا ٽڪاءُ هنيا. ساڳئي وقت در تي ٺڪ ٺڪ پئي ٿي. ”ڪير آهي؟“ مون آواز ڏنو.

”مان رامچنداڻي“ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري آهيان. در کوليو، اوهان سان ڳالهائڻو آهي.“ دروازو اَميءَ ئي کوليو. اچو سک نہ آهي. نہ اَميءَ پڇيو: سڪہ وري ڪٿي آهي. اوهان نہ اسان تي ظلم ڪيو آهي. گهر ۾ هڪ غير ذات جي ڇوڪريءَ کي پناهہ ڏني اَٿو. خبر اَٿو ٻاهر ڇا ٿي رهيو آهي! اوهان

پري پاڻ کي حالتن جي حوالي ڪري پلنگ تي ويهي رهي. مان هن کي وشواس ڏيارڻ لاءِ پلا ڇا ڪري سگهيس؟ مان ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس.

منجهند جو هڪ وڳو هو. اَميءَ وڃي ليليٰ کي اُٿاريو. ليليٰ منهن ڌوئي اچي ٽيبل تي ويٺي. اميءَ سيني جي ماني پروسي ٽيبل تي رکي هئي. مون ڏٺو ليليٰ ته پنهنجن ئي خيالن ۾ گم هئي. هن جو چهرو زرد هو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. مان فيصلو ڪري ڪونه سگهيس ته ليليٰ کي خوف شهر جي فسادن کان هو يا هن هندو گهر ۾ هئڻ جو هو. منهنجي من ۾ هڪ خيال آيو. جي ليليٰ هيءُ گهر ڇڏي هلي ويئي ته! ته ضرور انرت ٿي ويندو. هن لاءِ ٻه، ته اسان لاءِ ٻه. سوال فقط ڌرم جو نه آهي. سوال وشواس ۽ اوشواس جو آهي.

امي اچي ليليٰ جي پاسي ۾ ويٺي. هن کي پاڪر پائي، ماني کائڻ لاءِ زور پريائين. پر ليليٰ جو هڪ ئي سُر، ته هن کي بک نه آهي.

مان پريشان هوس. ڪاڏي جي ٿالهي سيريندي مون چيو ”منهنجي مني ديدي جي تون ماني نه کائيندينءَ ته هن گهر ۾ ڪوبه ماني ڪونه کائيندو.“ منهنجي ديدي چوندي ليليٰ پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي. منهنجي مٿي تي سڪ سان هٿ ڦيريائين. مون پڪ ئي پڪ محسوس ڪيو ته وشواس لاءِ ڌرم نه، انسانيت جي ضرورت آهي. ليليٰ جي چپن تي مشڪ هئي. اکين ۾ سنيهه. هوءَ اچي ماني کائڻ ويٺي. بس اُن ويل کان ليليٰ گهر جو هڪ ڀاتي بڻجي پيئي. پر تڏهن به ليليٰ اَميءَ کي پنهنجي ڌرم جي جاڻ ڪونه ڏني. ليليٰ هن گهر ۾ ليلا ئي رهي. شام تي اَميءَ گهر ۾ ناڪرن اڳيان ڏيئو ٻاريو. اَميءَ شرڌا جا گيت ايشور جي اُستتيءَ ۾ ڳايا. اميءَ ليليٰ جي من کي شانتي ملي يا نه پر منهنجو من ڏاڍو پريشان هو.

جيئن تون پاڻ کي هن گهر ۾ اوپرو نہ ڀانئين. اسان سنڌو سنسڪرتيءَ جا وارث آهيون. اَسان جي من ۾ هندو مسلم جو ڀيد ڪونہ آهي. اسان اَڏائي گهرن جو خير چاهيندا آهيون. تو هن گهر ۾ پناه ورتي آهي، تنهنجي حفاظت منهنجو ڌرم آهي. منهنجي سنڌيت آهي. تون آرام سان وڃي سمهہ! مونکي پنهنجو فرض پالڻ ڏي.'' ليليٰ صوفا تان اُٿي ۽ اَميءَ جي آغوش ۾ سمائجي ويئي. اِن آغوش ۾ ٻن ڌرمن جو سنگم هو. جننيءَ جو آنچل هو. انسانيت جو ڇهاءُ هو. سنڌيت جي سڳنڌ هئي.

صبح جا 8.00 بجا هئا. در تي وري ٺڪ ٺڪ ٿي. اَميءَ پڇيو ڪير آهي؟ جواب آيو ''پوليس! دروازو کوليو.'' اَميءَ دروازو کوليو. پوليس انسپيڪٽر اندر هليو آيو چيائين ''ڊڄڻ جي ڳالهہ ڪونہ آهي. هيءُ آهي مسٽر شاهنواز، اورنگ آباد مان پوليس پهري هيٺ آيل آهي. ڪالهہ هن کي پنهنجي ڌيءُ ليليٰ وٽان فون آيو هو. ليليٰ اوهان جي گهر ۾ شرن ورتي آهي. هيءُ صاحب ليليٰ کي وٺي وڃڻ لاءِ آيل آهي. امي سيني کي اَندر اَچڻ لاءِ آدر ڪندي چيو. ليليٰ ڊوڙي اَچي پنهنجي پيءُ کي چنبڙي. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. سناٽي کي ٽوڙيو تہ ليليٰ ''اَبو! هيءُ منهنجي اَمي آهي ۽ هيءُ منهنجو ڀاءُ ونود، هنن مونکي جي پناه نہ ڏني هجي ها تہ خبر نہ آهي ڪهڙن خبيثن جي ور چڙهي وڃان ها. اَبو هيءُ اِنسان نہ فرشتا آهن.'' شاهنواز صاحب تہ ڀاونا جي مهراڻ ۾ ٽٻيون هڻي رهيو هو. هن جي زبان مان اکر ڪونہ ٿي اُڪليو. بس گهڙيءَ گهڙيءَ ٿي اَميءَ جا پير ڇهيائين، اَميءَ ليليٰ کي رستي ۾ ڪجهہ کائڻ لاءِ ٽفن باڪس هٿ ۾ ڏنو. ليليٰ هلي ويئي. اميءَ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. منهنجو من پريشان هو. بس! ائين ٿي ڀاسيو، ڄڻ هن گهر جي جائي ڪنهن ڏورانهين سفر لاءِ رواني ٿي ويئي هئي.

سان گڏ ڪٿي اسان به نه آزاد ۾ اُڏجي وڃون. ڪنهن کي خبر پوندي ته اسان سيٺي لاءِ شامت اُچي ويندي. اسان ورهاڱي وقت سنڌو آهي. سنڌ مان جان بچائي ڀڄي آيا آهيون.'' رامچندائي صاحب اَجا ڪجهه وڌيڪ چوي، تنهن کان اَڳ اَميءَ ڪيس محڪم آواز ۾ چيو ''مسٽر رامچندائي! اسان سنڌ مان ڀڄي ڪونه آيا آهيون. اِهو خيال اوهان پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڇڏيو. سنڌ ۾ سک سنبنڌ واري سنسڪرتي هئي، جا اَسان جي ابن ڏاڏن قائم ڪئي هئي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ڌاريا آيا جن ڌرمي ڇڪتاڻ پيدا ڪئي. اسان کي اِها تهذيب پسند ڪونه هئي. اَسان پراچين سنسڪرتيءَ جي گود ۾ هلي آياسين، هيءَ سنسڪرتي اَسان کي پراڻن کان پياري آهي. باقي رهي ڳالهه ته مون پنهنجي گهر ۾ ڪنهن غير ذات جي ڇوڪريءَ کي پناه ڏني آهي سو سراسر غلط آهي. مون هڪ اَبلا کي پناه ڏني آهي. اوهان کي جيڪي وڻي سو ڪريو. مونکي اڪيلي سر مقابلو ڪرڻ جي توفيق آهي.'' رامچندائي ته هٿ چنبيندو، پڻ پڻ ڪندو در کولي هليو ويو. اَميءَ وري در بند ڪري ڇڏيو. رامچندائيءَ جي وڃڻ تي ليليٰ باهر هال ۾ آئي. صوفا تي ويهندي اَميءَ ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين. مان اوهانجي شڪرگذار آهيان جو اوهان مونکي پناه ڏني آهي. پنهنجي جان جوکي ۾ وڌي آهي. اَمي! هو سچ ٿا چون مان هندو نه، مسلم آهيان. مان ليلان نه ليليٰ آهيان. اوهان هڪ مسلم ڇوڪريءَ کي پناه ڏني آهي. مان به ڪيتري نه ڀُهيلي آهيان، پنهنجي جان جي حفاظت لاءِ اوهان کي بوهي ۾ وڌو اَٿم. مونکي معاف ڪريو. مان هن وقت ئي هتان هلي وڃڻ تي چاهيان.'' اِهو سڀ چئي هوءَ اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي.

''پٽ! تون مسلمان آهين. اِها مونکي ڄاڻ آهي. مون توکي ليليٰ نه پر ليليٰ سڏيو اهو سڀ تنهنجي سکون لاءِ

پيو هو. بس ٻنهي جون دليون ملي ويون. محبت جو مچ ٻرڪو کائي اُٿيو. اِنجام به ٿيا ته اِقرار به ٿيا. دوريون متجي ويون. آخر اُهو به ٿيو جو نه ٿيڻ گهربو هو. جواني ديواني موڙ تي به جسم هڪ ٿي ويا. پريم جو سلو اُپري آيو. هڪ مهينو اَڳ جي ڳالهه آهي. هڪ شام نندني برنس گارڊن ۾ گهمندي رميش سان پنهنجي اَندر جو حال اوريندي چيو ''رميش! هاڻ اسان کي هيئن لڪي ڇپي ملڻ جي ضرورت نه آهي. توکي بئنڪ جي نوڪري آهي، آفيس طرفان ڏنل گهر آهي. ٻيو ڇا گهرجي! اسان کي هاڻ شادي ڪري ڇڏڻ گهرجي. سو به جلد،نه ته اجايو بدنامي ٿيندي.''

''بدنامي ٿيندي. ڇا مطلب؟'' رميش دهلجي ويو.

''توکي لوناوالا جو سير وسري ويو ڇا؟ ٻيئي پيار جي وهڪري ۾ وهي ويا هئاسين. مان ڏينهن سان آهيان. سمجهئه منا!'' نندنيءَ ڪلندي چيو. ''بيوقوف آهين ڇا؟ خبرداري ونڻ تنهنجي جوابداري آهي. هاڻ ٻُڌُ! شاديءَ لاءِ مان هن وقت تيار ڪونه آهيان. تون هاڻ ته ڪو تدارڪ ڪر. اڳتي ڏسي وٺبو.'' رميش بيپرواهيءَ سان چيو.

''مان ڪهڙو تدارڪ ڪريان؟ تنهنجو مطلب آهي ته مان هيءُ ٻار ڪيرائي ڇڏيان؟ اَڙي واه! توهان مردن لاءِ پنهنجي جوابداريءَ کان پلوَ آجا ڪرڻ جو هيءُ سولو طريقو آهي. توکي پنهنجو اِقرار ياد آهي؟ تو ته چيو هو ته توکي جيئن ئي نوڪري ملندي، تون مون سان شادي ڪندين. هاڻ تو چئين ته مان اسان جي پيار جي نشانيءَ کي ميساري ڇڏيان. نه نه! اِهو مون کان ڪونه ٿيندو. نندنيءَ تنديءَ سان جواب ڏنو. نندنيءَ جي هن جواب تي رميش منجهي پيو. ڪجهه سوچي چيائين.

'' مني! ڪجهه سوچ! مون اَجان مائٽن کي تو بابت ڪجهه ڪين ٻڌايو آهي. مونکي ٿورو وقت گهرجي. شادي ته

چڪرويُو

ننڊني اَچا فرگوسن ڪاليج جي حاطي اندر پير ئي مس رکيو تہ هن جي ساهيڙي مڏو ٻوڙندي اَچي هن جي پاسي ۾ بيٺي. چيائين 'ننڊني! توکي مون ڪالهہ ڏاڍو ياد ڪيو.''

''ڪيئن ياد ڪيئہ؟''

''ڪالهہ تنهنجي دوست رميش جي شادي هئي نہ! ڇوڪري سنيتا اَسانجي پاڙي ۾ رهندي آهي. ننڊني! ڇو توکي رميش شاديءَ ۾ اچڻ جي نيند ڪونہ ڏني هئي ڇا؟ پائي تنهنجو تہ گهرو دوست آهي. ماڻهو تہ چون پيا تہ تنهنجي شادي رميش سان ٿيڻ گهربي هئي.''

''رميش جي ڪالهہ شادي! ننڊنيءَ جي اکين اڳيان اونده اچي ويئي. هن پنهنجي سيني مان درد جي سوٽ اُڀرندي محسوس ڪئي. هن جا پير اڳتي هلڻ کان پڙ ڪڍي بيٺا. مڏوءَ کان نظر بچائي پويان پير ڪري اچي گهر پهتي. پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري اَچي پلنگ تي ڦان تي ڪري. هوءَ اندر جي پيڙا ۾ ڦٿڪي رهي هئي. هن جي اکين ۾ نير ۽ دل ۾ طوفان هو. هڪ ئي شبد ور ور ڪري هن جي چپن تي تي آيو. ''اُلا! رميش مون سان دوکو ڪيو''

رميش ۽ ننڊني ٻيئي هڪ ئي ڪاليج جا وديارٿي هئا. رميش ننڊنيءَ کان ٻہ سال سينئر هو. گذريل سال ئي رميش B.Com. پاس ڪئي ۽ کيس ممبئيءَ ۾ هڪ بئنڪ ۾ نوڪري بہ ملي آهي. ٻنهي ۾ پيار جو پيچ تي سال اڳ ڪاليج جي رنگ منچ تي نوري جام تماچي ناٽڪ ڪندي

خبر پيئي تہ نندني پوني جا وڻ چڙي، ڪيڏانهن جهنگ منهن ڪري هلي ويئي آهي، تڏهن ڪيس پيٽ ۾ ساه پيو. من ڪي آٿت ڏنائين ”هڪ عورت پلا ڇا تي ڪري سگهي؟“

وقت گذرندو رهيو. نيٺ اُها گهڙي بہ اَچي سهڙي جنهنجو نندنيءَ کي ڏهن مهينن کان انتظار هو. نندنيءَ رميش جي پيار جي نشاني سونل جو جنم ٿيو. نرس جڏهن ٻار کي ٽوال ۾ ويڙهي، اچي نندنيءَ جي پاسي ۾ ليٽايو، تڏهن نندنيءَ جون اکيون ڇلڪي پيون. پنهنجي ڌيءُ کي ڀاڪر سان ڇيائين، ”منهنجي راڻي! مون توکي جنم تہ ڏنو آهي پر تنهنجو آئينده جو سوچي مونکي ئي ڏپ ٿي رهيو آهي. نہ توکي تنهنجو پيءُ اپنائڻ لاءِ تيار آهي؟ نہ هيءُ سماج توکي سمائڻ لاءِ تيار آهي! تنهنجو جيئڻ ئي آهي ڄڻ ڪنڊن جي سيج! شال تنهنجو ڀاڳ ڀلو ٿئي! نندنيءَ سونوءَ کي پنهنجي سيني ۾ سمائي ڇڏيو. هن کي پڪ هئي تہ هن کي اهو سڪون زندگيءَ ۾ وري نصيب ڪونہ ٿيندو.

سونوءَ کي ڄائي بہ مهينا گذري ويا. نندنيءَ پنهنجي رچيل چڪرويوه جو پهريون دروازو کوليو. رميش جي زال سنيتا اڪيلي پونا کان ممبئيءَ دڪن ايڪسپريس گاڏيءَ ۾ وڃي رهي هئي. ايجنسيءَ جي مدد سان سنيتا جو فوٽو، ريل گاڏيءَ ۾ سنيتا جي پاسي واري سيٽ جي رزرود ٽڪيٽ ۽ ٻيا انيڪ تفصيل حاصل ڪري نندني اچي پوني سٽيشن تي دڪن ايڪسپريس گاڏيءَ ۾ سنيتا جي پاسي ۾ ويٺي، ڪجهہ ئي منٽن ۾ ٻنهي هڪ ٻئي سان هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪرڻ ۾ محو ٿي ويون. سونل ڪڏهن سنيتا جي هنج ۾ هئي تہ ڪڏهن نندنيءَ جي گود ۾ هئي. گاڏي جڏهن ڪرجت سٽيشن تان ڇٽڻ واري هئي. تڏهن نندني پنهنجي سيٽ تان اُٿي، سونل کي سنيتا جي گود ۾ ويهاري، پاڻ باٿ روم طرف هلڻ شروع ڪيائين ۽ تڪڙ تڪڙ

مونکي توسان ئي ڪرڻي آهي. هن وقت هيءَ ٻار! نه نه
تون ائبارشن ڪرائي ڇڏ. منهنجو چيو مڃ''

نندنيءَ به نهر سان جواب ڏنو ''رميش! مون وٽ وقت
جي ڪمي آهي. هيءُ ٻار اَسان جي پيار جي نشاني آهي.
ائبارشن! ڪڏهن به نه! تون جلد پنهنجن مائٽن سان شاديءَ
بابت ڳالهه ڪر. هڪ ڳالهه صاف آهي ته مان چُپ ڪري
ڪونه ويهنديس. مان حق جي لڙائي لڙنديس.''

''مان مائٽن سان ڳالهه ڇوريان ٿو. تون ڪو فڪر نه
ڪر. سڀ نيڪ ٿي ويندو.'' اِهو سڀ چئي رميش هليو ويو.

ڪجهه به نه نيڪ ڪونه ٿيو. رميش ته مون سان دوکو
ڪيو. هاڻ ڇا ڪريان؟ پيٽ ۾ اُسرندڙ هن ٻار جو ڇا ٿيندو؟
ڇا گرڀ پات؟ نه نه! هر آتما کي سنسار ۾ اَچڻ جو حق
آهي. مان گرڀ پات ڪرائي ڇو پنهنجي ضمير سان
سمجهوتو ڪريان. ڇا هڪ عورت هئڻ جي مونکي هيءَ سزا
ملي رهي آهي؟ مرد ته پنهنجي فرض کان منهن موڙي
وڃي ڪٿي لڪو آهي. هيءَ سچ جي لڙائي آهي. انساني
حقن جو سوال آهي. مونکي هيءَ لڙائي پاڻ لڙڻي آهي.
نتيجو پل ڪهڙو به نڪري. رميش کي پنهنجي جوابداري
پاڻ نڀائڻي پوندي. اهو سڀ سوچيندي نندنيءَ حق جي
لڙائيءَ جو ڪو چڪرويوه تيار ڪري ئي ورتو.

هنَ پوني کان پري ماليگانءُ جي ناري ڪلياڻ آشرم
۾ اَچي داخلا ورتي. ويم جي گهڙيءَ تائين آشرم ۾ رهڻ
جو فيصلو ڪيو. هن هڪ ايجنسيءَ ذريعي رميش ۽ ان جي
پتني سنيتا تي پوري نظر ٿي رکي. هن کي وشواس هو ته
هن جو رچيل چڪرويوه ضرور ڪامياب ٿيندو.

رميش، نندنيءَ کي دوکو ڏيئي شادي ته ڪئي، پر
هن کي اندر ۾ ڊپ ضرور هو ته نندني ڪونه ڪو پنهنجو
ضرور ٻارينديءَ ڪيس سماج ۾ خوار ڪندي. جڏهن ڪيس

ڏينهن آفيس ۾ رميش جي ٽيبل تي هڪ خط هو جنهن ۾ فقط اِهو ئي لکيل هو ”تنهنجي امانت توکي سونپي اٿم.“ هاڻ رميش کي پڪ ٿي ويئي ته سونل هن جو ئي رت آهي. سونل هن گهر ۾ پوريءَ ريت سمائجي ويئي. سنيتا کي ڪڏهن به پنهنجو پيٽ جائو ڪونه ٿيو. سونل ئي هن جي اکين جو تارو هئي. سنيتا جي من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اَڃا اِهو خوف زنده هو ته هڪ ڏينهن ريل گاڏيءَ واري عورت ايندي ۽ سونل تي پنهنجو حق جتائيندي. سونل کي پاڻ سان وٺي ويندي. هن جي گود خالي ٿي ويندي. سنيتا کي اَهڙا خواب اڪثر ايندا رهندا هئا. هوءَ ننڊ مان رڙيون ڪري اُٿي ويهندي هئي. من ۾ اِهو ئي ڏڪ ڏيندي رهندي هئي ته هيترن سالن ۾ ريل گاڏيءَ واري عورت ڪونه آئي ته هاڻ ڪٿان ايندي. پڪ ئي پڪ هوءَ اجل جو شڪار ٿي ويئي هوندي.

نندنيءَ جو حال به ڪجهه اهڙو ئي هو. جيڪا چيري چمڙي، سا ئي آهي امڙي. نندنيءَ رميش کي سونل واپس نه ڪئي هئي. پر هميشه فڪرمند رهندي هئي. هن جي ممتا جي ڏور پنهنجي آنڊي جائيءَ سونل سان جڙيل هئي. هن جي سامهون ته هوءَ وڃي نٿي سگهي. ڪيس دپ هو ته ڪتيل بازي هارائي نه وهان. پلا پنهنجي ڪئيءَ جو نڪو ويڄ نه طبيب. ايجنسيءَ وٽان ڪيس هر هفتي خبر ملندي هئي. سونل جا فوٽا ملندا هئا. جن کي پنهنجي سيني سان لڳائي پيئي پنهنجي ممتا کي سهلائيندي هئي. گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. وقت جي رفتار کي پلا ڪير ٿو روڪي سگهي!

اَڄ سونل جي شادي آهي، سونل سهاڳ جو جوڙو پاتو آهي. سوين سينگار ڪيا آهن. براهمڻ سڳڻ ساٺ ڪرائي رهيو آهي. جلد ئي جڃ اَچڻ واري آهي. رميش ۽ سنيتا سونل جو

۾ ريل مان لهي پيئي. ريل گاڏيءَ بہ هلڻ شروع ڪيو. نندني پليٽفارم تان ويندڙ گاڏيءَ کي اوسنائين ڏسندي رهي جيستائين ريل گاڏي هن جي اکين کان اوجهل ٿي ويئي. نندني محسوس ڪري رهي هئي تہ هن جي جسم جو ڪو حصو ڪوئي تيز تلوار سان ڪٽي رهيو آهي. رت ريلا ڪري وهي رهيو آهي. خون سان لٿ پٿ جسم ڦٿڪي رهيو آهي. نس نس مان درد جي سوٽ اُڀري رهي هئي. هن جي اکين اڳيان اونده اَچي ويئي. هوءَ ڪنڌ ۾ پيل بينچ تي ويهي رهي. هن پنهنجي جگر جو ٽڪرو ڪنهن آشا تي ٻين جي حوالي ڪيو تہ هو، پر هن کي ڪٿي بہ آشا جو ترورو نظر نہ ٿئي آيو. بس هئي تہ فقط اونده ئي اونده. ان ٻاٽ اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻندي نندني اَچي پنهنجي پوني واري گهر پهتي.

ويچاري سنيتا تہ دهلجي ويئي. نندني تہ باٿ روم مان واپس وري ئي ڪونہ. ڪرجت کان دادر تائين هن جو سفر سخت پريشانيءَ ۾ گذريو. ٻار جو ڇا ٿيندو؟ هوءَ عورت ڪيڏانهن هلي ويئي؟ ڇا گاڏيءَ مان ڪري پيئي!

ڇا ٿيو! ڇا ٿيو! بس سوال ئي سوال هئا. گاڏي جڏهن دادر سٽيشن تي پهتي تڏهن پليٽفارم تي رميش کي پائي سنيتا اَچي روئڻ ۾ ڇٽڪي، روئندي روئندي هن سمورو داستان رميش کي ٻڌايو. ٻار هاڻ رميش جي گود ۾ هو. اَچانڪ رميش جي ذهن ۾ نندنيءَ جا لفظ گونجي اُٿيا ''مان حق جي لڙائي لڙنديس.'' هن کي هاڻ نندنيءَ جي چال صاف ڏسڻ ۾ ٿي آئي. هيءُ ٻار هن جو ئي رت آهي. رميش حالتن کي سنڀالي ورتو. نہ ڪو پوليس ۾ ويو ۽ نہ ئي ڪو ٻکيڙو ڪيائين. سنيتا کي ڌيرج ڏيندي چيائين ''تون چنتا نہ ڪر. اُن عورت کي ضرور ڳولهي لهنداسين.'' جي ڪجهہ نہ ٿيو تہ ٻار کي سک سان پالي وڏو ڪنداسين. ٻئي

قضا ۽ سزا

مهاراشٽر جي اُلهندي گهاٽن ۾، ممبئي کان اٽڪل ٩٠ ڪلو ميٽر دور نيرل ريلوي اسٽيشن وٽ، وسيل سندر هل اسٽيشن يعني تازو آرام گاهه آهي مٿيران، جتي قدرت پنهنجي سندرتا جو ڪر موڙي اظهار ڪيو آهي. چئني طرفن ساوڪ، منيون هوائون، پهاڙن جون دلفريب واديون ۽ پکين جون لاتيون. هيءَ شايد پهرين هل اسٽيشن آهي، جتي موٽر گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جي آمدرفت تي روڪ لڳائي ويئي آهي. جن ڪي هن پهاڙي آرام گاهه ۾ موٽر گاڏين ۾ اَچڻو آهي. انهن کي پنهنجون موٽر گاڏيون ٻه ڪلوميٽر پري واٽر فيلڊ ريلوي اسٽيشن وٽ هل اسٽيشن جي حد کان ٻاهر رکڻيون آهن. باقي ته سڀ نيرل جنڪشن وٽان هلندڙ ننڍي گاڏي يعني ٽواءِ ٽرين ۾ چڙهي اَچي مٿيران اسٽيشن تي پهچندا آهن. چوماسي جي مند کي ڇڏي باقي سڄو سال هت سيلانين جي اَچ وڃ قائم رهي ٿي.

اَپريل جو مهينو هو. ممبئي ۾ گرميون شروع ٿي ويون هيون. گرميءَ کان نجات پائڻ لاءِ انيڪ سيلانين پنهنجو رخ مٿيران ڏانهن رکيو هو. صبح جو 10.00 بجي نيرل جنڪشن تان ننڍي ريل گاڏي سيلانين کي کڻي مٿيران اسٽيشن پهچڻ لاءِ اُلهندي گهاٽن جي اوچائيءَ تي چڙهڻ شروع ڪيو هو. هن سفر ۾ شامل هئا ٻه سنڌي جوڙا. آڪاش ۾ پکي جڏهن ولر ڪري اُڏامن ٿا. دور دور جو سفر طئه ڪن ٿا تڏهن هو فقط پريت جي پيچ سبباں ئي ولر سان جڙيا رهن ٿا. هيءُ ٻيئي جوڙا ٻه جيتوڻيڪ پاڻ ۾ پهريون دفعو ملي رهيا هئا، پر پريت جو پيچ هنن ۾ پئجي چڪو هو. لڳو ائين ڄڻ ٻيئي

ڪنياداڻ ڪندا. سونل پنهنجي ساهري گهر هلي ويندي. وشال منڊپ جي هڪ ڪنڊ ۾ سڀ ڪان دور پڇاڙيءَ واري ڪرسيءَ تي نندني اَچي ويٺي آهي. هن کي انتظار آهي تہ ڪڏهن ٿي ڄڃ اَچي. ڪڏهن ٿو گهوٽ ڪنوار جو هٿيالو ٻڌجي. ڪڏهن ٿا پوتر اگنيءَ جي چوگرد ست ڦيرا ٿين. جڏهن اِهو سڀ ٿي رهيو هو تڏهن نندنيءَ جي من ۾ آنند جا ترنگ اُٿي رهيا هئا. هن جي چهري تي خوشيءَ جي رنگت هئي. هن جي اکين مان پيار جا ڳوڙها جهر جهر ڪري ڳڙي رهيا هئا. انهن ڳوڙهن کي پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ سان اُگهندي هوءَ پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي اسٽيج تي آئي هڪ وقت سونل، سنيتا ۽ رميش جي نظر هن تي پيئي. سونل ان عورت ۾ پنهنجو ئي عڪس پسي حيران ٿي ويئي. سنيتا بہ هن کي يڪدم سڃاتو. ريل گاڏيءَ واري عورت! هن جون اکيون حيرت وچان ڦاٽي پيون. هن جي وات مان هڪ اکر بہ ڪونہ اُڪليو. هوءَ رميش جي ٻانهن کي زور سان پڪڙي بيهي رهي. رميش اکيون هيٺ جهڪائي هڪ ڏوهيءَ جيان بيٺو رهيو. نندنيءَ هڪ نيڪليس پنهنجي ڌيءُ جي ڳچيءَ ۾ پاتو. هڪ منڊي پنهنجي نانيءَ جي آڱر ۾ پاتي. ٻنهي جي مٿي تي آسيس جو هٿ رکيو ۽ اچي بيٺي رميش جي سامهون. هن جي اکين ۾ سوابيمان جي چمڪ هئي تہ چهري تي گنڀيرتا جو تيج. تمام نهر سان ڌيمي آواز ۾ رميش کي چيائين ”رميش! تو تہ مون سان دوکو ڪيو. خير منهنجي چڪرويوه رچنا توکي ڪيئن لڳي؟ عورت کي ڪڏهن بہ ڪمزور سمجهڻ نہ گهرجي. عورت، پيار جي مورت بہ آهي تہ شڪتيءَ جو روپ بہ. ڪڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجي جوابداريءَ کان منهن موڙڻ نہ کپائي.“ اِهو سڀ چئي هوءَ اسٽيج تان هيٺ لهي، منڊپ کان ٻاهر نڪري ويئي. سڀ جو سڀ بت بڻجي فقط ڏسندا رهيا.

۽ بيئي زالون ٻنهي ٻارن کي هڪ پينگهي ۾ ليٽائي، پنهنجي ئي گتر متر ۾ سمايل هيون. مکيه وشيه هئي گهر سنسار، وقت جو ڪين پتو ئي نه رهيو، ”هوٽل K“ جي ٽاور جڏهن يارهن جا ٺڪاوَ هنيا تڏهن پونم هڪ اوٻاسي ڏيئي اُٿي ڪڙي ٿي. پاسي ۾ ننڊ ۾ سهيل ڪمل کي هنج ۾ کڻندي چيائين ”نينا ڏاڍي ننڊ ٿي اچي. وڏيڪ ڳالهيون سڀاڻي. هيءُ مرد ته اَجا پيئڻ ۾ پورا آهن.“ نينا به اُٿي کڙي ٿي. کلندي چيائين،”پونم! برابر توکي ڏاڍي ننڊ اَچي رهي آهي. پنهنجو ٻار به نٿي سڃاڻين. تنهنجي هنج ۾ منهنجو ڪمل آهي. ڪمل ۾ تنهنجو ڏاڍو موه پئجي ويو آهي.“ پونم به کلندي وراڻيو: تنهنجو ڪمل آهي ئي اهڙو! اَڄ جي رات تنهنجو ڪمل مون وٽ ۽ منهنجي پنڪي تو وٽ“ ٻيئي ساهڙيون کلندي کلندي ٻارن کي پنهنجي سيني ۾ سمائي پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيون.

سڄي رات پنڪي ٻيبي پنهنجي نئين ماءُ نينا جي پاسي ۾ آرام سان سمهي رهي. صبح جا ڇهه ٻجا هئا. مئٽيران ۾ اَجا منهن اونداهي هئي. پنڪي اُٿي ويٺي. ڪيس ٻڪ ستايو هو. پاسي ۾ پنهنجي ماءُ کي نه ڏسي وڏي واڪي روئڻ لڳي. نينا ئي پنڪيءَ جي روئڻ تي ٽپ ڏيئي اُٿي ويٺي. پنڪيءَ کي هنج ۾ کڻي پڇڪاريندي چيائين ”پٽ پنڪي! هل ته توکي تنهنجي ماءُ وٽ وٺي هلان.“ ٻار کي ٻانهن کان لوڏائيندي نينا اَچي پاسي واري ڪمري جي در تي پهتي. در تي آهستي سان دستڪ ڏنائين. در ته پاٽيهي کلي پيو. نينا پير پير ۾ پائي ڪمري ۾ لنگهي ويئي. ڪمري جا پلنگ ته خالي هئا. ڪمري ۾ ڪير به ڪونه هو. پونم ۽ هن جو گهوٽ ڪيڏانهن ويا؟ منهنجو ڪمل ڪيڏانهن ويو؟ نينا جو متو ڦري رهيو هو. اُبتي پير پنهنجي ڪمري ڏانهن ڊوڙي، سندر کي ڊونڌاڙيائين.” اُٿو! هو ته هلي ويا. هو ته

جوڙا هڪ ئي ڪٽنب جو حصو آهن. ٻنهي جي منزل ساڳي هئي. ٻنهي جي ٻولي ساڳي هئي. ٻنهي جوڙن جي عمر ٻه لڳ ڀڳ ساڳي هئي. سڀ کان وڏيڪ ٻنهي جوڙن کي هڪ هڪ ٻار هنج ۾ هو. هڪ کي پٽ ته ٻئي کي ڌيءُ. ٻنهي ٻارن جي عمر ٻه ساڳي اٽڪل هڪ سال. سفر ۾ هنن ٻنهي جوڙن وچ ۾ دوستي ۽ وشواس قائم ٿي وجي. اِهو بلڪل سڀاويڪ هو. هڪ جوڙو هو چندر رامچنداڻي اُلهاسنگر جو وينل، ڪرياني جو ٻڌو واپاري. هن جي زال پونم ۽ سندس ڌيءُ پنڪي. ٻيو جوڙو هو سندر چئناڻي، هڪ سرڪاري آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ. ان جي ڌرمپتني نينا ۽ هنن جو پٽ ڪمل.

ٿواءِ ٽرين جو نيرل کان مئيٿران ٻن ڪلاڪن جو سفر هنن ٻنهي جوڙن جو اڪ بوٽ ۾ پورو ٿي ويو. چندر ۽ سندر پنهنجي ڌنڌي واپار يا سياست جي ڳالهين ۾ محو هئا ته ٻئي زالون پونم ۽ نينا ٻارن کي کاڌ خوراڪ ڏيڻ، اوپارين لهوارين ڳالهين ۾ پوريون هيون. ٻار ٻه هڪ ٻئي سان هري مري ويا هئا. مطلب ته ٻنهي جوڙن جون ڳالهيون هيون، ڪل هئي ۽ ٺهڪ هئا. مئيٿران سٽيشن تي پهچي چندر ۽ سندر گڏجيِ آرتوار منجهند جو ممبئيءَ واپس ورڻ جون ريل ٽڪيٽون ٻه بوڪ ڪرايون. ٽن ڏينهن جي آرام لاءِ هنن هڪ ئي هوٽل ''هوٽل K'' جي چونڊ ڪئي ''هوٽل K'' ۾ پاسي پاسي وارا ٻه ڊيلڪس ڪمرا پسند ڪري هنن پنهنجي مئيٿران سفر جي شروعات ڪئي. اُهو سڄو ڏينهن ته ٻنهي جوڙن گڏجي گهمڻ ڦرڻ، گهوڙي سواريءَ ٻنهي جي سير ۾ گذاريو ۽ شام 'سن سيٽ پوائنٽ' تي سورج ديوتا جي ڏينهن جي سفر جي سماپتي پسڻ ۽ سورج ديوتا جو پهاڙن جي چوٽين پٺيان غائب ٿي وڃڻ جي درشيه جي آنند ماڻڻ ۾ گذاري. پوءِ جڳمڳ بازار جو چڪر هڻي، ٿوري گهڻي خريداري ڪري اَچي هوٽل جي سرسبز لانس ۾ وڇايل ڪرسين ۽ پينگهن تي آرامي ٿيا. ٻيئي مرد ته ٻاٽل کولي ويهي رهيا

سڏايو. اَڇا ڪارا پاڻيهي پڌرا ٿي پوندا.“ مئنيجر ويچارو ڇا ڪري؟ لاچار پوليس کي فون ڪيو ويو. هن بحث ۾ بيبي پنڪيءَ جي روئڻ ڏانهن شايد ڪنهنجو ڌيان ئي ڪونہ ويو. هوءَ تہ ويچاري بڪ ۾ پاه ٿي رهي هئي ۽ زور سان روئي رهي هئي. نينا بر ٿي پيئي. اَڌ روئندي، اڌ ڇلائيندي پنڪيءَ کي صوفا تي ڦٽو ڪندي چيائين ”اڙي بابا! تون تہ چپ ڪر. منهنجو چنڊ جهڙو پٽ نياڳي ڪٽي ويئي ۽ هيءَ ڪاري ڪلوٽي دانگي منهنجي ڪرمن ۾ هٽي ويئي. شروعءَ کان ئي هن ڏائڻ جي نظر منهنجي پٽ تي هئي. هوءَ شايد مئيٽران آئي ئي پٽ جي چوريءَ لاءِ هئي. هيءَ ڏيءُ بہ الاهي هن جي آهي يا نہ، اَلله ٿو ڄاڻي. اسان سان تہ هٿ ويل ٿيو آهي ۽ هيءُ سڀ هٿ تماشو ڏسي رهيا آهن.“ هوٽل جي مئنيجر ٻار کي چپ ڪرائڻ لاءِ ۽ کير پيارڻ لاءِ هوٽل جي هڪ آيا کي سڏ ڏنو ۽ نينا ڏانهن منهن ڪري چيائين. ”دادي وشواس رکو! گمان بي ايمان ٿيندو آهي، اوهان جو ٻار ضرور ملندو.“

پوليس انسپيڪٽر بہ اچي پهتو. هن حالتن جو جائزو ورتو. سڀني جا بيان رڪارڊ ڪري ترت ڪارروائي ڪرڻ جو واعدو ڪندي روانو ٿي ويو. صبح جا اچي 9.00 بجا ٿيا. هوٽل K ۾ چوٻول هو. جنهن ٿي ٻار جي ٿيل چوريءَ جو ٻڌو، تنهن ٿي ڏندين آڱريون ڏنيون. سندر ۽ نينا جي سامهون هاڻ هڪ ئي سوال هو تہ اڳتي ڇا ڪيو وڃي؟

نيڪ اُن وقت هوٽل جي مکيہ دروازي اندر اَچي رهيا هئا چندر، هن جي زال پونم ۽ چندر جي ڪڇ ۾ هو مسڪرائيندو ڪمل.هوٽل جي پيش دالان يعني لابيءَ ۾ جڻ سناٽو ڇانئجي ويو. نينا ڊوڙي وڃي چندر جي ڪڇ مان ڇڪي پنهنجي پٽ ڪمل کي ڪنيو. چمندي، پچڪاريندي هن کي پنهنجي سيني ۾ سمائي روئندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. پونم بہ

منهنجو ڪمل ڪٽي ويا.'' ڪمل جو نالو ٻڌي سندر ٽپ ڏيئي
اُٿي ڪڙو ٿيو. اَڌ ننڊ اَڌ جاڳ ۾ نينا جي ڪجھ ۾ ٻار ڏسي
چيائين ''نينا سپنن ۾ آهين ڇا؟ ڪمل تہ تنهنجي ڪچھ ۾
آهي، تون روئين ڇو ٿي؟ نينا واڪو ڪري چيو سپنن ۾ تہ
تون آهين، اُٿ جلدي اُٿ. هيءُ ڪمل نہ پونم جي ڌيءُ
پنڪي آهي. پونم پنهنجي ڌيءُ ڇڏي ويئي آهي. منهنجو
ڪمل ڪٽي ويئي آهي. نينا جو واڪو ٻڌي سندر جي اکين
مان ننڊ تہ پرَ ڪري اُڏامي ويئي. ڊوڙندو هوٽل K جي آفيس
۾ پهتو. ڊيسڪ ڪلارڪ ڪيس ٻڌايو تہ چندر رامچنداڻي تہ
سويل صبح جو پنجين بجي هوٽل جو ڪمرو خالي ڪري هليو
ويو. نينا ۽ سندر جي واءِ ويلا تي هوٽل K جو مئنيجر بہ اَچي
سهڙيو. چندر اُتمچنداڻيءَ جو پورو پتو ڳولڻ لاءِ هوٽل جي
رجسٽر جي چڪاس ڪئي ويئي. پر وريو ڪجھہ بہ ڪين.
رجسٽر جي پني تي فقط لکيل هو ''اُلهاسنگر، ٿاڻي ضلع''
هيڏو وڏو اُلهاسنگر جو شهر- پلا بنا پوري پتي جي چندر کي
ڪٿي ڳولهجي؟ سندر تہ ڏاڍو پريشان ٿي ويو. هوٽل جي
مئنيجر کي پوليس کي سڏائڻ لاءِ چيائين. هوٽل K جو
مئنيجر تہ منجهي پيو، سندر کي هٿ جوڙيندي چيو ''سائين!
ٿورو صبر ڪريو. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پوليس کي گهرائڻ جي
ڪهڙي ضرورت آهي. هيءُ منهنجي هوٽل جي عزت جو سوال
آهي. مونکي پڪ آهي.'' اڃا هوٽل جي مئنيجر پنهنجو جملو
پورو بہ نہ ڪيو هو جو سندر ڪڙڪو ڪري چيو، ''ڪهڙي عزت
آهي اوهانجي هوٽل جي؟ هٿ ماڻهن جا ٻار چوري ٿا ٿي
وڃن ۽ اوهان ننڊ ۾ آهيو. اوچي دڪان ڦڪو پڪوان، هيءُ
هڪ صاف سازش آهي. سازش چوريءَ جي آهي ۽ چوري بہ
هڪ ننڍي ٻار جي!'' اوهان ٿورو ويچار ڪريو. ڪير سويل
صبح جو 5.00 بجي هوٽل اچانڪ ڇڏي ويندو آهي ڇا! هٿ
جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت. اوهان پوليس کي

رشتا

شادي ٻن آتمائن جو ميل آهي. انگلنڊ جي هڪ فيلسوف چاڻايو آهي ته شاديءَ جو ٻنڌڻ اِيشور طرفان سرڳ ۾ جوڙيو ويندو آهي. ڪن جو ويچار آهي، ته شادي جنم جنم جو سنٻنڌ آهي. اهو سڀ مڃجي ٿو ته ڪٿي پر سنسار ۾ ٻيا به ڪي سنٻنڌ آهن جن کي صحيح روپ ۾ سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جن ۾ نه رهي ٿو خون جو رشتو، نه روپ جي لالسا ۽ نه ئي وري ڪنچن جو جلوو، اِهي رشتا پاڪ ۽ نوراني آهن، شايد ايشور ۽ اُپاسڪ جي رشتي جي برابر، اُن سنٻنڌ کان به ڪجهه وڏيڪ ٿين ٿا.

هڪ ڏينهن شام جو گهر پهتس ته ٻڍا آشرم مان منهنجي نالي هڪ خط آيل مليو. خط جو مضمون بلڪل مختصر هو. ”رتنا اُسانجي آشرم ۾ رهيل آهي. هوءَ اوهان سان جلد ملڻ ٿي چاهي. مهرباني ڪري ايندڙ آرتوار شام جو ڇئين بجي ۽ ڇهين بجي جي وچ ۾ وقت ڪڍي هن سان ملڻ جي ڪرپا ڪندا. شيوا ۾ مئنيجر، ٻڍا آشرم.

هيءَ رتنا ڪير آهي؟ منهنجي ڪير لڳي؟ هوءَ مون سان ڇو ٿي ملڻ چاهي؟ پنهنجي پتنيءَ کي خط ڏيکاريم. متان هن وٽان ڪا ڄاڻ ملي سگهي.

خط پڙهي ڇيائين ها! رتنا! هوءَ جا سامهون واري مڪان ۾ رهندڙ ڪشن ماءُ جي ڌيءُ ويچاري وڏ ور ٿي ويئي پر سندس شادي ڪونه ٿي هئي. ماڻس مري ويئي. پاڻس گهر مان ڪڍي ڇڏيس، ويچاري وڃي ٻڍا آشرم ۾ رهي آهي. ها پر توهانکي خط ڇو لکيو اَٿائين! توهانجي ڪير لڳي؟ ٻه چار دفعا ان کان ٻيبيءَ جو ڪڙتو شلوار سبايو هيومانس، ٿي سگهيو نه

ساڳيءَ ريت آيا جي هنج مان پنهنجي ذيءُ پنکي کٽي، کيس چمندي ياڪر ۾ سمائي روئندي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي. سندر، چندر اچرج وچان هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا هئا. سندر ۽ چندر جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ٻئي سامهون وڇايل صوفا تي اچي ويٺا. هوٽل جي نوڪر ٻه ڪوپ چانهه جا ٻنهي اڳيان رکي ويو. چندر حالتن ۾ تناءَ کي ڀانپي ويو. آهستي چيائين ”سندر دوست! بابا کي گهر ۾ هارٽ اٽئڪ ٿي آهي. صبح چئين بجي موبائيل تي نياپو آيو. حوصلا ئي خطا ٿي ويا. بس اُن وقت ئي ڪپڙا سوٽ ڪيس ۾ وجهي، ٻار کي چادر ۾ ويڙهي نڪري پياسين. اوهانکي ايترو سوير ننڊ مان اُٿارڻ واجب ڪونه سمجهيوسين. ايترو سوير ٽرين نه هئي ڪونه، سو ٻه ڪلوميٽر پنڌ ڪري واٽر فليڊ سٽيشن وٽان ٽئڪسي ڪري اُلهاسنگر ڏانهن روانا ٿياسين. اَڃان اَڌ پنڌ ئي طئه ڪونه ڪيو هيوسين جو ٻار روئڻ شروع ڪيو. پونم جڏهن ٻار کي کير ڏيڻ لاءِ چادر هٽائي تڏهن ڪمل کي پنهنجي گود ۾ ڏسي پريشان ٿي ويئي. هن پنهنجي ڀل محسوس ڪئي. اَدا! آنڊي جي جر آهي. پونم روئي رهي هئي. پئي وڦليائين: پنکي اُٿي هوندي، ماءُ کي نه ڏسي روئندي هوندي، اوهان کي حيران ڪيو هوندائين. بس ٽيڪسيءَ کي واپس ڦيرايوسين. اُهو ئي واٽر فيلڊ وٽان ٻه ڪلوميٽر پنڌ جهاڳي واپس آيا آهيون. اَدل اوهان کي تڪليف ڏاڍي ٿي هوندي. منٿا! مهرباني ڪري معاف ڪجو.“ سندر عجيب ڍنگ سان هڪ ٽهڪ ڏنو. چيائين ”ادل! معافي ڇا جي؟ پاڻ ۾ دوست آهيون. مون کي پڪ هئي ته اسان جو ڪمل اوهان وٽ صحيح سلامت آهي. باقي قضا ۽ رضا نه ڪنهن ٻه وقت ٿئي ٿي، تون ڪنهن ٻه قسم جو خيال نه ڪر.“

چندر صوفا تان اُٿندي ڀڻ ڀڻ ڪندي فقط ايترو ئي چيو ”دوست اَسان مٿان ته قضا ۽ سزا هڪ ئي وقت ڪڙڪي آهي.“

نڪتس. ٺيڪ ڇئين بجي مان آشرم جي آفيس ۾ پهچي ويس. مئنيجر کي سندس لکيل خط ڏيکاريم. مئنيجر ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ ڳالهين جو سلسلو شروع ڪيائين.

سائين! هيءُ خط مان اوهان کي پيڻ رتنا جي چوڻ تي لکيو آهي. هوءَ اَسانجي آشرم ۾ گذريل ڇئن سالن کان آهي. شايد بمبئيءَ ۾ هن جو ڪو ويجهو رشتيدار ڪونه آهي، مان نه سنيران تہ گذريل ڇئن سالن ۾ ان سان ڪو ملڻ آيو آهي. اوهان جو هن سان ڪهڙو رشتو آهي؟ مئنيجر جي هن سوال جو پلا مان ڪهڙو جواب ڏيان! سچ تہ هن سان منهنجو ڪهڙو رشتو آهي! زندگيءَ ۾ مان هن سان ڪڏهن ڳالهايو ڪونه آهي. ها! هوءَ فقط منهنجي پاڙيسرڻ آهي. پر پاڙيسرڻ بہ ڪهڙي آهي! گذريل پنجويهہ سالن ۾ مان هن کي ڏيان سان ڏٺو بہ ڪونه آهي. هن سان سندس ماءُ جي ديهانت جي اعزا پرسي بہ ڪونه ڪئي اَٿم. پاڙس گهر مان ڪيس ڪڏهي ڇڏيو ان جي ڄاڻ بہ مونکي ڪونه آهي. هن آشرم ۾ اَچي رهي آهي، اها خبر بہ مونکي هاڻ ملي آهي. اَسان جو رشتو تہ ريل ۾ سفر ڪندڙ ٻن مسافرن جي برابر جو بہ ڪونه آهي. مئنيجر کي جواب تہ ڏيڻو ئي آهي. کيس چيم ”سائين دنيا ۾ فقط رشتا تہ ڪونه آهن. مهرباني ڪري اوهان رتنا کي سڏائيندا.“ ’نہ نہ! هلو مان اوهانکي ان وٽ وٺي ٿو هلان. هوءَ هن وقت باغ ۾ ويٺي هوندي آهي.“ مئنيجر وراڻيو.

مئنيجر مونکي باغ ڏانهن وٺي هليو. منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. ڄڻ پهريون دفعو ڪنهن انٽرويو لاءِ وڃي رهيو هوس. مئنيجر پريان ئي رتنا طرف اشارو ڪري هليو ويو ۽ مان باغ ۾ ويٺل رتنا ڏانهن اڳتي وڌيس. رتنا مونکي پريان ئي ڏسندي اُٿي بيٺي. منهنجي ويجهي اَچڻ تي ڪيڪاريندي چيائين: مونکي پڪ هئي، تہ منهنجي سڏ تي اوهان ضرور ايندا. اوهان جي نہ اَچو ها تہ مان ڇوُر ڇوُر ٿي پوان ها. اوهانکي تڪليف ڏنم. اوهان ناراض تہ ڪونہ ٿيا؟ اهو سڀ هوءَ

هن وٽان ٿي اَڇجوس. پاڙو ابو امڙ آهي، باقي پئسا ٻئسا نہ ڏجوس. هميشہ لاءِ هري پوندي. مان بہ ٿي ڏينهن سوچيندو رهيس، رتنا، ڪشن ماءُ جي ڏيءُ، سامهون واري مڪان ۾ رهندي هئي. ذهن ۾ هن جي تصوير صاف اُڀري آئي. شڪل جي گوري قد جي لنبي، وار گهنڊيدار، چال مستاني، ڪنهن زماني ۾ اسان دوستن جي ٽولي هن کي حور ڪري سڏيندي هئي. هر ڪو هن تي فدا هو. اُهو وقت اَلائي ڪيئن گذري ويو. هرڪو پنهنجن پنهنجن جوابدارين جي ٻوجهہ هيٺ ويو دٻجندو. منهنجي شادي ٿي، ٻار ٿيا، وقت گذرندو ويو. ٽيه پنجٽيه سال نبري ويا. گردش جي ڌوڙ ۾ اهي سڀ يادگيريون ڌنڌليون پئجي ويون. اَڄ جڏهن انهن ڌنڌلين يادگيرين تان وقت جي ڌوڙ هٽائي اَٿم تڏهن رتنا جو چهرو اکين اڳيان صاف اُڀري آيو اَٿم. مان چاهيندي بہ ڪڏهن رتنا سان ڳالهايو ڪونہ هو. پر هن جي سندر صورت کي اُن زماني ۾ تڪڻ جو موهہ ضرور هوندو هو. هن جو چهرو تہ هاڻ منهنجي اَکين اَڳيان پيو ڦري. هن جي معصوم مسڪراهٽ، هن جا نيل ٻڌل گهنڊيدار وار، ڪنن ۾ ننڍڙيون هيرن جون ڦليون، گلابي سلوار ڪرتو، ڪلهن کان ڌرتيءَ تائين ليٽڙندڙ گلابي رئو، هر وقت پنيان نهارڻ جي ڪمزور عادت، پر اُهو سڀ تہ ٽيه سال اَڳ هو. هاڻ تہ هوءَ پنجاه سالن کان وڏي هوندي. منهنجي عمر بہ پنجونجاه سالن جي آهي، مٿي ۾ اڌ اَڇا وار اَچي ويا آهن.

رتنا سان ملڻ جو موهہ ستائي رهيو هو. منهنجي دل جي ڌڙڪن ٿوري تيز ٿي ويئي هئي. ٽيهن سالن کان پوءِ رتنا سان مڪاميلو ٿيندو. هوءَ منهنجي ويجهو هوندي. هن سان ڳالهيون ٿينديون. مان هن کان هيئن پڇندس، هوءُ مون کان هيئن پڇندي. اهي سڀ انسنا من ئي من ۾ پچائي رهيو هوس.

نيٺ آرتوار جو ڏينهن بہ آيو. صبح کان مان هر هر پنهنجي واچ ڏسي رهيو هوس. منهنجي گهر کان آشرم تائين بس جو سفر هڪ ڪلاڪ جو هو، پر مان گهر مان بہ ڪلاڪ اَڳ

قائندو ۽ سڀ سماپت ٿي ويندو. هاڻ ته بس موت جو انتظار آهي.“

مان بت بڻجي رتنا کي ٻڌي رهيو هوس، هن جي موت جي ساهيءَ مونکي ڏڪائي ڇڏيو هو. پر هن جي چهري تي نه هو ڪتي ڊپ ۽ نه ڪتي ڏر. هن جي چهري تي بس شانتي ئي شانتي هئي.

مون هن کي دکي ڪرڻ ڪونه ٿي چاهيو، هن کان فقط اِهو ئي سوال پڇيم ته رتنا تون پنهنجي عمر ڀر جي ڪمائي منهنجي سپرد ڪرڻ ٿي چاهين. تنهنجو مون ۾ ايترو وشواس ڪيئن آهي؟

رتنا ڪجهه وقت ماٺ ٿي ويئي. هن جي اکين مان اَچانڪ ڳوڙها ڳڙي پيا. پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ سان ڳوڙها اُگهندي رتنا چيو ”اوهانجي وشواس جي سهاري ته هيءَ زندگي گهاري اَٿم. ٽيهه سال اَڳ منهنجي لاءِ اوهانجي مائٽي آئي هئي. منهنجي ماءُ مونکان پڇيو هو. مان پنهنجي رضامندي ڏني هئي. هڪ پاڙي ۾ رهندا هئاسين. اوهانجي ڪئريڪٽر، قابليت ۽ ايمانداريءَ جي ساک ته منهنجن ساهيڙين به ڀري هئي. من ئي من ۾ اوهانکي پنهنجي من مندر جو ديوتا بڻائي ويٺي هيس. جنهن ڏينهن اوهانجي مائٽي آئي تنهن ڏينهن مان شنکر جي مندر ۾ لوٽي چاڙهڻ ويئي هيس. پر ايشور کي اهو منظور ڪونه هو. اوهانجي ماءُ ٻن لکن رپين جي ڏيتي ليتي جي تقاضا ڪئي. اسين غريب اها گهر ڪيئن ٿي پوري ڪري سگهياسين؟ مان ۽ منهنجي ماءُ نراس ٿي وياسين. مان ته ان بابت اوهان سان ملڻ ٿي چاهيو. پر جنهن ڏينهن مان فيصلو ورتو اُن ڏينهن اوهانجو مڱڻو ٿي ويو. ان کان پوءِ ڪيترين ئي مائٽيون آيون. پر روح ريلو نه ڏنو. منَ هميشه اهو ئي ٿي آواز ڏنو ته من مندر جو ديوتا ته هڪڙو ئي ٿيندو آهي. بس اوهانجي ياد کي پنهنجي سيني سان لائي زندگي گهاري اَٿم ۽ اڄ جڏهن جيون جو انت سامهون

هڪ ئي وقت چئي ويئي. منهنجون اکيون رتنا تي کپيل هيون. هن جا وار اَڇا ٿي ويا هئا. بدن ٿورو ڀرجي ويو هوس. پر چهري تي اها معصوميت اَڃا قائم هيس. پر هنجي چهري جي چمڙيءَ ۾ آيل گهنجن صاف ٿي ٻڌايو ته وقت هن مٿان چڱو قهر ڪيو آهي. بدن تي هلڪي نيري رنگ جي ساڙهيءَ ميچنگ ٻانهن سان بلائوز، اڇا پشم جهڙا گهنڊيدار وار ڪلهن تائين، ڪن ۾ ٻنا ۽ ٻانهون ۾ ٻنيون، پيرن ۾ سادو چمپل. هوءَ عمر ۾ هاڻ پنجونجاهه سالن کان به مٿي پيئي لڳي. شايد پنهنجي عمر کان پنج-ڏهه سال وڏي.

مونکي چپ ڏسي هن وري چيو: گهر ۾ سڀ ڪيئن آهن. اوهان جا ٻار هاڻ وڏا ٿي ويا هوندا! وڏي پٽ جي شادي ڪرائي اَٿو يا نه؟ مون هاڻ پنهنجو هوش سنڀالي ورتو هو. هن جي سرل ڀاوَ سان پڇيل سوالن جا جواب ڏنم. اَسان بيئي باغ ۾ وڇايل ڪرسين تي پاسي پاسي ۾ ويهي رهياسين.

ڳالهه ٻولهه جو سلسلو وري به رتنا ئي شروع ڪيو. اوهان بلڪل ڪونه بدليا آهيو. اڳ به ڇوڪرين سان ڳالهائڻ ۾ شرمائيندا هئا ۽ هاڻ به. پر هاڻ ته مان اوهان کان وڏي ٿي لڳان. مان اوهانکي هت ڪنهن خاص ڪم سان گهرايو آهي.

”ڪندا نه منهنجو اِهو ڪم؟ “

”ڪهڙو ڪم آهي تنهنجو؟“ “مون بئنڪ ۾ ڪجهه پيسا رکيا آهن. اها رقم مان ڪنهن اسڪول کي ڏيڻ ٿي چاهيان. منهنجي محنت جي ڪمائي آهي. سڄي عمر سلائي ڪئي اَٿم. چاهيان ٿي ته اها رقم ڪنهن سٺي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيان.“

”ڇو! رتنا، حياتيءَ تان ڀروسو لاهي ويٺين آهين ڇا؟ “

رتنا ڦڪو مسڪرائيندي جواب ڏنو. ”ڪهڙي حياتي! ڪهڙو ڀروسو! جيون جو انت سامهون اَچي بيٺو آهي. الائي باقي گهٽا ڏينهن؟ برين ۾ وڏو ٽيومر اَٿم. هر پندرهين ڏينهن ٽاٽا اسپتال ۾ ويندي آهيان. فقط اهو ئي پڇڻ ته انت ڪڏهن ايندو. جواب اهو ئي آهي ته اهو ٽيومر هڪ ڏينهن اوچتو

منهنجي ذرم پتنيءَ ان رات رتنا بابت مونکان انيک سوال ڪيا، پر ڪنهن بہ سوال جو ڪيس مان پورو جواب ڏيئي ڪونہ سگهيس. ان رات مونکي ننڊ ڪونہ آئي.فقط رتنا بابت سوچيندو رهيس. اُن رات اِهو پڻ فيصلو ڪيم تہ روز شام جو آفيس مان موٽندي رتنا وٽان ٿيندو ايندس. هن جي زندگيءَ جا باقي ڏينهن سک سان گذرن، تنهن لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندس.

ٻئي ڏينهن مان شام جو پنجين بجي آشرم ۾ پهچي ويس. رتنا نہ باغ ۾ هئي ۽ نہ ئي پنهنجي ڪمري ۾. مان مئنيجر جي آفيس ۾ پهتس جنهن ٻڌايو تہ ڪالهہ رات رتنا جي طبعيت اوچتو خراب ٿي پيئي. کيس نرسنگ هوم ۾ ڀرتي ڪيو ويو آهي. منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. مشڪل سان پاڻ تي قابو پائي سگهيس. ٽيڪسي ڪري نرسنگ هوم ۾ پهتس. انٽينسو ڪيئر يونٽ ۾ رتنا موت سان لڙائي لڙي رهي هئي. هن جي نڪ ۾ آڪسيجن جو ٽيوب لڳايو ويو هو. انيڪ انسٽرومينٽ هن جي دل جي ڌڙڪن، رت داب نبض وغيره تي نظر رکي رهيا هئا. تمام آزي نيزاريءَ کان پوءِ نرس هن جي اڳيان وڃڻ جي موڪل ڏني. مان رتنا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ رکي هن جي ڪن ۾ پاٻوه سان آهستي چيو ”رتنا! آءِ لو يو“ ”رتنا آءِ لو يو.“ رتنا جي چهري تي ٿوري سرخي آئي. هن جا چپ ڪجهہ پٽڪيا ۽ هن جو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڪجهہ چريو ۽ بس رتنا جو ڪنڌ ڍرڪي ويو. رتنا ساسين سڪالي ٿي ويئي. منهنجي اکين مان آب وهي رتنا جي چهري کي پسائي رهيو هو. نرس آئي، جنهن رتنا جو چهرو اَڇي چادر سان ڍڪي ڇڏيو. ۽ مونکي ٻاهر ويٽنگ روم جي صوفا تي ويهاري هلي ويئي. مان اهو ئي سوچي رهيو هوس تہ رتنا سان منهنجو کهڙو رشتو هو جو مان جهري رهيو آهيان ۽ کهڙي ناتي مون کيس چيو هو ”رتنا! آءِ لو يو!“

اَچي بيٺو آهي تڏهن اوهان سوال پڇيو آهي تہ منهنجو اوهان ۾ ايترو وشواس ڪيئن آهي.''

رتنا جي انهن ڳالهين مونکي بي سرت ڪري ڇڏيو هو. مان نہ ڳالهائي ٿي سگهيس ۽ نہ ئي اُتان اُٿي ٿي سگهيس جيڪي ٿيو سو ٿيو.

''ان لاءِ نہ توهان جوابدار آهيو ۽ نہ ئي مان. جوابدار آهن تہ فقط حالتون جن ڪي شايد مان پرالبڌ بہ سڏيان.'' رتنا چيو.

''پر تن سالن ۾ ڪڏهن تو ہڙڪ بہ ٻاهر ڪونہ ڪڍي. حالتن سان سمجهوتو ئي ڪرين ها.'' مون چيو. ''حالتن سان سمجهوتو ئي ڪيو اَٿم. اَسانجو سماج سڪوڙيل دل وارو آهي. پنهنجين تمنائن جي پورتيءَ لاءِ نہ مان اوهان جو گهر ڊاهڻ ٿي چاهيو ۽ نہ ئي پنهنجو بڻ بدنام ڪرڻ ٿي چاهيم. بس هڪ ئي وات ڪلپيل هئي. اها وٺي هلي آهيان، اوهانکي پنهنجي من مندر جو ڀڳوان مڃي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو اَٿم. ان ڏينهن جڏهن ڊاڪٽر صاحب جي چهري تي پنهنجي موت جو عڪس صاف ڏٺم، تڏهن پاڻ کي روڪي نہ سگهيس ۽ اوهانکي پاڻ وٽ سڏائڻ جو يتن ڪيم. هاڻ تہ بس اها ئي تمنا ڪڏهن اُپري ايندي اَٿم تہ هن جنم ۾ نہ سهين، ٻئي جنم ۾ اوهان کي پوريءَ ريت پايان ۽ اهائي التجا ايشور در بہ ڪندي رهندي آهيان. هڪ تڪليف اوهان کي بي بہ ڏيٺي آهي، جيستائين جيئري آهيان اوهان هر آرتوار تي مون سان ملڻ ضرور اَچجو. اها تڪليف اوهانکي گهٽا ڏينهن سهڻي ڪونہ پوندي، اُپ اکئين پيو ڏسجي. مونکي پنهنجو انت صاف نظر اَچي رهيو آهي.''

سورج ديوتا ان ڏينهن جو پنهنجو سفر پورو ڪري چڪو هو. باغ ۾ ٻاهر اونده ڇائنجي رهي هئي. اهڙي ئي اونده منهنجي من اندر پڻ ڇانيل هئي. ڀڪي ولر ڪري پنهنجن آکين ڏانهن موٽي رهيا هئا. مان رتنا کي پنهنجن ٻانهن جي سهاري آشرم ۾ هن جي ڪمري ۾ پهچائي پنهنجي گهر پهتس.

مصريءَ سان تَر، سياهُ حليم ۽ هميشه پراون پنهنجي هئي.

هڪ ڏينهن ڇپائين ڪاليج نوٽيس بورڊ پڙهيو اَٽيئي؟ ڪاليج وارن B.A جي وديارٿين لاءِ ڪلو ۽ منالي‌ءَ لاءِ هڪ پڪنڪ رکي آهي. منهنجي دل آهي ته هڪ دفعو هماليه جي دامن ۾ ويهي سندر پرڪرتي‌ءَ جو ديدار ڪريان. گلاب، مگري جي گلن جي وادين ۾ ويهي سڳنڌ جي سنسار ۾ کوهجي وڃان. دور دور تائين ڦهليل ساوڪ ۽ اُن مٿان آڪاش ۾ ترندڙ بادلن کي پنهنجي آنچل ۾ سمائي ڇڏيان. تون هلندين ته مان به هلنديس، نه ته هت ته وينا ئي آهيون. راڌا انسانيت جي مڪتب ۾ پڙهي هئي. قادر جي قدرت ۾ ڪڙهي هئي. هوءَ پرڪرتي‌ءَ جي سونهن جي ڪوڏي هئي. هن لاءِ ڪُلو ۽ منالي‌ءَ جو سير جنت جي سير مثل هو.

راڌا، منالي‌ءَ ۾ روز گلن جي بازار جو سير ڪندي هئي. گلن کي ڏسي تڙي پوندي هئي. گلاب، چنبيلي، مگري، پاريجات جا گل خريد ڪندي هئي. گلن جي مهڪ جو مزو ماڻي، اُهي ٻين ساٿي وديارٿين جي ڪمرن ۾ سجائي رکي ايندي هئي. روز صبح جو سويل اُٿي هوٽل جي ٽيرس تي ويهي اُڀرندڙ سورج جو نظارو پسندي هئي. جڏهن اُفق تي اُڀرندڙ سورج جي لالائي ڇانئجي ويندي هئي ۽ سورج جا سيٽل ڪرڻا راڌا جي چهري تي پوندا هئا، تڏهن هوءَ ائين ڀاسندي هئي ڄڻ هڪ رشي ڪنيا ڪنهن تپ ۾ لين آهي. هوءَ روز شام جو نديءَ جي ڪناري ويهي آسمان ۾ ولر ڪندي ويندڙ پکين کي دور دور تائين ڏسندي هئي. عرش تي ترندڙ بادلن کي پل پل رنگ مٽائيندو ڏسي هوءَ پرڪرتيءَ جي سندرتا ۾ لين ٿي ويندي هئي.

هڪ ڳالهه، جا منهنجي نظرن کان ڇپي نه سگهي؛ سا هئي راڌا جي موڳائپ! هوءَ ڪڏهن به اَسان ساٿي وديارٿين سان گڏ پهاڙن جي چوٽين تي چڙهڻ لاءِ ساڻ ڪونه هلي. هن

پرياتي رنگ

ٽي سال اَڳ هوءَ هن ئي ڪمري ۾ دلهن بڻجي آئي هئي. اَڄا هن جي مڌر ٽهڪن جي گونج هت فضا ۾ آهي. هن جي پايل جي لئه منهنجي آس پاس آهي. هن جي بدن جي گلاب جهڙي مهڪ منهنجن ساسن ۾ آهي. هن جي منڙين ڳالهين جي ٻڙڪ منهنجي ڪنن ۾ آهي. راڌا هتي ڪٿي منهنجي آس پاس آهي.

راڌا جي تصوير ڏانهن ڏسان ٿو ته هن جي يادگيرين جو هڪ سمنڊ اُٿلي ٿو پوي. يادگيرين جون انيڪ ڇوليون هڪ ئي وقت ذهن سان ٽڪرائجن ٿيون. B.A. جو فائنل سال هو. مان ڪلاس ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو گهڙي رهيو هوس ۽ هوءَ ڪلاس کان ٻاهر نڪري رهي هئي. اسان ٻئي ٽڪرائجي وياسين. ٿيو اُهو ئي، جو وڌاتا لکيو هو. راڌا جا ڪتاب ڪري پيا ۽ هوءَ منهنجي آغوش ۾ هئي. ٻنهي جي وات مان هڪ ئي وقت هڪ ئي اکر نڪتو Sorry. راڌا سان اِها منهنجي پهرين ملاقات هئي. اسان جون اکيون چار ٿيون ۽ پريم جو سلو ڦٽي نڪتو. ڪلاس ۾ ٻيئي هڪ ئي بينچ تي ويهندا هئاسين. هڪ ٻئي سان نوٽس Exchange ڪندا هئاسين. چرچگيٽ سٽيشن تي بيهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ ٻئي جي ڳالهين ۾ کوهجي ويندا هئاسين. هڪ ٻئي کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي لوڪل گاڏيون ڇڏي ڏيندا هئاسين ۽ ٻئي ڏينهن سويل صبح جو ملڻ جو انجام ڪري هڪ ٻئي کان موڪلائيندا هئاسين.

راڌا شڪل جي گوري، قد جي ڊگهي ۽ بدن جي پوري پني هئي. هن جي اکين ۾ ڊنڊ جي گهرائي هئي. زبان

يونيورسٽي ڪئنٽين ۾ پهتس. ڏسان تہ راڌا جو چهرو پيلو هيڊ پئجي ويو. هن جا هٿ ٿڌا جهڙا برف هئا. راڌا کي رزلٽ جي خوشي ٿي. ڪافي پيئائين تہ هن جي جان ۾ جان آئي.

مان راڌا جو هٿ پنهنجي هٿ جهليندي چيو ''راڌا! مان ماءُ پيءُ جي هڪ ئي سنتان آهيان. منهنجي پيءُ جو ڌنڌو بہ سنو هلي رهيو آهي. منهنجو پيءُ ماءُ چاهين ٿا تہ مان جلد شادي ڪري پنهنجو گهر وسايان. مان ڪين تو بابت سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي. هاڻ اڳتي قدم تہ تنهنجن مائٽن کي کڻڻو آهي''. راڌا چپ رهي. مان هن جي چهري تي بيوسيءَ جي ريکائن کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونہ پڙهي سگهيس. راڌا جلد گهر موٽڻ جو سبب ڏيئي هلي ويئي. مان ڪيترو وقت يونيورسٽي ڪئنٽين ۾ ويهي راڌا جي بيرخيءَ بابت سوچيندو رهيس.

نيڪ ٿن ڏينهن کان پوءِ راڌا جو ماءُ پيءُ اسان جي گهر آيا. رشتي لاءِ رضامندي ڏنائون. ڪجهہ ڏينهن ۾ اسان جي مڱڻي جي رسم ٿي ويئي. مان بيحد خوش هوس. راڌا پڻ خوش هئي پر هن جي چهري تي اِن خوشيءَ جي جهلڪ پنيان ڪٿي دٻ جون ريکائون پڻ شامل هيون. جنهنن لاءِ مونکي ڪوبہ سبب نظر ڪونہ ٿي آيو. راڌا کان پڇڻ جي مان همت ڪونہ ٿي ڪري سگهيس.

شاديءَ جون شهنايون گونجي اُٿيون. سڄو گهر خوشين سان جهومي اُٿيو. اها اسان جي سهاڳ رات هئي. مان پنهنجي سکيءَ کي آغوش ۾ سمائڻ لاءِ بي صبر هوس. سهاڳ جي جوڙي جو گهونگهٽ هٽائي راڌا کي دلهن جي روپ ۾ پسڻ لاءِ بي‌تاب هوس. راڌا کي ٻانهن ۾ جهلي ان سان منيون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ من چنچل هو. راڌا سينگاريل سيج تي وينل هئي. هن جو ڪنڌ جهڪيل هو، پر هن جو سڏڪو مونکي صاف ٻڌڻ ۾ آيو. راڌا روئي رهي هئي. مونکي پنهنجي پاسي ۾ ويٺل ڏسي راڌا ڇرڪ پري سيج تان اُٿي کڙي ٿي. مونکي هٿ کان وٺي اچي آرام

چراگاهن تي ڊوڙڻ لاءِ اَسان جو ساٿ ڪونہ ڏنو. هوءَ اهڙن موقعن تي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي رهندي هئي. پڇڻ تي هميشه اِهو ئي جواب ملندو هو تہ صحت ناساز آهي.

اسين منالي ۾ قادر جي هر جوڙ ڏسي دنگ رهجي وياسين. انساني سونهن بہ هئي تہ انسانن جي جڙيل چيزن ۾ حيرت انگيز نزاڪت بہ هئي. هڪ ڏينهن مال روڊ تي خريداري لاءِ وياسين. راڌا، پيءُ لاءِ هڪ سوئيٽر وٺي هلڻ تي چاهيو. اسان هڪ دوڪان تي چڙهي وياسين. هوءَ پوشاڪون ڏسڻ لڳي. مونکي هڪ گلابي رنگ جي پرٽ پريل شال تمام پسند پيئي. مان اُها شال خريد ڪري ورتي. راڌا جو هٿ پڪڙي هن کي آدم قد شيشي جي سامهون آڻي بيهاريم. شال هن جي ڪلهن تي وڌم. راڌا ان شال ۾ تمام سندر پاسي رهي هئي. مان پاڀوه سان هن کي چيو ”راڌا! مان ڪيترن ڏينهن کان هڪ ڳالهہ توکي چوڻ چاهيان ٿو. پر ڪيئن چوان؟ ڪهڙن اکرن ۾ چوان ان بابت فيصلو ڪري ڪونہ سگهيو آهيان.“ راڌا بہ ناز ۽ انداز سان چيو ”چئي ڏي! چئي ڏي! منالي جهڙي موسم ڪٿي ڪونہ ملندءِ.“ مان هن جو هٿ پڪڙي هڪ هڪ اکر ڪري کيس چيو ”راڌا، I Love you“ راڌا جو چهرو سرخ ٿي ويو هن جون نظرون جهڪي ويون. هن پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو. مان کيس پنهنجي ڀاڪر ۾ پري ڇڏيو.

اُهو B.A. امتحان جي رزلٽ جو ڏينهن هو. راڌا ۽ مان گڏجي يونيورسٽيءَ سامهون بورڊ تي لڳايل رزلٽ ڏسڻ وياسين. انيڪ وديارٿي پنهنجو رزلٽ ڏسڻ لاءِ بورڊ کي گهيري بيٺا هئا. راڌا چيو ”مونکي نروس نيس ٿي رهي آهي. منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي آهي. مان پنهنجو نتيجو پاڻ ڏسي ڪونہ سگهنديس. تون ئي وڃي منهنجي رزلٽ ڏسي اچ. مان يونيورسٽي ڪئنٽين ۾ ويٺي آهيان.“ راڌا ۽ مان ٻيئي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيا هئاسين. مان راڌا کي خوشخبري ڏيڻ لاءِ

پڙڪائجي.

جڏهن اِها رپورٽ بابا کي ٻڌائي، تڏهن هو تہ بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش آيس تڏهن چيائين راڌا بلڪل نارمل آهي. مان هن کي سڄي عمر گهر ويهاريندس ڇا؟ وڏ ور ڏيءَ کي گهر وهاري مان سماج کي ڪهڙو جواب ڏيندس. مونکي ٻي ڌيءُ اگهائڻي آهي. چپ چاپ راڌا جي شادي ڪري ڇڏيو نہ تہ مان آپگهات ڪري ڇڏيندس.

بس اهڙين ئي حالتن ۾ مان شاديءَ جي رضامندي ڏني آهي. مون لاءِ جنڌ بہ ڳورو هو تہ پُٽ بہ ڳورو هو. پر ڪنهن بہ حالت ۾ اهو توسان دوکو تہ ٿيو نہ؟ تون منهنجو سوامي آهين. تنهنجو مون تي پورو اڌڪار آهي. مان توکي تنهنجي اڌڪار کان وانجهيل رکڻ نٿي چاهيان. منهنجي زندگيءَ موت تنهنجن هٿن ۾ آهي. مون وٽ ٻيو بہ هڪ سجهاءُ آهي - مان تنهنجي ٻي شادي پنهنجن هٿن سان ڪرائينديس ۽ مان پنهنجي باقي عمر داسي ٿي تنهنجو اڱڻ ٻهاريندي رهنديس. تنهنجو هر فيصلو مونکي منظور آهي.

راڌا جي ان داستان هڪ پل لاءِ مونکي ضرور لوڏي ڇڏيو. پر وري خيال آيو، راڌا منهنجي محبت آهي. راڌا منهنجي پريہ سکي آهي هوءَ منهنجي جان آهي. مان ان جي زندگي ڪيئن تو خطري ۾ وجهي سگهان؟ پريم ۾ سيڪس جي ڪا جڳهہ نہ آهي. پريم تہ پوتر آهي. مان راڌا جي سر تي هٿ رکيو. ڪيس پاٻوہ مان چيم ”سکي! تنهنجي زندگي مون لاءِ اَمولڪ آهي. اسان پتي پتنيءَ جو رشتو پل نڀائي نہ سگهون پر اسان نينهن جو ناتو هڪ ٻئي سان جيون جي انت گهڙيءَ تائين نڀائينداسين. اهو منهنجو توکي وچن آهي. ها پر اما جي ڪن ۾ ڪا بہ سڻس پوڻ نہ کپي.“ منهنجي وچن جو راڌا جي من تي ڪيترو اثر ٿيو. مان چئي نٿو سگهان. راڌا کي اندر ئي اندر مايوسيءَ جو گهڻو کائيندو رهيو. شايد هوءَ پاڻ کي معاف

ڪرسيءَ تي ويهاريائين ۽ پاڻ پنهنجو ڪنڌ منهنجن گوڏن تي رکي هيٺ زمين تي ويهي رهي. آهستي سان چيائين ''مان توسان دوکو ڪيو آهي، مان توسان فريب ڪيو آهي. مونکي معاف ڪر.'' پوءِ ته راڌا اچي سڏڪن ۾ پيئي. روئڻ کان بس ئي نه ڪري.

''راڌا! تو مون سان ڪهڙو دوکو ڪيو آهي. مان سمجهي نٿو سگهان. اڄ اسانجي سهاڳ رات آهي ۽ تون روئي رهي آهين. تون منهنجي سکي آهين - تون منهنجو پيار آهين - منهنجي سجني! تون روئين ڇو ٿي؟ راڌا مس مس پاڻ تي قابو پاتو. تمام آهستي ۽ جهيڻي آواز ۾ رکي رکي پنهنجو داستان بيان ڪيو. ''مان اٺن ورهين جي هيس تڏهن سخت بيمار ٿي هيس. ڊاڪٽرن تپاس ڪئي - چيائون ته منهنجي دل ۾ هڪ هول آهي جو آپريشن ڪري بند ڪرڻو پوندو. ٻيءَ حالت ۾ منهنجو موت نشچت هو. خير! منهنجي دل جو آپريشن ڪري منهنجي جان بچائي ويئي. ڊاڪٽرن عمر ڀر مونکي ڊوڙڻ، بار کڻڻ، يا ڪنهن به قسم جي ايڪسائيٽمينٽ کان پرهيز ڪئي. اِهوئي سبب آهي جو مان سهمي سهمي زندگي جي رهي آهيان. ڪوشش ڪري ڪنهن به قسم جي ايڪسائيٽمينٽ کان دور رهندي آهيان. ان ڏينهن يونيورسٽي ڪئنٽين ۾ جڏهن تو شاديءَ لاءِ سجهاءُ رکيو تڏهن سوچيم ته توکي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيان ۽ توکي پنهنجي پيار جي بنڌن کان مڪت ڪري ڇڏيان، پر سوچيم تنهنجي دل کي ٺيس لڳندي. ان لاءِ ڪو جواب ڏيڻ کان سواءِ گهر هلي ويس. ٻئي ڏينهن اما کي ساڻ ڪري ڊاڪٽر مولچندڻيءَ وٽ ويس. هن کي سربستي ڳالهه ڪيم. هن پڻ ڪنهن به قسم جي ايڪسائيٽمينٽ کان پري رهڻ جي هدايت ڪئي. چيائين ته Sex تن بدن جي آتش آهي. اندر جي آگ آهي. ان جو تنهنجي نازڪ دل تي ڪهڙو اثر ٿيندو چئي نٿو سگهجي. سنو آهي ته ستل باه کي نه

ڏوهي ڪير

تنهن ڏينهن نما شام جو وقت هو. مندر مان آرتيءَ جو پڙلاءُ ٿي آيو. ٻار ير واري باغيچي ۾ رانديون ڪندي شور ڪري رهيا هئا. گهر ڌياڻيون پنهنجن گهرن ۾ رات جي ماني ٺڪي ناهڻ ۾ مشغول هيون. اوچتو ئي اوچتو اسانجي بلڊنگ جي مٿئين ماڙي واري گهر مان چور چور جي واڪو واڪاڻ ٿي ويئي. بلڊنگ جي سمورن گهرن جا در کلي ويا. پڪڙو پڪڙو جو شور گل مچي ويو. وڏا ننڍا ٻاهر نڪري نروار ٿيا.

مان ٻه پڱس ڏاڪڻ ڏانهن. ڏسان ته هڪ پندرهن سورهن ورهين جو نيگر، جو مون لاءِ بلڪل اوپرو هو سو مٿان ڏاڪڻ تان تکڙو تکڙو هيٺ لهي رهيو هو. بدن تي ڪاري رنگ جي ٽيشرٽ ۽ نيري رنگ جي سوڙهن پاڇن سان پينٽ پيل هيس ۽ پيرن ۾ ٻه پٽيو چپل، شڪل جو ڪٽڪ رنگو ۽ بدن ۾ برجستو هو. هٿ ۾ هڪ ٽيبل ڪلاڪ هوس. مان همت ڪري ڪيس ٻڪ وجهي جهلي سوگهو ڪيومانس. ايتري ۾ ست اٺ زالون، ٽي چار مرد ۽ انيڪ ٻار اچي مڙيا. مٿان واري گهر مان گهر جي مالڪڻ شانتي ديوي پڻ سهڪندي اَچي سهڙي. چي ”ياڻو! هن کي ماريو چو نٿا. مئو ماريو خبر نه آهي ڪهڙيءَ ويل اسان جي گهر گهڙي آيو. مان ته گهر ۾ اڪيلي هيس. هن کي ڪٻٽ جي ويجهو بيٺل ڏٺم. منهنجي ته جان ئي نڪري ويئي. گلي مان آواز ئي نٿي نڪتو. جڏهن چور چور ڪيم تڏهن هو مون مٿان ڇري سان اُلر ڪري آيو. ڏسو! هيءُ منهنجي هٿ تي گهاءُ، پڄندي هيءُ ٽيبل ڪلاڪ هٿ آيس جو کڻي اُٿي ڀڳو. هن وٽ ڇرو ٻه اٿو. شانتي ديوي اهو سڀ ڏڪندي

ڪري ڪونہ سگھي. هن جي طبيعت ڏينهون ڏينهن جھُرڻ لڳي ۽ هن جو من ويو ٿي مايوسيءَ جي اونداهين کاهين ۾ غرق ٿيندو. نہ دوا دارو ٿي ڪيائين ۽ نہ سپ ڪجھہ وسارڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. هن تہ جڻ پاڻ کي ناس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

ڪالھہ ئي اسان شاديءَ جا ٽي سال پورا ڪيا. شام جو پڪچر ڏسي هوٽل مان ماني کائي گھر پھتاسين. راڌا، اما ۽ بابا کي پيرين پئي مٿي ڪمري ۾ سمھڻ لاءِ وڃي رهي هئي. اما کيس ڀاڪر پائي پيار سان چيو ”راڌا! توهان هاڻ شاديءَ جا ٽي سال پورا ڪيا آهن. مون کي پنهنجي پوٽي ڏسڻ جي ڏاڍي سڪ آهي. ڪڏهن ٿا منهنجي آشا پوري ڪريو.“ راڌا ڪنڌ جھڪائي مٿي ڪمري ۾ هلي ويئي.

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن مان مٿي ڪمري ۾ پھتس تہ زمين تي راڌا پگھر سان شل بيهوش ڪري پيئي هئي. هن کي جڏهن اسپتال ۾ هوش آيو تہ منهنجو هٿ جھلي چيائين ”منهنجي لاءِ ايشور در آراڌنا ڪجو“ .

مان چيو ”ضرور ڪندس. تون خوش ٿي گھر هلنديءَ.“ راڌا منهنجي هٿ کي ٿورو دٻائيندي چيو ”اها آراڌنا نہ! منهنجو انت اچي ويو آهي. تو مونکي ڀرپور پيار ڏنو آهي. منهنجي هڪ التجا آهي. منهنجي آتما کي شانتي ملندي. تون ٻي شادي ضرور ڪج. تنهنجو وڏيڪ پيار پائڻ لاءِ مان تنهنجي ڏيءُ ٿي جنم وٺندس. راڌا جي چھري تي مڌر مسڪراهٽ آئي. اوچتو هن جو هٿ منهنجي هٿ مان ڇڏائجي ويو. پکي پرواز ڪري ويو. مون تہ پنهنجي ڀاڪر ۾ پرياتي رنگ قيد ڪرڻ ٿي چاهيا، پر ٿيو ڇا؟ سڀ جو سڀ ٽڙي پکڙجي ويا. نہ رهي پريات، نہ رهيا پرياتي رنگ. رهجي ويئي تنهائي، بيوسي ۽ راڌا جي ياد.

وڃي.“ سڄيءَ ڪورٽ ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. سرڪاري وڪيل ڪيس جا پنا ورائي ڏٺا. ڪٿي چور جي ساٿيءَ جو ذڪر تيل ئي ڪونہ هو. سرڪاري وڪيل جهنجهلائي اُٿيو. ”جي سائين هيءُ ڇوڪر ڪورٽ کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن اَڳ ڪڏهن اهڙو بيان ڏنو ئي ڪونہ آهي تہ هن ڏوهه ۾ هن جو ڪو ساٿي بہ آهي.“

جج صاحب نهر سان چندر کي چيو: ”تنهنجو ساٿي ڪير آهي. تون پنهنجو بيان جاري رک.“

چندر پنهنجو بيان جاري رکندي چيو: ”سائين منهنجو ٻيو ساٿي آهي منهنجو بابو ديوان سپاڳچند. اهو منهنجو بابو ئي آهي جنهن منهنجي زندگي زهر بڻائي آهي. هن ڪچيءَ عمر ۾ مون کان اسڪول ڇڏائي ڪمائي اَچڻ لاءِ مجبور ڪيو. اڄ مون وٽ نہ آهي علم ۽ نہ هنر. ڪهڙي نوڪري ڪريان؟ ڪهڙو ڌنڌو ڪريان؟ بس هن گناهه جي راهه تي اَچي بيٺو آهيان. جج صاحب! مون بہ سوچيو هو تہ هڪ ڏينهن مان بہ پڙهي اوهان جيان انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهندس. مونکي بہ پنهنجو گهر هوندو. هڪ پار هوندو. سماج ۾ منهنجو رتبو هوندو. ايمان جي ڪمائي هوندي. مان بابي کي ڪمائي ڪارائيندس. مان بابي کي سک ڏيندس. پر اَڄ مان اوهانجي سامهون هن ڪٽهڙي ۾ هڪ مجرم ٿيو بيٺو آهيان. چوٿين درجي ۾ هوس جو هن منهنجي پڙهائي ڇڏائي. حڪم جاري ڪيائين تہ هر روز هن لاءِ پنجاهه رپيا ڪمائي اَچان نہ تہ مونکي روٽي ڪونہ ملندي. روز روز جي مار. مان ڇا ٿي ڪري سگهيس! لاچار چوريءَ جي راهه تي اَچي ويس.

اڄ جڏهن ڇهہ مهينا جيل جون سختيون سٺيون اَٿم تڏهن اهو سوال منهنجي من ۾ هر هر ٿو اُٿي تہ ڇا مان انهن چورين لاءِ جوابدار آهيان؟ سائين جي مان جوابدار آهيان تہ منهنجو پيءُ بہ جوابدار آهي. هن تي بہ ڪيس هلايو وڃي.

جج صاحب ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويو. نيٺ حڪم

ڏڪندي ڇڏي ويئي.

پر چور چور تہ سچو وقت چپ بيٺو هو. هن جي زبان مان هڪ اکر بہ ڪونہ ٿي اڪيلو، بس ٻانهون ٻڌي بيٺو هو. نڪي ڊنو ٿي نڪي ڀڄڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. ڪن جو چوڻ هو تہ چور کي بہ ڇماٽون هڻي ڇڏي ڏيوس. ڪير پوليس جي جهنجهٽ ۾ پوندو! ڪن جو ويچار هو تہ چور کي پوليس حوالي ڪرڻ گهرجي. جنهن جي ذات چوريءَ تي هري آهي اُهو وري چوريون ڪندو.

هن کي سبق ضرور سيکارڻ گهرجي. آخر پوليس کي سڏايو ويو. پوليس اَسان جي زباني رڪارڊ ڪئي ۽ چور کي پڪڙي وٺي ويئي.

چور جو نالو: چندر

هن جي پيءُ جو نالو: سياڳچند

عمر:- پندرهن سال

پڙهيل:- چار درجا

رهندڙ:- پاسي واري ڪئمپ

هيءَ هن جي ڏهون نمبر چوري هئي. پر پڪڙيو پهريون دفعو ويو هو. چندر تي چوريءَ ۽ خون ڪرڻ جي ارادي جو ڪيس داخل ڪيو ويو. ڇهن مهينن اندر ڪيس ڪورٽ اَڳيان اَچي ويو. جنهن صورت ۾ مان چور کي پڪڙيو هو. تنهن ڪري مونکي بہ شاهد طور ڪورٽ ۾ سڏايو ويو. چندر کي ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو ڪيو ويو. جج صاحب هڪ تکي نظر سان هن کي ڏٺو ۽ ڪارروائي هلائڻ لاءِ سرڪاري وڪيل کي حڪم ڪيائين. سرڪاري وڪيل ڪيس جون سڀ حقيقتون ڪورٽ اڳيان بيان ڪيون ۽ ثبوت پيش ڪيا.

هن اوچتو ئي اوچتو چندر پنهنجو ڳاٽ اوچو رکي محڪم آواز ۾ جج صاحب کي چيو: ”سائين هن چوريءَ جي ڏوه ۾ منهنجو ٻيو بہ هڪ ساٿي آهي. اُن تي بہ ڪيس هلايو

ڇا؟ ڪنڌ جهڪائي، اکيون ٽمٽمائي ڪن جي ويجهو اَچي آهستي پاڀوه مان ڇپائين لاتري اَسان ٻنهي کي لڳي آهي. مون ڇيو اِن جو مطلب. ٺهڪ ڏيئي ڇپائين اوهان ته هو آهيو. اَسان جي گهر ۾ هڪ ننڍڙو مهمان اَچڻ وارو آهي. ڪن ساعت ته مان راڌا ڏي نهاريندو رهيس. پيار جي عميق ۾ هڪ زبردست ڇولي آئي. مان راڌا کي پنهنجي آغوش ۾ ڀري ورتو. خبر نه آهي ڪيترو وقت اسان نئين مهمان جي اَچڻ جو آنند ماڻيندا رهياسين. بس هاڻ ته راڌا ۽ اسان جو اچڻ وارو ٻار ئي منهنجي ذهن تي ڇانيل هئا. گرڀوتي راڌا کي گهر ۾ هڪ نرالي اَنداز ۾ ڦرندو ڏسي من ۾ سک جا ترنگ اُڀرندا هئا. گهر جي ڄڻ هر ڪنڊ، هر ديوار مان اوئان اوئان جي مڌر سرگم ٿي ٻڌڻ ۾ آئي. ڪيترا دفعا راڌا جي پيٽ تي ڪن رکي ٻار جي دل جي ڌڪ ڌڪ ٻڌي هيم. ڄڻ ٻار چئي رهيو هو. بابا مان توکي پيار ڪريان ٿو. گهر ۾ روز اِها ئي پيار جي ڇڪتاڻ جاري رهندي هئي. راڌا چوندي هئي اَسان کي ڌيءُ ڄمندي ۽ مان چوندو هوس ته اَسان کي پٽ ئي ڄمندو. هڪ سڀاڳي ڏينهن منهنجي ڀرين سنتان چندر جو جنم ٿيو. ڇا نه ڪوششون ڪيم. سموري پاڙي اوڙي جي مجلس ڪيم. چندر جي پوري پرورش هئڻ جڳائي ان لاءِ رشوت، جا اڳ نه وٺندو هوس سا پڻ وٺڻ شروع ڪيم. گهر ۾ ڪا ڪمي ڪونه هئي. منهنجو هٿ هميشه ڀريل رهيو. چندر جي جنم پتري لاءِ جڏهن مان شهر جي مشهور جوتشيءَ وٽ ويس ته جوتشيءَ گره گوتر ڏسي چيو ”ديوان اوهانکي ته سنتن ٻارن جو يوگ آهي. بس جوتشيءَ جي واڻي مون لاءِ ڀوشيه واڻي هئي. ايشور واڻي هئي. پڪ هيم ته ليک کي ڪو ميک هٽي ڪونه سگهندو.

راڌا جڏهن اٺ مهنن ڪان پوءِ وري گرڀوتي ٿي ته ڇپائين جهولي لال هاڻ بس! ڌيءُ ڏج، ڌيءَ ۽ پٽ اسان کي وڌيڪ سنتان جي ضرورت ڪونه آهي. مون ڪيس مهراج جي

جاري ڪيائين ته ٻيءَ شنوائيءَ ۾ چندر جي پيءُ سياڳچند کي پڻ ڪورٽ ۾ حاضر ڪيو وڃي.

ٻي شنوائيءَ ۾ ديوان سياڳچند کي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو ڪيو ويو. جج ڪيس ٻڌايو ته هن جي پٽ چندر هن کي پنهنجي چوريءَ جي ڏوهه ۾ ساٿي قرار ڏنو آهي. اوهان کي ڇا چوڻو آهي. سياڳچند جنهنجي عمر اٽڪل پنجاهه سال هئي، سو ڪٽهڙي ۾ غريبيءَ جو مجسم ٿي ڀاسيو. اڌيا اَڇا وار، لٻيل چوغو سٿڻ، چوغي جي ڪلهي وٽ ڪيترا ٽوپا، پيرن ۾ ڦاٽل چپل، هنجي چمڙيءَ ۾ انيڪ گهنج، اکين تي ٿلهو چشمو، ڪلها جهڪيل، ڪنڌ نوائي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو هو. جج جي سوال جو ڪو جواب ڪونه ڏنائين. شايد جج جو سوال سمجهيو ئي ڪونه هئائين. جج وري پنهنجو بيان ڏُهرايو. سياڳچند ڄڻ ته ڪنهن گهري ننڊ مان سجاڳ ٿيو. تمام آهستي چيائين”سائين مان جوابدار آهيان، مونکي ڦاسيءَ جي سزا ڏيو. مون کي هن زندگي مان آزاد ڪريو. ٻه دفعا آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي اَٿم پر مون ۾ همت ڪونه آهي. هن سنسار ۾ ٻي همت کي جيئڻ جو ڪو به حق ڪونه آهي. B.A پاس ڪيم، هڪ فرم ۾ پرچيز ڪلارڪ ٿي پرتي ٿيس. زندگيءَ هڪ موڙ کاڌو، منهنجو پريت جو پيچ راڌا سان پئجي ويو. راڌا منهنجي پاڙيسري هئي. هوءَ هڪ نيڪ ۽ سادي سودي ناري هئي. اَسان اگنيءَ اَڳيان ست ڦيرا پائي عمر ڀر هڪ ٻئي سان ساٿ نڀائڻ جا قول ڪيا. زندگي هن ڌرتيءَ تي سرڳ ڀاسڻ لڳي. اسين هڪ ٻئي ۾ ڪويل هئاسين.

مون کي اُهو ڏينهن به ياد آهي جنهن ڏينهن مان آفيس مان شام جو گهر پهتس. راڌا هار سينگار ڪري هڪ اوچي ساڙهي پائي ويٺي هئي. هڪ نرالي انداز سان اَچي منهنجي سامهون چانهه جو ڪوپ ۽ پاپڙ پاٽي رکيائين. پڇيومانس، راڌا ڏاڍي خوش ٿي لڳين. ڪا لاٽري لڳي اَٿيئي

مونکي بہ هن کنهڙي ۾ کڙو کندو. جج صاحب! هاڻ تہ هن غريبيءَ جي راڪاس کان پاڻ ڇڏائڻ بہ مشکل آهي. جج صاحب! مان ڏوهي آهيان. مان چندر کان سکول ڇڏايو آهي. مان هن کي گناه جي راه تي آندو آهي، مان ٻارن کي ٻن وقتن جي روٽي کان وانجهيل رکيو آهي. مان هنن کي سندس حقن کان محروم رکيو آهي. جج صاحب! مونکي سزا ڏيو جج صاحب مونکي ڦاسي ڏيو!

سياٻچند کٽهڙي ۾ ڦڪي ڦڪي روئي رهيو هو ۽ سزا جي لاءِ ٻاڏائي رهيو هو.ڪورٽ ۾ جج صاحب، وڪيل ۽ حاضرين سڀ چپ هئا. چئني طرفن سناٽو ڇانيل هو. سيني اڳيان بک، بيروزگاري ۽ انڌ وشواس جي زنده تصوير سامهون هئي. سماج جي حالتن اڳيان سيني جا سر جهڪيل هئا.

ڏوهي ڪير آهي؟ چندر، سياٻچند، سرڪار يا سماج جواب ڪير ڏيندو؟ سزا ڏيڻ جو حق ڪنهن کي آهي؟ انصاف جي تارازي انصاف لاءِ ٻاڏائي رهي آهي. اوچتو ئي اوچتو جج صاحب خاموشيءَ کي ٽوڙيندي حڪم جاري ڪيو ”ڪيس هڪ هفتي لاءِ ملتوي ڪيو ٿو وڃي.“

پوشيو واٽي ياد ڏياري. راڌا پنهنجي سياٽپ ڏيکاريندي چيو ”اُهو زمانو ٻيو هو هاڻ ته جم روڪ جا انيڪ ساڌن موجود آهن. ڪيڏانهن ڪنداسين ست ٻار، اڄ جي مهانگائيءَ جي زماني ۾ ٻه ٻار پالڻ به مشڪل آهن ۽ توهان ستن ٻارن جو سوچي وينا آهيون.“ مان پنهنجو دليل ڏيندي چيو ”راڌا جنهن ساس ڏنو آهي اُهو گراس به ڏيندو. مان ڪڏهن تنهنجو هٿ تنگ رکيو آهي ڇا؟ تون لڪئي جي آڏو نه اچ.“

اهڙيءَ ريت منهنجي هوڏ اڳيان راڌا جي سياٽپ ڪونه هلي، راڌا ڏه سالن ۾ هڪ پٽ ۽ ڇئن ڌيئرن کي جڻي راه رباني وٺي ويئي. راڌا جو موت چوٿين ڌيءُ جڻيندي اسپتال ۾ ئي ٿيو. پنج ٻارن کي پالڻ جو سور هاڻ مون کي هلاڪ ڪرڻ لڳو. ان سور کي سهائڻ لاءِ ويس رشوت لاءِ وڌيڪ هٿ ڊگهيريندو ۽ آخر اُهو ئي ٿيو جنهنجو مونکي ڊپ هو. هڪ ڏينهن سڀ سوڌو پڪڙجي پيس ۽ منهنجي نوڪري ويندي رهي. مان دربدر ٿي ويس. هاڻ نه ڏينهن آهي نه رات ڪونهي ۽ جي رات آهي ته ڏينهن ڪونهي. مان نه پيٽ کي پٽيون ٻڌي زندگيءَ جا باقي ڏينهن جهيلي وڃان پر هنن ابهم ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ ڪيترن هنڌ نوڪريءَ لاءِ جتيون گسايم، پر وريو ڪجهه به ڪونه. سيني منهن موڙي ڇڏيو آهي. پهريائين هتان هتان قرض ڪنيم پر هاڻ ته ڪو ٽڪو ڏيڻ لاءِ به تيار ڪونه آهي. سڀ ڌتارين ٿا. جج صاحب! هاڻ ٿو سمجهان ته راڌا ڪيتري نه سياڻي هئي ۽ مان ڪيترو نه اَنڌ وشواسي ۽ گهيلو. ڪاش! مان هن جي صلاح مڃان ها ۽ پاڻ کي هن بربادي‌ءَ جي ٻوهي ۾ نه وجهان ها.

ٻارن کي جڏهن بک ۾ پاه ٿيندو ڏٺم ۽ چندر جي اسڪول جي في ڀرڻ جي سمرٿي به مون ۾ ڪونه رهي. تڏهن چندر کان سڪول ڇڏايم. هن کي ڪمائي اَڇڻ لاءِ مجبور ڪيم. مون کي ڪهڙي خبر ته چندر چور ثابت ٿيندو ۽ پاڻ سان گڏ

هر پهتو، تڏهن اَرجن داس طنز سان پٽ کان پڇيو. ”ونود! گهر ڳولهڻ ۾ توکي ڪا تڪليف ته ڪونه ٿي.“ ونود پيءُ جي طنز کي سمجهي ڪونه سگهيو ۽ چيائين ”مون ته سمجهيو هو ته توهان هن وقت تائين ڪو عاليشان بنگلو خريد ڪيو هوندو. ٻيئي سک ۽ آرام سان هوندا. پر نه! هت ته اُهو ئي جهونو ٻن ڪمرن وارو مڪان موجود آهي. مان جو اوهان جي سک آرام لاءِ هر مهيني مُنو موڪليان ٿو. تنهنجو ڇا؟ اَرجن داس سمجهو ته پُٽُ پئسي جو حساب وٺي رهيو آهي. خفي ٿي چيائين. ”تنهنجي موڪليل پائي پائي تنهنجي نالي بئنڪ ۾ جمع ڪرايل آهي. اَسان جي ضرورتن لاءِ هيءُ ٻن ڪمرن وارو مڪان ڪافي آهي. ها! باقي تون هت گ هر وسائڻ جو سوچيو آهي ۽ اسان سان گڏ رهڻ لاءِ تيار آهين ته پوءِ ٻي ڳالهه آهي.“

”نه نه! مان اُتي خوش آهيان. هت اَچي ڇا ڪندس؟ مونکي خيال آهي ته فقط اوهان ٻنهي جي سک ۽ آرام جو.“

شانتي ديوي ته ياونائن ۾ ڪويل هئي. هوءَ فقط پنهنجي پٽ جي ڇهري کي پسي رهي هئي. شايد هوءَ پٽ ۾ پنج سال اَڳ وارو ونود ڳولهي رهي هئي جو هن کي ڪٿي به نظر نٿي آيو. شانتيءَ پاڀوه سان چيو ”پٽ ونود! تنهنجي لاءِ انيڪ مائٽيون اَچي رهيون آهن. اَسان جي به آس آهي ته تنهنجي شادي ڏسون. سيني جو ڪاڏو آهي. ڪڏهن ته بار لاهڻو آهي نه!“ ونود ماءُ کي اشاري سان روڪيندي چيو.

”هتي ۽ هتي وڏو فرق آهي. هِتِ مائٽ پنهنجن ٻارن ڏانهن تمام ڀاوڪ ۽ سينٽيمينٽل آهن. هت آمريڪا ۾ مائٽ پنهنجن ٻارن کي پورن آزادي ڏين ٿا. ٻار ارڙهن سالن جو ٿئي؛ پوءِ ڇوڪري هجي يا ڇوڪرو، ماءُ پيءُ جو گهر ڇڏي ڏين ٿا. پنهنجي جوابداري هو پاڻ سنڀالين ٿا. پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ محنت ڪن ٿا. پيار، محبت، شادي وواه ۾ پنهنجن مائٽن جو دخل برداشت نٿا ڪن. پنهنجا فيصلا پاڻ ڪن ٿا. صحيح معنيٰ ۾ آزاد

اولھہ جون ھوائون

ونود پنجن سالن کان پوءِ آمريڪا مان پنھنجو ئي ديش ڀارت گھمڻ لاءِ اَچي رھيو ھو. اَرجن داس ۽ شانتي ديوي پنھنجي سڪيلڏي سان ملڻ لاءِ ھڪ گلدستو کڻي سويل صبح جو سھار ھوائي اَڏي تي پھچي ويا ھئا. ارجن داس، شانتيءَ جي ڪلھي تي ھٿ رکندي چيو ”شانتي تون پنھنجي من تي قابو رک. پٽ سان ملڻ لاءِ تنھنجي سڪ کي مان سمجھان ٿو. ھو ھوائي جھاز کان ٻاھر اَچي، تون ھن کي پنھنجي آنچل ۾ سمائي ڇڏج. پر ھاڻ ٿورو صبر ڪر.“ ونود کي سامھون ايندو ڏسي ٻنھي جو اُمنگ ڇلڪي اُٿيو. ٻئي گد گد ھئا، پر ونود نہ نڪي ماءُ پيءُ سان پيرين پيئي مليو ۽ نہ ئي ڪين پنھنجي ڀاڪر ۾ سمائي ڇڏيائين. بس ھٿ وڌائي ٻنھي سان ھٿ ملايائين. ماءُ ۽ پيءُ جون نظرون پنھنجي پُٽ جي چھري تي ڪتل ھيون.

”اوھان ايترو سويل صبح جو تڪليف ڪري ايئر پورٽ ڇو آيا. مون تہ پنھنجي رھڻ جو بندوبست ھوٽل ۾ ڪيو آھي. مان اَٺ ڏينھن اجنتا ايلورا جي پراچين غفائن جي سير لاءِ آيو آھيان. اَڄ جو ڏينھن فري آھيان. لنچ تي گھر اَچان ٿو، اوھان ھاڻ گھر وڃي آرام ڪريو.“ ھيءُ ھو ماءُ پيءُ جو پنجن سالن جي وڇوڙي بعد پنھنجي پٽ سان ھوائي اَڏي تي مذر ملن.

منجھند جو ٻارھين بجي ماني کائڻ لاءِ ونود اَچي پنھنجي گھر پھتو. ماءُ پيءُ ٽيبل تي پنھنجي پٽ جي من پسنديءَ جا انيڪ طعام تيار رکي، ھن جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رھيا ھئا. اَرجن داس کي صبح ھوائي اَڏي تي پنھنجي پٽ جو رُکي سياءُ سان پيش اَچڻ دل ۾ چُڀي رھيو ھو. جڏھن ونود مانيءَ لاءِ ڳ

چڙهي. ونود چيو.

شانتي ديوي پٽ جي هن لنبي ڀاشڻ تي مسڪرائيندي چيو. ”پٽ! پنجن سالن جي عرصي ۾ تو آمريڪا جي سنسڪرتيءَ جي چڱي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. ساڳئي وقت هن ديش جي پراچين سنسڪرتيءَ کي به وسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تنهنجي آمريڪا ۾ ڀل ته ’ڀڪري ڪنهن جي وجهيس ڪير ڳاهه‘ جي ريت هجي پر اسان جو مرم ته واسديو ڪٽنب جو آهي. اسان ته جيون جي ملهن جو ڀليءَ ڀت قدر ڪريون ٿا. هت ڀل ته غريبي هجي پر من جي شانتي آهي. هو جسمانيت ۾ وشواس رکن ٿا ۽ اسين روحانيت کي پنهنجو ڀانيون ٿا. اولهه ۽ اوڀر جي هوائن ۾ وڏو فرق آهي. سنو اِهو آهي ته تون پنهنجو ورثو نه وسار.“

ونود ته انن ڏينهن جي سير بعد واپس وڃي آمريڪا پهتو. ڏيهي پرڏيهي ٿيو. ماءُ پنهنجي پٽ کي سيني سان لائي، پوريءَ ريت هن جي پنيءَ تي پيار جو هٿ به ڦيري ڪونه سگهي. ممتا پياسي ئي رهجي ويئي. پيءُ پنهنجي ئي خون کي اوپرو پائي حيران ۽ پريشان رهجي ويو. وقت گذرندو رهيو. ماءُ ۽ پيءُ کي اَڃُ اُميد هئي ته ونود هِڪَ ڏينهن واپس وطن ورندو. پر هاڻ هنن کي پڪ ٿي ويئي هئي ته آمريڪا جو گرين ڪارڊ ونود کي ڪڏهن به واپس ورڻ ڪونه ڏيندو. هيءُ پکي پنهنجي آشياني کان گهڻو دور پر پکيڙي اُڏامي ويو آهي. هاڻ ته ماءُ پيءُ کي پنهنجي پٽ جو انتظار ئي ڪرڻو هو. هڪ ڏينهن گهر ۾ سويل صبح جو فون جي گهنٽي وڳي. شانتي ديوي ڇرڪ ماري اُٿي ڪڙي ٿي. فون ونود جو ئي هو، چيائين ”ممي مون شادي ڪئي آهي: ڪالهه ئي شاديءَ جي رجسٽريشن ٿي آهي. ڪالهه دوستن کي پارٽي به ڏنم. شانتيءَ جا پير زمين تي نچي رهيا هئا. هوءَ هاڻ نونهن واري ٿي هئي. خوشيءَ ۾ هن کان ڪجهه نٿي اُڪليو. ونود کان نونهن بابت ڇا پڇي! ڪيس ڪهڙيءَ ريت وڌائي ڏي، چيائين

جيون جيئن ٿا. هت پارٽ ۾ ماڻهو پل ڪيترو به وڏو ڇو نه ٿي وڃي، پر هن جا مائٽ ڪيس هميشه پيا آگر جي اشاري تي نچائيندا. ڪڏهن به هن کي بالغ ڪونه سمجهندا. ممي! تون منهنجي شاديءَ جي چنتا نه ڪر. مون کي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻ ڏي.''

اَرجن داس پٽ جي ترڪ کي رد قد ڏيندي چيو ''ونود تون آمريڪا جي سنسڪرتيءَ کي هڪ طرفو ڏٺو آهي. آمريڪا جي جوان پيڙهيءَ ۾ جيڪي عيب آهن انهن جو ڇا؟ سيڪس، ڊرگس، ڪرائيم، اِهو سڀ هُن ڇڙواڳيءَ جو نتيجو آهي. اِهو سڀ نظر اَندار نه ٿو ڪري سگهجي.'' بحث کي ختم ڪرڻ لاءِ هن شانتيءَ کي چيو ''جيترو جنهنجي نصيب ۾ آهي اُن کي اوترو ئي مِلڻو آهي. اجايو سپنن ڏسڻ مان، آسون اُميدون رکڻ مان ڪجهه به ورندو سرندو ڪونه. هاڻ ماني ڏي ڏادي بک لڳي آهي.''

''دادي ميرا کي ڏهي ڪچڙي ڏيئي اَچو ته پوءِ سڀ گڏجي ويهي ماني ٿا کائون'' شانتيءَ چيو: دادي ميرا، اَرجن داس جي وڏي ڀيڻ پاسي واري مڪان ۾ رهندي آهي. ويچاري پيرسن ۽ وڌوا آهي. هن جو ڪوبه اوهي واهي ڪونه آهي. ڪاڏو ڏينهن ۾ به دفعا ڪيس شانتي ئي پهچائيندي آهي. بيماري سيماريءَ ۾ هن جي نگهباني به ڪندي آهي.

Oh God اها ٻڍي اَجا جيئري آهي ڇا؟ مون سمجهو ته هوءَ ايشور کي پياري ٿي ويئي هوندي. ممي! تون اجا پيئي ٿي ان ٻڍيءَ جي شيوا ڪرين؟ موڪلي ڏينس ڪنهن ٻڍا آشرم ۾. توکي کهڙي اَچي پيئي آهي جو ڏارين لاءِ ويني ٿي پاڻ پتوڙين. آمريڪا ۾ ٻڍن ۽ اَپاهجن جي ديک ڀال سرڪار جي جوابداري آهي. باقي ٻيا هفتي ۾ پنج ڏينهن محنت ڪن ۽ سک آرام جي زندگي بسر ڪن. هر ڪنهن کي پنهنجي نجي زندگي جيئڻ جو حق آهي. هر ڪنهن کي ضروري سهوليتون ميسر ٿيل آهن. ڪوبه ٻئي جي جيون ۾ نوس نوس نٿو ڪري، هرڪو پنهنجي ڦاهي پاڻ

پوٽي کي ڏسڻ لاءِ آمريڪا اَچي رهي آهيان. ٽڪيٽ بہ بوڪ ٿي ويئي آهي.''

''نہ نہ! ٽڪيٽ تون ڪئنسل ڪراءِ، هن وقت مان ڏاڍو ڪم ۾ مشغول آهيان ٻئي سال ڊائنا ۽ مون ممبئي اَچڻ جو پروگرام رٿيو آهي.'' ونود چيو. ممتا هڪ دفعو وري سهمجي ويئي ۽ ٻئي سال جي انتظار ۾ اکيون وڇائي ويٺي رهي. ٻہ سال گذري ويا. ماءُ پيءُ کي خوش رکڻ لاءِ ونود هميشه ڪوڙا دلاسا ڏيندو رهيو. پر حقيقت ڪڏهن ڪونہ لِڪي. هڪ ڪٿي پڪ ئي ٿي هئي. خون ۽ ڪستوري ڪڏهن ڪونہ لِڪي. هڪ ڏينهن رستي تي اَرجن داس کي ونود جو دوست سنيل ملي ويو. سنيل اڄ ڏينهن اڳ ئي آمريڪا مان آيو هو. هن ئي اَرجن داس کي ٻڌايو ''ونود جي شادي ٽٽي پيئي آهي. ڊائنا ونود کي ڇڏي ٻي شادي ڪئي آهي. ونود جي ٻار جي پالنا ڪنهن ڪريش ۾ ٿي رهي آهي. ونود هاڻ ڪنهن انگريز ڇوڪريءَ جي عشق ۾ آهي.'' اَرجن‌داس جي پيرن هيٺان جڻ زمين کسڪي ويئي. اُهو سڀ سڻي شانتي تہ اَچي روئڻ ۾ ڇتڪي. هن جي ڪنن ۾ اِهي اکر پڙاڏو ٿي گونجي رهيا هئا تہ ونود جي ٻار جي پالنا ڪنهن ڪريش ۾ ٿي رهي آهي. ڪنهن ڪريش ۾ ٿي رهي آهي. گهايل ممتا پنهنجن اکين مان ٻوڙها اُگهي ڇڏيا. هِنَ اُن پل ئي ڪو فيصلو ڪري ورتو. هن جي فيصلي آڏو اَچڻ جي ڪنهنکي همٿ ڪونہ ٿي. شانتي اڪيلي سر اَچي امريڪا پهتي. هڪ هفتي اَندر پنهنجي پوٽي کي آغوش ۾ سمائي اَچي ممبئي پهتي. هوائي اَڏي تي اَرجن داس کي هنج ۾ پنهنجو پوٽو ڏيندي چيائين. ''وٺو پنهنجو ڪُل ديپڪ. مان پرائي ملڪ مان پنهنجي ميراث ڪٽي آئي آهيان. مون پنهنجو مور وجايو آهي. وياج ڪيئن وڃائيندس. مور کان وياج مٺو آهي.''

”تون ڪڏهن تو ڪنوار کي وٺي گهر اَچين، مان سنناراڻ جي ڪٽا ڪرائيندس. ڪنوار لاءِ هڪ هيرن جو ڪنگڻ ناهي رکيو اَتم. اُهو توکي موڪلي ڏيان؟ ڪنوار سنڌي تہ ڳالهائيندي آهي نہ؟ تون هن کي فون ڏيءِ. ونود تہ ٺهڪ ڏيئي کلي رهيو هو چيائين ”ممي! تنهنجي نونهن ڊائنا اٽالين آهي. سنڌي ڪونہ ڄاڻي. هن کي سون پائڻ کان الرجي آهي. سياڻي تو ڏانهن شاديءَ جا فوٽا موڪليان تو. پپا کي خبر ڏج.“ فون تہ ڊسڪنيڪٽ ٿي ويو. شانتي ڊوڙندي اَچي پنهنجي گهوٽ کي اُٿاريو. چي اُٿو ”خوشخبري آهي، توهان سهرا سائين ٿي ويا آهيو. اَسانجي ونود شادي ڪئي آهي. نونهن اٽليءَ جي آهي. مان سڄي پاڙي ۾ اَڄ ئي لڏون ورهائيندس.“ اَرجن داس اُٿي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. هن جي چهري تي خوشيءَ سان گڏ اُداسيپڻ صاف صاف جهلڪي رهي هو. زال کي چيائين ”شانتي! تون هنيوچي نہ هڻ. اولهہ جي هوائن تي کهڙو ڀروسو. اُتي جي شادي کهڙي؟ نونٽ لڳي ساهيڙي پڳي. اَڄ جن کي تون لڏون ڪارائينديןءَ سي سياڻي تو تي ئي ڪلندءِ ڇو ٿي پاڻ تي جڳ ڪلائين. جڏهن ونود ڪنوار سان ايندو تڏهن ڏسبو!“ ويچاري شانتي چپ ڪري ويهي رهي، ڇڻ تہ نچندي نچندي هن جي پيرن مان نورا ڪري پيا. هوءَ شانت ٿي ويئي، ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو. شانتي ديوي کي پنهنجي نونهن سان لاڏ جي تمنا ڏاڍو ستائي رهي هئي، پر نہ ئي پٽس جو ڪو نياپو ٿي آيو ۽ نہ ئي اَرجن داس ڪو اُتساه ٿي ڏيکاريو. بس مِني بہ ماٺِ- تہ مُني بہِ ماٺِ. پر ڪٽيل پکي پلا اُڏام پري تہ ڪيئن پري! هوءَ موڪليل نونهن جا فوٽا ڏسي پيئي خوش ٿيندي هئي.

فوٽن جو پارسل آميريڪا مان هڪ دفعو وري آيو. هن دفعي ونود جي گود ۾ ٻنڌڻ ٻڌل تازو ڄاول ٻار هو. هاڻ شانتيءَ جي سٽل ممتا ڇوليون ماري اُٿي. هوءَ هاڻ آميريڪا جي سفر لاءِ تيار ٿي ويئي. ونود کي فون ڪيائين ”ونود پٽ! مان پنهنجي نونهن ۽

مان تہ ڪونہ آئي آهي. پاڻ کي الائي سمجهي ڇا ٿي! سنيتا تون اَجايو ٿي هنيوچي هٽين. ڏوھ ڪاجل جو نہ پر اَڄ جي زماني جو آهي. آميريڪا ۾ ڇا ٿو وهي واپري، خبر اَٿيئي؟ بنا شاديءَ گڏ رهڻ. ڪانٽريڪٽ تي شادي. نونئڻ لڳي ساهيڙي ٻڳي ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ. اَسان تہ ڪاجل کي اوچ تعليم ڏني آهي، سنا سنسڪار ڏنا آهن. هوءَ ڪوبہ غلط قدم ڪونہ کڻندي. تون ڪا بہ چنتا نہ ڪر. سنيتا موڙو ڏيئي واپس رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

ڪاجل جي ڪار هاءِ وي تي تيز رفتار سان وڃي رهي هئي. هن جي ذهن ۾ هڪ سوال ڦري رهيو هو، تہ هڪ طرف اَسان جي ديش ۾ اولهہ جي ملڪن جي تهذيب اَچي ديرو ڪيو آهي ۽ ٻئي طرف اَسان پنهنجن پراڻن ويچارن کي ڇهتيا پيا آهيون. ڇا انهن ٻن سنسڪرتين جو سنگم ممڪن آهي. پپا جي چاهت آهي تہ منهنجي شادي جلد ٿيڻ گهرجي. هو پيو ٿو مائٽين وارين جا در پٽڪي.هو چاهي ٿو تہ مان ڇوڪري وارن اڳيان گونگي گڏي بڻجي، ڪنڌ جهڪائي ويهان. هنن جي سوالن جو جواب ڏيان. پپا پنهنجي شان لاءِ لکين رپيا شاديءَ تي خرچ ڪندو. ڇوڪري وارن کي وڏي ڏيتي ليتي ڏيندو. جيئن مان ڪنهن اڻ پڙهيل ڏنڏوڙي ڪروڙپتيءَ کي ورمالها پائي ڇڏيان. اِها ئي شادي رچائڻ جي پرمپرا آهي. اِن سڏي ليڪ تي سڀ کي هلڻو آهي ۽ پرمپرا سان نيائڻو آهي. هو اِهو ڇو ڪونہ ٿا سمجهن تہ مان پراڻي يگ جي ناري نہ آهيان. مان پڙهيل ڳڙهيل نار آهيان. نئين يگ جي نئين فضا ۾ نپني آهيان. پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ پاڻ سمرٿ آهيان. پر نہ! منهنجا مائٽ تہ اُن پراڻي يگ جي گهيري مان ڪڏهن بہ ٻاهر ڪونہ نڪرندا.

فاءِ اِسٽار هوٽل جي لابيءَ ۾ ممبئيءَ جو مشهور ڪارخاني دار سنيل سڪسينا ڪاجل جو بي صبريءَ سان

نئون زمانو

”پپا! اڄ اخبار جي مئٽريمونيل ڪالم ۾ هڪ اشتهار آهي. مان ان ڏس ۾ ڪنهن سان ملڻ وڃي رهي آهيان. اَوهان بيئي ماني ڪائي ڇڏجو. مون لاءِ ترسڻ جي ضرورت نه آهي.“ ڪاجل بس اِهو اطلاع ڏيئي پنهنجي ڪار ۾ سوار ٿي هوا سان ڳالهيون ڪندي هلي ويئي. مان بس دروازي ڏانهن نهاريندو ئي رهجي ويس. پئي سوچيم ته منهنجي ڪاجل ڪيتري نه وڏي ٿي ويئي آهي. مونکي ته اُهو ڏينهن به ياد آهي جنهن ڏينهن ڪاجل جو جنم ٿيو هو. نرسنگ هوم ۾ اَما اَچي پتڪڙي ڪاجل منهنجن هٿن ۾ ڏني هئي. چي، ”ڌيءَ ڄائي آهي. چنتا نه ڪجِ. جيڪو ايشور کي منظور.“ مون سڪ سان ڪاجل کي چمندي چيو ”اَما! هيءَ ڌيءُ ته منهنجو پٽ آهي. اڄ ڌيءُ ۽ پٽ ۾ ڪو فرق آهي ڇا؟ هيءُ اُن ڪڙيءَ تي رسندي جو جڳ هن سان ريسون ڪندو. توکي پوٽي جي ڪمي ڪڏهن به محسوس ڪونه ٿيندي.“ اَڄ جڳ ته برابر منهنجي ڪاجل سان ريسون ڪري ٿو. هوءَ انجنيئر آهي. M.B.A. آهي. بس! منهنجي ته هاڻ هڪ ئي تمنا آهي ته نياڻي وڃي شينهن ڪلهي چڙهي. سنيتا ڪپڙي سان هٿ اُگهندي رنڌڻي ڪان ٻاهر نڪري آئي. چيائين ”هاڻ هيءَ ڇوڪري پنهنجو ور گهر پاڻ ڇونڊيندي. نه صلاح! نه مصلحت! ڪهڙو زمانو آيو آهي! پڙهيل ٿي ته ڇا ٿيو. آهي ته اسان جو ٻار نه! پر مان سچ ٿي چوان. ڪاجل جي هن ڇڙواڳيءَ لاءِ جوابدار فقط توهان آهيو. ڇوڪريءَ کي سر تي چاڙهي وهاريو اَٿو. ٻين جون به ڌيئر آهن. هيءَ ڪا آسمان

حادثي نہ فقط سنيل کي اپاهج بڻائي ڇڏيو پر منهنجي جيون پڻ اَگرن تي سيکڻ لاءِ رکي ڇڏي. اسپتال جي بستري تي سنيل ڦٿڪي رهيو هو. وڦلي رهيو هو. ”ڪارخانو ڪير سنڀاليندو؟ ڪاجل تون ڪجهہ ڪر، تون ڪارخانو سنڀال.“ سنيل جي حالت، هن جي التجا، منهنجي زبان کي تالو لڳائي ڇڏيو. مون ڪنڌ جهڪائي هن جي التجا کي حڪم مڃي هڪ نئين جوابداريءَ کي سر انجام ڏنو. هڪ پورهيت جيان ڪم ۾ لڳي ويس. گهر گرهستيءَ جي ديکڀال، اَپاهج سنيل جو دوا درمل، ڪارخاني جو ڪاروبار، مزدورن جا مسئلا، پيداوار وڌائڻ وغيره. مطلب تہ منهنجي لاءِ ڏينهن رات هو ڪم ئي ڪم. بس! دل ۾ اها ئي خوشي هئي تہ سنيل جو مون ۾ وشواس قائم رهي. هن مون کي پنهنجي برابر سمجهو آهي. مون کي سمرٿ سمجهي منهنجي ڪلهن تي هيڏو سارو بار رکيو آهي. منهنجي اندر اِن احساس هڪ نئون امنگ ۽ هڪ نئون اتساه پيدا ڪيو. ڏينهن رات هڪ ڪري ڏنم. ڪارخاني جي پيداوار ۾ چوڻي وڪاس ٿيو. ڪارخاني کي پارٽ سرڪار جو انعام مليو. راجيہ سرڪار جو پهريون نمبر پرسڪار حاصل ٿيو. واڌاين جا خط ديس پرديس مان آيا. اخبارن جي سرخين ۾ مان ۽ منهنجو ڪارخانو. پر منهنجو من خوش ڪونہ هو. مون کي سنيل جي لاپرواهي ۽ بي رُخي پريشان ڪري رهي هئي. هن ڪڏهن بہ قدر شناسيءَ جا يا همت افزائيءَ جا بہ ٻول ڪونہ ٻوليا. خير! هو مرد آهي. هن کي سڀ معاف آهي. مان عورت تہ فقط پنهنجو فرض نڀائي رهي هيس.

منهنجي زندگيءَ ۾ وري خوشين جو ڏينهن آيو. ڏٺم تہ سنيل ويساکين کي ٽلانجي ڏيئي آهستي آهستي هڪ هڪ قدم هلي رهيو آهي. هن جي همت کي داد ڏيڻ گهرجي. نيٺ اُهو ڏينهن بہ آيو سنيل ڪجهہ منٽڪائي

انتظار ڪري رهيو هو. سنيل انڪل ٽيه ورهين جو نوجوان، شڪل جو ڪڻڪ رنگو، قد جو لنبو، بدن جو سڀل، ڦڙت، جينس ۽ ٽي شرٽ پهريل موبائيل تي ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو. ڪاجل کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي فون بند ڪري، هٿ وڌائي مسڪرائيندي ڪاجل جي آجيان ڪيائين. ماني کائيندي، هنن هنن جون ڳالهيون ڪندي ڪاجل کي ڄاڻ پيئي ته سنيل پيءُ ڏاڏي جي برپا ڪيل ڪارخاني جو اڪيلو وارث آهي. هن جي ماءُ پيءُ جو موت ٻه سال اڳ هڪ سڙڪ درگهٽنا ۾ ٿيو هو. ڪاجل ۽ سنيل جي ملاقاتن جو سلسلو ڪجهه مهنا جاري رهيو. هو ٻيئي هڪ ٻئي جي ويچارن کي پرکي رهيا هئا. گهوٽ ڪنوار راضي ته ڪيا ڪرتا قاضي. هڪ ڏينهن رجسترار جي دفتر ۾ ٻنهي جي شادي ڪن چوند مهمانن اڳيان ٿي.

ڪاجل گرهست جيون جا ٻه سال پورا ڪري چڪي هئي. هوءَ ته بس هڪ گهر ڏياٽي بڻجي ئي رهجي ويئي هئي. گهر جي نوڪرن تي حڪم هلائڻ، شاپنگ ڪرڻ، شام جو سنيل سان ڪنهن پارٽيءَ تي وڃڻ ۽ بس.

هن جي من ۾ اها تمنا ڪڏهن ڪر موڙي ٿي اُٿي ته هوءَ به سنيل سان گڏ هر صبح آفيس وڃي پنهنجي حاصل ڪيل ڊگرين جو استعمال ڪري. ڪي عملي تجارتي فيصلا ڪري. ڪارخاني کي اڳتي وڌائي. پر الائي ڇو هن جي زبان هميشه بند رهي. هوءَ سنيل اڳيان پنهنجي خواهش رکي ڪونه سگهي. هن کي پڪ هئي ته تنگ خيالن وارو سنيل اهو سڀ منظور ڪونه ڪندو.

ڪاجل ڊائريءَ جي هڪ ورق تي لکيو: زندگي جي گلاب جي مهڪ هجي ها ته شاعر ڪنڊن جو ذڪر ئي ڪونه ڪن ها. هڪ اُپاڳي ڏينهن آفيس مان فون آيو ته سنيل هڪ حادثي جو شڪار ٿيو آهي. مان اسپتال ۾ آيس. اِن

پنهنجو. سڀ کان وڏيڪ ايندڙ سال اسيمبليءَ جون اليڪشن ٿيڻ واريون آهن. مون فيصلو ڪيو آهي ته هن تڪ مان اُميدوار مان بيهندس، اِهو سڀ گهر ويهي ته ممڪن ڪونه ٿيندو. سنيل اِهو سڀ چئي اُٿي ڪڙو ٿيو. ڪاجل کي سنيل جو هيءُ جواب راس نه آيو. هن نهر سان سنيل کي ويهڻ لاءِ چيو. سلسلي کي اڳتي وڌائيندي هن چيو ”سنيل مان ڪو بکيڙو ڪڙو ڪرڻ نٿي چاهيان. پر اَج سڀني ڳالهين جو فيصلو به ٿي وڃڻ گهرجي. تون M.L.A. ٿيڻ چاهين ٿو. تون ڪارخانو هلائڻ چاهين ٿو. تون ماڻهن جي وچ ۾ هئڻ چاهين ٿو، تنهنجي خواهش کي سڀ اَهميت آهي ۽ منهنجون خواهشون؟ تو ڪڏهن مون بابت به سوچيو آهي ته منهنجون ڪهڙيون خواهشون آهن. تون ڪهڙي اڌڪار تي مونکي گهر ۾ قتو ڪرڻ ٿو چاهين؟ چاڪاڻ جو مان تنهنجي پتني آهيان! تون شايد پراڻي يگ ۾ جي رهيو آهين. وقت بدلجي چڪو آهي. عورت سجاڳ آهي. سٺو اهو ٿيندو ته تون نئين يگ کي سڃاڻ ۽ مون سان قدم ملائي هل.“

سنيل هڪ ٿهڪ ڏيئي اُٿي ڪڙو ٿيو. چيائين ”چڙي! تون ڪهڙي نئين يگ جي ٿي ڳالهه ڪرين؟ سج ته اَڃا اوڀر کان اُڀرندو آهي ۽ اولهه ۾ لهندو آهي.“

ڪاجل ڪيس سمجهائيندي چيو ”نئين يگ جي سڃاڻپ سج جي لهڻ ۽ چڙهڻ سان ڪونه ٿيندي آهي. نئين يگ جي پرک آهي عورت جو سماج ۾ درجو، عورت جو وڪاس ۽ عورت جو سنمان“ ڪاجل وڌيڪ ڪجهه چوي تنهن کان اڳ سنيل پڻ پڻ ڪندو ڪمري کان ٻاهر هليو ويو.

اسٽيٽ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ڪاجل ۽ سنيل هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئا. ڪاجل، سنيل کي پنج هزار ووٽن تان زوردار شڪست ڏيئي M.L.A. جي پدوي تي وڃي ويٺي.

پوريءَ ريت هلي سگهيو ٿي. مونکي ٻيو ڇا گهرجي. سنيل جي هن لاجواب حاصلات کي ملهائڻ لاءِ مون گهر ۾ ئي، دوستن، مٽن مائٽن جو هڪ جشن رکيو. پارٽي جڏهن پوري شباب تي هئي تڏهن سنيل مائيڪ پنهنجن هٿن ۾ جهلي هڪ نرالي انداز سان محفل ۾ هڪ اعلان ڪيو. دوستو! مالڪ جي مهر ۽ پنهنجن ڪوشش سان مان هاڻ بلڪل نيڪ آهيان. سڀاڻي کان مان واپس پنهنجيءَ آفيس ويندس ۽ ڪاجل پنهنجي گهر جي چارج سنڀاليندي. آيل مهمانن تہ زوردار تاڙين سان هن جي ڪيل اعلان جو سواگت ڪيو، پر مان هڪ ڪرسيءَ جو سهارو وٺي ويهي رهيس. سنيل جي ڪيل اعلان جي من ئي من ۾ پئي اوک ڊوک ڪيم.

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن مان آفيس لاءِ تيار ٿي رهي هيس، تڏهن سنيل چيو ”ڪاجل! بس تنهنجي جوابداري پوري ٿي. هاڻ تون پنهنجي گهر کي ڏس. مان آفيس وڃي رهيو آهيان.“ مان پنهنجو صبر وڃائي وينس. رڙ ڪري کيس چيم ”تون مونکي پنهنجن هٿن ۾ چاٻيءَ واري گڏي سمجهيو آهي ڇا؟ اُٿ تہ اُٿ، ويهہ تہ ويهہ. تنهنجي الٽا تي مون ڪارخاني جو ڪاروبار هٿ ۾ ڪنيو. ٽي سال ڪارخانو سنڀاليو آهي. پنهنجو رت ست ڏنو آهي. ڪارخاني کي ڪنهن اوُج تي آندو آهي. هاڻ تون تو چئين تہ مان گهر ۾ ويهي رهان، اِهو ممڪن ڪونہ آهي.“

”اَڙي واه! اِها تہ تنهنجي جوابداري هئي. تو نڀائي ۽ بس.“

”سنيل! اَجا توکي آرام جي ضرورت آهي، تون جلد بازي ڪري رهيو آهين. ڪجهہ وقت اَسان ٻئي گڏجي ڪارخاني جو ڪم ڪار ڏسنداسين. منهنجي پڙهائي، منهنجو ٽن سالن جو آزمودو توکي وڏي مدد ڪندو.“ بلڪل نہ! مان هاڻ بلڪل نيڪ آهيان، مان گهر ويهي نٿو سگهان، تون پنهنجو ڪم ڏس ۽ مان

ڪٺي ايندو. رامچنداڻيءَ اَچڻ سان جڻ هڪ اعلان ڪيو ”سيٺ گوبندرام ٻه مهينا اَڳ ئي پنهنجو وصيعت نامو تيار ڪيو هو. هن مونکي اُن وصيعت نامي جو ڪاروبار هلائيندڙ يعني ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو آهي. جيئن ته توهان ٻيئي سيٺ گوبندرام جي سنتان آهيو ۽ توهان ٻيئي بالغ آهيو. مان چاهيان ٿو ته هن وقت ئي مان توهانکي وصيعت نامي جي عملي حصي کان واقف ڪريان.

”سيٺ پنهنجي سمپتيءَ مان ڏهه لک روپيا جنهن ۾ نقدي، فڪسڊ ڊپازٽ ۽ شيئر سرٽيفڪيٽ وغيره اَچي وڃن ٿا سي دان جي روپ ۾ گيان پرڪاش ٻڍا آشرم کي ڏنا آهن.“

”اها ته سموري لوٽ آهي. ٻڍا آشرم کي ملڪيت جو حصو ڇو!“ چندر رڙ ڪئي.

”هڪ پائي به ٻڍا آشرم کي ڪونه ملندي. اَسين لڙنداسين“ مڌوءَ ٽيڪو ڏنو.

”مهرباني ڪري شانت رهو. مونکي وصيعت پڙهڻ ڏيو“ رامچنداڻيءَ برجستائيءَ سان چيو ۽ وري وصيعت پڙهڻ شروع ڪئي.

”راڌا سدَن منهنجي ٻه منزله عمارت جي تري ۾ مسواڙ تي ڏنل اٺ ئي دوڪانن جي مالڪيءَ جو حق ۽ دوڪانن جي مسواڙ جي اُپت منهنجي پٽ چندن جي رهندي. راڌا سدن جي پهرين منزل يعني ڪل ڇهه ڪمرا ۽ هال تي حق منهنجي ڌيءُ جو رهندو. اهو سڀ هنن کي منهنجي طرفان سوغات آهي. راڌا سدن جي ٻي منزل يعني چار ڪمرا ۽ هال جي مالڪيءَ جو حق مان پنهنجي سالي پروفيسر رتنا کي ڏيان ٿو ۽ بس. ”رتنا ماسي! ماسيءَ جو حق دادا جي ملڪيت ۾ ڪٿان آيو؟ چندن مون توکي اَڳ ئي چيو هو ته رنڌڻي ۾ رولو آهي.“ مڌو رڙ ڪري پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي کڙي ٿي.

”هيءُ ته اَسان سان ڌوه آهي. پيءُ جي ملڪيت تي حق فقط ان جي ٻارن جو ٿيندو آهي ۽ نه ڪنهن ساليءَ جو يا

کهڙو سنبند

رات جا 9.00 بجا ٿيا هئا، ٽي.وي.ءَ تي منورنجن
سيريل هلي رهيو هو. مڏوءَ چندن ٻئي ڀاءُ ڀيڻ گڏجي ويهي
آرام سان پروگرام ڏسي رهيا هئا. ايتري ۾ نوڪر شامو ٽڪڙو
ٽڪڙو هال ۾ آيو ۽ سهڪندي چيائين: اُٿو! جلدي هلو سيٺ
جي طبيعت خراب ٿي ويئي آهي. جلد ڊاڪٽر کي فون
ڪريو.''

''شام ٿائين ته ٺيڪ هو! اوچتو وري ڇا ٿي ويس؟'' چندن
وراڻيو.

''تون هل. اسين اچون ٿا.'' ٻنهي هڪ ئي وقت چيو.
شامو ته ڪنڌ جهڪائي هليو ويو، پر هو ٻئي تڏهن اُٿيا جڏهن
هلندڙ سيريل پورو ٿيو. پيءُ جي ڪمري ۾ پهتا تنهن کان
اڳ ئي سيٺ گوبندرام ساسين سڪالو ٿي چڪو هو. شامو سيٺ
جي مرتڪ سرير تي اڇي چادر وجهي رهيو هو.

ٻئي ڀاءُ ڀيڻ پلنگ جي ٻن ڪنڊن وٽ ٻُت بڻجي
ويهي رهيا. ڪجهه وقت کان پوءِ مڏو اُٿي، ڀاءُ جي ڪلهي
تي هٿ رکندي چيائين ''چندن! اُٺ هيئن موڳو بڻجي ڇو ويٺو
آهين؟ گهٽي ئي ڪم ڪرڻا آهن. سڀ کان اڳ ائڊوڪيٽ
رامچنداڻيءَ کي فون ڪر. دادا جو دوست آهي. هن کي ئي
دادا جي وصيعت جي پوري ڄاڻ هوندي. دادا به چوندو هو ته
هنجي مرڻ جي خبر پهريائين رامچنداڻيءَ کي ڏجو.
رامچنداڻي اچي پوءِ ئي ٻين کي دادا جي موت جي خبر
ڏيندا سين.

رامچنداڻي آيو ته رات جا 11.00 وڳا هئا. ٻنهي ڀاءُ
ڀيڻ کي رامچنداڻيءَ جي اَچڻ جو ڏاڍو اوسيئڙو هو. ٻنهي کي
پڪ هئي ته رامچنداڻي پاڻ سان دادا جو وصيعت نامو ضرور

ڪاليج جي پرنسيپال آهي. سيٺي جون نظرون آفيس جي دروازي تي هيون. مڏو ۽ چندن جي من ۾ گمان هو ته ماسي رتنا ايندي ئي ڪونه. اوچتو دروازو کليو ۽ هوا جي جهونڪي جيان اَندر لنگهي آئي پروفيسر رتنا. اڇي ڪانجهي لڱل ساڙهي اَڇو بلائوز، قد جي ڊگهي، بدن جي سنهي، شڪل جي ڪڻڪ رنگي، گول روشن چهرو، وڏيون ڪمل جهڙيون اکيون، وارن ۾ چڱي سفيدي، عمر اٽڪل پنجونجاهه سال. هڪ اعليٰ شخصيت جي مالڪڻ. هن جي اچڻ سان آفيس ۾ هڪ برقي لهر جاڳرت ٿي. رامچنداڻيءَ سيٺي کي هڪ دفعو سيٺ گوبندرام جي وصيعت پڙهي ٻڌائي. جنهن ڪان جدا جدا دستاويزن تي صحي ورتي. بس ائين ئي اڌ ڪلاڪ ۾ سموري ڪارروائي پوري ٿي ويئي. اُٿڻ کان اڳ چندن کان رهيو نه ويو. هن پنهنجي ماسيءَ کان هڪ سوال پڇي ئي ورتو. ”ماسي! مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته دادا ڪهڙي سنبنڌ سان توکي پنهنجي ملڪيت جو حصو ڏنو آهي؟ سچ ته اهو آهي ته اِن سموري ملڪيت تي حق فقط منهنجو ۽ مڏوءَ جو آهي.“ رتنا جو هيٺ جهڪيل چهرو مٿي ڪجيو. هن جي چهري تي غم جا بادل هٽيا ۽ ساڻ ساڻ هٽي هن جي نظرن ۾ شوخيءَ جي ڪنوڻ. چندن ته اِن شوخيءَ جي اڳيان بلڪل سهمجي ويو. رتنا آهستي جواب ڏنو: ”تون مون کان پڇڻ ٿو چاهين ته تنهنجي دادا جو مون سان ساليءَ جي رشتي کان سواءِ ٻيو ڪهڙو سنبنڌ هو؟ جيڪو راز مان گذريل پنجتيهه سالن کان پنهنجي سيني ۾ دٻائي ويٺي آهيان ۽ فيصلو ڪيو هيم ته اِهو راز مون سان ساڻ چکيا تي چڙهندو. سو اڄ سيٺي جي سامهون ظاهر ڪرڻ لاءِ تون مونکي مجبور ڪري رهيو آهين. هاڻ جڏهن منهنجي ڀيڻ راڌا ئي هن سنسار ۾ نه رهي ۽ گوبند به ويندو رهيو تڏهن مان چاهيان ٿي ته توهان ٻارن جي سامهون ڪي ڳالهيون بلڪل صاف ٿي وڃن. ڪو به شڪ ۽ شبهو نه رهي. منهنجو چيا! مون ته هميشه سنو آهي ۽ اڳتي به سهندي رهنديس، پر گوبند جي پاڪ دامن تي ڪو داغ

آشرم جو! دادا هيءَ وصيعت پاڳل پڻي جي دائري هيٺ ڪئي آهي. اسين ڪورٽ جو در ڪڙڪائيندا سين.'' چندن هٿ چنڊيندي چيو.

''توهان ڀيئي پاءُ ڀيڻ اَجايو تا پاٽي ولوڙيو. مان وڪيل آهيان، مان تصديق ٿو ڪريان ته هيءُ وصيعت نامو قانون پٽاندڙ آهي. سيٺ گوبندرام هن وصيعت نامي سان ڊاڪٽري سرٽيفڪيٽ پڻ جوڙيو آهي، جنهن ۾ صاف ڄاڻايل آهي ته وصيعت نامو صحي ڪرڻ وقت سيٺ جي دماغي حالت بلڪل درست هئي. هن وصيعت نامي جا ٻه شاهد آهن، جن مان هڪ شاهد مان آهيان.'' رامچنداڻي ڀنهي کي سمجهائيندي چيو.

''مون کي پڪ هئي ته دادا ويندي ويندي ڪو نه ڪو بکيڙو ڪڙو ڪري ويندو. بکيڙو ڪڙو ڪرڻ ته هن جي اَصل کان عادت آهي. اسان کي خبر آهي ته مميءَ جي موت کان پوءِ گذريل ٽي سال اَسان ڇا نه سَنو آهي. سچ ته هو پنهنجي دماغي قوت وڃائي وينو هو. هميشه پيو وقلندو هو.'' مڌوءَ خفي ٿيندي چيو.

''رامچنداڻي صاحب! هڪ ڳالهه مان صاف ٿو چوڻ چاهيان، ته دادا جن کي پنهنجو سمجهو آهي؛ پر ڪريا ڪرم تي خرچ به اهي ئي ڪن. اَسان مان اُميد نه رکجو.'' چندن رُڪائيءَ سان وراڻيو.

ڪرياڪرم جي خرچ لاءِ مون وٽ سيٺ ويهه هزار روپيا جمع ڪرائي ويو آهي. اُن جي چنتا توهان ڀنهي کي ڪونه ڪرڻي آهي. هاڻ توهان سيني مٽن مائٽن کي فون ڪريو. سيٺ جي ارٿي سڀاڻي صبح جو 11.00 بجي کڻبي. وصيعت پٽاندڙ ملڪيت جي ورهاست اسين گڏ ويهي ڇائٽي جي ٻئي ڏينهن تي ڪندا سين.'' اهو سڀ چئي رامچنداڻي صاحب ته پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

مقرر ڏينهن ته شام جو 4.00 بجي ٻڌا آشرم جو ٽرسٽي، مڌو ۽ چندن سڀ وڪيل رامچنداڻيءَ جي آفيس ۾ اچي پهتا. هنن کي انتظار هو رتنا جو. رتنا، اُلهاس نگر ۾ هڪ مشهور

بابو تہ التجا ڪري وڃي آرامي ٿيو ۽ مان! مان تہ پيار ۾ فرض جي چڪيءَ ۾ پيسجي ويس. بيمار ٿي ڪٽولي داخل ٿيس. هڪ ڏينهن گوبند منهنجو هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي پاٻوهہ سان چيو ”رتنا! توسان ڪهڙي ويدن آهي؟ تون پڪ ئي ڪجهہ مونکان لڪائي رهي آهين. ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ جي تنهنجي چنتا جي وشيہ جو واسطو مون سان آهي تہ مان تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. تنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ هن جهان ۾ مون لاءِ ڪجهہ بہ ڪين آهي.“ مون جڏهن روئندي گوبند کي پنهنجي دل جو حال ٻڌايو، تڏهن هو تہ بي حال ٿي ويو. ڦٽڪي ڦٽڪي روئي رهيو هو. هن فقط اهو ئي چيو ”رتنا! تون منهنجو پيار آهين. تنهنجو هر فيصلو مون کي منظور آهي. تون فقط حڪم ڪر. مان ڪڏهن اُف بہ نہ ڪندس.“ مون پنهنجي دل تي پٿر رکيو. پنهنجي فرض جي اڳني ڪنڊ ۾، پنهنجي پيار کي سُواهہ ڪري ڇڏيو. هڪ مهيني اندر راڌا ۽ گوبند جي شادي ٿي ويئي. هن پنجٽيهہ سالن جي لنبي عرصي ۾ نہ ڪڏهن اهو راز گوبند ئي ڪنهن سان کوليو ۽ نہ مون ئي ڪڏهن ٻُڙڪ ٻاهر ڪڍي. سمورو جيون اُن پيار جي سهاري ئي گهاري اٿم. هاڻ تہ منهنجو گوبند بہ هلي ويو. گوبند جي هيءَ وصيعت ۾ ڏنل جڳهہ مان پنهنجي رهڻ لاءِ ڪم ڪونہ آڻيندس ۽ نہ ئي ڪڏهن اِها جڳهہ مان وڪڻندس. مان تہ هت عورتن جي وڪاس لاءِ هڪ مرڪز برپا ڪنديس، جو سدا مونکي پنهنجي پيار جي ياد ڏياريندو رهندو.“ رتنا اُٿي ۽ ساڙهيءَ جي پلوَ سان پنهنجا ڳوڙها اُگهندي هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. سڀ ڪيترو وقت ڪمري ۾ بُتُ بڻجي ويٺا رهيا.

لڳڻ نہ ڄڃائي. رتنا ٽيبل تي رکيل پاڻيءَ جو گلاس کنيو. ٻہ ڍڪ پاڻيءَ جا پيتا ۽ پنهنجو داستان هيئن بيان ڪيو.''

''هيءُ 35 سال اڳ جي ڳالھ آهي. منهنجو بابو سائين جيئرو هو. لکن جو خانوند هو. ممبئيءَ ۾ ڪيس پنهنجي پيڍي هئي، گهر ۾ هئاسين بابا، منهنجي وڏي ڀيڻ يعني توهانجي ماءُ راڌا ۽ مان، راڌا مونکان ٻہ سال وڏي هئي. مان ڪاليج ۾ انٽر آرٽس ۾ پڙهندي هيس، توهانجو دادا گوبندرام ساڳي ئي ڪاليج ۾ مونکان ٻہ سال سينيئر هو. اسان ٻنهي جو پريم جو پيچ پئجي ويو. گوبند ۽ مان گڏجي انيڪ خواب سجايا. گوبند گرئجوئيٽ ٿيندو I.A.S. جو امتحان ڏيندو. ڊسٽرڪٽ ڪليڪٽر ٿيندو. پنهنجو گهر هوندو، نوڪر چاڪر هوندا، سماج ۾ رتبو هوندو. اسانکي انتظار هو فقط وقت جو ۽ راڌا جي شاديءَ جو. گوبند گريجوئيٽ ٿي ويو. I.A.S. جي امتحان لاءِ تياري ڪري رهيو هو. هڪ ڏينهن مان ۽ بابا گهر ۾ اڪيلا هئاسين. بابا اَچي منهنجي پاسي ۾ ويٺو. چي، پٽ رتنا! توکي خبر آهي تہ مونکي هڪ دفعو دل جي تڪليف ٿي آهي. مان تہ پرتي ٻوٽو آهيان. خبر نہ آهي ڪڏهن جيون جو انت اچي سامهون بيهي. مان چاهيان ٿو تہ راڌا جي شادي جلد ڪري ڇڏيان پر هن جي شاديءَ آڏو انيڪ تڪليفون آهن. شڪل جي تمام جهڪي آهي. روش ٻہ خاص ڪونہ اٿس. پڙهيل ٻہ فقط مئٽرڪ آهي. ڪوبہ ڇوڪرو شاديءَ لاءِ اڳيان ڪونہ ٿو اچي. مان تہ جهجهي ڏيتي ليتي ۽ پنهنجو ڏنڌو ڌاڙي ٻہ ڇوڪري کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. تنهن ڏينهن گوبند کي ڏسي خيال آيو تہ گهر ۾ گنگا ٿي وهي ۽ مان پياسو پيو هنئي هٿي پنڪان. مونکي پڪ آهي تہ گوبند ۽ گوبند ماءُ جي، راڌا ۾ يا ڏيتي ليتيءَ ۾ اڪ ڪونہ ٻڌندي پر گوبند تنهنجي ڳالھ ڪڏهن ڪونہ ٽاريندو. بابو جهولي جهلي منهنجي سامهون بيهي رهيو. اکين ۾ ڳوڙها هيس ۽ چپن تي التجا ''رتنا! پٽ منهنجو ڪم ڪر. تون گوبند کي راڌا سان شادي ڪرڻ لاءِ رضامند ڪر.''

اپائنٽمينٽ، ورتي اٿم. ايشور ڏي هٿ ڪڻ ته ٺل پٽڙو هجي.''

''اما! ڏيءُ ڇا! پٽ ڇا! اها ڏور ايشور پنهنجي هٿ ۾ رکي آهي. ماءُ جو فرض آهي ٻار جي نَوَ مهينا پنهنجي پيٽ ۾ پالنا ڪري. اڄ ڪالهه ڏيءُ ۽ پٽ ۾ ڪهڙو فرق آهي. اسانجو ته پهريون ٻار آهي. جيڪي آهي اکين تي.''
اهو سڀ ڪمل هڪ ئي ساهيءَ ۾ چئي ويئي ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي ويهي رهي. سَسُٽس اکيون ڦوٽاري چيس ''اڙي واه! اهي پوپٽيون مونکي نه پڙهاءِ. مان سڀ ڄاڻان ٿي. هيءُ وار اُس ۾ اڇا ڪونه ڪيا اٿم. ڌيئن جي دردن جي توکي ڪهڙي خبر؟ پڇڻو اٿيئي ته وڃي پنهنجي ماءُ کان پڇ. ڪيئن تنهنجي شاديءَ لاءِ پريشان هئي؟ ڌيءَ ماءُ جي ننڊ به حرام.''

پوءِ پنهنجي پٽ سنيل ڏانهن نهاريندي چيائين ''ابا! توکي به ڪجهه چوڻو آهي ڇا؟ آهين ته زال جو مڄو! جيئن هوءَ حڪم هلائيندي تيئن ئي ڪندين! مون کي ته هن گهر ۾ ڪو ٻڌڻ وارو آهي ڪونه.''

سنيل هٻڪندي آهستي چيو ''اما! گرڀ پات آهي نه پاپ نه؟ پٽ ۽ ڌيءَ ۾ فرق ڇو ٿا ڪريو؟ فقط ڊاڪٽر چوي ته ٻار جي جنس ڌيءُ آهي ۽ ائبارشن ڪرائي ڇڏجي؛ نيڪ نه نه آهي! اسان کي ڪجهه سوچڻ گهرجي.''

''اڙي واه! ڏاڍو سياڻو ٿي ويو آهين! جوڻين ڇڱي پٽي پڙهائي اٿيئي! پٽ هن سنسار ۾ پاپ ۽ پڄ ڪير ٿو ويچاري؟ ڏيئر ڪنهن کي ٿيون گهرجن. هر زماني ۾ اُهو ٿيندو آيو آهي. اڳ چاول ڏيءَ کي جنڊ هلائڻ لاءِ ويٺو هو يا کوه ۾ ڦٽو ڪيو ويندو هو ۽ اڄ جي زماني ۾ سائنس

اِهو ڪالم خالي ئي رهڻ ڏيو

هڪ فيلسوف چيو آهي: ”جي اٿيئي ڏانءُ زندگي جيئڻ جو تہ پوءِ زندگيءَ ۾ کھڙو دک، کھڙو سک آهي. فقط رضا ئي رضا.“

ڪمل، پوني ۾ پنھنجي گھوٽ سنيل ۽ سس ڏنونتي ديويءَ سان رھندي آھي. شادي ڪئي ٻہ سال ٿيا اٿس. ھوءَ ھاڻ گرڀوتي آھي. سچو ڏينھن ھوءَ پريشان ھئي. ھن جي سس ڏنونتيءَ جو ضد ھو تہ ڪمل Amnio امينو ٽيسٽ ڪرائي؛ جيئن پڪيءَ ريت تصديق ٿئي تہ ڪمل جي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار ڌيءُ آھي يا پٽ. جي پٽ آھي تہ اُن گ ھڙيءَ ڪان شادناما ۽ جي ڌيءُ آھي تہ ٻار کي نڙيءَ تي ننھن يعنيٖ ائبارشن، گرڀ پات.“

ڏنونتيءَ پنھنجي نونھن ۽ پٽ کي صاف چتاءُ ڏنو ھو تہ ھن جي ساھري خاندان ۾ پھريون ٻار ھميشہ پٽ ئي ٿيندو آيو آھي. ھاڻ جي ڪمل جي پيٽ ۾ ڌيءَ آھي تہ ھوءَ پنھنجي ھن خانداني پرمپرا جي مٿي پليت ٿيندي ڏسي ڪونہ سگھندي. ھوءَ گھر ۾ پھرين ڌيءُ ڪڏھن بہ برداشت ڪونہ ڪندي. گھر ۾ راڄ تہ ڏنونتيءَ جو آھي. ھن سان سينو ساھڻ جي ھمت نڪو سنيل ۾ آھي ۽ نہ ڪمل ۾.

تنھن ھوندي بہ ڪمل ڪجھ ٻڙ ٻڙُ ضرور ڪئي. سَسُٽَسِ ھڪل ڪري چيس: ”اِھا ٻڙ ٻڙ ماڻھين سھندي. مان ڪونہ سھندي سانءِ. ڊاڪٽر ڪان ٽيسٽ لاءِ ايندڙ سومر جي

وڃي پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽي. پريشان هئي ته ڪمل. ڪنهن سان حال اوري؟ ڪنهن سان صلاح مصلحت ڪري؟ سوچيندي رهي. نيٺ اهم فيصلو ڪري ورتائين. هوءَ ڊاڪٽر وٽ Amnio ٽيسٽ لاءِ ڪونه ويندي. ان ٽيسٽ لاءِ وڃڻ ئي آهي ناري جاتيءَ جو اپمان ڪرڻ. پنهنجي هٿن سان پنهنجي گرڀ ۾ آيل ڪنيا جو خون ڪرڻ. ايشوري رٿا کي ڌرم رسائڻ. سماج سان ڌوهه ڪرڻ. اهو سائنس جو صحيح اُپيوگ ته ڪونه آهي! ها! جي گرڀ ۾ ٻار اپاهج هجي يا ٻار کي ڪو روڳ هجي ته پوءِ گرڀ پات ڪرائڻ ڪو گناهه نه آهي. گرڀ پات کي جم روڪ جو ساڌن ڪري استعمال ڪرڻ به واجب نه آهي. پر فقط ٻار جي جنس ڄاڻڻ لاءِ Amnio ٽيسٽ ڪرائڻ ۽ ٻار ڪنيا هجي ته گرڀ پات ڪرائڻ اهو نسورو گناهه آهي. قاعدي سان هٿ چراند آهي. مان اهو سڀ چپ ڪري سويڪار ڪونه ڪندس. مان پاڻ به ناري آهيان. مان پنهنجي سر نڪي ناري جاتيءَ جو اپمان ڪندس ۽ نه ناري جاتيءَ سان ٿيندڙ اپمان کي سهندس. ان لاءِ مونکي پل ڪهڙي به قرباني ڏيڻي پوي؛ مان اُف نه ڪندس.

اُن ڏينهن شام جو جڏهن سنيل ۽ هُن جي ماءُ ڊرائنگ هال ۾ گڏجي ويهي چانهه پي رهيا هئا، تڏهن ڪمل ڪجهه ڪپڙا بيگ ۾ وجهي اچي ٻنهي جي سامهون بيٺي. آهستي چيائين ”مان ڪجهه ڏينهن ماءُ وٽ ممبئيءَ وڃڻ چاهيان ٿي“ سَسُٽس سوال ڪيو ”سومر ڏينهن اُن ٽيسٽ جو ڇا ٿيندو؟“ ڪمل محڪمتا سان جواب ڏنو ”مون اوهان کي چيو آهي نه ته مان اها ٽيسٽ ڪونه ڪرائيندس. جي منهنجي قسمت ۾ ڌيءُ لکيل آهي ڌيءُ ئي سهبن. مان اُن

آهي. ڏيءُ جي ڳرڀ ۾ آهي نه ڳرڀ پات ڪرايو وڃي ٿو. پوءِ جا دک پوڳڻ کان اڳ ۾ سوچڻ ڀلو آهي. تنهن کان سواءِ هرڪو پيو اها ٽيسٽ ڪرائي. تون پاپ پڃ جي چڪر ۾ نه پئُه.''

سنيل ته ويچارو چپ رهيو. منهن لٽڪائي ويٺو رهيو پر ڪمل جهنجهلائي اُٿي. چي ''مان ڊاڪٽر وٽ ڪونه هلندس. ڪڏ پوي اها Amnio ٽيسٽ. جيڪي للاٽ ۾ لکيل آهي ضرور ٿيندو. هيءُ نه آهي غيب ۾ جهاتيون پائڻ. ڪنهن ڊاڪٽر جي چوڻ تي مان پنهنجي ڳرڀ ۾ آيل ٻار جو خون ڪونه ڪندس. وري ان ڊاڪٽر جو نالو نه ونجو.''

ڪمل جي هن چلائڻ تي ڏنونتي ته حيران ٿي ويئي. هوا ۾ هٿ ڦهلائيندي واڪو ڪري چيائين ''نونهن ٿي ڪري هيئن سس سان زبان ٿي لڙائين. مُني، ڪو ڪلجڳ اچي ويو آهي! هن گونگي ڳاءِ جي به زبان هلي آهي. ماڻين ڪي ڪروڙ ڏيب ۾ ڏنا آهن ڇا؟ هڪ اڻ هوند ٻيو افعال ٻچڙا! مان تنهنجي ڏيءُ پالڻ جو نيڪو ڪنيو آهي ڇا؟ ڪير تنهنجي ڏيءَ جو بار عمر ڀر ڍوئيندو؟''

سنيل ته ويچارو اچي ٻن ٻاهين ۾ ڦاٿو. جنڊ ڪڻ ته جنڊ ڳورو، پُڙُ ڪڻ ته پُڙُ ڳورو. ڏيرج سان زال کي چيائين ''ڪمل! تون اجايو ٿي بکيڙو ڪڙو ڪرين. تون ڀهريائين ڊاڪٽر وٽ وڃ ته سهين. ٽيسٽ ڪراءِ. جي پٽ آهي ته پوءِ ڳالهه ئي ڇٽي. اما جو چوڻ به ته مڃڻو آهي. هوءَ وڏي آهي. هوءَ سياڻي آهي. اسان جو ڀرو ٿورو ئي چاهيندي. تون سومر ڏينهن اما سان ڳڏجي ڊاڪٽر وٽ ضرور وڃج.''

اهو حڪم ڏيئي سنيل ته آفيس هليو ويو. ڏنونتي به

اما ڏينهن رات پوڙهيا ڪري مون کي ڪاليج تائين تعليم ڏني. جنهن ڏينهن منهنجي .B.A جو نتيجو ظاهر ٿيو اما ڏاڍو خوش هئي. چيائين ''هاڻي ڪو سٺو گهر ملي ته تنهنجا هٿ پيلا ڪريان. اهو به منهنجو فرض پورو ٿئي.''

سنيل جي مائٽي پونا مان آئي. جاچ جوچ ڪئي ويئي. مون اما کي جتايو هو ته گهوٽ ماءُ جو سِرُ مٿي آهي. هن کي پنهنجي شاهوڪاريءَ تي ايمان آهي. سنيل به ماءُ جو مڃو آهي پر امڙ ته منهنجي هڪ به نه ٻڌي. هن کي ته پنهنجي سر تان بار لاهڻو هو. پنهنجي ڌيءُ کي وڏي گهر ۾ پرڻائي ڪيپ ڪٽڻي هئي. پنهنجو ڪنڌ سماج ۾ مٿي ڪرڻو هو. هن کي پنهنجين مجبورين سان به سمجهوتو ڪرڻو هو.

ساهري گهر آيس. نئين ڪنوار نوَ ڏينهن چنڊي ڦوڪي ڏه ڏينهن. ڏهن ڏينهن کان پوءِ ته مان حڪم جي ٻندي ئي رهجي ويس. نه سس وٽان ڪو شاباسي ۽ نه گهوٽ وٽان ڪا پاٻوه. زندگي ئي جڻ قيد بڻجي پيئي. هڪ ئي آسرو فقط الله جو هو. پئي فضل لاءِ ٻاڏايم. ڏينهن سان تيس ته سمجهم مالڪ منهنجي ٻڌي آهي. ٻار ٿيندو ته گهر ۾ منهنجو به ڪو مان ٿيندو. پر ٿيو ڪجهه به ڪين. شايد قسمت ۾ ڪا ڪاڻ اٿم.

منهنجي سس وٺي هلي هڪ نامي ڪنئي ڊاڪٽر وٽ تپاس لاءِ. ڊاڪٽر سٺي نموني جاچ ڪئي. چيائين، ٻار ۽ ماءُ بلڪل ٺيڪ آهن. ڪا به چنتا جي ڳالهه ڪونه آهي. منهنجي سس کي واڌايون ڏنائين. چي، ڏنوئني پيٽ تون ڏاڏي ٿيڻ واري آهين. منهنجي سس کلندي چيس ''ڊاڪٽر مون کي ته پوٽي جي آس آهي. پوٽيِ ته مون کي مور نه گهرجي.''

جي هتيا ڪونہ ڪندس.'' ڏنونتي پنهنجي ڪرسيءَ تار
اُٿي ڪڙي ٿي. حڪم ڏيندي نونهن کي چيائين''نہ پوءِ وي
بہ ماءُ وٽ ممبئيءَ ڪج. جي پٽ چمي تہ فون ڪج. مار
اچي وٺي ويندي ساڻءِ. جي ڏيءُ چائي تہ هن گهر ۾ وري
پير نہ پائج. پنهنجو اِهو منحوس چهرو وري مونکي ن
ڏيکارج.''

ڪمل سنيل جي طرف ڏٺو. هو تہ ڪنڌ هيٺ ڪري
وينو رهيو. ڪمل بيگ کڻي اچي پونا اسٽيشن تي پهتي
ٽڪيٽ ڪڍائڻ کان اڳ پنهنجي ماءُ کي فون ڪيائين ''ام
مان ڪمل آهيان. مان ڪجهہ ڏينهن تو وٽ رهڻ لاءِ اچي
رهي آهيان.''

''چو پٽ سڀ نيڪ تہ آهي نہ.''

''ڪجهہ بہ نيڪ ڪونہ آهي. مان ڇا ڪريان؟''

''پٽ! شاديءَ جو مطلب ئي آهي سمجهوتو.''

''تہ نيڪ آهي. تنهنجي گهر ڪونہ ايندس. مان ٻيو ڪ
بندوبست ڪندس.''

''نہ پٽ! مون کي غلط نہ سمجهہ. هي گهر تہ هميش
تنهنجو آهي. تون هلي اچ، مان تنهنجو انتظار ٿي
ڪريان.''

پوني کان ممبئي، ڇئن ڪلاڪن جو ريل جو سفر. ريل
گاڏي تہ پنهنجي منزل ڏانهن تيز رفتار سان هلي رهي
هئي. پر ويچاري ڪمل جي ڪهڙي منزل! هوءَ تہ سوچ جي
ڀنور ۾ ٽاڪوڙا هڻي رهي هئي. ذهن ۾ انيڪ سوال. پر هڪ
بہ سوال جو جواب نہ! دريءَ کان ٻاهر نهاري رهي هئي
ماضيءَ جا انيڪ درشيہ هڪ هڪ ڪري ذهن ۾ اُڀري رهيا
هئا.

نہ ئي هن جي ساهرن کي غلط قرار ڏنائين. اکيون الک ڏانهن ڪري دل ئي دل ۾ مهر لاءِ ٻاڏايائين.

ڪمل جا نَوَ مهنا نَوَ ڏينهن انتظار ۾ ڪيئن گذريا. بس ايشور ئي ڄاڻي! نيٺ اُهو ڏينهن بہ اچي سهڙيو. ڪمل، ليبر وارڊ ۾ هئي ۽ هن جي ماءُ ٻاهر بينچ تي ويٺي آراڌنا ڪري رهي هئي. ڊاڪٽر صاحب جڏهن غيب جو پڙدو کوليو تہ ايشوري رچنا هن جي سامهون هئي. نرس ٻار کي صاف ڪري، اچي ٽوال ۾ ويڙهي اچي ڪمل جي پاسي ۾ ليٽايو. ٻڌائين واڌائي اٿيئي ڌيءُ ڄائي آهي. ڏس تہ سهين! ڇا تہ سهڻي ۽ سڊول آهي. ڄڻ ڪا اپسرا آهي. ڪمل ڀلا ڪهڙو جواب ڏئي؟ پنهنجي حال تي مسڪرائي يا روئي. هن ٻار کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو. فقط ايترو ضرور ڀڻڪيائين ”ڪوئي هن کي اپنائي يا نہ، پر هيءُ تہ منهنجو رت آهي. منهنجي جگر جو ٽڪرو آهي.“

ڪمل ڌيءُ جي جنم جي خبر پنهنجي سس کي فون تي ڏني. سنيل کي SMS ڪيائين. ٻئي ڏينهن پنهنجي ماءُ کي پوني ڇاڙهي موڪليائين؛ پر وريو ڪجهہ بہ ڪين. ڌيءُ کي اپنائڻ ۽ ڪمل کي واپس گهر وٺي وڃڻ لاءِ نہ ڌنونتي تيار هئي ۽ نہ ئي سنيل کو سنئون منهن ڏنو. ڪي انسان پنهنجي ئي ٻار کي ڌيءُ جو نالو ڏيئي منهن موڙي ڇڏين؛ اها پرولي سلڻ کان ٻاهر آهي.

ڪمل بہ اها پرولي سلڻ جي جهنجهٽ کي ڇڏي، زندگي جيئڻ جو نئون ڍانءُ اپنايو آهي. هوءَ هاڻ هڪ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندي آهي. هن جي ويران زندگيءَ ۾ ڪو سرسبز ٻارو آهي تہ ان جي ڌيءُ رتنا. هن جي جيئڻ جي آرزو آهي تہ رتنا. وقت تہ پنهنجي رفتار سان هلندو

ڊاڪٽر وراڻيو ''سونوگرافي ڪرڻي پوندي ۽ ضرورت پيئي ت
Amnio ٽيسٽ.'' منهنجي سس ٽورو سوچي چيو ''ڊاڪٽر جي
ڏيءُ هوندي ته.'' ڊاڪٽر کلندي چيو ''ائبارشن ٻيو ڇا! اڄ
ڪالهه گهڻيئي پيا ڪرائين.''

منهنجا ته ڇهه ئي ڇڄي پيا. هيءَ اسپتال آهي يا
ڪاسائي گهر. مان ته آئي هيس ٻار جي صحت جي ڄاڻ لاءِ
۽ هيءُ ڪاسائي ڊاڪٽر ته منهنجي گود ئي خالي ڪرڻ لاءِ
تيار وينو آهي. منهنجي سس به هن ڪاسائيءَ سان ٻانهن
ٻيلي ٿي بيٺي آهي. خير! سوچيم، سنيل منهنجو سات
ڏيندو. ٻار ته اسان ٻنهي جو آهي نه! اُن رات پنهنجي اندر
جو حال سنيل سان اوريم. ڪيس ڊاڪٽر ۽ سس جي سنيل
منصوبي کان واقف ڪيم. ڪيس آزي نيزاري ڪيم. پنهنجي
ٻار جي زندگيءَ جو واسطو ڏنو. هن جي جواب ته مون کي
جهوري ڇڏيو. چيائين ''ڇري! اجايو ٿي ايڏو سوچين. اسان
جي عمر ئي ڪيتري آهي. اجا شادي ڪئي به سال مس ٿيو
آهن - ايتري ۾ ٻار! اهو مون کي پسند ڪونه آهي. خير
تون ٽيسٽ ته ڪراءِ پوءِ سوچينداسين.''

هيءُ اڄ جي زماني جو پيءُ آهي. هن کي ناري
جاتيءَ جي اتهاس جو کهڙو گيان! مون لاءِ مڻي به ماڻ ته
مُڻي به ماڻ. ڪمل ريل گاڏيءَ ۾ نظر ڦيرائي ته گاڏيءَ ۾
هتي هتي انيڪ اشتهار چپيل هئا ''ائبارشن فقط 250 رپين
۾.'' ڪمل کي لڳو هيءُ اشتهار ڪنهن اسپتال جا نه پر
ڪنهن ڪاسائي گهر جا آهن. گاڏي اچي ڪلياڻ اسٽيشن تي
داٻو ڪيو. ڪمل پنهنجي بيگ کڻي آنو ۾ چڙهي، اچي
پنهنجي امڙ جي آغوش ۾ سمائي. پورو داستان ٻڌڻ کان
پوءِ به ماڻس چپڙي ساڌي. نه ڏيءُ کي صحيح نهرايائين ۽

رهندو. هن کي پلا کير روڪيندو. اڄ اسڪول ۾ ٻارن جي داخلا جو پهريون ڏينهن آهي ڪمل پنهنجي ڇئن سالن جي ڌيءُ رتنا جو هٿ پڪڙي، پاٻوهه سان ڳالهيون ڪندي اسڪول جي حاطي ۾ قدم رکي ٿي. هن جي چهري تي سڪل ماءُ هئڻ جو فخر جهلڪي رهيو آهي. جڏهن پرنسپال وٽان ڪيس سڏ ٿئي ٿو تڏهن هوءَ رتنا کي اڳيان ڪري اچي ڪرسيءَ تي وهي ٿي. پرنسپال هن جي پيش ڪيل فارم تي نظر وجهي ٿو. ڪانئس هڪ سوال پڇي ٿو. اوهان هن ڪالم ۾ پنهنجي پتيءَ جو نالو ڪونہ لکيو آهي؟ ڪمل پلا هن کي کهڙو سبب ٻڌائي! پرنسپال جون نظرون هن جي چهري تي هيون. ڪمل فقط ايترو ئي چئي سگهي ''جيڪي گرڀ ۾ ئي پنهنجي ٻار کي نابود ڪرڻ چاهين ٿا، اُنهن سان ٻار جو رشتو جوڙڻ ناداني آهي. مان اها ناداني ڪرڻ نٿي چاهيان. سر! اهو ڪالم خالي ئي رهڻ ڏيو.''

Collection of Short Stories

NAON YUG by Manohar Chugh





Manohar Chugh

A teller of stories that imbibed the qualities of drama and emotion and the farcical - all within the context of our rich national morals, culture and heritage.